Omar Hayat Institute

کوئلي جو ڪم

فنڪار: گل محمد ڪتري

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ١٥] فهرست [نمبر ١ ۽ ٢

"گذارش" — ادارو.

علمي، ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مقالا

١. جديد دور ۾ اهل اسلام جون ذميداريون — فيلڊ مارشل محمد ايوب خان ٩
٢. محبت جي ضرورت — علامه آءِ.آءِ. قاضي ١٣
٣. محبت جي ورڪا — جي. ايم. سيّد ١٨
٤. ٺٽي ۽ ديبل جو تقابلي مطالعو — پير حسام الدين راشدي ٣٧
٥. سر بارٽل فريئر — لطف الله بدوي ٥٥
٦. سرمست د رازي — پروفيسر محبوب علي چنا ٨٣
٧. مخدوم نوح سرور — سيد علي اڪبرشاهه ٩٧
٨. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب — پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا
سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي ١٠٢
٩. ننگر پارڪر جا آثار قديم — مير حاجي محمد بخش ٽالپر ١١٥
١٠. سمات قوم جو اصل نسل — علي محمد سيال ١٢٠
١١. سنمنگ چارڻ — پروفيسر مخرم خان ١٢٥
١٢. صوفي صادق فقير جو ڪلام (قسط ٢: آخري) — راج محمد ڀٽي ١٤٣

... ...

١٣. "مهراڻ" جا موتي — ادارو ١٨١
١٤. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا ١٨٤
١٥. ادبي خط — راج محمد ڀٽي ١٨٦
١٦. پڙهندڙن جا پيغام ١٩٧
١٧. علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون ١٩٩
١٨. "آديسي آئي ويا...!" ٢٠٩

ايڊيٽر : غلام محمد گرامي

Gul Hayat Institute

مهراڻ

٣- سول لائينس، حيدرآباد، سنڌ

ملڻ جو هنڌ:

١. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، ٣- سول لائينس، حيدرآباد (سنڌ).
٢. سنڌ جا سڀئي وڏا ڪتب فروش.

Gul Hayat Institute

ساليانو چندو ١٠.٠٠ رپيا   في ڪاپي ٢-٥٠

اشتهار في صفحو ١٠٠ رپيا

Printed and Published by Shaikh Ali Mohammad, Member Sindhi Adabi Board,
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book stall,
3- Civil lines, Hyderabad Sind

گذارش

سدا حيات لطيف

’واديءِ مهراڻ‘ اها سڀاڄهي ۽ نماڻي، مردم خيز ۽ سدا حيات وادي آهي، جنهن جي خاڪ پاڪ مان، ’لطيف‘ جهڙو يگانه روزگار ۽ گوهر آبدار پيدا ٿيو. لطيف ۽ سندس فن، پنهنجي عظيم انفراديت ۽ افاديت جي لحاظ سان، بين الاقوامي شهرت ۽ عظمت حاصل ڪري چڪا آهن.

مشرق ۽ مغرب جي باشعور ۽ اهلِ فن ناقدن، لطيف جي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ۽ پرجهڻ کان پوءِ، سندس ’فن‘ کي ’زندگيءَ جو فن‘ ڪوٺيو آهي. بيشڪ لطيف جو فن ۽ شعور، پنهنجي مٽي هڪ بابصيرت ۽ آفاقگير، صاحبِ فن جو تجزيو آهي، ۽ ان سان گڏ، زندگيءَ جي صالح ۽ صحتمند معيارن ۽ قدرن کي سمجهندڙ شاعر جو شعور آهي.

لطيف سائين، هڪ جامع اوصاف ۽ آدرشي انسان جي حيثيت سان به وڏو مقام حاصل ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس سيرت ۽ اخلاق، رهڻي ڪرڻي ۽ بودوباش، بہ فقيراڻي ۽ صوفياڻي رنگ سان رتل هئي؛ تہ سندس تبليغ، ارشاد، تلقين ۽ ڪلام بہ روح آفرين ۽ وجدانگيز آهن. سندس ڪلام ۾ رقت انگيز ۽ شڪستہ ساز جون اهي ’آهون ۽ صدائون‘ آهن، جي هر دؤر جي مُرده ۽ بيحس، بيمار ۽ بيڪار، قلب لاءِ بہ زندگيءَ جو پيغام ثابت ٿين ٿيون.

لطيف، نہ فقط هڪ صالح فرد جي حيثيت سان مثالي ۽ آدرشي انسان آهي، پر ان سان گڏ، سندس اجتماعي حيثيت بہ اصلاح بخش آهي.

لطيف سائينءَ، ظاهر ۾ هڪ گمنام صوفيءَ وانگر ”وجهي منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار“ جي مصداق، پنهنجي ساري حياتي، سير و سفر، تجربي ۽ مشاهدي، صحبت ۽ رهاڻ، عبادت ۽ رياضت، گمناميءَ ۽ گوشہ نشينيءَ ۾ گذاري. پاڻ ڪڏهن بہ عملي طرح سان نہ ڪنهن هنگامہ خيز، انقلابي ۽ اصلاحي تحريڪ ۾ حصو ورتائون ۽ نڪو سندن مريدن ۽ صحبتين، پنهنجي دؤر ۾ ڪنهن انقلابي تحريڪ سان ساٿ ڏنو. باوجود ان جي، ’لطيف‘ جي اها گوشہ گيري، پيشہ ور صوفيءَ واري فراريت نٿي چئي سگهجي، جنهن ۾ هڪ ’صوفي‘ مڪان ۽ زمان جي سڀني مسئلن — انسان ۽ ان جي حيات، حڪومت ۽ رياست، کان منهن موڙي، سڳا ٽوڙي، الفي پهري، ’هو حق‘ جا نعرا هڻي، پاڻ ۾ ئي غرق ٿي ويندو آهي!

ان قسم جي فراريت پسند صوفيءَ جي دعوائن ۾، هن قسم جون صدائون هونديون آهن:

عدَمي عدَم، عدَمي عدَم، ز عدَم چہ صرفہ برِي عبَث!

ان قسم جي رهبانيت ۽ جوڳيپڻي، ترڪ دنيا ۽ فراريت جي ڪري، هن عظيم ڪائنات کي، ڪٿي ’رام ليلا ۽ مايا‘ چيو ويو، تہ ڪٿي ’عالمِ خيال ۽ عالمِ مثال‘ سڏيو ويو. حالانڪ، هيءَ ڪائنات ۽ ان جو نظام، انسان ۽ ان جي جدوجهد، زندگي ۽ ان جو مقصد، حيات ۽ ان جي ارتقا، سڀ ’حقيقت‘ آهن. ان حقيقت کان انڪار ڪري، گمناميءَ ۽ فراريت جي آرام طلب ۽ عيش پسند اڪيلائيءَ ۽ اونداهيءَ ۾ گذارڻ، نہ فقط خدا تعالىٰ ۽ ان جي دين فطرت جي

عدوليءَ ڪرڻ جي برابر آهي؛ پر ان سان گڏ انفرادي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۽ ان جي مقصد تان ٻه هٿ کڻڻ جي برابر آهي.

لطيف سائين، ان فراريت ۽ گريز جو قائل نه آهي. فرمائي ٿو:

هڻ پيالا، وڙهه پاڪرين، آڏي پيال مَ پارا!

لطيف سائينءَ جي اها حق شناسي ۽ ديده ريزي، سندس ’رسالي‘ جي هر سِٽَ ۾ موجود آهي. لطيف سائينءَ، زندگيءَ ۽ ان جي هنگامه خيز اٿل پٿل، رياست ۽ حڪومت ۽ ان جي همه گير تسلط ۽ تشدد، عوام ۽ ان جي ڏُکن دردن سان پريل حياتيءَ، جي هر پهلوءَ کي بصيرت واريءَ نگاهه سان مطالع ڪيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو سندس سماجي شعور، هڪ طرف ڏک ۽ درد جو ترجمان ۽ درمان آهي؛ ته ٻئي طرف، منجهس اصلاح حال ۽ انقلاب خيال جي تحريڪ موجود آهي.

هو هر انفرادي ۽ اجتماعي خلَلَ ۽ ڏَلَل کي چيو ڏئي:

مَتو آهين سَچَ، ٿلها ٿو ٿونهان هڻين،
تو جا پائين آڇَ، تنهن پائيءَ پِنّا ڏينهڙا!

لطيف، اصل ۽ نقل، حق ۽ باطل جي ريب ۽ فريب واري ڪشمڪش ۽ منافقانه ڪاوش، توڙي ’موسيٰ‘ جي منهن ۾، ’اندر واري ابليس‘ کي ٻه خوب ٿو سڃاڻي، فرمايائين:

منهن ته موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوهه نه ڇڏئين.

—

اندر ويهاري ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنجهه جيان،
اهڙو نلهو ٿانءُ، پڇي چونه پورا ڪرين.

ان طرح، دين ۽ مذهب جي آڙ ۾ لڪل، گنديءَ ۽ گراهه جي گولَن جي ڪشمڪش کي ٻه خوب سڃاتائين. فرمايائين:

ڦِريا پسي ڦيڻ، ڪريَن ڪير له چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي وِلها ٿيا.

ان طرح بيعمل ۽ بدڪردار مسلمانن کي چٿي ڏنائين:

ان پر نه ايمان، جئن ڪلمه گو ڪوٺائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

ان طرح آذرمي ۽ نالي جي هندن کي ٻه چٿي ڏنائين:

هندو هڏ نه آهيين، جڻيو تو مَ جڳاءِ،
ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

رسم، جسم ۽ اسم جي پوڄارين ۽ بيروح ۽ بيمقصد ماڻهن کي چٿي ڏنائين:

روزا نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
پر او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

—

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان لاهِ نماز،
سپ وڃائي سازَ، تِنهان پو، تڪبير چئو.

Gul Hayat Institute

حقيقت شناسيءَ لاءِ، علم ۽ عمل، فڪر ۽ نظر، حال ۽ خيال جي شهادت تي زور ڏيندي فرمايائين:

اک آشُهد چاءِ، تہ مشاهدو ماڻهين!

بيعمل عالمن ۽ ڪاتبن کي فرمايائين:

نظر هجي نيڪ، تہ بسم الله ئي بس تئي.
يا
ورق وارين ويهہ تہ حرف مڙيوئي هيڪڙو.

منافقيءَ ۽ رياڪاريءَ واري هلت چلت تي چيائين:

چاڻت پاڻي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏُڪو داخل نہ ڪيو.

اخلاص ۽ محبّت، نيت صالح ۽ نيڪ مقصد وارن عاجزن ۽ نماڻن جي رياضت تي تحسين ڪندي چيائين:

محبت پاڻي مَنَ ۾، رنيا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻتوريو اگهائيو.

بي اتفاقيءَ ۽ باهمي جنگ و جدال تي چيائين:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

لطيف جا اهي 'بيت'، اصل ۾ اهي 'آيتون' آهن، جن جي روشنيءَ ۾ اسان پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن اعليٰ مقصد ۽ تعميري نصب العين تائين پهچائي سگهون ٿا. لطيف جا تجربا ۽ مشاهدا، رايا ۽ نتيجا سورهن آنا سَچُ آهن؛ لطيف جا اشارا ۽ ڪنايا، نهايت تعميري، پائدار ۽ حيات بخش آهن.

لطيف سائينءَ، پنهنجي دؤر ۽ ماحول کي، سماجي ردوبدل کي، مذهبي حالتن کي، عوامي زندگيءَ کي، رياست ۽ حاڪميت کي رڳو ظاهري نظرن سان نہ، پر بصيرت وارين اکين سان مطالع ڪري، هڪ پيغمبر جي زبان سان ورجايو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس پيغام ۾ دائمي قدر موجود آهن. سندس پيغام هر دؤر لاءِ ۽ هر سماج لاءِ هڪ آدرشي ۽ مثالي نصب العين رکي ٿو.

لطيف جي حڪمت آفرين تعليم جو روح اهو آهي تہ عبد جا معبود سان نيازمندانہ تعلقات پيدا ڪري، بَديءَ ۽ شَر کي ختم ڪري سگهجي ٿو. 'خير، حسن ۽ حق' سان والهانہ وابستگي پيدا ڪري، 'خير' کي پيدا ڪري سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ لطيف، حسن، حق ۽ خير جي محيط ڪُل حيثيت کي بيان ڪندي فرمائي ٿو:

منهن محراب پرينءَ جو، جامع سڀ جهان!

لطيف جو اهو فن ۽ پيغام فقط ڪنهن هڪ قوم، هڪ مشرب، هڪ دؤر ۽ هڪ سماج تائين محدود نہ آهي، پر ان ۾ آفاقيت ۽ صحتمند دائميت آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام، انساني ذهن ۽ شعور جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ئي کيس نہ فقط سنڌ جو روشن ستارو ۽ قومي هيرو مڃيو ويو آهي، پر ان سان گڏ، سندس بين الاقوامي شهرت مشرق ۽ مغرب تي ڇانئجي چڪي آهي.

لطيف جي ڪلام جي ٻي انفرادي حيثيت اها بہ آهي، تہ سندس شاعري خالص ديسي اصناف — بيت ۽ وائيءَ — تي مشتمل آهي. حالانڪ سندس دؤر ۾، غزل ۽ قصيدو معراج ڪمال تي پهتل هو. سندس ڪيترا معاصر فارسي شاعر هئا ۽ صاحب ديوان هئا، پر لطيف نہ پنهنجي

سنڌي سليمي ٻوليءَ کي ڏاريءَ ۽ اڌاريءَ ٻوليءَ تي ڇڏيو، ۽ نڪو پنهنجي بيت ۽ وائيءَ کي غزل ۽ قصيدي جي مقابلي ۾ ڇڏي سگهيو. ڇي:

ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون سين!

اهوئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ بيمقصد شاعريءَ واري لغو بياني، مبالغہ آرائي لفاظي، انشاپردازي ۽ ڊاڙ ٻٽاڪ آهي ئي ڪانہ!

ان سان گڏ، سندس شاعريءَ جو افادي پهلو اهو بہ آهي تہ لطيف، پنهنجي واردات ۽ ڪيفيات کي، 'ادب براءِ ادب' جي لغو ۽ مهمل پس منظر مان ڪڍي، 'ادب براءِ حيات' جي روشن ۽ تابناڪ مقصد تائين پهچائي سگهيو آهي. جنهن ۾ ذوق جماليات سان گڏ، اعليٰ آدرش ۽ صحتمند نصب العين جي تحصيل لاءِ پيغام بہ آهي ۽ علمي راهہ بہ ڏسيل آهي؛ جدوجهد ۽ جهاد جي تلقين بہ آهي تہ ذڪر ۽ فڪر جو ارشاد بہ آهي؛ اخلاق ۽ ڪردار جي بلنديءَ لاءِ ترغيب بہ آهي تہ عمل ۽ اصلاح لاءِ تنبيهہ بہ آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو سندس شاعري، رسالو، يعني پيغام بنجي چڪي آهي، ۽ اهو پيغام امن ۽ ايمان، صلح ۽ محبت، ڀرادريءَ ۽ اخوت جو جامع پيغام آهي، جو پوريءَ انسانذات ڏانهن عام آهي.

لطيف جي حڪيمانہ طرز ادا جو صحتمند پهلو اهو بہ آهي تہ پاڻ سنڌ جي عوامي ڪهاڻين ۽ روايتن کي اڳيان آندو اٿس، جن کان شهري توڙي ٻهري سڀ واقف آهن. لطيف، انهن مان استعاري ۽ اشاري سان ڪيئي مسئلا حل ڪيا آهن ۽ عام ماڻهن جي ذهني اعتبار کان، دقيق ۽ عميق حقيقتون سوليون ڪري ٻڌايون اٿس.

ان سلسلي ۾، "سنديان را اصطلاح سند مدح" جي مصداق، لطيف، سولي ۽ سوادي سهڻي ۽ من مهڻي، مٺي ۽ ملوڪ، ٻولي ڪم آندي آهي.

لطيف جي بصيرت افروز نگاهہ، 'وادي مهراڻ' جي تهذيب ۽ شرافت کي بہ نظر انداز نہ ڪيو آهي. هو سنڌ کي مثالي سرزمين سمجهي ٿو. هو سنڌ کي امن ۽ ايمان، اخوت ۽ انسانيت جو مرڪز قرار ڏئي ٿو. سنڌ جي تهذيب ۽ روايات جي نقشگري ڪري ٿو. سنڌ جي ماڻهن، هنرن، پڪين، ريتن روايتن، رسمن ۽ عادتن کي ور ور ڪري ورجائي ٿو. لطيف جي دعا آهي تہ سرزمين سنڌ مان 'خير ۽ برڪت' جو اهو پيغام پيدا ٿئي، جو پوري انسانذات لاءِ امن ۽ ايمان، خير ۽ برڪت جو پيغامبر بنجي. ان لاءِ والهانہ انداز ۾ چئي ٿو:

مائين، سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

اها سنڌ جي تهذيب ئي 'خير ۽ برڪت' جو سبب ثابت ٿي آهي، جنهن کي زندهہ رکڻ اسان جو فرض آهي.

ان سلسلي ۾ اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ نڪا زندگي بيمقصد آهي ۽ نڪو انسان جي تخليق بنا مقصد جي ٿي آهي. انسان جو اخلاقي وجود هن ڪارگاهہ حيات جي تعمير جي سلسلي ۾ خدا جو نائب قرار ڏنو ويو آهي. انسان کي جدوجهد ڪرڻي آهي، هن ڪائنات ۽ ان جي نظام کي مطالع ڪرڻو آهي، هن ڪائنات جي تسخير ڪرڻي آهي، هن دنيا کي امن ۽ ايمان سان سينگارڻو آهي، هن دنيا مان ظلم ۽ تشدد، نفرت ۽ عناد، ڏاڍمڙسيءَ ۽ ارهہ زوراءِ جون پاڙون پٽيون آهن. هن دنيا ۾ علم ۽ فڪر جون مشعلون ٻارڻيون آهن. هن دنيا جي گگدام عوام کي پنهنجي حقن ۽ آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي. هن

دنيا مان شر ۽ بديءَ، فتني ۽ فساد جون سڀ شرارتي قوتون ختم ڪرڻيون آهن. هن دنيا مان رنگ ۽ نسل، اوچ ۽ نيچ، ذات ۽ پات جي درجه بندي کي نـگهوسار ڪرڻو آهي.

ان ڪري، انسانذات لاءِ فراريت ۽ رهبانيت واري وات، گمراهيءَ جي وات آهي، جنهن ڏانهن ڪوبه مصلح، مجدد، مفڪر ۽ شاعر دعوت نٿو ڏئي سگهي. شاهه به ان سلسلي ۾ سسئيءَ جي ڪردار جي ترجماني ڪندي فرمايو آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهين ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نـه لهين پرينءَ جـو.

ان طرح فرمائي ٿو:

هـٿين، پيريـن، مونڍين، هـل هنئين سين هوتن!

مقصد جي طلب ۽ تلاش جي سلسلي ۾ جد وجهد ۽ جاکوڙ کي برداشت ڪرڻ ۾ سسئيءَ جو اهم ڪردار آهي.

انسان جي زندگيءَ جي جامعيت جـن لازمي مرحلن سـان وابسته آهـي، تـن ۾ تعليم ۽ تربيت، ذڪر ۽ فڪر، صحبت ۽ تجربي کي شمار ڪري سگهجي ٿـو. مذهبي زبـان ۾ انهن مرحلن کي شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت چيو ويو آهي. لطيف به ائين ئي فرمايو آهي، ته:

ساري سک سبق، شريعت سند و سوهڻي،
طـريقتان تـکو وهـي، حقيقت جو حق،
معرفـت مـَرڪ، اصـل عـاشـقـن جـو.

انهن مرحلن جي تشريح اها آهي تـه شرع قانون آهي، طريقت عمل آهي، معرفت ڄاڻ سڃاڻ آهي، ۽ حقيقت قـَلَ آهي. انهن مرحلن جي تڪميل ڪندڙ، هڪ بااخلاق ۽ آدرشي انسان بڻجي ٿو، جنهن کي عرف عام ۾ 'صوفي' به چيو ويو آهي:

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

وِهه وٽي هٿ ڪري، پُـر پـيـالـو پـيءُ،
هنڌ تنين جو هيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

اسلام جو اخلاقي نظام، قرآن جو نظريهء ايمان، رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جو اسوهٔ حسنه به اهوئي آهي. اهي ئي اوصاف ۽ اخلاق آهن، جن کي صبغة الله، جهاد اڪبر، تزڪيه نفس ۽ علم باطن چيو ويو آهي. علم جي حقيقت ۽ ايمان جي حقيقت به اهائي آهي.

خالص علمي زبان ۾ چئجي تـه تصوف آهي 'سيرت جي تطهير ۽ اخلاق جي تڪميل'.

لطيف به ان تصوف جو قائل آهي. لطيف وٽ به تزڪيه نفس ۽ باطني اصلاح جو اهوئي سامان آهي. ٿورن لفظن ۾ لطيف وٽ، 'انسان' کي 'انسان' بڻجڻ جي دعوت آهي.

ان طرح لطيف سائين پڌائي ٿو تـه هڪ صاحبدل صوفي، پنهنجي حال ۽ عقيدي جي لحاظ سان هڪ مخصوص انفرادي مقام ٿو رکي. فرمايائين:

اک الٽي ڏار، ونءُ الـٽـو عام سين،
لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار!

'اک الٽي ڏار' چئي، تقليد جامد جي قيد ۽ بند مان آزاديءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. زندگيءَ جا بهترين اصول ۽ عقيدا اهڙا نـه آهن، جي عام ماڻهن جي ذهني سطح تي ماڻي

Gul Hayat Institute

سگهجن. ان لاءِ ’عوام‘ جي چئي آڪئي تي هروڀرو نہ هلڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ’عوام‘ سنَد نہ آهي. جڏهن عوام حقيقت ۽ ان جي راهہ کان ڀٽڪي، ’لهوارو‘ وهڻ لڳي، تڏهن لطيف فرمائي ٿو تہ ڀاڻ کي اوچو وَهڻو آهي. اهو اوچو وَهڻ ۽ سرافراز ٿي رهڻ، گويا سوريءَ جو سڏ آهي، جو نينهن وارن لاءِ آزمائش جو دستور ٿو رکي:

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، لالو نينهن ڳنهن جي.

۽ اهو بہ ’عام‘ کان مٿي مقصد آهي.

عاشق زهر پياڪ، وِهہ ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشہ هيراڪ،
توڻي چڪنن چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سلن عام سين.

بهرحال، لطيف جو پيغام علم ۽ فڪر جو پيغام آهي، حڪمت ۽ موعظت جو پيغام آهي، هن دؤر جي مشڪل مسئلن لاءِ ’حل‘ آهي، هن دؤر جي پياسي انسانذات لاءِ آب حيات آهي، ۽ رسالو سمونڊ آهي:

شيوا ڪر سمونڊ جي، جت جرَ وهي ٿو جال،
ماسو جڙئي مال، تہ پوچارا پُر ٿئين.

شال اسان جا سنڌي سپاجهڙا، لطيف جي فن ۽ پيغام مان ڪو ماسو حاصل ڪن ۽ پوءِ عالم کي اهي هيرا ۽ لعل آڇي سگهن!

اڄ علم ۽ سائنس جي رفتار بجليءَ کان وڌيڪ تيز ٿي چڪي آهي. انسانذات جي امن ۽ سلامتيءَ جون واڳون، اهڙن واڳُن ۽ ارڙ نانگن جي وات ۾ اچي چڪيون آهن، جي علم ۽ سائنس جي ذخيري تي واسينگ نانگ ۽ ديو وانگر ڪُنڊَ ڪوڙيو ويٺا آهن. جيڪڏهن روحاليت ۽ اخلاق جي ترقي اهڙي تيز رفتار سان نہ رهي تہ پوءِ يقيناً ’توازن حيات‘ ۾ خلل پيدا ٿيندو ۽ سائنس ۽ علوم جديد، انسانذات لاءِ عذاب پيدا ڪري ڇڏيندا. تنهنڪري اڄ جي السانذات تي ڀهريون فرض اهو ٿو عائد ٿئي تہ هو پنهنجي اخلاقي ڪردار ۽ روحاني معيار کي ان درجي تي پهچائي، جتي علم جديد ۽ سائنس جي رسائي آهي.—ورنہ هيءَ دنيا ’هيروشيما ۽ ناگاساڪي‘ ٿيندي ٿيندي، هڪ ڏينهن ’ويٽنام‘ بنجي ويندي، ۽ هرطرف ائٽم بم ۽ هيڊروجن بم جو دونهون هوندو. بچيل ڪُچيل انسان وري غارن ۾ لڪندا ۽ دليا ڪروڙين سال پوئتي پٿر جي زماني ۾ وڃي پناهہ وٺندي!

ڪاش! لطيف جي عالمگير امن ۽ انساليت واري پيغام کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو وڃي!

”مهراڻ“ جو ٻارهون سال

”مهراڻ“ پنهنجي ٻئي دؤر (١٩٥٥ع-١٩٦٥ع) جا يارهن سال، خيرسلامتيءَ سان پورا ڪري، ٻارهين سال ۾ قدم وڌايو آهي. هيءُ پرچو، ١٩٦٦ع جي پهرين ٻن ٽماهين - جنوري، فيبروري، مارچ ۽ اپريل، مئي، جون- تي مشتمل آهي، ۽ هن پرچي سان، ”مهراڻ“ جو گويا ٽيون دؤر شروع ٿيو آهي.

هن دؤر جي شروعات، علمي ۽ تحقيقي مقالن سان ٿي آهي. سڀ کان اول، صدرمملڪت پاڪستان، جي هڪ نهايت لذيذ ۽ فڪرانگيز تقرير ”جديد دؤر ۾ اهلِ اسلام جون ذميداريون“

آيل آهي. اها تقرير، جديد مسئلن جي ڇنڊڇاڻ سان گڏ ترقي يافته فڪر و نظر جي ترجمان آهي ۽ رجعت پسند خيالن لاءِ صور اسرافيل جي حيثيت ٿي رکي. ان ۾ "اسلام" کي روشن نصب العين جي حيثيت سان، پيش ڪندي، چيو ويو آهي:

"اسلام مذهب نہ هو، پر هڪ ترقي پسندانہ تحريڪ هئي، جا پنهنجي صحتمند اخلاقي ۽ علمي، نظرياتي ۽ فڪري اصولن ۽ قدرن جي بنياد تي وڌندي رهي.
"اسلام انساني حيات کي مقصد ۽ جدوجهد جو نئون پيڪر ۽ نئون تعبير عطا ڪيو. ان طرح سان انسان جي ارتقائي تاريخ کي نئين منزل سان روشناس ڪيو."

ان کان پوءِ، حضرت علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي تقرير، "محبت جي ضرورت" پيش ڪيل آهي. ان تقرير ۾ هڪ طرف زندگيءَ جي مقصد جي تشريح، نهايت فڪرانگيز طريقي تي ڪئي ويئي آهي؛ تہ ٻئي طرف زوال پذير قوم کي زنده ڪرڻ جا اخلاقي اسباب پڻ بيان ڪيا ويا آهن- اها بہ غور طلب تقرير آهي.

ان کان پوءِ، سنڌ جي عظيم محب وطن، جناب جي. ايم. سيّد، جو مقالو "محبت جي ورڪا" جي عنوان سان آيل آهي. سيد صاحب، سنڌ جي تصوف ۽ مشهور صوفياءِ ڪرام جي، علمي ۽ تحقيقي نظر سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ ڪيئن سرزمين سنڌ ۾ امن ۽ عافيت، برادري ۽ اخوت وارو نظريو ۽ نصب العين پيدا ٿيو آهي ۽ وڌيو ويجهيو آهي.

تاريخي ۽ تحقيقي مقالن جي سلسلي ۾، "ٺٽي ۽ ديبل جو تقابلي مطالعو"، سنڌ جي مشهور مؤرخ، پير حسام الدين راشديءَ جي تحقيق ۽ ڪاوش جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ ٺٽي جي محل وقوع ۽ جاگرافيائي حيثيت تي بحث ڪري، ان تحقيق کي حرف آخر تائين پهچايو ويو آهي.

ان طرح "سر بارٽل فريئر"، سنڌ جي مشهور ڪمشنر جي ڪارنامن تي جناب لطف الله صاحب بدويءَ نهايت معلومات افزا ۽ تفصيلوار تاريخي ۽ تهذيبي بحث ڪيو آهي. جو مطالعي جي لائق آهي.

سنڌ جي صوفياءِ ڪرام جي سوانح ۽ سيرت جي سلسلي ۾، "سرمست درازي" جناب پروفيسر محبوب علي چنا جو، ۽ "مخدوم نوح سرور" جناب سيد حاجي علي اڪبر شاه صاحب جو، يقين آفرين ۽ ايمان افروز مضمونَ آهن. اهي ٻئي بزرگ، سنڌي ادب ۽ تصوف ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا. انهن جي جدا جدا تاريخي ۽ تهذيبي پس منظر کي سمجهڻ لاءِ، هي مقالا ڪارگر ثابت ٿيندا.

"سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب"، پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا جي مشهور انگريزي ڪتاب "A Physical and Economic Geography of Sind," 1958, Sindhi Adabi Board. جي هڪ باب جو ترجمو آهي، جو مسٽر شمس الدين عرسائيءَ جو ڪيل آهي. مسٽر پٿاوالا، سنڌ جي جاگرافيءَ تي بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ ڪيس 'سنڌ' تي مستند طور تسليم ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ جنهن محققانہ انداز ۾ بحث ڪيل آهي، ان جو اعتراف هرڪو علم دوست ڪري چڪو آهي.

"ٿرپارڪر جا آثار قديم" پڻ، سنڌ جي قديم تهذيب جي قدامت ۽ عظمت جو هڪ داستان آهي، جو محترم مير حاجي محمد بخش ٽالپر لکيو آهي. ان ۾ جين ۽ هندو دؤر جي تهذيب جا آثار بيان ڪيا ويا آهن.

"سمات قوم جو اصل نسل"، سنڌ جي خالص 'سمات' برادريءَ جي وجه تسميه، پاڙن، قبيلن، ذاتين ۽ خاندانن جي معلومات افزا ۽ محققانہ ڇنڊڇاڻ تي مشتمل آهي. ان جو لکندڙ

Gul Hayat Institute

مرحوم علي محمد سيال (سابق ڊپٽي ڊائريڪٽر تعليمات، سنڌ) جهڙو محقق ۽ مؤرخ آهي. سنڌ سان تعلق رکندڙ عالمن کي هن بحث جي پڙهڻ کان پوءِ، سنڌ جي قومن متعلق ڪافي معلومات حاصل ٿيندي.

”سُمنگ چارڻ“، سمن جي دؤر جو، قاضي قاضن کان ٻه ٽي صديون اڳ، مشهور شاعر ۽ بديه گو سگهڙ هو. سندس سوانح ۽ فن تي محترم محرم خان (ليڪچرار، سنڌ يونيورسٽي)، نهايت مفصل، معلومات افزا ۽ محققانه بحث ڪري، سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ صدين جو اضافو ڪيو آهي. هي مقالو، هر خيال کان تحسين جي لائق آهي. اميد ته غور سان پڙهيو ويندو.

”صوفي صادق فقير جو ڪلام“، محترم راج محمد ڀَٽيءَ جي اڻٿڪ علمي تحقيق جو هڪ شاهڪار آهي. هن آخري قسط ۾، صوفي صاحب جو سمورو ڪلام، ڏاڍي تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ سان پيش ڪيو ويو آهي. اڳين ڇوڙ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته صوفي فقير تي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيل ٻئي مقالا، پنهنجي افادي حيثيت سان هڪ مستقل ڪتاب جي حيثيت رکن ٿا. صوفي صادق فقير جي ’سوانح ۽ ڪلام‘ تي مڪمل تحقيقي ڪم، مهراڻ جي وساطت سان شايع ٿيو آهي ۽ اهو مهراڻ لاءِ قابل فخر ڪارنامو چئي سگهجي ٿو. اميد ته ان سلسلي ۾ سنڌ جي ٻين گمنام يا شهرت يافته بزرگن، عالمن، صوفين ۽ شاعرن جي سوانح ۽ ڪلام (غير مطبوع) تي ان قسم جا علمي مقالا پيش ڪيا ويندا.

مقالن کان پوءِ ”مهراڻ جا موتي“، ”سنڌي نثر سان مثالي ٽڪرا“، ”ادبي خط“، ”پڙهندڙن جا پيغام“، ”علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون“ ۽ ”آديسي آئي ويا...!“— وارا سڀ دستوري ڪالم پيش ڪيا ويا آهن.

اميد آهي ته ”مهراڻ“ جا خريدار ۽ صاحب ذوق اديب، پنهنجي دلي تعاون سان ”مهراڻ“ کي لوازيندا رهندا.

هن پرچي جي مواد جي چونڊ ۽ ترتيب لاءِ محترم جويو صاحب، اعزازي سيڪريٽري، ۽ محترم شيخ علي محمد صاحب، ميمبر، سنڌي ادبي بورڊ؛ ۽ ان جي طباعتي حسن ۽ زيبائش لاءِ مسٽر غلام رباني، اسسٽنٽ سيڪريٽري، ۽ مسٽر علي بخش احمد زئي، مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ پريس، ۽ پريس جي ڪارپردازن جو شڪرگذار آهيان، جن جي تعاون سان هي معياري پرچو تڪميل تي پهتو آهي. —غ. م. گ

فيلڊ مارشل، محمد ايوب خان، صدر مملڪت پاڪستان

جديد دور ۾ اهل اسلام جون ذميداريون

اسلام، صلح ۽ امن، انسانيت ۽ اخوت جي دين جي حيثيت ۾، هن ڪائنات ۾ نمودار ٿيو، ان کي اڄ چوڏهن سؤ ورهيه گذري چڪا آهن.

سڀني مذهبن ۽ آسماني تعليمات جي سڀني دفترن ۽ صحيفن جو مجموعو اسلام آهي. اسلام مذهب نه هو، بلڪ هڪ ترقي پسندانه تحريڪ هئي، جا پنهنجي صحتمند، اخلاقي ۽ عملي، نظرياتي ۽ فڪري اصولن ۽ قدرن جي بنياد تي وڌندي رهي، ۽ اڳتي هلي پوري انسانذات تي ڇانئجي ويئي.

اسلام، سڀني مذهبن جي احترام کي ملحوظ رکندي، انساني حيات کي مقصد ۽ جدوجهد جو لئون پيڪر ۽ نئون تعبير عطا ڪيو، ان طرح سان انسان جي ارتقائي تاريخ کي نئين منزل سان روشناس ڪيو.

جڏهن اها تحريڪ اسان جي زندگيءَ جو لازمي حصو بڻي رهي، تڏهن ان تحريڪ جا قائل ۽ افراد، سائنس ۽ عملي علمن ۾ شاندار ڪارناما ڏيکاريندا رهيا، جن جو مثال اسان کي تاريخ ۾ لڀو ملي.

اها به هڪ بدقسمتي ڇئبي جو ڪجهه زماني جي گذرڻ کان پوءِ مسلمان مجموعي حيثيت سان اسلام کي ”نظري مذهب“ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا، ۽ دين هڪ ترقي پسند، فعال ۽ صحتمند تحريڪ جي حيثيت سان نظرانداز ڪيو ويو. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو ’دين‘ ۽ ’مذهب‘ جي وچ ۾ ويڇو پئجي ويو. ’دين ۽ مذهب‘ جي ان ويڇي ۽ تفريق جو اثر اڄ به اسان جي فڪر ۽ عمل ۾ نمايان طرح سان موجود آهي. اصل ۾ اسلام، مذهب ۽ زندگيءَ جي ان ويڇي کي ميٽائڻ آيو هو، ليڪن فطرت جي ستم ظريفي چئجي جو اسلام جا متبعين پاڻ ان دوئي ۽ ثنويت جو شڪار بڻجي ويا.

اها به هڪ حقيقت آهي ته جڏهن زندگيءَ ۽ مذهب جو رشتو، هڪٻئي کان ڇڄي ڌار ٿي وڃي ٿو، تڏهن به زندگي ته بهرحال، ڪنهن نه ڪنهن طرف ڏانهن ڪاهيندي رهي ٿي؛ پر جڏهن مذهب هڪ بيجان شي بڻجي رهجي ٿو وڃي، جنهن ۾ ڪا به لوچ ۽ لچڪ باقي نٿي رهي، نڪو منجهس نمو ۽ حرڪت جي صلاحيت ٿي بچي؛ تڏهن اهو جامد ۽ پٿر وانگر بيحس و حرڪت، زندگيءَ سان ڪاهوڪلهي سان ملائي هلڻ جي بدران، مسجدن ۽ خانقاهن ۾ قيد ٿي رهجي ٿو وڃي.

اسلام سان بہ ائين ئي ٿي چڪو آهي. انسانيت، سائنس ۽ فلسفي ۾ ترقي ڪندي، الائي ڪٿي وڃي پهتي آهي؛ پر اسان جو مذهب صدين کان وٺي هڪ ئي هنڌ خاموش ۽ بيحرڪت بيٺو آهي. اسلام جو معجزو اهو هو، جو ان بت پرستيءَ جو خاتمو ڪري ڇڏيو؛ پر مسلمانن جي ٽريجڊي ۽ الم انگيز حقيقت اها آهي، جو انهن خود اسلام کي ئي بُت بڻائي ڇڏيو!

مذهب کي ان طرح سان بت بڻائڻ جو جيڪو خطرناڪ نتيجو نڪتو آهي، جنهن اسان جي قومي ذهنيت ۽ ثقافت تي تباه ڪن اثر وڌو آهي؛ اهو هي آهي جو جن ماڻهن هن جديد دور جي وڌندڙ ترقيءَ جو ساٿ ڏيندي اڳتي قدم کنيو آهي، تن تي دنيادار مسلمان جي ڇاپ هنئي وئي آهي— ۽ جي ماڻهو، مذهبي رسومات ۽ روايات جي آڙ ۾ ماضيءَ جي دنيا واري جمود ۽ سڪون جا مجسما بڻجي رهجي ويا، اهي سچا ۽ پڪا مسلمان سڏائيندا رهيا. آهستي آهستي مستقبل ڏانهن نگاه رکي، شاهراه حيات تي اڳتي وڌڻ وارا، اسلام کان منحرف ۽ برگشته شمار ٿيڻ لڳا، پر ماضيءَ ڏانهن نهاريندڙ، مقدس ۽ دينداري قرار ڏنا ويا. پيو ته ان سان گڏ، هر نئين قدم، هر نئين ايجاد ۽ هر نئين تعليم متعلق، اهو شور برپا ڪيو ويو ته اهو 'اسلام' جي خلاف آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي تاريخ جي هر دور ۾، هر انقلابي راهنما جي خلاف ڪفر جون فتوائون لڳائيندا رهيا.

مان اوهان کي دعوت ٿو ڏيان ته اوهان ذرا انهن خطبن جو ٿڌي سيني سان ۽ ذهن کي خالي ڪري جائزو وٺي ڏسو، جي مسجدن ۾ پڙهيا وڃن ٿا. انهن ۾ اوهان کي صاف نظر ايندو، ته موجوده زماني جي لنڊي ۾ ننڍي ڳالهه تي بہ غصي جو اظهار ڪيو ٿو وڃي، صرف ان لاءِ ته اها ڳالهه نئين آهي. منهنجي خيال ۾ اهو اسلام سان وڏو ظلم آهي، جو هن قسم جي بلند ۽ باوقار دين کي، ترقيءَ جو دشمن ۽ علم ۽ بصيرت جو حريف بڻائي پيش ڪيو وڃي ٿو. اهو صرف اسلام سان ئي ظلم نہ آهي، پر انهن نوجوانن سان بہ ظلم آهي، جي هن جديد دور ۾ مسلمان ٿي رهڻ چاهين ٿا. حقيقت اها آهي ته ان قسم جي روش، زندگيءَ ۽ مذهب ٻنهي سان انتهائي بي انصافي آهي؛ جو ويهين صديءَ جي انسان تي اها پابندي لڳائي وڃي ته اگر ڪيس پاڻ 'مسلمان' ثابت ڪرڻو آهي ته پوءِ ڪيس ڪيترين صديون پوئتي وڃڻو پوندو— آخر ان جو سبب ڪهڙو آهي؟

ڇا، ان جو سبب اهو آهي ته اسان پنهنجي حقيقي نصب العين تان هٽي ۽ ڀٽڪي چڪا آهيون، ۽ اهڙي سياسي ۽ معاشرتي نظام وضع ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿيا آهيون، جو نظام هن دور جي تقاضائن ۽ تغيّر پذير قدرن سان ساٿ ڏيڻ جي صلاحيت رکي ها!

يا، اسان پنهنجي دين کي جنن ۽ فرشتن جون ڪهاڻيون بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ دين کي وهم پرستيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي، ۽ انڌي تقليد جو نعرو بلند ڪري اسان انسان جي تخليقي تمنائن جو رستو ئي روڪي ڇڏيو آهي؟

Gul Hayat Institute

يا، ان جو سبب اهو تصوف آهي جو اسان جي غلط عملن ڪري بيروح ٿي چڪو آهي، جنهن زندگيءَ جي حقائق سان مردانه وار مقابلي ڪرڻ جي بجاءِ، اسان جي ذهن ۾ فرار واري ذهنيت پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ زندگيءَ کي قبرن ۽ حجرن ۾ قيدي بنائي ڇڏيو آهي؟

يا، ان جو سبب اسان جو اهو غلط عقيدو ته ـــ اسان هتي پيرن هلائڻ کان سواءِ، اڳين دنيا ۾ نجات جا حقدار بڻجي سگهنداسون. ڇا اسان ان حقيقت کي وساري ڇڪا آهيون ته آخرت جي زندگي، اسان جي هن زندگيءَ جي عملن جو ثمر ٿيندي، اسان جنت ۾ اهوئي حاصل ڪنداسون، جو ڪجهه اسان هن دنيا ۾ پوکينداسون.

اهي سوال نهايت اهم آهن. اسان لاءِ نهايت ضروري آهي ته اسان، انهن بنيادي عنصرن جي پاڙن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريون، جن اسلام جي برق آسا ۽ شعله صفت روح کي خاڪ جو ڍير بنائي ڇڏيو آهي.

ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته ان قسم جي تحقيق ۽ پرک ڪندي، اسان جي سامهون پيون به ڪيتريون اهڙيون حقيقتون اينديون، جي نهايت تلخ ۽ ناخوشگوار هونديون. ليڪن اسان جو فرض اهو آهي ته اسان انهن تلخين ۽ ناخوشگوارين جي ڪا به پرواهه نه ڪريون ۽ يقين محڪم سان، بلڪل بيباڪانه انداز ۾، سرگرم جستجو رهون.

اسلامي دنيا جي زوال ۽ انتشار جو هڪ وڏو سبب، مذهبي فرقه بندي پڻ آهي. غلط يا صحيح، بهرحال موجود آهي. ان حقيقت کان انڪار ڪرڻ حماقت ٿيندي. اگر ان بحث کي ڇيڙيو وڃي ته پلا ڪهڙو فرقو حق تي آهي، ۽ ڪهڙو باطل تي، ـــ ته پوءِ ان جو نتيجو هاڃيڪار ٿيندو ۽ تخريب کان سواءِ پيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. ان لاءِ صحيح طريقو اهو آهي ته، مختلف فرقن جي اختلافي نظرين ۽ مسئلن کي ڇيڙڻ ۽ اُپارڻ جي جاءِ تي، ان تي زور ڏنو وڃي، جو انهن سڀني ۾ قدر مشترڪ جي حيثيت رکي ٿو. ڇا اُهين درست نه ٿيندو ته هڪٻئي تي نڪته چيني ڪرڻ جي بجاءِ، اسان ان تي زور ڏيون ته اصل ۽ بنياد جي اعتبار سان اسان سڀ متحد آهيون. ڇا لاءِ ته اسان سڀ هڪ الله، هڪ رسول ۽ هڪ ڪتاب تي ايمان رکون ٿا.

اڄ دنيا ٻن ڪئمپن ۾ ورهائجي چڪي آهي. انهن ٻنهين جي باهمي ڪشمڪش، نظريات ۽ مخصوص 'آئيڊيولوجي' تي مبني آهي. ڪميونزم عزم ڪري چڪي آهي ته هوءَ پنهنجو نظريو، ساري دنيا تي مسلط ڪري. اها به حقيقت آهي ته مذهب، ڪميونزم جو ڪو مؤثر ۽ مڪمل جواب نه ڏئي سگهيو آهي، ڇا لاءِ جو ڪميونزم جو نظريو، بنيادي طرح سان ماده پرستيءَ تي مبني آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جي قدر 'ماديت' مان نمودار ٿين ٿا، انهن جو به هن ڪائنات جي نظام ۾ ڪو مقام آهي. ۾ فرق رڳو اهو آهي ته انهن مادي قدرن جي هروڀرو ايتري اهميت ڪانه آهي، جو انسانذات انهن جي پويان سڀڪجهه وڃائي ويهي.

Gul Hayat Institute

موجوده حالتن ۾ 'ڪميونزم' جو هڪ ۽ صرف هڪ جواب آهي، اهو جواب فقط 'اسلام' وٽان ملي سگهي ٿو.

ڪميونزم جي مادي فلسفي ۽ مغرب جي مادي قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۾ صرف "اسلام" ئي اهو فطري ۽ عملي نصب العين پيش ٿو ڪري، جو انسانيت جي روح کي هلاڪت کان بچائي سگهي ٿو.

ڪميونزم جي چئلينج جي مقابلي ڪرڻ جي سلسلي ۾ نهايت ضروري آهي ته 'اسلام' کي ماضيءَ جي خلوتگاهن مان ڪڍي، عصر حاضر جي 'روشنيءَ' ۽ 'زبان' ۾ پيش ڪيو وڃي. ان کي رڳو هڪ نظري نصب العين جي حيثيت سان نه پر، تمدني، سياسي، معاشي، اخلاقي ۽ روحاني زندگيءَ لاءِ مڪمل ضابط حيات جي حيثيت سان پيش ڪيو وڃي. بس، منهنجي خيال ۾ اهائي اسلام جي صحيح ۽ بنيادي حيثيت ۽ حقيقت آهي.

[صدر مملڪت، فيلڊ مارشل، محمد ايوب خان جو،
ٽنڊي الهيار، سنڌ ۾ عالمن جي اجتماع کي
خطاب — مئي ١٩٥٩ع.]

Gul Hayat Institute

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

محبت جي ضرورت

هيءَ تقرير دلپذير، هن دور جي عظيم شخصيت، حضرت علامہ آءِ. آءِ. قاضي مدظلہ العاليٰ جي آهي، جا پاڻ، ١٥- فبروري ١٩٥٤ع تي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ عظيم علمي اجتماع ۾ ڪيائون. اها تقرير، پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، صدر شعبہءِ فارسي، سنڌ يونيورسٽي جي ڪيل تقرير تي هڪ علمي ۽ فڪري جنبہ چاڻ جي حيثيت رکي ٿي. اميد تہ رسالي "مهراڻ" جا ناظرين، هن دانشمندانہ ۽ اصلاحي تقرير مان، روحاني ۽ اخلاقي حظ حاصل ڪندا. اها تقرير، محترم مقبول احمد پٽي، ايم. اي. جي قلمبند ڪيل آهي — ادارو.

خواتين ۽ حضرات

جيڪڏهن هينئر آءٌ اوهان کي پنهنجي دوست، پروفيسر قاضيءَ جي تقرير متعلق، پنهنجي تاثرات بيان ڪرڻ لاءِ چوان تہ پوءِ اوهان ايمانداريءَ سان ٻڌايو تہ جيڪر ائين نہ چئو تہ پروفيسر صاحب، محبت بابت ڪا نئين ڳالهہ تہ ڪئي ڪانہ. انهيءَ الفت، قرب ۽ ڪشش جا وعظ اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي ٻڌندا پئي آيا آهيون. هن تقرير جي ردعمل طور، يقيناً توهان ائين ئي چئو تہ اسان "زندگيءَ جي الهيءَ اهم جذبي" بابت هزاربار ٻڌو آهي. ٻڌو تہ برابر آهي، پر آءٌ پڇندس تہ توهان ڪڏهن اتفاق سان عملي ۽ ارادي طور ان کي استعمال بہ ڪيو آهي؟

حالانڪ اها حقيقت آهي تہ جيڪڏهن اهو جذبو ڪائنات جي ڪاروبار جاري رکڻ لاءِ ڪارفرما نہ هجي، تہ انسان هوند انهيءَ هڪ جذبي جي ڪري، ٻي هرڪا زحمت گوارا ڪرڻ خوشيءَ سان برداشت نہ ڪري ها!

انگلنڊ جي بادشاهہ يا راڻيءَ جي سواريءَ جي نظاري ڏسڻ لاءِ، انگريزن کي اٺ-ڏهہ ڪلاڪ اڳوات وڃي ڪنهن گوشائتي هنڌ تي بيهڻو پوندو آهي تہ جيئن ويجهڙو ديدار ڪري سگهن.

اها آرزو، اها خواهش، اها طلب ۽ اهو جذبو آهي، جنهن کي 'زندگيءَ جو اهم جزو' سڏيو وڃي ٿو. اسان جي زندگيءَ ۾ ڪيترا اهڙا مختلف پهلو آهن، جن ۾ اسان ان جو اظهار ڪريون ٿا.

غزاليءَ اڳئين وقت جي مسلمانن جي عبادت جي جذبي جو نقشو چٽيو آهي، ته جمعي نماز واري اذان کان اڳ، صبح سان، احڪام الاهيءَ جي ادائگيءَ لاءِ سڀ ڪم ڪاريون سيڙائي، سڀ کان اول اچي اڳينءَ صف ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ته جيئن خطيب جو خطبو آسانيءَ سان ٻڌي سگهن. خطبي ۽ نماز کان پوءِ به ڪيترو وقت تسبيح ۽ تهليل ۾ محو ۽ مشغول رهندا هئا، جنهن مان انهن کي روحاني لذت حاصل ٿيندي هئي. اهي ماڻهو، پنهنجي ان جذبي جي تسڪين لاءِ پنهنجون ٻيون سموريون خواهشون قربان ڪري ڇڏيندا هئا.

ان جي برعڪس اڄ حالت اها آهي جو اسان سڀ کان پوءِ اچي، پوئينءَ رڪعت جي رڪوع ۾ پهچڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون، ته جيئن ڪا اهڙي خواهش جي پورائي گهڻو وقت نه وٺي، جنهن سان اسان جي دلچسپي گهڻي آهي. اسان اڄ پنهنجي هر نفساني خواهش جا غلام آهيون.

مٿئين مثال ڏيڻ مان منهنجي مراد محض اهو ثابت ڪرڻ آهي ته اسان جون خواهشون ۽ جذبات، وقت بوقت بدلبا رهن ٿا، جنهن جي نتيجي طور اسان مان انتظام ۽ يڪرنگي نڪري چڪا آهن. اڄ پيءُ جو پٽ سان، ڀاءُ جو ڀاءُ سان، ۽ ڀيڻ جو ڀيڻ سان اختلاف آهي.

هاڻي محبت ۽ الفت پيدا ٿئي ته ڪيئن؟ شايد اهو جذبو، هن وقت عنقا ٿي چڪو آهي، جنهن جو نالو ته سڀني ٻڌو آهي، پر آهي ڇا، سو ڪنهن کي به پتو يا پروڙ نه آهي.

خبر نٿي پوي ته عدم توازن ۽ عدم تعاون جي اهڙي عالم ۾ اسان جو نظام زندگي ڪيئن برقرار رهي سگهندو، جڏهن ته ڪوبه معمولي جزو به پاڻ ۾ ڪشش ۽ يگانگت نه هئڻ ڪري زنده نٿو رهي سگهي، تڏهن هيڏي ساري سنسار جو انتظام بغير ڪنهن توازن ۽ اصول جي ڪيئن هلي سگهندو؟

انتظام فقط اتحاد ۽ اتفاق ڪرڻ سان قائم رکي سگهجي ٿو. ۽ ظاهر آهي ته ان قسم جي جماعتبنديءَ لاءِ سڀ کان اڳ، الفت جو عنصر پيدا ڪرڻو آهي، جنهن جي ڪشش ڪري هر چيز جا مختلف اجزاء ڪشجي ۽ ڇڪجي اچي هڪٻئي ۾ گڏجن ٿا، ـــ ۽ ان کان پوءِ منجهانئن هڪ بلڪل نئين شي نڪري نروار ٿي ٿئي. انهيءَ نئين شي جي نروار ٿيڻ بعد، اسان کي انهن چيزن جي زندگيءَ جو يقين ٿئي ٿو. ان نئين شي کي اسان 'جمعيت' ڪوٺي سگهون ٿا. جمعيت يعني مختلف جزن جو گڏجي، ڪنهن نئين شئي ٺاهڻ جو اصول. اهو اصول ڪائنات جي تمام عناصر سان هڪجهڙو لاڳو آهي. جمادات، نباتات ۽ حيوانات سان گڏ، السانذات مان به اهو شرط لاڳو آهي ته جيسين انهن مان هرهڪ پنهنجي جدا جدا جزن کي گڏي، اتفاق ڪري، پاڻ کي وڏيڪ پسنديده شئي يا زياده مضبوط نظام نه پيدا ڪيو آهي، تيسين انهن جو صفحهء هستيءَ تان ميٽجي وڃڻ، بلڪل لازمي امر آهي.

ساڳئي اصول مطابق، انسانن ۾ 'آدميت' پيدا ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن منجهن 'اجتماعيت' جو روح جاڳي اٿي ٿو، تڏهن انسانيت جو ضمير زنده ٿيو پوي، جو انهن جي مجموعي مفاد

Gul Hayat Institute

لاءِ هرهميشه برسر پيڪار رهي ٿو. اهڙيءَ طرح، اتحاد سان انتظام ۽ انتظام سان زندگيءَ جا چشما ڦٽي نڪرن ٿا، جي مرده جسمن ۾ به جان وجهيو ڇڏين.

ان جي برعڪس بي‌اعتماديءَ ۽ بي‌اتفاقيءَ، عدم تعاون ۽ انتشار ڪري ايتري‌ئي تباهي ۽ بربادي ايندي آهي، جيتري اتفاق ۽ اتحاد ڪري انسانذات جي تعمير ۽ ترقي ٿيندي آهي، يا ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي.

انسان جو مُرده جسم، ان اصول جو زنده مثال آهي. زندگي يعني اتحاد ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، هڪ عضوي جو ٻئي سان تعاون ٽٽيو پوي. پوءِ سَنڌَ، سَنڌَ ڪان ۽ جزو، جزي ڪان جدا ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

اسان چوندا آهيون تہ مرده جسم مان بدبوءِ ٿي نڪري، اها بدبوءِ ڇا آهي! مرده جسم جي منتشر ٿيل باريڪ جزن مان جڏهن الفت جو انگ ختم ٿيو، تڏهن هو پنهنجي اجتماع ڪان عليحده ٿي، اسان جي سِنگهڻ جي حس تائين پهچن ٿا ۽ اسان بدبوءِ محسوس ڪريون ٿا. حالانڪ ساڳيا جزا هرزنده جسم ۾ به موجود هئا، پر جسم سان سندن گـَهري تعلق ۽ تعاون هئڻ ڪري، ان ڪان اڳ هو عليحدا ٿي، اسان تائين نٿي پهتا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ اها فقط اتحاد ۽ اتفاق جي برڪت هئي، جنهن زنده جسم ۾ بدبوءِ لئي پيدا ٿيڻ ڏني. اهو ڪو ڪتابي علم ناهي،—اها برڪت ان جذبہءِ الفت جي آهي، جو اسان جي احساس ڪي جاڳائي ٿو. روءِ زمين تي ڪابہ شي ان جي ڪشش ڪان سواءِ، پنهنجو وجود برقرار رکي نٿي سگهي.

جيئن اڳ چيو ويو آهي تہ مرده جسم مان الفتي انگ نڪرڻ ۽ باهمي اتحاد ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ان ۾ بدبوءِ پيدا ٿيو پوي، بلڪل ساڳي حالت، نسل انسانيءَ سان لاڳو آهي.

هرڪٽنب، قبيلي يا قوم جي باهمي محبت ختم ٿيڻ ڪان پوءِ، ان مان جذبو ۽ جان نڪري ٿا وڃن. ان ڪان پوءِ لازم آهي تہ منجهس 'انتشار ۽ بدبوءِ' پيدا ٿين. ڇاڪاڻ جو منجهس زندگيءَ جو آهم ترين جزو، باقي نہ رهيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ 'انصاف' يا ڪنهن بہ ٻي چڱيءَ خصلت جي طاقت ان کي مرده ٿيڻ ڪان بچائي نٿي سگهي.

اسان کي پنهنجي قوم جي مجموعي نمولي ۾ مذمت ڪرڻ جي بجاءِ انفرادي طور پاڻ کي بہ ڏوهہ ڏئي پاڻ مان خود پسندي ۽ خودغرضيءَ واريون خواهشون ڪيڍڻ گهرجن. اسان کي پنهنجي جان سان محبت ڪرڻ جي بجاءِ، ٻين کي گهُرڻ ۽ انهن سان تعاون ڪرڻ گهرجي.

هن وقت هيءَ حالت آهي جو اسان مان هرهڪ پاڻ کي پسند ڪرڻ، ۽ پاڻ کي پوڄڻ ۾ پورو آهي. عملي دنيا ۾، ڪنهن ٻئي سان، اسان جو بيغرضانہ تعلق رهيو ئي نہ آهي. جيڪڏهن ڪو الفت يا محبت جو ڪڏهن ڪو اڪر ڪٿي ٻڌي ٿو، تہ سمجهي ٿو تہ اهو فقط پَرين ۽ جيڻن جي آڪاٿيءَ سان تعلق رکي ٿو، ۽ ان جو هن عملي دنيا سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. بقول مرزا حيرت: "پاڻ کي پوڄڻ ڪان بهتر آهي تہ اسان بُتن جي پرستش شروع ڪري ڏيون!"

شاهہ لطيف جو خيال آهي تہ جن 'جُنگَن' سچ پچ ذاتي غرض کي ترڪ ڪيو آهي ۽ جن الله سان دل لڳائي آهي، انهن سان ملڻ بہ وڏي سعادت آهي.

مون سي ڏٺا ساءِ، جـن هو ڏٺو پرين کي،
رهي اڄجي راتڙي، تن جُنگن سندي جاءِ.

جنهن معاشري ۾ ايڏو ڏڦيڙ هجي، جو پاڻ، پاڻ کي نہ سهي سگهي، ان جو جلد کان جلد خاتمو ٿيڻ بيحد ضروري ۽ لازمي آهي.

قدرت جو هر قانون، پنهنجيءَ جاءِ تي اٽل ۽ ناقابل درگذر آهي؛ جنهن کان عالم جي مخلوقات جو ڪوبہ جزو انحراف ۽ روگرداني نٿو ڪري سگهي. ان قانون مطابق ڪنهن بہ بَني بشر، توڙي ڪنهن ٻي مخلوق کي باهمي الفت جي قانون ٽوڙڻ بعد، خطہءِ زمين تي رهڻ جو حق نٿو رهي. جيڪڏهن ان قسم جي تخريب بدران تعمير ڪئي وڃي ٿي، تڏهن تہ قدرت بہ ان لاءِ اهڙو انعام عطا ڪري ٿي.

اسان ڏٺو تہ هڪ غليظ ڦُڙو، جڏهن جسم انساني جي ٻين جزن سان اشتراڪ عمل ڪري ٿو، تڏهن پورن نوَن مهينن ۽ ڏهن ڏينهن بعد، ان ۾ بہ زندگي پيدا ٿيو پوي.

ساڳئي وقت، مرده جسم جا جزا، جڏهن منجهائن جان نڪري وڃي، تڏهن هڪٻئي کان الڳ ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن، ۽ جيڪڏهن ميت، جلد زمين اندر دفن نہ ڪري ڇڏجي، تہ جيڪر سندس هڪ هڪ جزو ٻئي کان عليحدو ٿي ڦاٽي پوي.

بعينه اها حالت اسان انسانن ۽ پنهنجي سوسائٽيءَ سان لاڳو رهي ٿي. جيڪڏهن اسان کي زنده رهڻو آهي تہ پوءِ لازمي طور تي، هڪٻئي سان تعاون ڪرڻو آهي. انهيءَ ۾ اسان جي پنهنجي مرضيءَ جو ڪوبہ دخل نٿو رهي. ڇالاءِ، تہ جيڪڏهن زبان سان اسان 'انسانذات' کي هڪ 'انسان ڪبير' ڪري ڪوٺيون، ۽ ڪائنات کي 'شيخ الاڪبر' سان تشبيهہ ڏيڻ جي تبليغ ڪئي تہ ان سان عملي طور تي ڪوبہ مطلب بارآور نہ ٿيندو. ان جي بجاءِ اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو آهي تہ 'عدم تعاون' جي عام فضا ۾ اسان ايندڙ تباهيءَ ۽ موت کان ڪيئن پاڻ بچايون. ٻيءَ صورت ۾ ظاهر آهي تہ اسان کي فقط هن دنيا جي هر حسين شي ۽ فنڪارانہ شاهڪار تان دستبردار ٿيڻو پوندو، جي سمورا لطيف جذبن جي پيداوار آهن، بلڪ جلد کان جلد هن صفحہءِ هستيءَ تان ميٽجي وڃڻ لاءِ آماده ٿيڻو پوندو. 'خس ڪم جهان پاڪ'.

جا شي قدرت جي ڪنهن اٽل قانون مطابق عمل پذير ٿيڻي آهي، اها پنهنجي مقرر وقت تي ضرور ايندي ۽ ٿي رهندي. ان کان بچڻ جي فقط هڪ صورت آهي، تہ اسان سان هرهڪ انفرادي طور سوچي تہ آءٌ بذات خود ڪيئن ان اصول جي پابندي ڪريان. ٻئي جي خواهشن ۽ طبعي لاڙن ۾ ڪنهن جي دستاندازيءَ ڪرڻ جو ڪوبہ ضرور ناهي. هرهڪ کي پنهنجو نقطہءِ نظر آهي.

مٺائيءَ کي جيڪڏهن مڇيءَ جي ڪِيڪاٽ مان فرحت اچي ٿي ته ان کي مَوتيا گُل آڇڻ مان ڪهڙو سود؟ پنهنجي طبيعت مطابق، هرڪو پنهنجي ذوق جي تڪميل ڪري؛ ليڪن بهرحال قدرت جي انهن بنيادي اصولن کان ڪنهن به صورت ۾ روگرداني نه ڪري، جو اسان جي زندگيءَ جو "اهم جزو" آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي "موت" مان ملاقات ڪرڻ جي خواهش آهي، ته پوءِ ڪيس ان سان به ملڻ جي موڪل هئڻ گهرجي.

اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪابه ذليل خواهش، هرشخص لاءِ پنهنجي سر شرم جو باعث هئڻ گهرجي.

دنيا جي هيترين حَسين شين مان جڏهن هن کي ڪابه پسند ڪرڻ جي اجازت آهي، ۽ پوءِ به هو پاڻ لاءِ ڪا خراب شي پسند ڪري ٿو ته پوءِ اها سندس قسمت!

اصل ۾ قوم جي ماڻهن جي خواهش کي ئي "تهذيب" ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. پنهنجي پسند اسان کي جتي 'بهترين انسان' بنائي سگهي ٿي، اتي 'بدترين حيوان' بنجڻ جو پڻ ان مان هرمهل امڪان آهي.

Gul Hayat Institute

جي. ايم. سيد

محبت جي ورکا

["محبت جي ورکا" سنڌ جي مشهور اهل قلم ۽ محب وطن شخصيت، جناب جي.ايم. سيد صاحب جي اها تحرير آهي، جنهن ۾ پاڻ، سنڌ جي ٽن مشهور صوفي بزرگن سخي قبول محمد سائين، صوفي عبدالستار جهوڪ واري ۽ ميين عبدالرحيم ملاڪاتيار واري، جي سوانح سان گڏ، سندن پيغام جو تعارف ڪرايو اٿن، ۽ هندو ڀڳتن ۽ سنتن مان، مشهور ڀڳت ڪنور رام جي سوانح ۽ پريم - ڀڳتيءَ جو ذڪر ڪيو اٿن.

اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي صوفي درويشن جي پيغام ۽ تعليم ۾ بين الاقوامي انساني قدرن جي ترجماني موجود آهي. سندن خطاب پوري انسانذات ڏانهن آهي. انهن تزڪيه نفس سان گڏ، مساوات ۽ ڀائپي، برادري ۽ برابري، امن ۽ ايمان، محبت ۽ اصلاح جي تعليم ڏني آهي. انهن وٽ اسلام ۽ اسلامي تصوف جو تعبير، هڪ بين الاقوامي، اصلاحي ۽ اخلاقي نظام آهي، جنهن جو بنياد ۽ مرڪز، 'وحدت ۽ انسانيت' آهي.

"عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ"

جناب شاهه صاحب، سياسي مسئلن کان پري رهي، سنڌ جي تصوف ۽ صوفين جي سوانح ۽ تعليم تي، ڪيترا مفيد ۽ روح آفرين ڪتاب لکيا آهن، جي ڇپجي رهيا آهن.

اميد ته 'مهراڻ' جي پڙهندڙن لاءِ، سندن هي جامع ۽ مختصر مضمون، نه فقط بصيرت افروز ثابت ٿيندو، پر ان سان گڏ، سنڌي صوفين جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ حال ۽ خيال، عمل ۽ اخلاق، تعليم ۽ پيغام کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ڪيئي نيون راهون پڻ ڏسيندو.

ڪاش! سنڌي بزرگن جي ان پيغام کي عام ڪرڻ جي ڪا صورت پيدا ڪئي وڃي، ڇا لاءِ ته انهن جو پيغام، امن ۽ ايمان جو پيغام آهي ۽ اڄ انسانذات کي فقط ان جي ضرورت آهي. — غ. م. گرامي]

صوفي قبول محمد صاحب ولد خواجه نجم الدين فاروقي، درازا

انسانذات جي رهبريءَ ۽ هدايت، اتحاد ۽ امن، ترقيءَ ۽ تهذيب لاءِ، جي راهون ۽ رستا رٿيا ويا آهن، مذهب جو انهن ۾ مکيه درجو آهي.

مذهب جون ٻه تشريحون پيئي ڪيون ويون آهن:

هڪڙيءَ جو واسطو عام ماڻهن جي ضروريات، حالات ۽ نفسيات جي بنياد تي رٿيل رسم، رواج، عبادات ۽ قانونن سان پئي رهيو آهي، جنهن کي عام طور شريعت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ٻيءَ تشريح جو لاڳاپو رموز حقيقت ۽ اسرار ڪائنات جي کوجنا، اتحاد انساني ۽ امن عالم جي مقصد، ذهني صلاحيت ۽ روحاني ترقيءَ جي معلومات سان ٿئي رهيو آهي، جنهن کي عام طور تصوف جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن ٻوئينءَ تشريح جا چاڙو هرملڪ جي رهاڪن، هرقوم جي ماڻهن ۽ هرمذهب جي پوئلڳن اندر موجود ٿي رهيا آهن. جن جا مقصد ۽ مرادون ساڳيا هئا. انهن چاڙن اڪثري محدود دائري اندر مخفي طور سينه بسينه رازن ذريعي انهيءَ تعليم کي راسخ العلم، اهل نظر ۽ صاحب دل ماڻهن ۾ ٿي پکيڙيو آهي. مسلمانن انهي گروهه کي صوفياي ڪرام جي لقب سان منسوب ڪيو آهي. اهڙن بزرگن جا هرملڪ ۽ زماني ۾ ادارا رهيا آهن.

سنڌ ۾ به اهڙا ادارا يا خانقاهون رهيون آهن. رواجي طرح سان ته ساري سنڌ درويشن ۽ وليّن جي درگاهن سان ڀري پيئي آهي؛ جن ۾ ڪيترائي حميده اخلاق وارا، برگزيده صفات پيران طريقت ۽ بزرگان دين ٿي گذريا آهن-جن جون درگاهون اڄ تائين مرجع عام ٿي رهيون آهن ۽ انهن جي سلسلن ۾ هزارين بلڪ لکها معتقد منسلڪ آهن.

پر هتي صرف صوفي ادارن جو ذڪر ڪرڻ مقصد آهي. سنڌ ۾ اهڙن ادارن جا چار مرڪز هئا.

(١) سيوهڻ ۾ **قلندر لال شهباز** جي درگاهه.

(٢) جهوڪ ۾ **شاهه عنايت صوفيءَ** جي خانقاهه.

(٣) ڀٽ تي **شاهه عبداللطيف** جو آستانو.

(٤) درازن ۾ **سچل سرمست** جو ميڪده عشق.

اهي ادارا منهنجي نظر ۾ انهيءَ بين‌الاقوامي برادريءَ جون شاخون آهن، جن جو وجود هرملڪ ۽ هرزماني ۾ ٿي رهيو آهي.

انهن جا متا ۽ مقصد ساڳيا رهيا آهن، ليڪن طريقه ڪار علحده هئا.

هڪڙن علم يا گيان کي ترجيح ٿي ڏني ته ٻين عشق يا ڀڳتيءَ کي رهبر راهه ٿي بنايو.

هتي آءٌ درازن جي اداري جو ذڪر ڪندس، جنهن سان سخي قبول محمد جو تعلق هو.

ان سلسلي جو باني خواجه محمد حافظ عرف صاحبڏنو هو، ليڪن ان تحريڪ کي زور وٺائڻ جو سهرو سچل سرمست جي سر تي سونهين ٿو.

اهي صاحب فاروقي خاندان مان شمار ڪرڻ ۾ اچن ٿا، جن جو وڏو، ميان شهاب‌الدين، چيو وڃي ٿو ته سنه ٩٣ هجريءَ ۾ محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيل هو، جو سيوهڻ ۾ رهي پيو، ۽ ان جي پوين مان ميان ابوسعيد لڏي اچي راڻيپور جي ڀر ۾ ويٺو. سندس مقبرو راڻيپور مڪان مرسيجي ۾ آهي. اهو شيخ بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ جو، سندس خليفي شيخ جمار جي ذريعي مريد ٿيو. سندن سلسله طريقت سهروردي هو.

انهي مخدوم ابوسعيد جي نائين پيڙهيءَ ۾ خواجه محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو پيدا ٿيو.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته هي ڀريائين حڪومت جي نوڪريءَ ۾ هو. پوءِ هڪ مجذوب عورت جي هن گفتي تي ته ”خدا توکي ٿو ڳولي، تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين؟“ جذبي ۾ اچي، نوڪري ڇڏي، جهنگل وسائي ويٺو، ۽ شاهه عبيدالله قادريءَ جي صحبت ۾ اچڻ بعد راز حقيقت معلوم ڪري، سندس طريقو اختيار ڪيائين.

ميان صاحبڏني کي ٻه فرزند عطا ٿيا:

(١) ميان عبدالحق اول. (٢) ميان صلاح الدين.

ميان عبدالحق والد جي مسند تي ويٺو. سندس پاڻ کي هڪ فرزند ٿيو، جنهن جو نالو ڏاڏي جي نالي پٺيان عبدالوهاب رکيو ويو. ليڪن سندس چاچو ڪيس پيار کان ’سچل‘ سڏيندو هو، جنهڪري سندس اهو نالو مشهور ٿي ويو.

اهوئي صاحب هو، جنهن صوفيائي تعليم کي سندس جد امجد حضرت عمر فاروق وانگر نتاري جي چوٽ تي کليو ڪلايو ظاهر ڪيو.

جيڪڏهين غور سان ڏسبو، ته سندس تعليم جا مقصد هيٺيان ٿي هئا:

(١) وحدت الوجود جو اظهار.

(٢) وحدت انساني جو پرچار.

(٣) وحدت مذاهب جو ذڪر اذڪار.

سچل سرمست انهن مقصدن جي حصول لاءِ **عشق کي رهبر راهه** بنايو.

درحقيقت عشق، حسن، حق ۽ خير جي ڳولا جي بي‌انتها جذبي ۽ خواهش جو ٻيو نالو آهي. سچي عاشق جي نظر ۾ خدا حَسين آهي، ۽ ان جي پيدا ڪيل هرشيءِ ۾ حُسن ازلي سمايل آهي.

هو ذات حقيقيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن وجود کي تسليم ڪونه ٿو ڪري. هن وٽ ذات هڪ آهي، ٻي سڀ صفات آهي.

انسان سڀ ان جو مظهر آهن. هو حَسين جي هر مظهر ۾ حسن ڏسي ٿو.

هن وٽان ڪاري گوري، چڱي مَدي، جا تفاوت ميٽجي وڃن ٿا.

”نه منجهه ڪفر نه منجهه دين،
عشق لڳيئي تہ ڪر آمين.“

جو ڪلمون سندس زبان تي جاري رهي ٿو.

ظاهر جا اختلاف هو پلجيو وڃي، دوئي ڪڍيو ڇڏي، سڀ جاءِ تي ٻرين پيو پسي.

سچل سائينءَ جي تعليم جو لب لباب اهو هو. ان کان پوءِ درازا انساني برادريءَ ۽ مذهبي وحدت جو مکيه مرڪز ٿي ڪم اچڻ لڳو.

سچل سرمست جو اولاد زنده نه رهيو. سندس چاچي کان پوءِ انهيءَ اداره عشق جا مدار المهام يا عام زبان ۾ جاءِ نشين هيٺيان ٿيا:

(١) سخي قبول محمد اول.
(٢) خواجہ نظر محمد.
(٣) خواجہ نجم الدين.
(٤) سخي قبول محمد دوم- جنهن جي زندگيءَ جو احوال هتي ڏجي ٿو، سو پنجون نمبر مسند نشين هو.

سخي ميان قبول محمد سنہ ١٢٦١هہ مطابق سنہ ١٨٤٢ع ۾ درازن جي ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. هن ابتدائي تعليم رائيپور جي هڪ مولويءَ ۽ سندن عزيز ميان عبدالقادر فقير وٽ سنڌيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ورتي.

سندن والد خواجہ نجم الدين، ٽيويهن سالن جي ڄمار ۾ سنہ ١٢٧٢هہ ۾ وفات ڪري ويو، جڏهين هي اڃا ٻارهن ورهين جو مس هو. ان ڪان پوءِ ڪين درگاهہ جي مسند تي ويهاريو ويو. مسند نشينيءَ ڪان پوءِ پاٺ پڙهڻ ڇڏي ڏنائون. سارو وقت ذڪر فڪر ۾ گذارڻ شروع ڪيائون. هي بزرگ، پرهيزگار، ڪم سخن ۽ صاحب حال شخص هو.

اڪثر درگاهن جي سجاده نشينن وانگر، هي به درگاهہ جي مقرر ڪيل حد ڪان ٻاهر نہ نڪتو. هن جي مسند نشينيءَ جو جملي عرصو ايڪهتر سال رهيو.

هن انهيءَ عرصي ۾ سچل سرمست جي شروع ڪيل تحريڪ کي نئين سر منظم ڪيو. سندس ڪشش ۽ ڪوشش سان وٽس جملي مذهبن جا ماڻهو بنا ڪنهن فرق جي ڪٺا ٿي، صوفيانہ تعليم جي بنيادي متن ۽ مقصدن مان واقف ٿيڻ لڳا. هتي اچي تہ هرڪو سگهيو ٿي، ليڪن ان مان فيضياب صرف زندهہ دل ۽ صاحب نظر ٿيا ٿي.

اٿان جاءِ نهين ڪنهين دي اوڻ دي،
رَيءَ عشق ٻاجهون لئي پاوڻ دي.

ان وقت سنڌ جو تعليم يافتہ طبقو ٽن گروهن ۾ ورهايل هو:

(١) مُلن ۽ پنڊتن جو: جن مان اڪثر فرقي پرست، تنگ دل، ڪوتاهہ نظر هئا.

(٢) ڪامورو ڪلاس: سخي صاحب وٽ پوئين گروهہ جا ڪيئي فرد اچي ڪٺا ٿيندا هئا. پر بدقسمتيءَ سان انهن جو گهڻو حصو، نوڪرين، اضافن، اولاد، ملڪيت وغيره جو زياده طالبو هو. تنهنڪري انهن ذريعي گهڻو ڪجهہ ٿي نہ سگهيو.

پر انهيءَ گروهہ جي وسيلي اهو فائدو ٿيو، جو هي آواز ڪاليجي پروفيسرن، شاگردن، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميمبرن تائين وڃي پهتو، جنهنڪري سنڌ جا هندو ۽ مسلمان فرقہ پرستيءَ جو ايترو شڪار نہ ٿيا جيترو ٻين ملڪن جا هندو مسلمان ٿيا.

مون کي سائن ملاقات جو موقعو ٦- آڪٽوبر ١٩٢٤ع تي شيخ بهاءالدين ايڪسائيز انسپيڪٽر مالجهند، ساڪن شڪارپور جي ذريعي ٿيو.

ڪلاڪ ڪن سندس مجلس عام ۾ ۽ ڏهه منٽ خلاصگائيءَ ۾ ملاقات ٿي.

ان وقت آءٌ تصوف جي مکيه متن ۽ مقصدن مان واقف ڪونه هوس. درويشن ۽ بزرگن جي زيارت جي شوق مون کي ڇڪي نيئي اتي پهچايو هو.

سندس مجلس عام ۾ ڪابه گفتگو ڪانه ٿي. سخي صاحب کٽ تي سارو وقت استغراق جي حالت ۾ وينو رهيو. طالب صوفيانه ڪلام چوندا رهيا. مجلس برخاست ٿيڻ بعد وري ڪجهه وقت ڪان پوءِ چبوتري ۾ ملاقات ٿي. پاڻ سڪوت ۾ هئا. بهاول فقير تعارف ڪرائي، دعا گهري. نگاهه مٿي ڪري، اکيون مٿي ڪٽي، دعا ڪيائين.

سندس نوراني شڪل، سفيد ريش، سبز دستار، پرسڪون چهرو، پراسرار اکيون اڃا تائين نٿيون وسرن.

هن وقت جڏهن ڪيئي سال گذري ويا آهن ۽ صوفيانه تعليم جي مکيه متن ۽ مقصدن جو ٿورو پتو پوڻ لڳو آهي، تڏهن آءٌ سمجهان ٿو ته دعا گهرڻ وقت سندس اکيون مٿي کڻي نهارڻ جو دعا جي اجابت ۾ وڏو حصو آهي.

آنانڪ خاڪ را بنظر ڪيميا ڪنند،
آيا بود ڪ گوشهء چشمي بما ڪنند.

هن وقت مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿئي ٿي ته ڪيترا ماڻهو ان تعليم جي سمجهڻ ۽ سوجهڻ ڏي توجهه ڏيئي رهيا آهن.

سنڌ صوفين جو ملڪ آهي. ان جي تهذيب ۽ تعليم صوفيانه آهيٺ

اها سنڌ جي وڏي خدمت ٿيندي، جيڪڏهين انهيءَ تعليم جي مکيه متن ۽ مقصدن جي لاءِ وڏيڪ کوجنا ڪئي وڃي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ منصور، شمس تبريزيءَ ۽ عطار جو اڪثر ذڪر اچي ٿو. اهي ايران جا رهاڪو هئا، جن قديم ايران، يونان، هند ۽ مصر جي مذهبي ۽ تهذيبي قديم ورثي سان گڏ، مسلمان صوفين وٽان اسلامي تصوف جا پڻ ڪيئي نڪتا حاصل ڪيا هوندا. ان ڪري انهن سيني هنڌن جي مذهبي ۽ تهذيبي روايتن ۽ تعليم سان گڏ درويشن ۽ ويدانتي فقيرن ۽ مسلمان صوفين جي ملفوظات ۽ سوانح حيات ۽ صوفيانه اصولن کي مطالع ڪرڻ ۽ انهن جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪان پوءِ ئي اها کوجنا مڪمل ٿي سگهندي.

سخي صاحب کي چار فرزند ٿيا:

(۱) ميان محمد بچل، (۲) ميان محمد پريل، (۳) ميان صاحبڏنو، (۴) ميان رستم علي.

پهريان ٻه سندن حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويا هئا. جنهنڪري سندن ۲۳- ذوالقعد سنه ۱۳۴۳ هه مطابق ۱۵- جون ۱۹۲۵ع تي وفاتيءَ ڪان پوءِ، سندن جاءِ تي ميان صاحبڏنو مسند نشين ٿيو.

صوفي عبدالستار صاحب ولد پير غوث محمد صاحب، جهوڪ

هيءُ صاحب سنڌ جي مشهور صوفي شاهه عنايت عرف شاهه شهيد جو آئون نمبر سجاده نشين هو.

آءٌ سخي قبول محمد صاحب درازن واري جي احوال ۾ تصوف جي متن ۽ مقصدن، طريقڪار وغيره بابت مختصر بيان ڪري آيو آهيان. اهو به ٻڌائي آيو آهيان ته صوفيائ ڪرام هڪ انساني وحدت واري بين الاقوامي اداري جي پيغام جا حامل آهن، ۽ انهن جون درگاهون انهيءَ اداري جون شاخون آهن. اهو به ٻڌايو اٿم ته سنڌ ۾ اهڙا چار مرڪز هئا، جن ۾ قلندرشهباز عليه رحمت کان پوءِ نمبر جهوڪ ۾ شاهه عنايت جي خانقاهه کي ملي ٿو. ان ۾ اهو به ڄاڻايو اٿم ته خواجه محمد حافظ عرف ميان صاحبڏني، شاهه عبيدالله قادريءَ کان فيض حاصل ڪيو هو.

اهو شاهه عبيدالله ان شاهه عبدالملڪ جو پاڻُ هو، جنهن کان شاهه عنايت جهوڪ واري کي فيض مليو.

شاهه عنايت الله مخدوم فضل الله جو فرزند هو، جو سنڌ جي مشهور درويش مخدوم صدولانگاهه جي اولاد مان هو.

"گلدسته صلحاء سورت" ۾ شاهه عبدالملڪ قادريءَ جو هڪ سلسله طريقت هيٺينءَ طرح بيان ڪيو ويو آهي:

شاهه عبدالملڪ قادري - شيخ شاهي - شيخ بهاوالدين - مخدوم ابوالفتح - مخدوم ابراهيم - شيخ شمس الدين - بهاءالدين دولت آبادي - ابوالعباس احمد - مير حسن - سيد موسيٰ قادري - سيد علي قادري - سيد محمد بغدادي - سيد حسن بغدادي - سيد محمد صنود بغدادي - ابو صالح نصر فخرالدين سيد عبدالرزاق - سيد عبدالقادر جيلاني.

تاريخ "تحفة الڪرام" واري لکيو آهي ته شاهه عبدالملڪ دکن جو رهاڪو هو.

سيد حسام الدين راشدي "گلدسته صلحاء سورت" جي حوالي سان ڏيکاريو آهي ته "سلسله طريقت ۾ هي ڇهين واسطي سان شيخ بهاءالدين دولت آباديءَ سان لاڳاپو رکندڙ هو."

دولت آبادون چار آهن: هڪ **اورنگ آباد** (دکن) جي پر ۾ آهي، هڪ **افغانستان** ۾، ۽ ٻه **ايران** ۾.

Gul Hayat Institute

اورنگ آباد جي پرواريءَ دولت آباد ۾ شيخ بهاءالدين ۽ شيخ شمس الدين جون مزارون آهن، جي مون هندوستان جي سير وقت ۳-جولاءِ ۱۹۳۱ع تي ڏٺيون هيون. انهن تي ساليانو عرس ۹-ذوالحج تي ٿيندڙ آهي.

ممڪن آهي اهي ساڳيا بزرگ هجن، جن کي "تذڪره اولياء سنڌ" واري شيخ شهاب الدين ۽ شيخ فتح محمد جي واسطي سان حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جندالله بن شيخ يوسف ٻاڻائي سنڌيءَ جو فيض يافته ڄاڻايو آهي، جو پوءِ وڃي برهانپور ۾ ويٺو هو، جتي ان جي مزار آهي.

ساڳي "تاريخ تحفة الڪرام" جي مصنف پنهنجي "طومار سلاسل طريقت" ۾ جيڪو شجرو ڄاڻايو آهي، تنهن ۾ هن ڪي شيخ عزيزالله جي واسطي سان شيخ ميرانجي برهانپوريءَ تائين وڃي ٿو. ان ڪان پوءِ شيخ علي خطيب احمد آباديءَ جي معرفت، مخدوم جهانيان جهان گشت جي ذريعي، حضرت بهاءالدين زڪريا ملتانيءَ جي معرفت، شيخ شهاب‌الدين سهرورديءَ تائين پهچائي ٿو.

ساڳئي مير علي شير قانع پنهنجي ٻيءَ تصنيف "معيار سالڪان طريقت" (تصنيف سنه ۱۲۰۲ ه) ۾ شاه عنايت کي شاه عبدالملڪ جو مريد ڄاڻائيندي، وري شيخ عزيزالله جي واسطي سان شيخ علي خطيب احمد آباديءَ تائين پهچائي، شاه عالم بخاري گجراتيءَ تائين پهچائيندي، قادري سلسلي جو ڄاڻايو آهي.

انهن شجرن ۾، ٿوري گهڻي اختلاف هئڻ ڪري، وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي.

هيٺ اُهي انهيءَ اداري طرفان جو انقلابي نظريو، صوفياي سنڌ جي سامهون پيش ڪيو ويو، ان جو ذڪر ڪندس.

طريقت جي ڄاڻن طرفان تصوف جا ٻه نظريا پيش ڪيا ويا ٿي، جن ۾

(۱) هڪ اهو هو ته مذهب اسلام آخري، مڪمل ۽ جداگانه دين هو، ان جي اچڻ بعد ٻيا سڀ دين منسوخ ٿي ويا هئا. ديني ۽ دنيوي نجات انهيءَ جي ذريعي حاصل ٿيڻ واري هئي. تنهنڪري شريعت اسلامي جي پيرويءَ ڪان سواءِ طريقت بيڪار هئي. خدا شناسيءَ لاءِ به بزرگان دين جي ٻڌايل رستن تي هلڻ ضروري هو.

(۲) ٻين جو چوڻ هو ته

سڀني مذهبن جي ظاهري مختلف شريعتن جي پويان پيغام وحدت سمايل هو. جملي پيغمبرن، رشين، فيلسوفن جا متا ۽ مقصد بنيادي حيثيت سان ساڳيا هئا. سندن شريعتن جو ظاهري اختلاف ملڪي حالات ۽ ضروريات، ماڻهن جي ارتقاي مدارج ۽ سمجهه مطابق عارضي ۽ فروعي هو. اسلامي شريعت انهن جي عارضي، ۽ فروعي اختلافن ۽ تحريف ۽ تبديل جي ڪري، انهن جو نعم‌البدل بڻي آهي، ان ڪري انهن شريعتن جو مسخ ٿيڻ ۽ منسوخ ٿيڻ لازمي امر هو. ان صورت ۾ به، رموز حقيقت ۽ اسرار ڪائنات جي ڳولا جي سلسلي ۾، تصوف جا بنيادي متا، اتحاد انساني، امن عالم ۽ حقيقت شناسي، بنيادي طرح سان وڏي اهميت رکن ٿا. انهن جي مرڪزي حيثيت تي سڀئي مذهب ۽ فلسفا اچي جمع ٿين ٿا. اصل ۾ اها جامعيت ئي اسلامي شرع جو اجتماعي روح آهي، جنهن تي اهل تصوف پنهنجي مقصد جو بنياد رکيو آهي. ان ڪري انهن پنهنجو مقصد **وحدت انساني** رکيو، جنهن جي جواز ۾ هتي وحدت‌الوجود ۽ وحدت مذاهب جي نظرين ڪان ڪم ورتو ويو. ان حقيقت جي تشريح مثنوي مولانا روم، توڙي شاه ولي‌الله جي ڪتابن، ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي تحريرن ۾ موجود آهي. انهن جي تاويلات کي ڪي اهل شرع سلسلا تسليم ڪن ٿا، جنهن جو تفصيل ڪتابن ۾ موجود آهي.

منهنجي ناقص خيال موجب ڪيترا سنڌ جا صوفي بزرگ سنڌس بنيادي ستن ۽ مقصدن جا پوئلڳ هئا.

بدقسمتيءَ سان شاهه عنايت جو شعر، ملفوظات يا تصنيف ڪانه ٿي ملي سگهي، جنهنڪري سنڌس تعليم بابت تفصيل سان ذڪر ڪري سگهجي.

ليڪن سنڌس چشمه فيض مان سيراب ٿيل هيٺين بزرگن جي ڪلام مان سنڌس تعليم جو پتو ڪڍي سگهجي ٿو:

(١) **سيد جان الله شاهه رضوي،** روهڙي

(٢) **روحل فقير، ڪنڊڙي** تعلقو روهڙي

(٣) **فقير قادربخش بيدل،** روهڙي

(٤) **سيد رکيل شاهه صوفي،** فتحپور گنداواهه، سبي

(٥) **صادق فقير صوفي،** عمرڪوٽ.

(٦) **سيد قطب شاهه صوفي،** جهانيان، حيدرآباد

(٧) **نواب ولي محمد خان لغاري،** تاجپور

(٨) **درياهه خان فقير،** خيرپور

(٩) **خيرمحمد خان فقير هيسباڻي،** خيرپور

(١٠) **دلپت صوفي،** روهڙي

اڄ سخي قبول محمد جي احوال ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته پيغام وحدت ۽ محبت انسانيءَ جي مقصدن جي حصول لاءِ صوفياي ڪرام ٻه طريقا پئي اختيار ڪيا آهن:

١- علم جو، ٢- عشق جو.

شاهه شهيد ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻنهي طريقن کي ڪتب آندو آهي. جنهن جو پتو ان مان پوي ٿو ته سنڌس طالبن صفاتي شعر کان ذاتي ڪلام طرف گهڻو توجهه ڏنو آهي.

صفات مجاز آهي. ذات حقيقت آهي.

هيٺ اڄ سنڌس پوئلڳن جي ڪلام مان ڪي حوالا سنڌس متن ۽ مقصدن جي ثبوت ۾ ڏيندس.

١- وحدت الوجود — **دلپت**

هرشي دي وچ تونهين وسيا ‎ اپنا آپ ڇپايئہ ڪيون!
اندر باهر تونهين وسيا، ‎ باورا لوڪ ڀلايئہ ڪيون!

٢- وحدت مذاهب — **روحل فقير**

هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،
انڌن اونده نہ لهي، ٿن کي سچ چوندو ڪير،

Gul Hayat Institute

"روحل" راهہ پرين جي، جڏهين گهمي ڏنوسون گهيڙ،
تہ رب سڙني ۾ هيڪڙو تنهن ۾ ڦند نہ ڦير.
جي ٻپر ۾ پرميسر تہ ٻپر ۾ ڪو ٻيو؟

بيدل فقير

بحر عميق مين جوئي پوسي،
دين ڪفر دا دفتر ڌوسي.

---

٣. پاڻ سڃاڻڻ

بيدل فقير

پاڻ پنهون تون آهين، ڪيچ ويئين ڇو ڪاهي!
خلق الآدم عليٰ صورته، غير خدا جو ناهين.

---

٤. ڏوئي ڪڍڻ

بيدل فقير

بيدل ڳالهہ وحدت دي من تون، طلسم وهم دوئي دا ڀن تون؛
وچ عروج نزول دي ڪهن تون، لذت آوڻ جاوڻ دي.

---

٥. عشق کي رهبر راهہ ڪرڻ

بيدل فقير (سرائڪي ۾)

عشق هے پير پيغمبر ميڏا، عشق هے هادي رهبر ميڏا،
عشق هے حيدر صفدر ميڏا، عشق هے ميڏي پشت پناهہ.

بيدل فقير (فارسيءَ ۾)

مي رسد هردم بگوش جان من پيغام عشق،
ڪاي فلان گر ترڪ جان سازي بنوشي جام عشق.

---

٦. وحدت انساني

بيدل فقير

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪفر ۽ ايمان،
مظهر مولا پاڪ جو، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، اڇو ۽ ڪارو،
لينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هڪڙو.

ان وقت جي تصوف جو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي جو وحدت الوجود جي عينيت پسند نظرئي تي قائم هو. جنهن موجب ڪائنات ۽ مخلوقات سڀ الله پاڪ جو مظهر ڪري مڃيا ويا آهن. سنڌ جي تهذيب ۽ ڪلچر صوفيانہ آهن. ان جي واقفيت لاءِ شاهہ عنايت جي آستاني جو سلام ضروري آهي. درويش ظاهري جامو بدلائي ويا آهن، پر انهن جي اوتارن مان اهوئي آواز اچي رهيو آهي. ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارن جي کوٽ آهي.

Gul Hayat Institute

انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ شاهہ شهيد جي ائين نمبر جاءِنشين ميان عبدالستار جي شخصي زندگيءَ جو احوال پيش ڪندس.

هي سن ١٩٠٢ع ۾ ڄائو هو. جهوڪ شريف جي شهر ۾ ئي سنڌي تعليم ورتائين. ان کان پوءِ مولوي نوازعلي خيرپوريءَ وٽ پارسي ۽ ٿوري عربي پڙهيائين. پوءِ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين، ليڪن ڪتابن جي مطالعي جو کيس ڪافي شوق هوندو هو ۽ چڱو ذخيرو ڪتابن جو گڏ ڪيائون.

سندن والد جي وفاتيءَ بعد کين مسند تي ويهاريو ويو.

هي پنهنجي بزرگن جي نيڪ روايت قائم رکيو آيو. هندو مسلمان درگاهہ تي ايندا رهيا.

شاهہ شهيد جي درگاهہ تي ساليانو ميلو تاريخ ١٧- صفر مهيني تي لڳندو آهي، جنهن موقعي تي درگاهہ جا اڪثري طالب اچي حاضر ٿيندا آهن ۽ راڳ ۽ سماع جون مجلسون قائم ٿينديون آهن.

صوفي ميان عبدالستار، عابد، حليم، خوشخلق، تعصب ۽ دوئيءَ جي خرابين کان خالي، ڪم آزار ۽ يارويس بزرگ هو.

سندس صحبت ۾ راحت پيئي ايندي هئي. رات جو اڪثر فقير ارجنداس کان صوفيانہ ڪلام ٻڌندو هو. سندس خوراڪ ۽ پوشاڪ نهايت سادا هوندا هئا.

منهنجي ساڻس ملاقات ١٩٢٦ع ۾ ميران محمد شاهہ (مرحوم) جي معرفت ٿي، جنهن سان هن جا دوستانہ تعلقات هوندا هئا.

١٩٢٩ع ۾ جڏهين ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ طور آءٌ دادا چيتمل سان گڏجي، جهوڪ ويو هوس تڏهن ڏاڍيون روح رهاڻيون ٿيون. پوءِ اڪثر پيو ملڻ ٿيندو هو.

آخر عمر ۾ اڪيلائيءَ ۾ ۽ ذڪر فڪر ۾ رهڻ کي گهڻو پسند ڪندو هو.

پاڻ ٢٣- جمادالثاني سنہ ١٣٨١هہ روز ڇنڇر مطابق ٢- ڊسمبر ١٩٦١ع تي وفات ڪيائين.

کانئس پوءِ سندس جاءِ تي، هن وقت سندس فرزند ميان ارشاد عباس مسندنشين آهي.

هيءُ صاحب نوجوان، فضيلت جو صاحب، خانداني روايات جو قائم ڪندڙ آهي. خدا ٿل کيس عمردراز ڏئي، اڳين جي جلايل جوت کي زنده رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

Gul Hayat Institute

ميان عبدالرحيم صاحب ولد ميان ولي محمد صاحب درس ملاڪاتيار

سنڌ هڪ مردمخيز ملڪ آهي، ان جي سرزمين ڪيئي بزرگ پيدا ڪيا، جن جون مزارون ۽ مقبرا ان جي گوشي گوشي ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

ڪو وقت اهڙو بہ هو، جو هتي جا درويش ۽ عالم لاهور، دهلي، برهانپور، گجرات، ڪڇ بلڪ عرب تائين وڃي پيغام حق جو آواز بلند ڪندا هئا.

ليڪن 'تِلڪ الاَيّام نداوِلُها بَينَ النّاسِ' اڄ اهي مڙهيون ۽ مڪان خالي نظر اچن ٿا. بقول شاهه عبداللطيف عليه الرحمة:

ويا سي وڻجهار، هيرو لعل وندين جي،
تنين سندا ٻويان، سيهي لهن نه سار،
ڪُٽين ڪٽُ لهار، تنين سندي پيٽين.

وارو حال آهي.

انهن جاين تي نه اڄڪلهه ذڪر الاهي آهي، نه تزڪيه نفس ۽ حميده اخلاق جي تعليم آهي. محبت جي جاءِ تي ڪلفت ڪاهجي پيئي آهي.

اِنهيءَ اُنيهين اونداهيءَ ۾ جي ڪٿي ٻاهڙي ٻرندي ڏسبي آهي، ته روح کي راحت پيئي ايندي آهي.

هيءُ بزرگ انهن ڏونهين ڏڪائيندڙن مان هڪ هو، ۽ سنڌ جي هڪ ڪنڊ ۾ خاموش زندگي گذاري رهيو هو.

ساڻس منهنجي ملاقات اوچتو ۽ اتفاقاً ٿي.

ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ جي زماني ۾، منهنجا ڪراچيءَ جي هڪ انگريز ڪليڪٽر مسٽر گبسن سان اختلاف پيدا ٿي پيا. ان وقت آءٌ ڪانگريس ۾ هوس. هن مون کي هيسائي، لوڪلبورڊ مان ڪڍڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ان ۾ هو ڪامياب ٿي نه سگهيو. ان ڪري هن پيو ڪو چارو نه ڏسي، ڪونڊي ٽپو، جنهن جو آءٌ رهاڪو هوس، لکپڙهه ڪري نئين دادو ضلعي سان لاڳو ڪرائي ڇڏيو. سندس انهن ارادن کي شڪست ڏيڻ خاطر دوستن جي صلاح سان آءٌ پنهي ضلعن ۾ لوڪلبورڊ ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيٺس.

پنهنجي تڪ مان بنا مخالفت جي چونڊجي آيس. ليڪن ڪراچي ضلعي جي جهرڪ تڪ مان سرڪاري گروهه هڪ مڪاني وڏيري کي اميدوار بيهاريو. ووٽر سڀ انهيءَ طرف جا هئا. انهيءَ مڪاني اميدوار جي خلاف بيهي ته رهيس، ليڪن حالتن موجب ڪاميابي مشڪل پئي نظر آئي.

اليڪشنن ۾ فتح ۽ شڪست لازم ملزوم شيون ٿين ٿيون. پر هتي منهنجي شخصي فتح ۽ شڪست جو سوال نه هو، پر سرڪاري گروهه ۽ مخالف گروهه جو سوال هو، ان ڪري جملي دوستن مون کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هرطرح جو زور لڳايو. ليڪن ظاهري طرح ڪو خاطرخواهه نتيجو ڪونه نڪتو ٿي.

هڪ ڏينهن جڏهن آءٌ شال جي اراضيءَ ۾ هوس، چاچو حاجي عبدالحڪيم شاهه لڪڙ وارو هن بزرگ کي چاڙهي اچي آتي نڪتو.

مون کي چيائين ته "تنهنجي مدد لاءِ اهو بزرگ وٺي آيو آهيان، جنهن جو هن ملڪ تي ايڏو اثر آهي، جو هن کي ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. سڄا سارا ٽيهه سال هو پنهنجي خانقاهه کان ٻاهر نه نڪتو آهي. هينئر منت ڪري وٺي آيو آهيانس".

درويش ڏنم — تو ر ڳالهائو، سندس اکيون خمار ۾ ٻنانشي جي پريل هيون. مون کي خيال ٿيو ته هھڙي بزرگ کي هن معاملي لاءِ تڪليف نه ڏيڻ کپندي هئي. شاهه صاحب وڏي فرمايو ته هن کان سواءِ قصو نهڻ وارو ڪونه هو.

سندس اچڻ جو ٻڌي تر جا سڀئي ماڻهو، مخالف اميدوار سوڌا اچي سندس خدمت ۾ ڪٺا ٿيا. انهن هن کان پڇيو ته ”سائين تون نه اچئو نه وڃئو، ڪيئن اچي نڪتو آهين!“

چيائين: ”ابا، ولي محمد، توکي شاهه جي فائدي ۾ هٿ ڪٽائڻ آيو آهيان.“ وڌيڪ چيائين ته ”ابا، مون فقير کي انهن ڳالهين سان دلچسپي ڪانه آهي، ليڪن مون کي ٽن ڳالهين لوڙهي چڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو:

(١) حاجي عبدالحڪيم شاهه جهڙي پير مرڊ، باهمت ۽ با اخلاق سيد اچي صبوح جو منت ڪئي. اسان کي فيض رسول جي دروازي تان مليل آهي، ان جي اولاد کي انڪار ڪري نٿي سگهيس.

(٢) پيو ته شاهه صاحب چيو ته جنهن اميدوار جي مدد لاءِ هو مون کي وٺي ٿي آيو، اهو خدمت خلق جو جذبو رکندڙ ۽ با اخلاق نوجوان آهي.

(٣) هو حڪومت وقت جي دٻاءُ اڳيان سرنمائڻ کان انڪار ڪري بيٺو هو.

اهڙين حالتن ڪري اچي نڪتو آهيان.“

اميدوار ۽ ان جي طرفدارن يڪدم هائوڪار ڪئي، ۽ اڳ بنامخالفت جي ڪامياب ٿي ويس.

ان کان پوءِ هن مون کي مقابل ٿي چيو ته:

”ابا، مون درويش جي هيءَ نصيحت ياد ڪري ڇڏج:

”خلق خدا جي خدمت جو ڪم هٿان نه ڇڏج، سنڌي سڀاجهڙا اٿئي انهن جي پارت اٿئي.

انهن جي خدمت ڪندي جي مشڪلاتون سامهون اچنئي ته مڙس ٿي مقابلو ڪج. ڏسجئين مٿان لالچ ۾ لڙهي ۽ ڏڪي پر ڊجي وڃين. سچ جي ٻيڙي لڏندي پر ٻڏندي ڪانه. الله جي مدد ۽ اسان درويشن جون دعائون توسان شامل رهنديون.“

مون بروقت وعدو ڪيو ته ”سائين دعا ڪجو، ٻنهي حالتن هيٺ حق جي پاسي کي نه ڇڏيندس.“

هن وقت هو بزرگ گذر ڪري ويو آهي. ان ڳالهه کي ٻتيهه ورهيه گذري ويا آهن. ان وچ ۾ ڪيترن مقابلن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. پر خدا جي لطف ۽ درويشن جي دعا سان همت نه هاري اٿم.

هن وقت طبيعت بيچاق، دل جي بيماريءَ ڪري ڪوبه سخت ڪم ڪرڻ جهڙو نه آهيان. ان حالت هيٺ ڪيئي دفعا ڪمزوري پئي محسوس ٿي آهي، پر اهڙن وقتن تي هن درويش جون پر خمار اکيون اچي نظر سامهون بيهنديون آهن ۽ ڪمزور کي نوشدارو جو ڪم ڏيئي، تازو توانو ڪري ڇڏينديون آهن. هن وقت منهنجي حالت هيئن آهي.

Gul Hayat Institute

آڏو آڙيچن کي چڪڻ ۽ چاڙهڻ،
مون مُنيءَ کان نہ ٿئي، وڏيڻ ۾ ورلاڙ.

ليڪن غيب کان ڪنن ۾ آواز گونجي رهيو آهي تہ:

هٿين ڀرين، مونڙين ڪهج ڀر ڪپار،
متان ڇوري ڇڏئين، ڀريٽي ڀچار.

اهڙو آواز وريو جوانيءَ جو جوش تازو ۽ همت کي مضبوط ڪريو ڇڏي. دل ۾ يقين ويهي ويو آهي تہ:

”هن سپاجهڙي سنڌ ۾ ان جي رهاڪن لاءِ سگهوئي واءَ سڻاوا لڳندا، واهوندا وسندا، ترَ برَ وسندا، سڪل ڀتَ ساوا ٿيندا، ڏک ويندا، سک ايندا.“

انهيءَ اميدن تي ڀيو هلان.

هن مختصر تعارف کان پوءِ، هن درويش جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪريان ٿو.

سندس وڏا ڪلهوڙن جي حڪومت کان اڳ سڪريلا ڍنڍ ضلعي ٿرپارڪر کان لڏي اچي ملاڪاتيارن ۾ وينا هئا.

ميان صاحب جو ڏاڏو محمد قاسم عليہ رحمت، حضرت غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتانيءَ جي سلسلي جو فيض يافتہ ۽ سهروردي طريقي جو بزرگ هو. پر سندس والد کي امانت لواري وارن نقشبندي بزرگن کان ملي. پاڻ نقشبندي طريقي جي تلقين پنهنجي والد ميان ولي محمد کان ورتائون.

ميون عبدالرحيم صاحب سن ١٢٩٢هہ ۾ ڄائو هو. هن فارسي سڪندرنامي تائين ۽ ڪجهہ عربي بہ پڙهي هئي. فقہ، حديث ۽ تفسير مان چڱو واقف هو.

سندس والد جي انتقال، کان پوءِ، هي ان جي مسند تي ويٺو. طريقت جا سبق والد کان ورتا هئائين.

هي درويشن جي انهيءَ گروهہ مان هو، جي جيتوڻيڪ وحدت وجودي فڪر جي مکيہ صوفياي ڪرام وانگر بين الاقوامي وسعت نظر نہ رکندا هئا، پر صاحب شريعت بزرگ هئا. صرف تزڪيہ نفس ۽ اخلاق جي درست ڪرڻ جو مشغلو هوندو هون، پر تعصب، فخر ۽ دوئيءَ کان آزاد هئا. پاڻ سارو وقت ڳوٺ ۾، ياد الاهي ۽ معتقدين جي تربيت ۾ گذاريندا هئا. هن وٽان ڪيترا ماڻهو فيض يافتہ ٿي نڪتا، جي اڄڪلهہ پنهنجي ترَ ۾ مرجع خاص و عام آهن. انهن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) حاجي بشام فقير بروهي، تعلقو ڪپرو.
(٢) ميان غلام احمد صاحب ملڪاڻي (دادو)، سندن والد کان ذڪر ورتو هو.
(٣) سيد مهرشاهہ، ڄام مراد علي خان جو ڳوٺ، ملير.
(٤) حاجي نارو فقير بروهي، ڪپرو.

Gul Hayat Institute

(٥) پير سيد علي اڪبرشاهہ جيلاني، لوني (مارواڙ).
(٦) ميان حاجي محمدصاحب، چوٽياري، جنهن جو خاندان هن وقت مديني شريف ۾ آهي. ڪين ٽي فرزند ٿيا، جن مان ميان محمداسحاق وڏو آهي.
پاڻ اڪثري گوشہ نشينيءَ ۾ گذاريندا هئا، ڀهرينءَ ملاقات ڪان پوءِ هڪ دفعي سندن خدمت ۾ ملاڪاتيار ۾ وڃڻ ٿيو. هڪ ڪکن جي لانڊيءَ ۾ زمين تي نهايت سادگيءَ ۾ ويٺل هئا.
اڪيون ساڳيءَ طرح خماريون پيون هيون. مون، بنا نشي جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڪرشنا مورتيءَ ڪان سواءِ، اهڙو خمار ڪونہ ڏٺو آهي. سندس مجلس ۾ ويهڻ بعد هيٺين مصرع ياد پوندي هئي:

ويڻي جنين وٽ، ڏڪندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا. (شاهہ)

پاڻ ٣-صفر سن ١٣٥٩هہ مطابق ١٣-مارچ سن ١٩٤٠ع تي وفات ڪيائون. ان وقت سندن عمر چاهٺ ورهيہ هئي.
ڪانئن پوءِ سندن جاءِ تي سندن وڏو فرزند ميان محمداسحاق مسندنشين ٿيو، جنهن کي هڪ فرزند محمدقاسم عرف غلام مصطفيٰ نالي سان آهي.

ڀڳت ڪنوررام ولد ڀائي تاراچند، ڳوٺ جروار، ميرپورماٿيلو

سنڌ، صوفين ۽ درويشن جو ملڪ آهي، جيئن اڳ عرض ڪري چڪو آهيان. انهن سنتن ۽ صوفين جا مکيہ مقصد
(١) نظريي ۾ وحدت الوجود جي تعليم، (٢) اتحاد انساني لاءِ ڪوشش، ۽ (٣) جملي مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار، پئي رهيا آهن، ۽ انهن مقصدن جي پڪيڙڻ لاءِ اصل ڪان هنن بہ طريقا پئي اختيار ڪيا آهن: هڪڙو گيان جو، ۽ ٻيو ڀڳتيءَ جو.
صوفين ۽ درويشن جي گهڻي حصي، هرهنڌ، عشق يا ڀڳتيءَ جي ذريعي مٿين مقصدن جي حصول لاءِ ڪوشش پئي ڪئي آهي.
سنڌ جي ڳوٺن کي جنهن چڱيءَ طرح گهمي ڏٺو هوندو، ان کي پتو آهي تہ ڳوٺن ۾ ڳائڻا ۽ ڀڳت چيريون پايو يڪتارا ڪنيو، انهيءَ صوفيانہ تعليم کي، جا هندو مسلم درويشن شعر جي صورت ۾ آندي هئي، گهر گهر پهچائي رهيا آهن.
شاهہ عنايت عليہ الرحمۃ ۽ سچل سرمست جي مسندنشيني جي احوالن ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ انهن جي طالبن ذريعي ڪهڙيءَ طرح سندن ڪلام سنڌ ۾ پکڙيو.
بلڪل ساڳيءَ طرح گرونانڪ، ڪبير ڀڳت ۽ ميران ٻائيءَ جو ڪلام، جنهن جو مقصد بہ ساڳيو هو، سنڌ اندر پکڙبو رهيو.

ڳوٺ ڳوٺ ۾ گردوارا، ٽڪاڻا، اداسين جون سماڌيون ۽ آستان هئا ۽ آهن، جن جي ذريعي پريم جو پيغام پکڙبو رهيو. سنڌ ۾ ڪيئي سنت پيدا ٿيا، جن جو ڪلام هندن توڙي مسلمانن ۾ پکيڙبو ويو.

سوامي مينگهراج، بهاولپور جي احمدپور ڳوٺ مان شڪارپور ۾ اچي، مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ رهيو. وڏو ودوان ۽ ڪوي، گڻوان ۽ پريمي ڀڳت هو.

ان جي سنگ ۾ ڀائي چئنراءِ گهڻو ڪجهه پرائي شعر چوڻ لڳو، جنهن کي ”ساميءَ جي سلوڪن“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ازان سواءِ هندن مان دلپت صوفي، سائين پاروشاهه، وسڻ ڪموت ۽ ڪيترن ٻين سنتن جو نالو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهي.

جهڙيءَ طرح مسلمان صوفي، اهڙي طرح هندو سنت ساڳي ذڪر ڪيل ٽن مقصدن ۾ سچيندڙ هئا. سيني کي پتو هو ته واٽون ڪئي ويهه هجن پهچڻ واري جاءِ ساڳي هئي. هنن کي پتو هو ته تصوف ۽ ويدانت هڪئي مقصد جا ڳولا آهن.

هنن جڏهين ايڪتا جو نالو ٿي ورتو ته ان مان منش جاتي مراد هين ۽ نه ڪي قومون ۽ فرقا. هنن هندو، مسلمان، ڪرستان وغيره کي هڪ وڻ جي ٽاري يا هڪ بدن جا جزا ڪري ٿي سمجهيو. هنن کي مذهبن جي ظاهري گهٽائيءَ بدران باطني وحدت پيئي پرکڻ ۾ آئي.

هو پريم جا پرچارڪ هئا، تنهنڪري جنهن ڪلام ۾ ساڳيو حق جو پيغام هو، سو بيڌڙڪ ڳائيندا هئا.

ڪنوررام ڀڳت به انهن مان هڪ پريم پرچارڪ هو. ڀڳت ڪير آهي، ڀڳتي مارگ جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن، ان جو بيان، تيرٿ بسنت، ڀڳت ڪنوررام جي جيون چرتر لکندي ڪيو آهي. ان جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

(۱) ”وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ“ پاڻ کي خوديءَ کان خالي ڪري مرڻ ۾ مشاهدو ماڻڻو آهي.

(۲) جسماني ۽ نفساني لذتون ۽ خواهشون ترڪ ڪري، اندر کي اجارڻو آهي.

(۳) نيڪ عمل ڪرڻا آهن.

(۴) سچو رهبر هٿ ڪرڻو آهي.

(۵) دل کي محبت سان ڀرڻو آهي.

(۶) ذڪر فڪر ۾ وقت صرف ڪرڻو آهي.

(۷) ٿورو ڳالهائڻ، ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ ۽ ايڪانت ۾ گذارڻو آهي.

(۸) وڏائيءَ يا فخر کي ڦٽو ڪرڻو آهي.

(۹) رضا تي راضي رهڻو آهي.

Gul Hayat Institute

(١٠) سڀ ۾ ڀرين پسڻو آهي.
(١١) ٻين کي سمجهائڻ عيوض پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.
(١٢) اهو ڀتو رکڻو آهي ته عقل، عشق بنا بيڪار آهي.
(١٣) صداقت ۽ سچائيءَ کي هٿان نه ڇڏڻو آهي.
(١٤) ٻين جي عيبن ڏسڻ جي عيوض پنهنجن عيبن کي پروڙڻو آهي.

انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ ڀڳت ڪنور جي زندگيءَ جو احوال پيش ڪجي ٿو.

هي سکر ضلعي جي جروار ڳوٺ، تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ رهندڙ هڪ مسڪين واڻئي ڀائي تاراچند جو فرزند هو. سندس والده جو نالو شريمتي تيرٿ ٻائي هو.

چون ٿا ته هنن کي ڀائي سترامداس جي دعا سان هي پٽ ڄائو هو، تنهنڪري ڇهن سان ڀائيءَ جي حوالي ڪيائونس.

هي سن ١٨٨٥ع ڌاري ڄائو هو. ڀائي سترامداس پاڻ ڀڳت هو، صوفيانه ڪلام چوندو هو. ڪنوررام عربي سنڌي لکي نه ڄاڻندو هو. گرمکيءَ ۾ لکندو هو. گائڻ ودّيا حيات پتافيءَ جي ڳوٺ واري دربار جي شيواڌاريءَ ڀائي هاسارام کان سکيو. وڏي ٿيڻ بعد هي اچي ڀائي سترامداس وٽ رهڻ لڳو ۽ سائس گڏ ڀڳت وجهندو هو.

ڀائي سترامداس جي ديهانت کان پوءِ هو جدا ڀڳت ڪرڻ لڳو، پر جتي ڀڳت لاءِ ويندو هو ته ڀائي سترامداس جي آکه جو ماڻهو وٺي ان جي آڳيا سان ڀڄن ڀاءُ ڪندو هو.

سندس والد هن جي شادي، ڀائي اوتومل منگهرياڻين واري جي نياڻيءَ سان ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ ڪرائي.

هن کي هڪ پٽ آهي، جو اڃا تائين جروار جي ڳوٺ ۾ رهندو آهي. ڀڳت صاحب شڪل ۾ سهڻو هو، اکيون رونق واريون هيس، سندس آواز ۾ حد درجي جو ميٺاج ۽ درد هوندو هو.

هن جي ڪلام ۾ اهڙو تاثير هو، جو ڪنوررام جي ڀڳت جي ڀتي پوڻ تي، هزارن جي تعداد ۾ آسپاس کان هندو مسلمان اچي سندس راڳ ٻڌڻ لاءِ ڪٺا ٿيندا هئا. هي اڪثري ٻارهين بجي رات کان پوءِ ڳائيندو هو ۽ صبوح تائين پيو ڳائيندو هو. جيئن رات ڀڄندي هئي، تيئن هن جو اثر وڌندو ويندو هو.

اهي ڀري کان آيل ماڻهو ساري رات ويهي راڳ ٻڌندا هئا. راڳ پوري ٿيڻ کان اڳ انهن مان ڪوبه ٻاهر نه نڪرندو هو. سندس راڳ ۾ گهڻو حصو صوفين جو ڪلام هوندو هو. مون کي رڳو ٻه دفعا سندس ڪلام ٻڌڻ جو موقعو مليو. هڪ دفعي سنّ جي شهر ۾، ٻئي دفعي مانجهندن ۾ ڀائي ڏرمداس جي دربار ۾. اهي ٻئي دفعا جڏهين ياد پوندا آهن، ته حافظ شيرازيءَ جي هيءَ مصرع اچي ياد پوندي آهي.

Gul Hayat Institute

چہ بانگ بود کہ بنواخت مطرب عشاق!
کہ رفت وقت هنوزم دام پر از غوغا ست!

اچا تائين جڏهين ريڊيو تي سندس هيءَ ڪافي ٻڌندو آهيان.

"اڄ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون کي تن ماروئڙن جي"

ته ان وقت جي ڪاڻ ڪانئيندو هجان يا پڙهندو هجان، ته ٻئي چڏائي ويندا اٿم. ڪنهن اونهي غور ۽ فڪر ۾ پئجي ويندو آهيان. ڪيئي خيال دل تي تري ايندا آهن ۽ ڳهٽيئي ستل سور جاڳي پوندا آهن. اهو وقت جي موڊ (رجحان) ۽ طبيعت جي لاڙي تي مدار رکي ٿو ته ڪهڙيون ڳالهيون ۽ ڪهڙا مارو ياد اچن. انهيءَ مصرع ۾ ٽي لفظ پُر معنيٰ آهن. **ڪانگ، ڳالهه ۽ ماروئڙا.**

(۱) **ڪانگ** کي شاهه صاحب قاصد، پيغام نيندڙ، خوشخبري آڻيندڙ، پرين پرچائيندڙ، غيب جون خبرون پهچائيندڙ ۽ ستا سور جاڳائيندڙ ڪري ظاهر ڪيو آهي.

(۲) **ڳالهه** لفظ جون به ڪيئي معنائون ڪيون وڃن ٿيون. مثلاً قصو، ڪهاڻي، مخفي راز، غيب جا احوال، ماضيءَ جون يادگيريون، مستقبل جا خواب، دردن جا داستان، قديم روايات، تهذيب ۽ تمدن جو ذڪر، همنفس ۽ همجنس دوستن کان دوري، مارئيءَ جا ديس ۾ معصومانه ۽ سادي زندگيءَ جا زمانا. ان ۾ اهي سڀ اچي وڃن ٿا.

(۳) **مارو** لفظ مان ٻيلو، ديسي، دوست، عزيز، همخيال ۽ همجنس ۽ ساٿيءَ جون معنائون نڪري سگهن ٿيون.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "پٽڙ پراڻي سور سيڪا پنهنجا روئي." مون کي ان وقت ڪنهن مهل گذر ڪري ويل دوستن، عزيزن ۽ پيارن جي يادگيري اچيو پوي.

ڪنهن وقت ويل ديسين، دوستن، همنفس ساٿين، جنم کان گڏ گذاريل وارن سنگتين سان ڪيل ملاقاتن، رس رهاڻين، سندن ڇڏيل نڪائن، ٽولن، ڪتابن، روايتن جي يادگيري اچيو ستائي.

ڪنهن وقت هندن مسلمانن جو شاديءَ غميءَ ۾ اچڻ وڃڻ، عاشورن، عيدن، ڏياريءَ، دسهڙن جي موقعن تي وندون ورهاستون، پيرن، فقيرن، ساڌن، سنتن جون مجلسون، تصوف ۽ ويدانت جي بنياد تي پيدا ٿيل عقيدا اچيو ياد پون، ۽ انهيءَ سڀ جي مقابلي ۾ هاڻوڪو جو زمانو اچيو سامهون بيهي.

ڪنهن مهل سنڌ جي قديم سڀيتا، موهن جي دڙي جو تمدن، سومرن ۽ سمن جي دور جون ڳالهيون — سسئي پنهون، مومل راڻي، ليلا چنيسر، عمر مارئي، دودي چنيسر، ڄام تماچي ۽ نوريءَ جا داستان اچيو سامهون بيهن.

ڪنهن مهل سنڌ جي راءِ گهراڻي، سومرن، سمن، ڪلهوڙن، بلوچن جي زماني واري آزاديءَ جا واقعا اچيو اکڙين سامهون بيهن.

Gul Hayat Institute

مطلب **سنڌ جو ڪانگو** ڪنور ڀڳت، ڪهڙي **ڳالھ** ۽ ڪهڙا **مارو** ٿو ياد ڏياري، اهو موقعي ۽ محل تي مدار ٿو رکي.

اها ڪافي درياھ خان فقير ڪنڊڙيءَ واري جي چيل آهي. جو شاھ عنايت صوفيءَ جي طالبن مان هو.

ڀڳت ڪنور نانڪ پنٿي سلسلي سان واسطو رکندڙ هو. هڪ جو پيغام ٻئي جي آواز سان گڏجي اهو ترنم ٿو پيدا ڪري، جنهن جي خبر صرف "لڳيان واليان نون" کي پئجي سگھي ٿي.

اڪثر ڳائيندڙ ڳائڻ واري پيسي تي گذران ڪندا آهن، پر ڀڳت ڪنور ان مان هڪ پائي به پنهنجي ڪتب نه آڻيندو هو. سندس گذران دڪان ۽ واپار تي هوندو هو. مليل پيسو انڌن، منڊن، غريبن، محتاجن، يتيم ٻارن، ۽ بيوه عورتن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندو هو. ان ۾ هندو مسلم جو فرق نه رکندو هو.

هي ڪلام ماڻهن جي تفريح طبع ۽ دل وندرائڻ لاءِ نه چوندو هو، پر سنڌ جي صوفيانه ڪلچر جي پيغام پهچائڻ لاءِ پرچارڪ ٿي ڳائيندو هو. ان ۾ **پيار وچار، پيار سيکاڙڻ، محبت ۽ اخلاص** جا سبق سمايل هوندا هئا.

ڀڳت صاحب جي حياتيءَ تي هڪ ناياب ڪتاب شري تيرٿ بسنت لکيو آهي. ان جي پڙهڻ لاءِ آءٌ ڀڳت ڪنور رام ۽ سنڌي تهذيب جي پياسن کي مشورو ڏيندس.

چوڻ ۾ اچي ٿو ڪنوررام جڏهين مانجهدن جي ميلي تان ٿي، دادو لتو ۽ اتان ٻيءَ گاڏيءَ ۾ سکر وڃڻ لاءِ رڪ اسٽيشن تي پهتو، ته گاڏيءَ ڇٽڻ بعد ڪيس پير صاحب پرچونڊي جي مريد جانمحمد جلباڻيءَ انتقام طور، بندوق هڻي قتل ڪري وڌو. ڇا لاءِ ته ان کان اڳ، سکر ۾ پير صاحب پرچونڊي شريف جي فرزند کي، ڪن آرين، تعصب وچان مارڪُٽ ڪئي هئي، ۽ مشهور مهاسڀائي ليڊر، ڊاڪٽر مونجي، هڪ عام جلسي ۾ تلوار هٿ ۾ ڪٿي، مسلمانن جي خلاف اشتعال پيدا ڪيو هو. گاڏيءَ ۾ علاج نه ٿيڻ ڪري ٻاگڙجيءَ جي اسٽيشن تائين رت ڇڏي، انتقال ڪري ويو.

سکر، روهڙي، ٻين شهرن ۾ هن جا ماتمي سرگس نڪتا. اهو حادثو ۲-نومبر ۱۹۳۹ع تي سرزد ٿيو. سندس اکيني سنسڪار جروار جي ڳوٺ ۾ ڪيو ويو.

هن قسم جا واقعا، سنڌ جهڙي صوفياڻي زمين تي ڪٽرپڻي جي دور جو چڻ آغاز هئا. ۽ ان کان پوءِ مسجد منزلگاھ جي تحريڪ ۾ ڪن اشتعال پسند ماڻهن طرفان، هندن-مسلمانن جي وچ ۾ حد کان وڌيڪ ڏڦيڙ ۽ وير وروڌ پيدا ٿيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سکر ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ خونريز قتلام ٿيو ۽ هزارين بيگناھ، هندو ۽ مسلمان ۽ لکن جو مال ملڪيت، ان باھ جو ٻَڪُ ٿي ويا. ان سلسلي ۾ پروفيسر ڀمناڻي ۽ الهه بخش مرحوم جي قتل جا واقعا رونما ٿيا. بعد ۾ جي هندو مسلم فساد ٿيا ۽ خونريز واقعا پيش آيا، تن کان هرڪو واقف آهي.

اسان اڃا تائين اهڙن دورن مان لنگهي رهيا آهيون. جن ۾ انسانذات جي محبّت تي خود غرضي ۽ نفسانفسي غالب آهي. خبر نہ آهي ڪڏهين اهو سمو پورو ٿيندو. پر اميدون رکيو ويٺا آهيون تہ جنهن سرزمين، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، سامي جهڙا بزرگ پيدا ڪيا آهن، سا ضرور اخوت ۽ مساوات جا انساني ۽ عالمي قدر پيدا ڪندي. شاهہ صاحب چئي رهيو آهي تہ:

مٽئان ٿئين ملور، اڻون اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، پر حد ٻنهي جو هيڪڙي.

پريان حافظ شيرازي پيو فرمائي:

دور گردون بردو روزي بر مراد ما نگشت،
دائما يڪسان نہ باشد ڪار دوران غم مخوز.

Gul Hayat Institute

پير حسام‌الدين راشدي

ٺٽي ۽ ديبل جو تقابلي مطالعو

تاريخ طاهريءَ جي مصنف لکيو آهي ته ڄام نظام‌الدين تخت تي ويهڻ (٢٥- ربيع‌الاول ٨٦٦ هه) کان پوءِ ٺٽي جو شهر آباد ڪيو:

”بخاطرش رسيد ڪه شهر نو، بوقت اسعد بنا بايد ساخت ڪه آنجا، خرمي و خوشدلي هميشه و همه وقت بوده باشد. برهمنان و منجمان اختر شناس ساعت سعيد ديده، در اطراف و پيرامون سامونئي گرديده، جائي ڪه شهر ٺٽه است، آن زمين را پسند طبيعت داشته، بعرض جام بعرض نموده، بناء شهر ٺٽه نهادند........الخ“

ليڪن اهو قول صحيح نه آهي. ڄام نظام‌الدين جي زماني کان ڪم و بيش ٻه سؤ ورهيه اڳ ٺٽي جو شهر آباد ۽ سنڌ جو دارالسلام بڻجي چڪو هو.

لوور سنڌ ۾ جيڪي تاريخي شهر آهن، انهن مان اول ديبل ۽ ان کان پوءِ ٺٽي کي خاص اهميت ۽ شهرت حاصل رهي آهي. انهن ٻنهي شهرن جي سلسلي ۾، محققن جي درميان ڪئين مسئلا تصفيه طلب آهن، جن جو قطعي طرح اڄ سوڌو ڪو به فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. ان جو وڏو ڪارڻ هي آهي جو ڪنهن به ڪڏهن ٻئي انهن مسئلن جو حل تلاش ڪونه ڪيو آهي، اهي منجهيل مسئلا هن ريت آهن:

الف- ديبل انهن متعدد جاين مان واقعتاً ڪهڙي هنڌ آباد هو؟ جن ڏانهن قياس جي بناء تي سنڌ يالوجيءَ جي انگريز محققن اشارو ڪيو آهي.

ب- ديبل ڪڏهن برباد ٿيو؟

ج- ٺٽو ڪهڙي زماني ۾ آباد ٿيو، ۽ ڪير ان جو باني هو؟

د- ٺٽو جدا هنڌ تي آباد ٿيو يا ديبل جي ڊٺل ڍيرن مٿان اڏيو ويو؟

هه- تاريخن ۾ ”ديبل ٺٽو“ ڪٿ نظر اچي ٿو، ان جو مطلب ڇا آهي؟

اهي سوال طي ٿي سگهن ٿا، بشرطيڪ تحقيقات جا سمورا جديد ذريعا انهيءَ ڏس ۾ استعمال ڪيا وڃن.

هن هيٺ اسان سال وار اهي ماخذ پيش ڪيون ٿا، جن ۾ ديبل خواه ٺٽي جو ذڪر آيو آهي. تاڪ پڙهندڙن کي معلوم ٿئي ته مسلمانن جي ڪتابن ۾ — ديبل جو ذڪر ڪڏهن

ڪان شروع ٿيو: ڪهڙي زماني ۾ ان جو نالو تاريخ جي صفحن تان گم ٿيو: ان جو نالو سڀ کان پهرين ڪڏهن تاريخ ۾ آيو: ۽ ديبل جي ختم ٿيڻ ۽ ان جي نروار ٿيڻ ۾ ڪيترن سالن جو وقفو پيو.

ديبل:

١٥٠هه: طرائف الادبيہ: (مرتبہ: مولانا عبدالعزيز الميمني، مطبوع قاهره، سال ١٩٣٧ع، صفحو ١٠٢) خالد قنّاص جو نائون نونيہ قصيدو، جنهن کي "عروس" سڏيو ويجي ٿو، ان جي پهرين ٻن شعرن ۾ ديبل جو ذکر هن طرح آيل آهي:

عو جو اعلیٰ طلل بالقُفص خلّاني،
اقوي فقُطّانہ ءاراَل هيقان،
کالد بباياِت او اجل قراهيۃ،
من بين ءاحمد يرعا ها و يثران.

قُفُص (عراق جي تفريحي شهر) ڏانهن هلو! اي منهنجا دوستو! جيڪو ويران ٿي رهيو آهي، ۽ هاٿي منجهس شترمرغ جا ٻچا رهن ٿا. ديبل جي نيل ڳاين جيان، يا جنگلي نيل ڳاين وانگر، جيڪي لال رتيليون آهن. پاڻ جهڙن ڍڳن جي درميان ـــ شايد ان دور ۾ ديبل جي آسپاس نيل ڳايون رهنديون هيون، جن کي ديبل جي نسبت سبب "ديبليات" سڏيو ويو آهي. اهو شاعر ٻيءَ صديءَ هجريءَ جي وچ ڌاري هو.

٢٣١هه: المعجم ما استعجم: جي مصنف ابي عبيد عبدالله بن عبدالعزيز المتوفي ٤٨٧هه، ديبل جي تحت هڪ شعر آندو آهي (٣/٥٦٩) جنهن ۾ ديبل جو ذڪر آهي. اهو شعر ابن الاعرابي (محمد ابن زياد ١٥٠-٢٣١هه: زرکلي ٦/٣٦٥) کان ثعلب ٻڌو، جنهن کان ابوعمر (زاهد) ٻڌو، جنهن کان ڪتاب جي مصنف ٻڌي لکيو. شعر آهي:

کانّ ذراعہُ المشکولَ منہ،
سليبُ من رجال الدّيبلان.

انهيءَ مٽڪي جي منهن جي گِرنَوَ ٻڌي ويئي آهي، گويا ديبل جو ڪو (ڪارو) ماڻهو آهي، جنهن جا ڪپڙا لاٿا ويا هجن ـــ معلوم ٿو ٿئي تہ ديبل جا ماڻهو ڪارا هئا، جن جي ڪارڻ ڪي، شراب جي پراڻي مٽ جي اوڍي پڻ کي نمايان ڪرڻ لاءِ بطور تشبيه جي ڪم آندو ويو آهي. مصنف وڌيڪ لکي ٿو ـــ"اهو شعر هڪ مٽ جي تعريف ۾ آهي، مشڪول بمعنیٰ مشدود، ديبلان ڪاڻ آهي ڪارن جي."

٢٥٠هه: المسالک و الممالک: ٢٥٠هه- از ابن خرداز بہ المتوفي ٣٠٠هه.

٢٧٩هه: فتوح البلدان: بلاذري، المتوفي ٢٧٩هه.

٢٨٧هه: تاريخ يعقوبي: احمد بن يعقوب المتوفي ٢٨٧هه.

Gul Hayat Institute

۳۰۳هه: مروج الذهب: المسعودي، المتوفي ۳۴۶هه: هي ڪتاب ۳۳۲هه ۾ لکيو ويو ۽ پاڻ ۳۰۳ ڌاري هتي جو سفر ڪيائين.

۳۰۳هه: التنبيه و الاشراف: المسعودي، المتوفي ۳۴۶هه.

۳۳۱هه: صورت الارض: ابن حوقل، ۳۳۱هه ۾ هندستان آيو.

۳۴۰هه: المسالڪ و الممالڪ: اصطخري. ۳۴۰ ۾ هندستان آيو.

۳۷۲هه: حدود العالم: مصنف نامعلوم. ڪتاب ۳۷۲هه ۾ لکيو ويو.

۳۷۵هه: احسن التقاسيم: بشاري مقدسي. ۳۷۵هه ۾ ڪتاب لکيو ويو.

۴۱۶هه: ڪتاب الهند: ابوريحان بيروني، تاليف ۴۱۶هه.

۴۳۰هه: قانون مسعودي: ابو ريحان بيروني، المتوفي ۴۴۰هه. هي ڪتاب مسعود بن محمود غزنويءَ جي دور ۾ تصنيف ٿيو.

۴۸۷هه: المعجم ما استعجم: ابي عبيد عبدالله بن عبدالعزيز البڪري الاندلسي المتوفي ۴۸۷هه. ديبل جي سلسلي ۾ ڪتاب جي مصنف جو قول مٿي ڏنو آيا آهيون.

۵۱۰هه: فارس نامه: ابن بلخي، تاليف ۵۱۰هه کان اڳ. مؤلف ذڪر ڪيو آهي ته بهرام گور بن يزدگرد بن شاپور ساساني (۴۴۲-۴۶۵م) ڪي ديبل ڏاج ۾ مليو. (تاريخ گزيده، ڪامل ابن اثير ۽ تاريخ غورالسير، ثعالبي وغيره ۾ بہ اهو ذڪر آهي.)

۵۴۹هه: نزهت المشتاق: شريف ادريسي، ڪتاب سال ۵۴۹هه ۾ لکيو ويو. مصنف ۴۹۳هه ۾ ڄائو.

۵۶۲هه: ڪتاب الانساب: سمعاني، متوفي ۵۶۲هه.

۵۷۸هه: طبقات ناصري: سلطان شهاب الدين محمد غوريءَ (بن سام) جو — جنهن ۵۷۸هه ۾ سنڌ کي فتح ڪيو — ذڪر ڪندي، مصنف لکي ٿو: ...... و ديگر سال ڪه (شهور) سنه ثمان [وسبعين وخمسمائة] شد، سلطان غازي (محمد غوري) لشڪر بطرف ديول برد، و تمام آن بلاد ڪنار بحور را، درضبط آورد و اموال بستد و مراجعت فرمود ...... (۴۶۷).

۶۰۷هه: ساڳيو مصنف ملڪ ناصرالدين قباچه جي مذڪور ۾، جنهن (۲۲-جمادي الاول سن ۶۲۵هه يا ۱۹-جمادي الاخر) جو، سلطان شمس الدين التمش جي هراس کان پاڻ کي بکر جي قلعي تان درياهه ۾ اڇلائي خودڪشي ڪئي، لکي ٿو:

"ملڪ ناصرالدين قباچه بادشاهه بزرگ و بندهٔ سلطان غازي (شهاب الدين محمد بن سام غوري) بود ... بعد از حادثهٔ سلطان قطب الدين [ايبڪ ۶۰۷هه] بطرف اچه رفت شهر ملتان را ضبط ڪردند و سندستان و ديول تا لب دريا، جمله در تصرف او آمد. و قلاع و قصبات شهر هاء مملڪت سند راخود گرفت ..." (۴۹۲).

۶۱۳هه: چچ نامه: علي بن حامد الڪوفي، تاليف ۶۱۳هه.

٦١٨ھ: جلال الدين خوارزم شاھہ، چنگيزخان جي چڙھائيءَ سبب، ملڪ ڇڏي، ٨ شوال ٦١٨ھ جو سنڌ ۾ داخل ٿيو، ۽ ٦١٩ھ جو هتان واپس ويو. صاحب طبقات ناصري (تاليف ٦٥٨ھ) سندس فڪر ڪندي لکيو آهي:

”جلال‌الدين خوارزم‌شاھہ بزمين سند آمد، و برطرف ديول و مکران رفت...“ (٤٩٢).

٦١٨ھ: جهانڪشائي جويني: (تاليف ٦٥٩ھ) ۾ ساڳيو مذڪور هن ريت آهي: ”... و برجانب ديول و دمريلہ — (مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽي جي قياس مطابق دمريلہ مڪران جي سرحد تي هو) — نهضت کرد. و چنيسر کہ حاکم آن ولايت بود، بگريخت و در ڪشتي بدريا رفت. سلطان نزديک ديول و درميلہ فرود آمد... و سلطان در ديول، مسجد جامعي بنا فرمود، در موضعي کہ بتخانہ بود —“ (تاريخ معصومي: صفحو ٢٨٦ بحوالہ جهانڪشائي ج-٢، ص ص ١٤٦-١٤٨. ترجمہ انگريزي Boyle Vol. II B+416-17، آثارالوزراء عقيلي، مطبوعہ طهران ١٣٣٧ ش-ص ٢٧١).

٦٢٥ھ: طبقات ناصري جو مصنف، قباچہ جي مرڻ بعد سلطان شمس‌الدين التمش (٦٠٧-٦٣٣ھ) جي قبضي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ...آن بلاد تا آب محيط فتح شد، و ملک سنان‌الدين جنيسر (چنيسر) کہ والي‌ء ديول و سند بود بخدمت درگاھہ شمس‌الدين پيوست...... (٥٢٣).

٦٢٦ھ: معجم‌البلدان: ياقوت حموي، متوفي ٦٢٦ھ.

٦٣٤ھ: سلطان رضيہ (٦٣٤-٦٣٧ھ) جو ذڪر ڪندي طبقات ناصريءَ جو مؤلف لکي ٿو تہ ”از ممالک لکهنو تي تا ديول همہ ملوک و امراء. انقياد نمودند...“ (٥٣٧).

٦٥٠ھ: العباب‌الزاخر و اللباب‌الفاخر: از امام صاغاني (متوفي ١٩-شعبان ٦٥٠ھ، جمع جي رات) امام صاغاني ڪيترن سالن تائين سنڌ ۽ هند جي مختلف شهرن جو سفر ڪيو. هن ديبل جو شهر پاڻ ڏٺو. پهريون سفر ٥٩٠ھ کان ٥٩٥ھ تائين ڪيائين. ٥٩٥ھ ۾ سنڌ مان ٿيندو عراق هليو ويو. ٦٠٦ھ ۾ وري هندستان آيو ۽ ٦١٠ھ ۾ موٽي حج تي هليو ويو. ٦١٣ھ ۾ حج کان فارغ ٿي هندستان پهتو ۽ ٦١٥ھ ۾ بغداد واپس ٿيو. وري ٦١٦ھ ۾ خليفہ الناصرالدين جو سفير ٿي التمش جي دربار ۾ آيو. ڪتاب‌العباب لکندي، لفظ (بکم) تي پهتو جو ٦٥٠ھ ۾ اوچتو انتقال ڪيائين ۽ ڪتاب نامڪمل رهجي ويو. جيڪي شهر هن ڏٺا تن جو ڪتاب ۾ جابجا ذڪر ٿيل آهي — چنانچہ ديبل جي سلسلي ۾ هيٺين عبارت لکي ٿو، جنهن مان معلوم پيو ٿئي تہ ٦٥٠ھ ۾ جنهن وقت ڪتاب هٿ ۾ هيس، ديبل موجود هو. — ”ديبل سنڌ جي شهرن مان هڪ قصبو آهي، جتي بندرگاھہ آهي ۽ پيڙا پڳھہ ڪن ٿا. هتان جا عام رهاڪو نيڪ طينت آهن، پر قديم امير ۽ حاڪم، خواھہ هاڻوڪا حاڪم ۽ امير بد باطن آهن. بحري ڌاڙيلن سان سنڌن تعلق آهي، ۽ لٽ ڦر جي مال مان پنهنجو حصو

آڪاڙيندا رهن ٿا.“ — (عربي عبارت ڏسو معارف نمبر ٣، جلد ٨٣، صفحو ٢٢٣. ڪتاب جو روٽوگراف سينٽرل اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڪراچيءَ ۾ موجود آهي. تاج‌العروس ۾ زبيديءَ (مادهٔ ديبل ۾ مٿين عبارت کي نقل ڪيو آهي. صاحب تاج‌العروس قصبي جي بجاءِ ديبل کي سنڌ جو پايهءِ تخت ڄاڻايو آهي.)

٦٥٨هه: طبقات ناصري: قاضي منهاج سراج جزجانيءَ ٦٥٨هه ۾ مرتب ڪئي. پاڻ ڪيترو وقت قباچه وٽ، اُچ ۾ رهيو. هن ديبل جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو مٿي ڏنو ويو آهي. (اسان جي سامهون آقائي حبيبيءَ جو پهريون ايڊيشن آهي.)

٦٥٩هه: جهانڪشائي جويني: از عطا ملڪ جويني. تاليف ٦٥٩هه — هن ۾ جلال‌لدين خوارزم شاهه جي آمد جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪو مٿي ڏئي چڪا آهيون.

٦٨٢هه: آثارالبلاد: قزويني، متوفي ٦٨٢هه. هن جو ماخذ اصطخري آهي.

٧٣٤هه: رحلهٔ ابن بطوطه: ٧٣٤هه ۾ لاهري بندر تان لهي سيوهڻ آيو، ديبل جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري.

٧٤٠هه: نزهت‌القلوب: حمدالله مستوفي. ڪتاب ٧٤٠هه ۾ تاليف ٿيو.

٧٤٩هه: مراصدالاطلاع: از صفي‌الدين بغدادي (متوفي ٧٤٩هه) هي ڪتاب معجم‌اللبدان ياقوت جو اختصار آهي.

٨٢١هه: صبح‌الاعشيٰ: قلقشندي، متوفي ٨٢١هه. چوٿين جلد ۾ امام صاغاني جي ڪتاب، العباب‌الذاخر جي حوالي مان ديبل جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

پويان چار ڪتاب قديم ڪتابن تان ورتل مواد تي انحصار رکن ٿا، انهن ۾ ذڪر اچڻ سبب اهو نه سمجهڻ کپي ته، ديبل انهيءَ زماني تائين موجود هو.

مٿين سال واري نقشي مطابق، امام صاغانيءَ ۽ منهاج سراج جي قول مان ثابت ٿئي ٿو ته ديبل ٦٥٠هه-٦٥٨هه تائين موجود ۽ آباد هو. البت دارالسلطنت جي بجاءِ قصبو بڻجي چڪو هو، جيئن امام صاغانيءَ ڄاڻايو آهي. ٧٣٤هه ۾ جڏهن ابن بطوطه آيو تڏهن ديبل يا ته صفا برباد ٿي چڪو هو يا ان جي بندرگاهه واري حيثيت ۽ اهميت ختم ٿي وئي هئي، جنهن ڪري ابن بطوطه لاهري بندر تان لهي سڌو سيوهڻ آيو. گويا منهاج سراج کان پوءِ ابن بطوطه تائين جو جيڪو سٺيءَ صديءَ جو عرصو گذريو، ديبل جو وجود انهيءَ عرصي اندر ختم ٿيو.

ديبل جي سلسلي ۾ سلسليوار حوالا مٿي نظر مان گذري چڪا. هن بعد ساڳي ترتيب سان ٺٽي جا حوالا ڏجن ٿا، جنهن مان ٺٽي جي قدامت، ۽ ديبل ۽ ٺٽي جي درميان جيڪو سالن جو وقفو آهي، اهو ظاهر ٿي ويندو.

ٺٽو:

٥٧١هه: سلطان شهاب‌الدين محمد بن سام غوريءَ، بقول مبارڪ شاهي (تاليف ٨٣٨هه) ٺٽي ۽ اُچ تي چڙهائي ڪئي.

”... در سنه احدي و سبعين و خمسمايه سمت آچه و تهته و ملتان لشکر کشيد، طايفئه تهته در حصار آچه“ محصر” شده، با سلطان محار به کردند...“(ص ٦)

طبقات ناصريءَ ۾ نتي جي بجاءِ ديبل لکيو آهي. آثارالوزراء (عقيلي) ۾ وزير نظام‌الملک جنديءَ جي تحت آهي:

”... چون سلطان شهاب‌الدين غوري فتح ممالک هند نمود آن ملک را بغلامان خود سپرد... و تته و آچه را به سلطان ناصرالدين قباچه داد...“ (٣٢٩).

طبقات اکبريءَ ۾ آهي ته:

”... سال ديگر (٥٧٨هه) بطرف ديول که عبارت از تهته است، لشکر برده تمام بلاد بحر را در ضبط در آورده...“.

تاريخ مبارڪشاهيءَ ۾ ڄاڻايل ٺٽي جي لفظ لاءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ۽ مغفور جو خيال، بلڪل صحيح آهي ته دراصل اهو ٺٽو نه بلڪ ”بهاتيه“ آهي. (حاشيو معصومي)

حقيقت ۾ پوئين دور جا مؤرخ، ٺٽي جي مرڪزي حيثيت ۽ شهرت کي ڏٺي، ديول ۽ ٺٽي جي مابين ڪوبه تفاوت ڪري نه سگهيا آهن.

٦٦٧-٦٧١هه: ديوان تحفة الصغر: امير خسرو (تولد ٦٥١هه - وفات ٧٢٥هه). هي ديوان ١٦ کان ١٩ ورهين جي عمر تائين چيل غزلن کي مرتب ڪري، امير خسرو تيار ڪيو. ان ۾ هڪ غزل آهي، جنهن جي مطلع ۾ ”تته“ جو قافيو آندو اٿائين.

سروِ چو توِ، در آچه و در ’تته‘ نباشد،
گل مثلِ رخِ خوبِ توِ، البته نباشد.

(از تحفة الصغر (٦٧١هه) کليات عناصر دواوين خسرو، نولڪشور، ڪانپور (١٩١٦ع).

امير خسرو، خان شهيد وٽ ملتان ۾، (٦٧٨-٦٨٣هه) رهيو هو. صدرالدين بن بهاءالدين زڪريا ملتاني انهيءَ دور جو آهي. قلندر لال شهباز ڪجهه وقت لاءِ ساڳئي خان شهيد وٽ رهي، پوءِ هتي سيوهڻ ۾ آيو.

مٿي ڏنل شعر مان صاف ظاهر آهي ته ٺٽو ٦٦٧هه ۽ ٦٧١هه ۾ نه فقط آباد، مشهور ۽ معروف هو، بلڪ ايترو بارونق ۽ متمدن شهر هو، جو شاعر، اتان جي خوبصورت گلن ۽ سروقد سهڻن جي تشبيه پنهنجي محبوب جي تعريف ۾ ڪتب آندي آهي.

٦٦٩هه: سلطان غياث الدين بلبن (٦٦٤-٦٨٦هه) جو پٽ محمد قاآن، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو، ٦٦٨هه ۾ ملتان ۽ سنڌ ملتان حاڪم ٿي آيو. ٦٨٣هه ۾ مغلن جي لشڪر سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو ۽ تاريخ ۾ ”خان شهيد“ جي عرف سان مشهور ٿيو، ان جي حدن جو ذڪر ڪندي، صاحب تاريخ مبارڪشاهي (تاليف ٨٣٨هه) لکي ٿو ته: ”... از مالم تاحد جناتي اقطاع او داخل ملتان بود... جناتي شصت کروه از تهته پيشتر برسرِ درياست...“ (٤٢).

۷۰۵ھہ: مکاتبات رشيدي: از خواجا رشيدالدين فضل الله طبيب. مشهور وزير (اباقاخان ۽ غازان خان) ۽ معروف مورخ (مولف تاريخ رشيدي) جنهن کي سلطان خدابندي ۷۱۸ھہ ۾ قتل ڪرايو.

خواجه مذڪور پنهنجي پٽ عزيزالدين ابراهيم حاڪم شيراز ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ لاهور ۽ سنڌ تي مغلن جي حملي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڪمان سندس بيو پٽ جلال الدين خواجا (حاڪم اصفهان) ڪري رهيو هو. انهيءَ خط ۾ ٺٽي جو نالو ورتو ويو آهي.

عزيزالدين کي پڻ ۱۸- جمادي الاول ۷۱۸ھہ (گزيده ۱-۳-۶۰) جو خدابندي قتل ڪرايو. سندس گهر ۾ علاءالدين بادشاهه هند (۶۹۵-۷۱۵ھہ) جي نياڻي هئي.

مولانا محمد شفيع مرحوم (مرتب مکاتبات رشيدي) جو خيال آهي ته مذڪوره خط ۾ مغلن جي جنهن حملي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو ۷۰۵ھہ جي لڳ ڀڳ ٿيو هوندو. خط جي ضروري عبارت هن ريت آهي:- "... فرزند جلال (جلال الدين خواجا، حاڪم بلدهٔ اصفهان)... قلعه لهاور را... باندک حمله که کرده، مسخر ساخت. و از انجا باجماعت امرائي مغول بطرف ولايت سنده متوجه شد. طايفهء مخاذيل که درسلک (کذا) انتظام يافته بودند. و در ثغور ولايتِ مذکور جمع آمده و در راه لشکر ايران، دام خديعت انداخته و چون شيران آدمي خوار کمين ساخته، چون دانستند که قهرمانانِ لشکر ايران و قلب شکنانِ جند ايلخان، همهمهٔ افراس را نوائي قانون و غنائي ارغنون مي شمرند، و جمجمهٔ راس را کاس صهبا و جامِ حمَيّامي پندارند، وصفِ هيجا و قلب وغا چون دريا درجوش، وچون رعد درخروش مي آيند، چون باد، روئي بهزيمت نهادند، و درجزاير و آجام مختفي شدند. و امرائي مغول بتالانِ منال ومواشي و تاراجِ جوانب و حواشي مشغول گشتند. اما فرزند جلال، چون رُجوم نجوم که درپي عفاريت رانند و روند، درپي ايشان بشتافت. وآن جماعت را بحدود جزايد بکر" وآچه" و دحال لاهري و "تته" بتافت... الخ" (ص ۳۲۵).

۷۲۰ ھہ: سلطان قطب الدين مبارڪشاهه (۷۱۶-۷۲۰ھہ) بن سلطان علاوالدين خلجي (۶۹۵-۷۱۵) کي، خسرو ملڪ ۷۲۰ھہ ۾ قتل ڪري تخت تي ويٺو. جنهن کي وري ساڳي سال سنڌ جي گورنر غازي ملڪ تهه تيغ ڪيو، ۽ هو پاڻ سلطان غياث الدين تغلق (متوفي ۷۲۵ھہ) جي لقب سان تخت نشين ٿيو. تحفة الڪرام جو قول آهي ته انهيءَ دور ۾ ٺٽي تي سومرن قبضو ڪيو. (تڪ فارسي- تحت غازي ملڪ).

۷۵۲ ھہ: سلطان محمد تغلق ٺٽي ڪان چوڏهن ڪوهه پري هو جو پلو کائي بيمار ٿيو ۽ ۲۱- محرم ۷۵۲ھہ جو فوت ٿيو. سلطان فيروز انهيءَ جاءِ تي (۲۳- مارچ ۱۳۵۱ع) تخت نشين ٿيو ۽ سندس لاش ڪٿائي سيوهڻ کان ٿيندو دهلي هليو ويو. تاريخ مبارڪشاهيءَ جو مصنف لکي ٿو: "... معهذا قصد تهته کرده تاطغي راکه آنجا گرفته به آن طايفه بدست آورده بکشند...

Gul Hayat Institute

چون سلطان نزديک تهته رسيد، بازهمان زحمت عود کرد بيست و يکم ماه محرم سنه اثنين و خمسين و سبعمائه برلبِ آب سند، برحمت حق پيوست..." (١١٧).

٦٣-٧٦٤ھ تاريخ فيروزشاهي: عفيف برني (تاليف ٨٠١ھ) سلطان محمد جي وفات بعد فيروز تغلق دهليءَ مان ڪاهه ڪري ٺٽي تي آيو. تاريخ فيروزشاهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٺٽو عظيم شهر هو. قلعو ايترو مضبوط هو جو ان جو فتح ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. پهريون دفعو فيروز مايوس ٿي واپس ويو، ٻئي دفعي نهي جنڱي آيو. عفيف جو قول آهي تہ "ٺٽي جو جام مجبور ٿي سيد جلال‌الدين جهانيان جهان گشت کي آچ مان گهرائي، وچ ۾ وجهي، سلطان فيروز سان صلح ڪري پيش پيو. ليڪن عبارت جي الداز مان ظاهر پيو ٿئي تہ جهانيان جهان گشت کي گهرائڻ ۾ سلطان فيروز جو بہ هٿ هو. بهرحال هتي تہ اهو موضوع خارج از بحث آهي. هن هيٺ اسان اهي سيئي عبارتون نقل ڪيون ٿا جن مان ظاهر ٿيندو تہ ٺٽو تمام وڏو ۽ مضبوط شهر هو-ٺٽي جو قلعو ناقابل تسخير هو-قلعو ايترو وسيع هو جو منجهس لکين لشکر رهي سگهيو ٿي-سنڌي لڙائيءَ جا جوڌا ۽ ڪوڏيا هئا-حب الوطني ۽ وطن جي دفاع جي احساس جي شدت، انهيءَ حد تائين منجهن هئي جو سنڌ جي عامي ماڻهن بہ پنهنجي جان قربان ڪرڻ کان ڪين ٿي ڪيٻايو. چنانچہ ڪچ جي "ڪونجي" رڻ ۾ رهبر ٿي رولڻ جو واقعو ان جو شاهد آهي.

"...آباداني تهته دردو محل بود، يک محل کرانه لبِ آب سنده جانبِ دهلي. دوم محل گذار لبِ آب سنده. جانب تهتيان بسيار و بيشمار مرد انبوه، هر يکي باشکوه بلکہ هر يک تن چو الجمن بود باگرانيءَ کوه، جملہ مرد جنگي. چناچہ از احوال قوت و جلادت ايشان، ميان جهان و جهانيان معلوم و روشن. دران ايام جام برادر رائي آنرو بانبهنه برادر زاده او، ضابط تهتهہ بودند. انواع رعنائي در ميدان خود نمائي مينمودند... جميعت بسيار جمع کردند، ولايت ايشان بسيارو بيشمار است." (عفيف ص ١٩٩)

جڏهن جنگ شروع ٿي، ان وقت جي ڪيفيت بيان ڪندي مؤلف لکي ٿو:

"...جام و بانبهنه خود کام، با جميعت تمام مستعد شده، باسوار بسيار و پيشمار از ميان بيرون آمدند...(٢٠١)

"...و جميعت تهتهيان موازنه بيست هزار سوار جرار— هر يکي در زور دلاوري کند آورِ روزگار— و موازنه چهار لک پياده نامدار با اين جمعيت فراوان و قوت بي پايان طائفہ تهتهيان در آويز کردن لمي توالستند... (٢٠٢)

"...تهتهيان با آن قوت بي پايان درون حصار ميخزيدند..." (٢٠٣)

انهيءَ دفعي جنگ مان فيروز، ناڪام، مايوس ۽ نامراد ٿي دهليءَ هليو ويو، ۽ وري پيهر موٽي آيو. انهيءَ سلسلي ۾، تاريخ مبارڪ شاهيءَ جو قول آهي:

"... آن (فیروز) نگرکوٹ را فتح کرده از آنجا عزم تهته نموده. چون در تهته رفت، جام بانبهنه که ضابط تهته بود، بقوت آبگیر محصر شده، مدتی محار به کردند... بضرورت ناچار، بعد کوشش بسیار جانبِ گجرات روان شد..." (ص ١٣١)

٧٦٥هه: تاريخ فيروزشاهي: عفيف (تاليف ٨٠١هه). ٻهرينءَ ڪاهه وقت سلطان فيروز جي لشڪر ۾ نوي هزار سوار، چار سؤ اسي هاٿي، ۽ پنج هزار ٻيڙيون ۽ بي‌انداز پيادا هئا. ۽ جام وٽ ويهه هزار سوار، ۽ چار لک پيادا هئا(١). جام جو اهو سچو لشڪر ٺٽي ۾ قلعبند هو. ان مان قلعي ۽ شهر جي وسعت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ٻئي حملي لاءِ عفيف لکي ٿو:

"... و طائفۀ سندهيان باقوت فراوان و جلادت بی پايان، گذاري لبِ آبِ سنده تا هفتاد کروه بحر، سوار و مرد جرّار حائل بودند. در قسم هوشياري و بيداري کوشش مينمودند، گذار شدن ممکن نبود...(ص ٢٢٤ عفيف)

"... ملک عمادالملک و ظفرخان بالشکر فراوان و افواج بي‌پايان، صد و بيست کروه باز گشته فرود بهکر گذار شده در زمين تهتهيان درِ آمده. تهتهيان نيز با جمعيت انبوه سوار و پياده باشکوه، از درون حصار بيرون آمدند. ميان هر دو طرف جنگ سخت شده که، در تحرير نا گنجد. و سلطان فيروزدرين بر بود. اگرچه حصار تهته مينمود..." (ص ٢٣٥).

ٺٽي جي لشڪر کي فيروز جو اهو ڪٽڪ زير ڪري ڪونه سگهيو. آخر نئون لشڪر دهليءَ کان گهرائڻو پيس. (ص ٢٣٦) ۽ تقريباً سڄيءَ مملڪت مان آدمذات اچي گڏ ٿي. (٢٣٧-٢٣٨) عفيف جو چوڻ آهي ته: "ٺٽي وارن وٽ جيڪو اَن" هو سو هنن فيروز کي ٻهرئين دفعي پڇائي کيڻ کان پوءِ، بي‌آڪو ٿي، پنهنجن زمينن ۾ ٻج ڪري وجهي ڇڏيو هو. هيءَ جو سئن اوچتو خلاف اميد ٻي چڙهائي ٿي، ان لاءِ نه هو تيار هئا ۽ نه وٽن کاڌ خوراڪ جو پورو بندوبست هو. مقابلا ۽ مجادلا ڪندي آخر ڏڪار ۾ مبتلا ٿيا. تنهنڪري 'جام ۽ بانبهنه'، سيد جلال‌الدين جهانيان جهان گشت کي آچ" مان خاص ماڻهو موڪلي گهرايو. (ص ٢٤٠)

عبارت جي انداز مان ائين پيو بکي ته سلطان پاڻ سيد ڏانهن ماڻهو موڪليو هو. (ڏسو صفحو ٢٤٢-٢٤٣). آخر سيد صاحب جي وچ ۾ پوڻ ڪري صلح ٿيو ۽ بقول عفيف جي: جام ۽ بانبهنه، فيروز جي اچي پيش پيا. "انهي طريقي" جي فتح تي، عفيف بيت لکيو آهي، جنهن ۾ ٺٽي جو نالو اچي ٿو:

هم تهته بدست آمد و هم کار فراهم شد
المنة لله که، اين هم شد و آن هم شد. (ص ٢٤٧)

---

(1) The Dehli Sultanate: by Mahajan, 1963, pp. 142 & Ishwari Parshad, p. 164.

Gul Hayat Institute

جام ۽ بالبهنه کي، فيروز پاڻ سان دهلي ورتيون، ۽ ٿئو، جام جي پٽ ۽ تماچيءَ برادر بانبهنه (پسر جام و تماچي بردار بانهبنه) جي سپرد ڪيائين. (ص ٢٤٧) جن چار لک تنڪا ساليانو خراج ڏيڻو ڪيو.

عفيف جو چوڻ آهي ته اها (ٺٽي ۽ گجرات جي) سر زمين فيروزشاه جي دور ۾ فتح ٿي، جنهن کي سلطان معزالدين (شهاب‌الدين) محمد سام جي زماني کان وٺي هن وقت تائين ڪو به فتح ڪري ڪونه سگهيو هو. سلطان علاوالدين خلجي (٦٩٥-٧١٥هه) پنهنجو ڪٽڪ سلطان روم خواهه سلطان حسين جي امدادي لشڪر سميت ڪاهي آيو، تاهم فتح نه ڪري سگهيو. (ص ٢٥١).

انهيءَ فتح تي عفيف پيو شعر پڻ چيو آهي، جنهن ۾ ٺٽي جو نالو آهي.

در تهته چـو شاه رخ نـهـاده،
شاهـانش دويـده پـا فـتـاده،
آورده همـه بـرابـر خـويـش،
گنجينه بـداديـش ز حد بـيـش. (ص ٢٥٣)

دهليءَ اندر جن جاين ۾ جام ۽ سنڌ ماڻهن کي رهايو ويو، ان جو نالو ”سرائے تهته“ مشهور ٿي ويو هو (ص ٢٥٣).

انهيءَ پوئين فتح جي سلسلي ۾ تاريخ مبارڪشاهيءَ جي تحرير هن ريت آهي:

”... چون سلطان، بار دوم در تهته رفت، جام بابنهنيه امان خواست بحضرت پيوست و بمراهم مخصوصي شد. سلطان او را باتمام مقدمان آن طرف، برابر خويش در دارالملک دهلي آورد. چون مدتي خدمت ڪرد، سلطان باز جام را اقطاع تهته داد. و باترتيب تمام روان گردانيد...“ (ص ١٣١).

٧٦٥هه: قصائد مطهرڪڙه: (متوفي در حدود ٧٩٠هه) مطهر شاعر ڪڙي جو ويٺل ۽ فيروزشاه تغلق جو مدح خوان هو. ملڪ‌الشرق عين‌الملڪ ماهرو- جيڪو ان دور ۾ ملتان ۾ صوبدار هو- ان جي مدح ۾ پڻ سنڌس قصيدا آهن. مطهر به قصيدا فيروز تغلق جي مدح ۾ چيا آهن، جن ۾ ٺٽي جو ذڪر موجود آهي. انهن قصيدن مان ٺٽي جي اهميت ۽ مدنيت واضح ٿئي ٿي. هڪ قصيدي ۾ فيروزشاه جي فتوحات، اخلاق، حسن انتظام وغيره جي تعريف ڪندي، ٺٽي جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

و ز جملهء فتوح، ڪُـل فتح، تهتة بود،
ڪز استماع آن همه خلق انـتـشار بـود.
فتحي ڪه درهواد ئي همت، قـلاده بست،
فتحي ڪه در سواعدِ دولت، سوار ڪرد.
فتحي ڪـه نـي تهمتنِ ايـرانـي، آنچنان،
در عمر، نـي سڪندر رومـي نجار ڪرد.

Gul Hayat Institute

در موضعي چنان که ز سختيءِ او سپهر،
انگشت حيرت از سر دندان فگار کرد.

دريا و پنج آب، زهر چار سوئي او،
گشته يکي دو چشمِ تو چند انکار کرد،

کشتيءِ بي نهايت و مردان بي قياس،
هر يک بلي که نيزه چو رستم گذار کرد.

جيشي چو مار و مور، که هر يک برائي تير،
برخاشِ چشم مور و هدف، گوشِ مار کرد.

شاه جهان که خاطر او هر مهم که خواست،
کردن کفايت از کرمِ کردگار کرد.

همت چو برکشادن اين جايگاه بست،
آثار خسروي بجهادش جهار کرد.

چندان سپاه برد، که از سمِ مرکبان،
صحرا ستوده آمره دريا غبار کرد.

هر روز نهب و غارت و هر دم نبرد و جنگ،
ميکرد تا ديار عدو، پُر دمار کرد.

تا عاقبت چو کار، بسکّان آن مقام،
در اضطراب آمد و حال اضطرار کرد.

دادند سر بطاعت و جستند امان شاه،
شه داد امان و برکرم اميدوار کرد.

صفدار سنده 'بانبهنيا' را و راي 'جام'
اندر رکاب باهمه خلق و تبار کرد.

تنها نه اين فتوح، که در هر ولايتي،
صد اين چنين فتوح، دگر برمرار کرد.

حصرِ صفات شاه، چو در وسعِ عقل نيست،
ميخواهم ازثناي بدعا اختصار کرد.

تا باد صبحگاه، در ايّامِ نوبهار،
دامان خاک پر گوهرِ آبدار کرد.

يادت بهار عيش منوّر، که درجهان،
بخت تو، خاک تيره چو مشک تتار کرد.

Gul Hayat Institute

خاص ٺٽي جي فتح تي مطهر هيٺيون ترڪيب بند چيو آهي:

بزمي است بهر سوئي و نشاطي بهرسري،
باغي بَهَر رَهي و بهشتي بَهردري،
هرجا نهاده نخلي و هرجائي مجمري،
هرجانبي صراحي و هرسوئي ساغري،
هريڪ چنان ڪه درشب تاريڪ اختري،
مه روئي ومشڪ موئي وشڪر خنده، شمع تاب.

هر لعبتي لطيف، چو نورسته ناورن،
گل روئي سر وقد و سمن، ساق و سيمتن،
شڪر لبي، ڪه شهد شود، در لبش، لَبَن،
آرد نبات را زهوَس، آب در دهن،
چشمان و ابروان و بر و بازوان و تن،
چون نرگس و بنفشه و نسرين و نسترن،
رفتار شان، قيامت و گفتار شان فتن،
ديدار شان بهشت و جدائي شانٰ، عذاب.

تانهضت رڪاب همايون، شنيده اند،
خاصان و خاصگان ڪه درين جائي بوده اند،
صدگونه عيش و عشرت و شادي فزوده اند،
صدگون (۱) عوس به بستن اذي (۲) نموده اند،
سرهائي قبه، برسر افلاڪ سوده اند،
و اعلام او بعالم علوي شنوده اند،
گوئي ڪه: گوئي حسن، زجنت ربوده اند،
اين قبها بزينت و اين ڪلّها بتاب.

هر قبّهء چو گنبد گردون چمبري،
نقش و نگار او هم مرّيخ و مشتري،
پوشيده اند، رنگ هم شقر و شستري،
از سبز و سرخ و زرد و بنفش و مصعفري،
سقف و ستون او، همه از زرّ جعفري،

... ...
... ...

---

(۱) گونه (۲) آذين، بمعنيٰ آرايش.

نی‌لے که شهر نیست، بهشتے است دلپذیر،
آراستہ بسندس و استبرق و حریر،
حوران در و کواعب، اتراب، بے نظیر،
سلسال و سلسبیل در و چشمہ و غدیر،
وز شربت و شراب، خمیرش در آبگیر،
جاري هزار جوئے مے و انگبین و شیر،
آبش همہ گلاب و گلابش همہ عبیر،
خشتش ززر، سرخ و زمینش ز سیم تاب.

اکنون که از شکوه شهنشاه، روز، جنگ،
باز، ظفر رکاب عدو کرد، چون کلنگ،
مائیم و صحن گلشن و صهبائے لالہ رنگ،
و آواز نائي نغمہ، رود و نوائے چنگ،
باساقیان، دلبر و باشاهدان، شنگ،
در سایهائے تیره و در جایهائے تنگ،
ایمن زدرد و انده و فارغ ز نام و ننگ،
که در نشاط و نوش و گهے در خمار و خواب.

... ...
... ...

فیروز شد که افسر، شاهان، عالم است،
مهدي تاج بخش و سلیمان خاتم است،
دست و دلش که محیي ابنائے آدم است،
تریاک و نوشدارو و اکسیر اعظم است،
فیض، سحاب لجّہ، دریائے قلزم است،
دستش بگاه جود و سنانش گہ، حراب،

شاهي که چرخ مسند و خورشید افسر است،
سلطان، شش جهات و شہ، هفت کشور است،
در فرّ و بال، همچون، فریدون و نوذر است،
در رزم و بزم همبر، سام و سکندر است،
کشور کشا و خصم کُش و ملک پرور است،
دانش پژوه و دین طلب و داد گستر است،
کین توز و تاج بخش، چو محمود و سنجر است،
صفدار و سرفراز چو سام و فراسیاب.

دیدي کہ شه چہ معجزه بنمود در جهاد،
کانصاف رزم بستد و داد نبرد داد،
در یک لگام ریز که شد دروغا نهاد،
اقلیم **سنڌ** و مملکت و مولتان کشاد،
فتحے نمود روکہ نہ دارد کسے بہ یاد،
ز امروز تا زمان کیومرث و کیقباد،
بشنو کنون حکایت این فتح باعتقاد،
تا گویمت تمام، بایجاز و انتخاب.

'تهته' که آن جزیرهٔ بلائیست پُر' کهف،
دریاش یک طرف شد و پنج آب یک طرف،
صحراش بے نبات و بیابانش بے علف،
زرها در و تبہ شد و اقلیمها تلف،
کشتي کوه کاف بگردش کشیده صف،
جنگ آوران بدو همہ شمشیرها بہ کف،
در موج او نہ مدخل ماهي و نے کشف،
براوج او نہ مهبط شاهین و نے عقاب.

صفدار "سنده" 'بابنهان' که در سنده او مقام،
باسرفراز "رائي تماچي" و "رائي جام"،
برگرد شان' زخیل و تبار و خواص و عام،
جیشي کثیر همچو هجوم نجوم شام،
غیراز یلان جلد و جوانان تیزگام،
هریک بسان رستم و اسفندیار و سام،
القصہ این سران ولایت همہ تمام،
بکجان و یکزبان شده در همچنین حراب.

بر حکم آن غرور که داریم جائے تخت،
اسپان باد پائے و فراوان سلاح و رخت،
بالشکر گران که کند کوه لخت لخت،
برخاکبوس مانده درین بندگي سخت،
برتافتند روئے بتلقین تیره بخت،
هر تیغ و نیزه شان' چو یکے شاخ از درخت،
شاه جهان ز خنجر خونریز کینہ اخت،
و اندیشہ کرد کردن آن جایگه خراب.

Gul Hayat Institute

چندان سپاه برد که دریا و دشت کوه
از سمّ اسپ و آهن و فولاد شد ستوه
صفها کشیده خیل امیران گران شکوه
هر یک صفے چو سدّ سکندر بصد کروه
با هول و هیبتي که کند شوکت و شکوه
در لرزه بُد زمین و دل مرد دین پژوه
میخواستند صبحدمان بردم خروس
کز بیخ بر کنند بیکبار آن خراب.
... ...
... ...
کان قوم هم بسهم سیه رويء تافتند
ناکرده رزم سینه ز هیبت شگافتند
چندان که چاه غور کز اندیشه کافتند
جز عجز و مسکنت ره دیگر نیافتند
لابد رسن زموئے سر و ریش بافتند
بردند روئے عجز بدرگاه آن جناب.
شاه جهان بموجب آن جمله را نواخت
و ز جاه و منزلت سرشان بر فلک فراخت
اسپان تنگ پشت بزرّین ستام و ساخت
و اجناس جامها که در و لعل و در نشاخت
چندان بداد شان که نه کس حدّ آن شناخت
بي حدّ آن بدید اگر جان و تن گداخت
ابري ز جود برسر آن بستگان بتاخت
کز فیض گشت غرقه احسان بجمله باب.
آري چنین کنند سلاطین شکارها
و ز بخت شان برآید ازین گونه کارها
این ست آن فتوح که در روزگارها
مانند خسروان جهان یادگارها
زین گونه کارها ست که رفته ست بارها
صیت شهان و نام مهان در دیارها
تنها نه آن حصار که چندین حصارها
کرده است شاه فتح بیک جنبش رکاب.

... ...
... ...
اين خسرويء ڪہ برسر تاج ڪيان توئي،
تخت آسمان و اختر آن آسمان توئي،
جسمي است نه فلڪ، ڪہ در و نور جان توئي،
دارا توئي، قباد توئي، اردوان توئي،
عيسيٰ ء عهد و مهدي، آخر زمان توئي،
ڪز تيغ، تست، فتنہء دجّال را جواب.

گرمن قلم ز جملہء شاخ، گيا ڪنم،
دريا دوات سازم و دفتر سما ڪنم،
پس خواهم اين ڪه حق مديحت قضا ڪنم،
هر لحظہ دفتري دو سہ اندر ثنا ڪنم،
با اينڪ اين، بمدت، نا منتها ڪنم،
حرفے ز دفتري نتوانم ادا ڪنم،
چون عاجزم ز مدح، سزد، گر دعا ڪنم،
زيرا دعائے عاجز، مسڪين ست مستجاب.

شاها، حيات و دولت و ملڪت دوام باد،
چرخ، بزينت، از بُن دلدان غلام باد،
ماهت نگين، خاتَم و خورشيد جام باد،
ساقيست خضر، و چشمہء حيوان مدام باد،
رايات تو ز نصرت، تو، بر دوام باد،
زاڪنوش تا قيام، قيامت قيام باد،
تخت، تو تازه روئي و دولت، شاد ڪام باد،
فرّ، تو ڪامگار و شڪوه، تو ڪامياب (١).

٧٨٦ھ: ٺٽي جي شيرازي انجوي ساداتن جا وڏا، سيد محمد ۽ سندس پٽ سيد احمد ٧٨٦ھ ۾ شيراز ڇڏي، قندار، سيوهڻ ۽ ساموئي کان ٿيندا، قاضي نعمت‌الله عباسيءَ سان رشتہ داريءَ سبب ٺٽي ۾ قاضين جي محلي ۽ جاين ۾ اچي آباد ٿيا.

حافظ شيرازي رحمة‌الله عليہ، سيد محمد سان گڏجي شيراز مان سنڌ اچڻ لاءِ هليو، ليڪن سيد محمد ڪيس قندار مان موٽائي شيراز موڪليو، جتي ٧٩١ھ ۾ سندس انتقال ٿيو، اهو ساڳيو سال آهي (٧٩٠-٩١ھ) جنهن ۾، مطهرڪڙو بہ فوت ٿيو، جنهن جا ٻہ قصيدا مٿي ڏيئي آيا آهيون.

---

(١) اورينٽل ڪاليج ميگزين، مقالہ: وحيد مرزا، مئي ١٩٣٥ع.

Gul Hayat Institute

سيد محمد ۽ سيد احمد جي اچڻ جي تاريخ، "بسم الله الرحمان الرحيم" مان (٧٨٦هه) نڪري ٿي.

صاحب رسالہ "معارف الانوار"، "ديبل ٺٽو" ڳڌي، (عازم بلاد ٺٽه يعني ديبل شدند ص ١١٠) لکيو آهي، ليڪن ان مان مطلب 'ٺٽو' آهي، جيئن ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"بجانب بلده طيبہ ٺٽه، تشريف آوردند" (ص ١١٧).

سيد محمد جي وفات (١٠-محرم ٨٠٠هه) بعد، سيد احمد، سيد پور مان لڏي، مستقل طرح اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيو.

٧٩٣هه: جام تماچيءَ جي بغاوت: فيروز تغلق، ٺٽو، جام بابنهيہ جي ڀاءُ کي ڏيئي ويو هو. چند سالن بعد، جام تماچي بغاوت تي آماده ٿيو ته ڏسجي. خبر پوڻ تي، سلطان فيروز، دهليءَ مان 'جام' کي سنڌس سرڪوبيءَ لاءِ روانو ڪيو. جنهن کيس گرفتار ڪري، دهليءَ موڪليو. عفيف لکي ٿو:

"... معهذا چون ازين سخني چند سال گذشت، و تماچي برادر بابنهيہ در ٺٽه برگشت، حضرت شهنشاه (فيروز) جام را براي دفعہ شر او، در ٺٽه فرستاد. جام در ٺٽه رسيد و تماچي را سمت شهر روان گردانيد."

جام بابيني جي سلسلي ۾ عفيف لکي ٿو:

"... و بابنهيہ هم در دهلي ماند... چون سلطان تغلق شاه بپادشاهي نشست (٧٩٠هه) بابنهيہ را چتر سپيد داد و در ٺٽه روان کرد. بابنهيہ در اثنائي راه جان بحق سپرد..." (٢٥٤)

گويا ٧٩٠هه ۾ بابينو موٽي وطن آيو ٿي، جو رستي ۾ فوت ٿي ويو.

٨٢٣هه: تاريخ مبارڪ شاهي: (تاليف ٨٣٨هه) مؤلف، سلطان معزالدين ابوالفتح مبارڪ شاه (٨٢٤-٨٣٧هه) جي تحت لکي ٿو: ٨٢٣هه ۾ جسرت شيخا کهوکهر (؟) بغاوت ڪئي، جنهن‌ڪري جمادي الاول ٨٢٣هه ۾ ڪشمير جو بادشاه سلطان علي لشڪر ڪاهي ٺٽي تي چڙهي آيو. (در ولايت ٺٽه آمده)... (ص ١٩٤).

بنگال ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي مطبوع نسخي ۾ انهيءَ جاءِ تي ٺٽي جو نالو، ڪتابت جي غلطيءَ سبب آيل ٿو ڏسجي. ورنہ ڪشمير جي بادشاه علي ۽ جسرت جو نالو، سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ عنوان سان نہ اچڻ گهرجي.

مٿين سڄي مذڪور مان ظاهر ٿيو تہ ٺٽو جام نظام‌الدين کان ٻہ سو ورهيہ اڳ موجود، بلڪ سنڌ جو پايہ تخت هو. **ديبل** جو آخرين ذڪر تاريخ جي صفحن تان ٦٥٨هه کان پوءِ گم ٿيو، ۽ ٦٧١هه کان اڳ **ٺٽو** ان جو قائم مقام بڻيو. وچ ۾ وٿي فقط ٩ يا ١٣ سالن جي پئي.

امير خسرو مٿي ذڪر ڪيل شعر، ١٦ ۽ ١٩ سالن جي عمر ۾، يعني ٦٦٧هه ۽ ٦٧١هه جي درميان چيو آهي. ۽ شعر مان صاف معلوم پيو ٿئي تہ، جنهن وقت اهو شعر تصنيف ٿيو، ان وقت هندستان جي پايہءِ تخت دهليءَ ۾ ٺٽي جي شهر ۽ اتان جي ماڻهن جي خوبصورتيءَ جي عام

واڪاڻ هئي — انهيءَ ڪري ڪوبہ سبب ڪونہ آهي، جو اسان مٿين تاريخي شهادتن جي آڌار تي اهو تسليم ڪيون تہ:

(١) ٺٽو ۽ ديبل ٻئي هڪ وقت موجود هئا.

(٢) ٺٽو ٦٥١هہ (خسرو جي جهڙ) کان گهڻو اڳ آباد ٿيو هو.

(٣) ورنہ ناممڪن هو جو آباد ٿيڻ بعد ٩ يا ١٣ سالن جي مختصر عرصي ۾ اهڙي واڪاڻ پيدا ڪري، جو ١٦ يا ١٩ سالن جو نوجوان متاثر ٿي ان جي تشبيه ڪم آڻي.

(٤) ٺٽو موجود هو، ليڪن ان جي اهميت ديبل جي زوال کان پوءِ تمام ستت ملي.

(٥) اهوئي سبب ٿيو جو ماڻهن جي ذهن تان ديبل جو نالو اچان لٿوئي ڪونہ هو، جو ٺٽي جي شهرت شروع ٿي، جنهنڪري ماڻهن جي زبان تي "ديبل ٺٽو" گڏجي اچار هيٺ آيا.

انهيءَ گڏيل اچار سبب مؤرخن ۽ مصنفن ۾ اشتباه پيدا ٿيو، جنهنڪري هنن جڏهن بہ — 'ديبل' — جو ذڪر ڪيو تہ — 'ٺٽو' — لکي ويا. يا جڏهن — 'ٺٽي' — جو نالو ورتائون تہ — 'ديبل' — سندن قلم مان لکي ويو، يا ٻنهي کي گڏي — "ديبل ٺٽو" — ڪري ڇڏيائون.

جهڙيءَ ريت شهاب الدين غوريءَ جي فتوحات جي ذڪر ڪندي — ٺٽو — بيان ڪيو ويو آهي؛ يا جيئن معصوميءَ خواه تحفةالڪرام جو مصنف — ديبل ٺٽي — ۾ ڪيترين جاين تي فرق ڪري ڪونہ سگهيو آهي:

جهڙيءَ ريت، تاريخ معصوميءَ جو مصنف عربي فتوحات جي ذڪر ڪندي لکي ٿو: "... بندر ديول کہ درين ايام بہ بندر تهته و لاهري مشهور است..." (ص ٦) يا ديبل جي فتح جي بيان ڏيندي لکيو اٿائين: "... و لشکر اسلام بہ فيروزي، عنان عزيمت بہ تسخير تهتہ معطوف داشته، باندک زمانہ تهته را مسخر ساختند..."

ساڳي غلطي ڪندي سلطان محمود غزنويءَ جي فتوحات ۾ بہ ٺٽي(١) جو نالو ڪنيو ويو آهي: "... وچون در نصف ماه رمضان سنہ ست و عشر و اربعمائه، سلطان محمود غازي از دارالملک غزني عزيمت هندوستان نموده، بخطهء ملتان رسيد... عبدالرزاق وزير... در سنهٔ سبع عشر و اربعماية متوجهہ سيوستان و تهته شد..."(٢).

اهڙيءَ ريت جلال الدين جي سلسلي ۾ بہ — 'ديبل' — جي بجاءِ — 'ٺٽي' — جو ذڪر ڪيو ويو آهي(٣).

ٺٽي جي مذڪور کي ختم ڪندي آخر ۾ دکني زبان جو هڪ شعر ڏجي ٿو، جيڪو آهي تہ جهانگيري دور جو، ليڪن ان ۾ ٺٽي جي جيڪا تعريف ٿيل آهي، تنهن مان اندازو ڪري سگهبو تہ انهيءَ زماني ۾ دکن ولايت اندر، ٺٽي ننگر جي ڪهڙي واڪاڻ هئي. اهو شعر عثمان شاعر پنهنجي مثنوي "چتراوليءَ" ۾ نظم ڪيو آهي:

هيرے سي ٹھٹہ نگر سوهاوا،
بيهن هرن سيو بن گنجاوا.

يعني "ٺٽو ننگر هيري جهڙو خوبصورت آهي، منجهس سارين جون سايون سايون پوکون، هرڻ، ڪشادا ۽ سهڻا جهنگل موجود آهن!"

---

(١) تاريخ سنڌ، معصوم بکري ص ٢١. (٢) تاريخ سنڌ، معصوم بکري ص ٣٢. (٣) تاريخ سنڌ، معصوم بکري ص ٤٣.

لطف الله بدوي

سر بارٽل فريئر

(سنڌ جو هڪ مدبّر ڪمشنر)

١٨٥١ع-١٨٥٨ع

مشهور انگريز غاصب سر چارلس نيپيئر، سنڌ جي گورنري کان سن ١٨٤٧ع ۾ علحدو ٿيو. سنڌس هلي وڃڻ کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن فيصلو ڪيو ته سنڌ جو بمبئي جي پرڳڻي سان الحاق ڪيو وڃي ۽ آئنده هي ملڪ، بمبئي جي گورنر جي ماتحت ٿي رهي. هن فيصلي کان پوءِ سنڌ جي آزاد حيثيت ختم ٿي ويئي. نئين نظام هيٺ بمبئي گورنمينٽ جو چيف سيڪريٽري مسٽر پرنگل سنڌ جو پهريون ڪمشنر ٿي آيو. نيپيئر جي حڪومت جي سڄي دور ۾ (١٨٤٣-١٨٤٧ع) فوجي راڄ قائم رهيو. جنهنڪري سنڌ جي ماڻهن کي هڪ عجيب استبدادي دور مان گذرڻو پيو. پرنگل جي دور ۾، نيپيئر وارو استبداد ته نه رهيو هو، مگر هو ڪوشش ڪري پنهنجي پيش رو جي لقش قدم تي هلي رهيو هو. سن ١٨٥٠ع ۾ هو نامعلوم سببن جي ڪري پنهنجي عهدي کان مستعفي ٿي ويو. بمبئيءَ جي گورنر لارڊ فاڪلنڊ سندس استعيفا کي قبول ڪيو ۽ سندس جاءِ لاءِ، پنهنجي مليٽري سيڪريٽري مسٽر مالويل جي سفارش ڪئي. مگر بمبئي جي ڪائونسل، مسٽر مالويل جي نالي جي مخالفت ڪئي، ڇو ته هنن نٿي چاهيو ته سنڌ جي حڪومت وري ڪنهن فوجي آفيسر کي سپرد ڪئي وڃي. معاملو هندستان جي گورنر جنرل ڊلهائوسي تائين وڃي پهتو. جنهن بمبئي ڪائونسل سان اتفاق ڪري، گورنر کي لکي موڪليو ته ڪنهن سول سروس جي لائق ماڻهوءَ جو نالو سفارش ڪري موڪليو وڃي. لارڊ فاڪلنڊ، گورنر جنرل جي حڪم جي تعميل ڪري، هڪ نوجوان آفيسر بارٽل فريئر جو نالو سفارش ڪري موڪليو، پر هن دفعي به ڪائونسل جا ٻه ميمبر، گورنر جي راءِ سان متفق نه ٿيا ۽ هنن اعتراض ورتو ته هيءَ هڪ نوجوان آفيسر جي مقرري آهي، جنهن کي ايڏي دوردراز ملڪ جي انتظام هلائڻ جو ڪوبه تجربو نه آهي. ان کان سواءِ ڪيترائي سرڪاري ملازم، جن جي ملازمت جو عرصو، فريئر کان نهايت گهڻو آهي، پنهنجي جاءِ تي متاثر ٿيندا. مگر هن ڀيري لارڊ فاڪلنڊ پنهنجي فيصلي تي مضبوط ٿي بيٺو ۽ ڌڙڪو ڏنائين ته جيڪڏهن سندس راءِ کي قبول نه ڪيو ويو ته هُو پنهنجي عهدي کان مستعفي ٿي ويندو. آخر لارڊ فاڪلنڊ جي راءِ کي قبول ڪيو ويو ۽ بارٽل فريئر سنڌ جي ڪمشنر جي

چارج ونڻ لاءِ، جنوري سن ١٨٥١ع ۾ ڪراچيءَ پهتو. جهاز کي بندر کان دور بيهاريو ويو ۽ هُو هڪ ٻيڙيءَ جي رستي ڪناري تي پهتو. اتان کان وٺي گورنمينٽ هائوس تائين واريءَ وارو رستو لتاڙڻو پيو، ڇو تہ اُن وقت تائين، اجا ڪراچي ۾ ڪي بہ باقاعده رستا ڪو نہ ٺهيا هئا. گورنمينٽ هائوس هڪ ڏکي عمارت هئي، جنهن کي ڪشادو ورانڊو هو. هن عمارت جي سامهون وڏو گول ميدان هو، جنهن ۾ فقط خودرو اوڀڙ هئا. جيئن تہ زمين واريءَ سي هئي، اُن ڪري منجهس باغ رکڻ جي ڪابہ اميد نہ هئي.

ساڳئي ڏينهن جي منجهند جو اتفاقاً نيپيئر پنهنجي سڄي ڪٽنب سان، سنڌونديءَ جي رستي اُتر هندستان کان ڪراچي پهتو. هُو ٿورو وقت اڳ، 'جليانوالا' جي مشهور انگريز ۽ سک لڙائيءَ کان پوءِ، هندستان جو نامزد ڪمانڊر انچيف ٿي آيو هو. پر جيئن تہ سر هيوگف، سکن کي گجرات جي لڙائيءَ ۾ ڪاپاري ڌڪ هڻي چڪو هو، ۽ خطرو ختم ٿي چڪو هو، تنهنڪري هو واپس انگلنڊ وڃي رهيو هو. هو ڪراچي ۾ بارٽل فريئر جو ٽي-چار ڏينهن مهمان ٿي رهيو، ۽ سنڌ جي نظم ۽ نسق بابت کيس ڪيترائي مشورا ڏنائين. هن ملاقات کان پوءِ فريئر هن مشهور انگريز جنرل جو دوست بڻجي ويو. آگسٽ سن ١٨٥٣ع ۾ جڏهن انگلنڊ ۾ سر چارلس نيپيئر فوت ٿي ويو، تڏهن فريئر ڪراچي ۾ هڪ ماتمي جلسو ڪري، مري وڃڻ واري جي گهڻي ساراهہ ڪئي(١).

بارٽل فريئر، جيئن سندس سوانح نگار لکن ٿا، هڪ معزز ۽ خوشحال خاندان فريئر ۾ ٢٩-مارچ ١٨١٥ع تي ڪلائيڊاچ هائوس للانيلي جي ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ايڊورڊ فريئر هو. سندس ماءُ ميري اين فريئر، خوش خصلت عورت هئي، جنهن جي عمدي اخلاق جو پنهنجي اولاد تي وڏو اثر هو. فريئر جڏهن ٻن-ٽن سالن جو ٿيو تڏهن اوچتو سائوٿ ويلس ۾ مزورن جي بغاوت ٿي، جنهنڪري هي خاندان پنهنجي آبائي ڳوٺ کان هجرت ڪري باٿ جي نزديڪ وڃي رهيا. آتي هنن هڪ جاءِ خريد ڪئي، جنهن تي وُڊڪارب جو نالو رکيائون. هن جهوپڙي جي رهائش واري زماني ۾، هُو ير واري اسڪول ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ايڊورڊ سان گڏ تعليم وٺڻ لاءِ داخل ٿيو. وڊڪارب ۾ بہ سندس خاندان ڪو گهڻو وقت نہ رهيو. هُو اتان نقل مڪاني ڪري ايون نديءَ جي ڀرسان سبڊنهام ڪاٽيج ۾ وڃي رهيا. سن ١٨٢٩ع ۾ اوچتو هن جهوپڙيءَ کي باهہ لڳي، جنهن ۾ هن خاندان جي جمع ڪيل سرمايي جو گهڻو حصو جلي ويو.

فريئر جي تعليم باقاعدي باٿ جي هڪ گرامر اسڪول ۾ شروع ٿي. جتي کيس لائق استاد مليا. فريئر ننڍپڻ ۾ ئي فرض شناس ۽ سمجهدار هو. هُو پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ بيحد عزيز هو. گرامر اسڪول ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد هُو سترهن ورهين جي عمر ۾

(١) جان مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": حصو پهريون: ص ٨٥.

هئليبري ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ويو، جتي هن دوران تعليم ۾ ڪيترائي ميڊل ۽ انعام حاصل ڪيا. ڊسمبر ١٨٣٣ع ۾ هو ڪاليج ڪان فارغ التحصيل ٿي نڪتو، کيس ڪاليج لسٽ تي ٻهريون نمبر رکيو ويو. هئليبري ڪان فارغ ٿيڻ بعد کيس ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي طرفان هندستاني ملازمت جي لاءِ انتخاب ڪيو ويو. نظم ۽ نسق جي تربيت لاءِ، هو ٽرنٽي ڪاليج ڪئمبرج ۾ داخل ٿيو. جتي کيس يوناني ۽ لاطيني زبانن جي تعليم ڏني ويئي، ۽ هنن ٻولين ڪان سواءِ مشرقي ٻولين جي به کيس واقفيت ڏني ويئي.

هندستان جو سفر:

بارٽل فريئر سنه ١٨٣٤ع ۾ هندستان لاءِ انگلنڊ جي ساحل ڪان الوداع ڪيو. آن زماني ۾ هندستان جو سفر ڪا آسان شيءِ نه هئي. آفريڪا جي 'ڪيپ آف گڊهوپ' ڪان ڦري وڃڻو پوندو هو. مگر آن زماني ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ بينٽڪ، تجربي طور، هڪ جهاز ڳاڙهي سمنڊ جي رستي اسڪندريه تائين موڪلي ڏنو ته جيئن ٻوڙوچ سمنڊ جي قديم رستي کي وري جاري ڪري سگهجي. آن سان گڏ هي سرڪاري اعلان ڪيو ويو ته جيڪڏهن ڪو مسافر چاهي ته آن کي اجازت ڏني ويندي. بارٽل فريئر هن موقعي جو فائدو ورتو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي اجازت لاءِ لکيو، جا ٻهريائين ته نامنظور ڪئي ويئي، پر پوءِ، سندس ئي جوابداري کڻڻ تي کيس اهڙي اجازت ڏني ويئي. هو انگلنڊ جي فالمائوٿ بندر ڪان، 'فائر فلاءِ' نالي جهاز ۾ سوار ٿي مالٽا ۾ پهتو. مالٽا ۾ کيس هڪ مهينو، ٻئي جهاز جي لاءِ انتظار ڪرڻو پيو. جولاءِ ۾ هو هڪ يوناني جهاز ۾ سوار ٿي اسڪندريه روانو ٿيو. اسڪندريه ۾ پهچي، هو مصر جي سياحت ۾ مشغول ٿي ويو. القاهره ڪان نيل جي واديءَ ۾ آثارقديمه جي ڏسڻ لاءِ، ٿيبس ۽ ڪارناڪ به ويو. لارڊ بينٽڪ جو موڪليل جهاز مصر جي بندرگاهه ۾ پهچي نه سگهيو، ان ڪري هن مجبور ٿي مصر ۾ رهندڙ برٽش ڪائونسل جي مدد سان موخا (ساحل عرب) ڪان هندستان وڃڻ جي اجازت حاصل ڪئي. آگسٽ جي مهيني ۾ ڳاڙهي سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه نه هئي. گرمي انتها تي هئي. جهاز ننڍڙن بندرن ينبوع ۽ ٻين ڪان گذري جده پهتو. جهاز جيئن جده ڪان روانو ٿيو تيئن کيس هڪ طوفان سان دوچار ٿيڻو پيو. طوفان جي بند ٿيڻ ڪان پوءِ، جهاز هڪ اهڙي هند پهتو، جتي آزاد عربن جي آبادي هئي. قريب هو ته فريئر تڪليف ۾ اچي وڃي، پر هڪ شيخ جنهن جو نالو طيب هو ۽ جو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي خيرخواهن مان هو، تنهن کيس حملي ڪان بچائي ورتو. ڳاڙهي سمنڊ جي سورهن ڏينهن جي سفر ڪان پوءِ هو موخا جي بندر ۾ پهتو. موخا ڪان هڪ جهاز حاجين کي کڻيو سورت ٿي ويو، هو ان تي سوار ٿي ٢٣-سيپٽمبر ١٨٣٤ع تي بمبئيءَ ۾ پهتو. هو سڌو پنهنجي ٻاءُ وليم فريئر وٽ پهتو، جو اڳ ۾ ئي، بمبئي ۾ سول سروس ۾ هو. فريئر هن سفر ۾ اهڙو ته ڪاراتجي ويو هو، جو هو ٻهريائين ته کيس سڃاڻي ئي نه سگهيو. سندس ٻاءُ کي سندس اختيار ڪيل مخدوش سفر کي ٻڌي بيحد عجب لڳو.

سندس مقرري:

آن زماني ۾ سول سروس ۾ داخل ٿيندڙ آفيسرن لاءِ، ديسي ٻولين ۾ امتحان ڏيڻ لازمي هو. آن کان پوءِ سندن تقرري ٿي سگهندي هئي. بارٽل فريئر جو ڀاءُ وليم، اڳ ۾ ئي سول سروس ۾ هو، ان ڪري هو سندس رهبريءَ هيٺ امتحان جي تياريءَ ۾ مشغول ٿي ويو. ٽن مهينن کان پوءِ هو، ان لازمي امتحان ۾ وينو ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائين. سندس خواهش هئي ته سندس تقرر بيلگام جي ضلعي ۾ ٿئي، مگر سندس خواهش جي خلاف، کيس پوني ۾ ريوينيو آفيسر جي ماتحت رکيو ويو. ان وقت لارڊ ڪليئر بمبئي جو گورنر هو. ان بارٽل فريئر جي ان ابتدائي زندگيءَ ۾ وڏي دلچسپي ڏيکاري. پوني ۾ کيس سال کن رهندي مس گذريو هو، جو بمبئيءَ جي هڪ ضلعي انداپور ۾ مزارعين ۽ حڪومت جو تصادم ٿي پيو. هي شڪايتون بمبئي جي ريوينيو ڪمشنر وليمسن نالي هڪ انگريز وٽ پهتيون. هن پنهنجي نائب، هينري گولڊسمڊ کي هن جاچ لاءِ انداپور موڪليو. انڪوائري آفيسر جي خواهش تي، سندس مدد لاءِ بارٽل فريئر کي به ساڻس گڏ موڪليو ويو. هن ڪم جي پوري ٿيڻ کان پوءِ، هينري گولڊسمڊ کي انداپور ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو. فريئر پنهنجي اڳين جاءِ تي موٽي ويو. جلد ئي گولڊسمڊ کي دکن جي زمينن جي سروي لاءِ آفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ فريئر انداپور ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٿي ويو. هو ايترو ته خوش نصيب هو، جو اتان ترقي ڪري وڃي اسسٽنٽ ريونيو ڪمشنر جي عهدي تي پهتو. جتي هن آزمودگار ريوينيو ڪمشنر وليمسن کان گهڻو ڪجهه پرايو.

فريئر کي صدمو:

سنه ۱۸۳۷ع جي ابتدا ۾، بارٽل فريئر جو ننڍو ڀاءُ، جنهن کي هو نهايت پيارو گهرندو هو، پنهنجي ريجيمينٽ سان گڏ انگلنڊ کان ڪلڪتي پهتو. جيئن ته هو فريئر کان گهڻو پري هو، ان ڪري سندن ملاقات گهڻي دير کان پوءِ ٿي، مگر خط و ڪتابت جو سلسلو سندن درميان جاري رهيو. ان زماني ۾ افغانستان ۾ عجيب حالتون رونما ٿينديون رهيون. افغانستان جو شاهه، شاهه شجاع پنهنجو تخت ۽ تاج وڃائي، اچي پنجاب جي راجا رنجيتسنگهه وٽ پناهه گزين ٿيو. انگريزي حڪومت کي وچ ايشيا ۾ روسي طاقت جي وڌندڙ سيلاب کان خطرو پيدا ٿيو، جو ڏکڻ ۾ افغانستان جي حدن تائين اچي پهتو هو. اهڙيءَ حالت ۾ انگريزي حڪومت چاهيو ٿي ته افغانستان ۾ هڪ اهڙو حڪمران هجي، جو سندن اشارن تي هلندو رهي. هن مقصد کي پيش نظر رکندي، انگريزي سياستدانن جون اکيون معزول شاهه شجاع ڏانهن ويون، هنن چاهيو ٿي ته ان کي وري ڪابل جي تخت تي ويهاريو وڃي. اگرچه هي فيصلو غلط هو، مگر انگريز سياستدانن جون اکيون طاقت کي حاصل ڪرڻ لاءِ بند ٿي چڪون هيون. هنن آن جي نتيجي تي غور ئي نه ڪيو. کين اهو به ياد نه رهيو ته پرائي معاملي ۾ جو پنهنجي ٽنگ قاسائيندو آهي، ان کي خواريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نصيب نه ٿيندو آهي. راجا رنجيتسنگهه به هن غلط

ڪارروائي ۾ انگريزن سان شامل ٿي ويو. اهڙيءَ ريت انگريزي گورنر جنرل لارڊ آڪلنڊ، رنجيتسنگهه ۽ شاهه شجاع جو اتحاد ثلاثہ قائم ٿيو. فيصلو ڪيو ويو ته شاهه شجاع کي انگريزي فوج جي حفاظت ۾ ڪابل پهچايو وڃي ۽ اتي سندس حڪومت جو نئين سر بنياد رکيو وڃي. افغانستان ڏانهن وڃڻ لاءِ به سند جي رستي کي انتخاب ڪيو ويو، ڇو ته نزلو هميشه ڪمزور تي ڪرندو آهي. سنہ ١٨٣٩ع ۾ هي فوج، سر جان ڪين جي مهنداري هيٺ هن مهم لاءِ رواني ٿي. هن فوج ۾ رچرڊ فريئر به هو، جو ٻن سالن کان پوءِ پنهنجي پائرن وليم ۽ بارٽل سان بمبئيءَ ۾ اچي مليو. هن ملاقات جو وقفو نهايت مختصر هو. سرجان ڪين قلات، غلزئي، قنڌار ۽ غزنيءَ کان فاتحانہ گذري، ڪابل پهتو. امير دوست محمد، انگريزي فوج جو مقابلو نه ڪري سگهيو ۽ آخر پيش پيو. شاهه شجاع کي تخت تي ويهاريو ويو. پر مشهور انگريز سياستدان، سر وليم مئڪناٽن ۽ سر اليگزينڊر برنيز سندس صلاحڪار مقرر ٿيا. ڪين جون نوجون واپس موٽيون، مگر شاهه جي مدد لاءِ، هڪ انگريزي فوجي دستو ڪابل ۾ رهيو. بهرحال رچرڊ فريئر، جنرل سيل جي گشتي دستي ۾ شامل ٿيو، جو جلال آباد ۾ موجود هو. اوچتو امير دوست محمد جي پٽ اڪبرخان، افغانستان ۾ اندرئي اندر، شاهه شجاع ۽ ان جي انگريز مددگارن جي خلاف بغاوت کي پيدا ڪيو. مان هن عجيب انقلاب جي تفصيل ۽ واقعات ۾ نه ويندس، مگر ٻارهن مهينن جي عرصي ۾، افغان احرارن جي هٿان، سروليم مئڪناٽن، برنيز ۽ خود شاهه شجاع قتل ٿي ويا. انگريزي مددي فوج تي تباهي اچي وئي. مگر جنرل ناٽ قنڌار ۾ ۽ جنرل سيل جلال آباد ۾ پنهنجي جاءِ تي قائم رهيا ۽ مدافعت ڪندا رهيا، ايستائين جو جنرل پالڪ فاتحانہ انداز ۾، ڪابل ۾ داخل ٿيو. هن فتوحات جي بعد، ميجر رچرڊ فريئر، جنرل سيل سان گڏ هندستان روانو ٿيو، مگر افسوس جو سائس حياتي وفا نه ڪئي، ۽ هو راولپنڊي ۾ بيمار ٿي مري ويو. سندس موت جو بارٽل فريئر تي وڏو اثر پيو ۽ هو ڪيترو وقت پنهنجي ڀاءُ جي غم ۾ مبتلا رهيو.

سر جارج آرٿر ۽ بارٽل فريئر:

سن ١٨٣٥ع ۾ لارڊ ڪليئر، بمبئيءَ جو گورنر پنهنجي عهدي جي مدت ختم ڪري، انگلنڊ روانو ٿيو. سن ١٨٣٥ع کان سن ١٨٤٢ع تائين بمبئيءَ ۾ عارضي گورنر ڪم ڪندا رهيا(١). سن ١٨٤٢ع ۾ سر جارج آرٿر، بمبئيءَ جو مستقل طرح گورنر ٿي آيو. سائس سچو ڪٽنب به هو ۽ ان سان گڏ پرائيويٽ سيڪريٽري به، جنهن جو نالو ڪرنل پروڪٽر هو. پروڪٽر تي عدن ۾ تمازت آفتاب جو حملو ٿيو، ۽ جان بَر ٿي نه سگهيو. بمبئيءَ پهچڻ تي ڪيس نئين پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جي ضرورت پيئي. جيئن ته لارڊ ڪليئر، بارٽل فريئر جي حسن خدمتيءَ جي وڏي ساراهه لکي ويو هو، ان ڪري سر آرٿر ڪيس پنهنجو پرائيويٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو. سر آرٿر جي خاندان جي قريب رهڻ جي ڪري، فريئرجي گورنر جي وڏي نياڻي ڪئٿرائين سان محبت پيدا ٿي.

(١) جيمس ڊگلس: "بامبي اينڊ ويسٽرن انڊيا": ح-١: ص ٣٨٩.

اڳتي هلي، هن جوڙي جي پاڻ ۾ شادي ٿي. بارٽل فريئر سن ۱۸۴۴ع تائين هن عهدي تي رهيو. هن سال جي اپريل جي مهيني ۾ سندس والد گذاري ويو، جنهن جو کيس وڏو صدمو رسيو. دل جي بيقراريءَ جي ڪري، هن فرلو موڪل لاءِ درخواست ڏني، جا سندس منظور ڪئي ويئي ۽ هو زال سميت انگلنڊ روانو ٿي ويو. پنهنجي صحت جي خرابيءَ جي ڪري، هو ٻه سال انگلنڊ ۾ رهيو ۽ نومبر ۱۸۴۶ع ۾ هو بمبئي موٽيو. هن وچ ۾ سرجارج آرٿر، گورنريءَ جي عهدي کان سبڪدوش ٿي، انگلنڊ روانو ٿيو ۽ سندس جاءِ تي سرجارج ڪلارڪ بمبئيءَ جو گورنر مقرر ٿيو. موٽي اچڻ تي فريئر، بمبئيءَ جي گورنر جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جي بجاءِ، بمبئي ۾ ڪسٽمس ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ٿيو.

ستارا ۾ ريزيڊنٽ:

مرهٽن جي عظيم سلطنت جي زوال کان پوءِ، جنهن جي ابتدا پاڻيپٽ جي ميدان ۾ احمد شاهه ابداليءَ کان ۽ آخري تباهي انگريزن کان ٿي، ستارا جي ننڍي رياست ۾ شيواجي جي اولاد حڪومت قائم ڪئي هئي، جو راجا انگريزن جي سرپرستي هيٺ حڪومت ڪري رهيو هو. اپريل ۱۸۴۷ع ۾ سرجيمس آئوٽرام، جو آتي ريزيڊنٽ هو، موڪل تي انگلنڊ روانو ٿيو. سرجارج جي انتخاب جي نظر بارٽل فريئر تي پيئي ۽ کيس ريزيڊنٽ مقرر ڪري موڪليو ويو. جلدي اتان جو راجا بيمار ٿي پيو. پنهنجي بيماريءَ جي وقت، هن پونسلي خاندان مان هڪ ٻار، گود جو پٽ ڪري ورتو. مگر راجا جي موت کان پوءِ، لارڊ ڊلهائوسي، هندستان جي گورنر جنرل، راجا جي وصيت کي قبول نہ ڪيو ۽ ستارا کي انگريزي حڪومت سان ملايو ويو، ۽ اتان جو پهريون ڪمشنر بارٽل فريئر مقرر ٿيو. فريئر، جيترو وقت آتي رهيو، پاڻ کي بهترين منتظم ثابت ڪيائين. هن جي حُسن انتظام جي ڪري، هو پرنگل کان پوءِ سنڌ جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو، جنهن جو تفصيل سان ذڪر مٿي اچي ويو آهي.

مير علي مراد خان خيرپور جي واليءَ جو معاملو:

بارٽل فريئر، جڏهن سنڌ ۾ ڪمشنر ٿي آيو تڏهن چوڌاري صلح ۽ سانت هو. حڪمران ميرن کي سنڌ کان ٻاهر موڪليو ويو هو، ۽ رعايا کان سندن غم گهٽجي چڪو هو. فقط خيرپور رياست جو والي مير علي مراد خان، ميرن مان، هڪ اهڙي شخصيت هو، جو پنهنجي وطن ۾، پنهنجي موروثي تخت تي قابض هو. هن پنهنجي خاندان سان ڪا چڱائي نہ ڪئي هئي ۽ پنهنجي هوَس جو شڪار ٿي، پنهنجي خاندان کي تباهيءَ تي پهچائي چڪو هو. سرچارلس نيپيئر جو شخصي دوست هو، ان ڪري انگريزي حڪومت وٽ کيس وڏو اعتماد ۽ رسوخ حاصل هو. ساڳئي وقت قدرت جي انتقام جو هٿ بہ ان ڏانهن وڌي رهيو هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ 'دير سان وٺندو آهي، پر سخت وٺندو آهي'. خدا جو شان! نيپيئر جي زماني ۾ ئي، هيءَ ڳالهه ظاهر ٿي تہ مير موصوف، نهايت دانائيءَ سان، بدديانتي ڪندي، اهڙن پرڳڻن تي قبضو ڪيو

Gul Hayat Institute

آهي، جي اصل ۾ ساڻس متعلق نه هئا. سر بارٽل فريئر جي سوانح حيات جو لکندڙ، هن حقيقت کي فقط ٿورن جملن ۾ ختم ڪري ڇڏي (۱)، مگر هن حقيقت کي 'تازه نوائي معارڪ' جو مصنف وڏي تفصيل سان ٿو لکي (۲). مير صاحب موصوف جون خدمتون اهڙيون نه هيون، جن کي طوطي چشم انگريز وساري سگهن. 'تازه نوائي معارڪ' جي تحرير موجب، هن سڄي فساد جو باني، شيخ علي حسن سهارنپوري هو، جو مير صاحب جو وزير نه بلڪ مدارالمهام هو. حڪومت جو سڄو اقتدار سندس هٿ ۾ هو. ايتريقدر جو هو جڏهن ٻيرلوءِ ۾ پنهنجي مڪان ۾ ايندو هو تڏهن سندس آمد جي اعزاز ۾ توبون ڇوڙيون وينديون هيون، جن جو آواز سکر جي انگريزي ڇانوڻيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. رفتي رفتي مير صاحب جي شفقت جي نظر، شيخ علي حسن کان دور ٿي ويندي رهي، تان جو مير صاحب کيس ان اعليٰ عهدي کان معزول ڪري ڇڏيو. ٿورا ڏينهن هُو سکر جي صدر بازار ۾ وڃي رهيو. پنهنجي خانگي سپاهه کي تنخواهه ڏيڻ کان مجبور ٿي، هُو ملتان جي طرف هليو ويو. جيئن ته کيس آتي به آرام نه آيو، ۽ مير محمد حسن خان ولد مير رستم خان وٽ وڃي رهيو، جو پنهنجي چاچي مير علي مراد خان جو ڪنهن به صورت ۾ خيرخواهه نه هو. جيئن ته شيخ علي حسن جي سيني ۾ ڪيئي راز مير صاحب جا موجود هئا، هُن پنهنجي نمڪحراميءَ سان مير محمد حسن خان جي دل ۾ انتقام جي دکندڙ چڻگاريءَ کي هوا ڏيئي شعلو بڻايو. شيخ علي حسن مير صاحب جي هڪ اهم راز جو انڪشاف ڪيو، جنهن کي 'خيرپورنامه' جو مصنف هيئن ٿو لکي: (۳)

"سال ۱۸۴۱ع ۾ آن وقت جڏهن مسٽر راس بيل، مير رستم خان جي عهد ۾ خيرپور جو پوليٽڪل ايجنٽ هو، مير علي مراد خان، صاحب موصوف کي درخواست ڏني ته مير رستم خان ۽ سندس ڀائٽيي مير نصير خان ولد مير مبارڪ خان، سندس ڪي پرڳڻا غصب ڪيا آهن، جي موٽائي ڏنا وڃن. راس بيل پنهنجي حڪومت سان، هن معاملي بابت لهه وچڙ ۾ هو ته مير صاحبن جي دشمنيءَ جو معاملو ايستائين وڌي ويو، جو ٻئي ڌريون جنگ تي لهي آيون. نونارين جي ڳوٺ وٽ هيءَ جنگ لڳي، جنهن ۾ مير علي مراد خان کي فتح حاصل ٿي. ڌرين ۾ صلح ٿيو ۽ آهو صلح جو مسودو قرآن شريف تي لکيو ويو. آن عهد نامي موجب ملڪ جا ڪي حصا مير علي مراد خان جي قبضي ۾ اچي ويا. هن عهد نامي کي 'نونار جو عهد نامو' ٿا سڏين."

ماڳيو مصنف هن حقيقت بابت اڳتي هلي لکي ٿو ته: (۴)

"مياڻيءَ ۽ دٻي جي جنگين کان پوءِ، ملڪ جا جيڪي به حصا، مير رستم خان جي هٿ ۾ هئا، سي مير علي مراد خان کي ڏنا ويا. سواءِ سبزل ڪوٽ ۽ ڀرنگ جي، جيڪي

---

(۱) جان مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": ص ۸۶. (۲) مرزا عطا محمد: "تازه نوائي معارڪ": ص ۷۰۹.
(۳) خانبهادر خداداد خان: "خيرپور نامه": ص ۳۰. (۴) خانبهادر خداداد خان: "خيرپور نامه": ص ۴۵.

بهاولپور جي واليءَ کي ڏنا ويا. سرچارلس نيپيئر اجا ملڪ جي انتظام ۾ مشغول هو ته سن ١٨٤٥ع ۽ سن ١٨٤٧ع جي وچ ڌاري، کيس اطلاع مليو ته مير علي مراد خان، نونار جي عهدنامي ۾ ٺڳي ڪئي آهي. قرآن شريف تي لکيل تحرير کي ڦاڙي، ان جي بجاءِ ٻيو ورق وڌو ويو آهي. جتي به ههنام ڏيهون لکيل هيون، انهن کي پرڳڻو بڻايو ويو آهي. مثال طور ماٿيلو ۽ دادلوءَ جي ڏيهن کي پرڳڻو بڻايو ويو آهي ۽ اهي مير علي مراد جي قبضي ۾ آهن."

افسوس جو هن راز ۾ مير صاحب سان شيخ علي حسن همراز هو. شيخ، مير صاحب وٽان خواريءَ سان نڪرڻ بعد، مير علي مراد جي مخالفن سان سازباز ڪئي ۽ هن راز کي شڪارپور جي وڏي پوليس آفيسر، مسٽر هسبنڊ وٽ ظاهر ڪيو. رفته رفته هي مقدمو پنهنجي نوعيت سان گهرو ٿيندو ويو. سن ١٨٤٧ع ۾ نيپيئر پنهنجي ملازمت کان سبڪدوش ٿي ويو. نئين ڪمشنر پرنگل جي دور ۾ هن معاملي جي تحقيق لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. هن ڪميشن جو اجلاس سن ١٨٥٠ع ۾ سکر ۾ ٿيو. پرنگل کي اگرچ مير صاحب جي انگريز دوستيءَ جي سچي خبر هئي، مگر ڪمال، بيمروتيءَ سان هُن مير موصوف کي ڪميشن جي سامهون حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ڪميشن مير صاحب کي ڏوهاري ثابت ڪيو. بمبئي گورنمينٽ، ڪميشن جي فيصلي کي بحال ڪيو. گورنر جنرل سچي لکپڙهه، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس ڏي ڏياري موڪلي. نومبر سن ١٨٥١ع ۾ انگلنڊ کان فيصلو بمبئيءَ ۾ پهچي ويو. هيءُ فيصلو 'سورت' نالي جهاز ۾ ڪراچيءَ ۾ موڪليو ويو، مگر افسوس جو هي جهاز منزل مقصود تي پهچي نه سگهيو ۽ واٽ تي ئي غرق ٿي ويو. بهرحال مهينو پوءِ، فيصلو ڪراچي ۾ پهچي ويو. (١) افسوس جو 'تازه نواي معارڪ' جي مصنف هن واقعي کي سن ١٨٥٨ع سان منسوب ڪيو آهي، جو قطعي غلط آهي. (٢) فريئر جو اشتهار جو انگريزيءَ ۾ موجود آهي، ان تي ١٨-جنوري سن ١٨٥٢ع ڏيکاريل آهي. (٣) بهرحال هي سن اصلاح جي قابل آهي. فريئر فيصلي جي پهچڻ کان پوءِ، عام اشتهار جي ذريعي، ان کي مشتهر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مضمون جي طويل ٿي وڃڻ جي ڪري، مان ان جو هت ٿورو حصو ڏيان ٿو:

"مير صاحب ممدوح جي مٿان تهمت هئي، جنهن کان هُو ڪنهن به طرح، پاڻ کي بَري نه ڪري سگهيو آهي. ان ڪري سرڪار اشتهار ٿي ڪري ته مير علي مراد خان کي رئيسيءَ جي عهدي کان برطرف ٿو ڪجي. سيئي ملڪ جا حصا، سواءِ سندس موروثي حصن جي، ٻيا سڀ انگريزي ملڪ سان لاڳو ڪيا وڃن ٿا."

---

(١) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": حصو پهريون: ص ٨٦. (٢) مرزا عطامحمد: "تازه نوائي معارڪ": ص ٢٣٧
(٣) سر ٿامس: سيلڪشنس فرام دي ريڪارڊس آف دي بامبي گورنمينٽ نمبر ١٧: ص ١١٥.

'تازه نوائي معارڪ' ۾ جتي اشتهارنامه فارسيءَ ۾ ڏنو ويو آهي، اتي سن ١٨٥٢ع ڏيکاريو ويو آهي. حاشيي ۾ سال ١٨٥٨ع جي تصحيح ڏانهن به اشارو ڪيو ويو آهي. بهرحال هيءَ غلطي آهي، جنهن کي پوءِ سنڀاليو ويو آهي. هن اشتهارنامه جي نفاذ کان پوءِ، سند گورنمينٽ جو فرض هو ته فيصلي موجب انهن پرڳڻن تي قبضو ڪيو وڃي، جي ميرصاحب جي قبضي ۾ هئا. نئين ڪمشنر فريئر جي لاءِ هيءَ وڏي آزمائش جي گهڙي هئي. هڪ ملڪي حڪمران ڪان، سندس قبضي مان، ڪنهن حصي کي کسي وٺڻ ڪو آسان ڪم نه هو. ڇو ته انگريزن جي حڪومت کي وجود ۾ آئي ڪو گهڻو وقت نه گذريو هو، ان ڪري فريئر خطرو محسوس ڪيو ته متان ان جا نتيجا بُرا نڪرن. مير صاحب پاڻ به فوجي ماڻهو هو. ان ڪري پيشبنديءَ کي ضروري خيال ڪيو ويو. فريئر جي لکڻ کان اڳ ۾ ئي مرڪزي حڪومت فوجن کي چرپر ۾ آڻڻ شروع ڪيو. پنجاب ريجمينٽ سبزل ڪوٽ تائين وڌي آئي ۽ ٻئي طرف جنرل جان جيڪب پنهنجي فوج سان، پٺي (تعلقي روهڙي) ۾ اچي خيمه زن ٿيو. مگر فوجي حرڪت کي، فريئر نهايت دانشمنديءَ سان روڪي ورتو. هو پاڻ اچي روهڙيءَ ۾ منزل انداز ٿيو ۽ اتان جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر مسٽر ليسٽر کي، ميرصاحب ڏانهن ڏياري موڪليو ته هو کيس حڪومت جي فيصلي کان آگاهه ڪري. مير صاحب ان وقت نائچن جي ڳوٺ ۾ شڪار ۾ مشغول هو. ليسٽر اتي وڃي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ کيس ان بدخبر کان آگاهه ڪيائين. مير صاحب کي هن خبر ٻڌڻ سان بيحد رنج ٿيو، مگر "ڏٺ ڏو ٽٽين نه پوي، نه هاريو هٿين ڪير" نهايت صبر ۽ تحمل سان ان خبر کي ٻڌائين. فقط فوجي نقل ۽ حرڪت تي پنهنجي نارضامنديءَ جو اظهار ڪيائين.

ٻئي ڏينهن فريئر، روهڙيءَ جي پرسان ڪئمپ ۾ دربار ڪئي، جنهن ۾ مير صاحب به اچي حاضر ٿيو. هن وڏي تحمل ۽ شان سان ڪمپنيءَ جي فيصلي کي ٻڌو. ان هوندي به هن گورنمينٽ سان پنهنجي ديرينه دوستيءَ کي ڇنڻ نه چاهيو. سندس ماسي جا قريباً سؤ ورهين جي هئي، مير کي پنهنجي جمع ڪيل دولت سپرد ڪري، انگريزن سان وڙهڻ لاءِ صلاح ڏني. مگر ميرصاحب ڪمال دانشمنديءَ سان لڙائيءَ جي خطري کي ٽاري ڇڏيو. اهڙيءَ ريت انگريزي حڪومت سان اهي ملڪ جا حصا به شامل ٿي ويا، جي اڳ ۾ ميرصاحب جي قبضي ۾ هئا. جيئن ته آباوڙو تعلقو، ميرپور ماٿيلو، دادلوءِ، ڪشمور، محمد باغ، چَڪ، رستم وغيره انگريزي حڪومت سان شامل ٿي ويا. ميرصاحب پنهنجي دامن تان داغ ڌوئڻ لاءِ خاموش نه رهيو، هو دادخواهيءَ جي لاءِ فريئر جي منع هوندي به انگلنڊ هليو ويو، پر هن سفر جو به نتيجو ڪو چڱو نه نڪتو.

ڪراچيءَ جو بندر:

مير علي مراد تي سياسي برتري حاصل ڪرڻ کان پوءِ، فريئر پنهنجو سڄو ڌيان، ملڪ جي اصلاح جي طرف ڏنو. خداداد فراست جي ڪري، هو آهستي آهستي پنهنجي اصلاحي ڪمن ۾

Gul Hayat Institute

بہ ڪامياب ٿيندو ويو. سندس پھريون اصلاحي ڪم ھو، ڪراچيءَ جي بندر جي تعمير. ڪراچي، جنھن کي اڄ ’مشرق جي راڻي‘ جو خطاب حاصل آھي، اھو ھڪ معمولي ڳوٺ ھو. سنڌ جي فتح کان گھڻو وقت پوءِ، سرچارلس نيپيئر سندس اھميت جي مدنظر ان کي سنڌ جي گاديءَ جو ھنڌ بڻايو. جتي ھن پنھنجي رھڻ لاءِ بنگلو ٺھرايو، جو ھاڻي گورنمينٽ ھائوس جي ناليءَ سان سڏجي ٿو. ڪرنل ينگ ڪيٽ، جو ڪراچيءَ ۾ ايڊووڪيٽ جنرل جي عھدي تي ڪافي عرصو رھيو، ھن شھر جي ھيٺين ريت قلمي تصوير ٿو پيش ڪري:(١)

’نگاھ جي حد تائين ساوڪ ۽ سبزہ جو نشان نہ آھي. ڪٿي بہ آب شيرين جو چشمو نظر نہ ايندو ۽ نہ وري ڪا شفاف ندي آھي. سمنڊ جو کارو پاڻي ھرھنڌ ميسر آھي.‘‘

ڪراچي جي خستہ حالت جو نقشو، خود فريئر، پوءِ پنھنجي ھڪ خط ۾ ھيئن ٿو پيش ڪري(٢):

”سن ١٨٥١ع ۾ ميل پنڌ ڊگھو بہ ڪو پڪو رستو ڪونہ ھو، نہ وري ڪا پڪي تعمير ٿيل پل موجود ھئي. فقط ڪي بئرڪون ھيون، جي توبخاني جي فوج لاءِ ٺھرايون ويون ھيون(٣). جھازن جي مرمت لاءِ بہ ڪو ڪارخانو نہ ھو. ايتريقدر جو درياھ تي ھلندڙ معمولي جھاز بہ مرمت لاءِ بمبئيءَ موڪليا ويندا ھئا. ستن ورھين جي مختصر عرصي ۾، ٻي جھاز غرقاب ٿي چڪا ھئا. خصوصيت سان ’فاڪلنڊ‘ جھڙو وڏو ۽ مضبوط جھاز، جنھن جھڙو ھندستان ۾ اڳ ڪڏھن بہ نہ موڪليو ويو ھو، ڪراچي بندر جي پرسان ٻڏي چڪو ھو. نڪو ڊاڪ بنگلو ھو نہ سراءِ، نہ ڌرمسالا نہ ضلعي جي ڪچھريءَ جي جاءِ. مارڪيٽ موجود ھو، مگر پوليس ٿاڻي جي جاءِ ڪانہ ھئي، نہ اسڪول. اھي عارضي بئرڪون ھيون، جي سرڪاري آفيسن لاءِ ڪم اينديون ھيون. سچ تہ سنڌ سان بمبئي سرڪار ۽ ھند سرڪار، ماٽيجي ماءُ واري روش اختيار ڪئي ھئي.“

فريئر پھريائين پنھنجو سڄو توجہ بندر جي بھتريءَ ڏانھن ڏنو. دوررانديش انگريز آفيسر چڱيءَ ريت سمجھيو ٿي تہ بندر جي جيڪڏھن اصلاح نہ ڪئي ويئي تہ تجارت کي ڪوبہ فروغ نہ ملي سگھندو، جو انگريز شاطرن جو ملڪ گيريءَ کان بہ مٿي مقصد ھو. ھن بمبئي گورنمينٽ کي لکي موڪليو تہ پندرھن سون رپين جي فوري منظوري ڏني وڃي تہ اُن سان ھيءَ تحقيق ڪرائي وڃي تہ بندروٽ جو بند آھي، جو ھميشہ جھازن جي لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيو آھي، اتان ھٽائي بہ سگھجي ٿو يا نہ؟ ان کان سواءِ ھيءُ معلوم ڪيو وڃي تہ ھيءَ رڪاوٽ بذاتِ خود ڪو ٽڪر تہ نہ آھي. جيڪڏھن فطرت جي ھيءَ رڪاوٽ آھي تہ روشنيءَ جي مينار (لائيٽ ھائوس)

Gul Hayat Institute

---

(١) ينگ ڪيٽ: ”پاسٽ، پريزنٽ اينڊ فيوچر آف سنڌ“: ص ٢٥. (٢) مارٽينيو: ”سربارٽل فريئر“: ج. ا: ص ٩٢. (٣) بئرڪن کان مطلب، نيپيئر بئرڪس آھي.

جي ضرورت پوندي. هن مينار جي غيرموجودگيءَ ۾ جهازن کي خصوصيت سان چوماسي جي موسم ۾، بندر جي اندر گهڙي اچڻ جي همت نہ پئي ٿي. هيءَ تہ چوماسي جي مند جي حالت هئي پر خوشگوار موسم ۾ بہ ڪو جهاز هن خطري ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هو تہ بي تحاشا، اطمينان سان بندر جي اندر گهڙي اچي. اڪثر جهاز، بندر کان گهڻو پري لنگرانداز ٿيندا هئا، جتان مسافر يا مال، ٻيڙين جي رستي ۾ پهچندو هو. هي سلسلو نهايت خرچائو ۽ سيڙپ وارو هو. پر افسوس جو فريئر جي رپورٽ کي بمبئيءَ ۾ ڪابہ اهميت نہ ڏني ويئي. بمبئي گورنمينٽ لکي موڪليو تہ هن سڄي ڪم لاءِ ڪنهن ماهر ارضيات جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. جيئن تہ سڄي سنڌ ۾ ماهر ارضيات موجود نہ هو، ان ڪري فريئر هن خال کي پرڻ لاءِ، هندستان جي بحري فوج جي هڪ آفيسر هاپڪنس کان، جو ڪراچيءَ ۾ مقيم هو، بندر جي صحيح حالت جي باري ۾ راءِ حاصل ڪئي. ان جي نوٽ سان گڏ، هن وري پنهنجي درخواست بمبئي گورنمينٽ ڏانهن ڏياري موڪلي ڏني. هن دفعي تہ ڪيس ڪوبہ جواب ئي نہ ڏنو ويو. لاچار فريئر هن سڄي حقيقت کي گورنر جنرل جي ڌيان تي آڻڻ گهريو. ان وقت لارڊ ڊلهائوسي، هندستان جو گورنر جنرل هو، جنهن سان فريئر جا شخصي تعلقات هئا. لارڊ ڊلهائوسي سنڌس خانگي خط کان متاثر ٿي، ڪيس امداد ڏيڻ جو وعدو ڪيو. ان هوندي فريئر خاموش نہ رهيو. هن بمبئي گورنمينٽ کي لکي موڪليو تہ هو سنڌس درخواست کي بمبئي چيمبر آف ڪامرس ۽ بمبئي اسٽيم نيويگيشن ڪمپني ڏانهن راءِ لاءِ موڪلي ڏئي.

آڪٽوبر سن ١٨٥٢ع ۾ هڪ فوجي جهاز 'ڊيوڪ آف آرگائيل' سڌو انگلنڊ کان ڪراچيءَ اچي رهيو هو. فريئر پنهنجي بيگم سان گڏ منهوڙي وٽ وڃي بيٺو. سنڌس اکين تي دوربين هئي، جنهن سان ڏسي رهيو هو تہ جهاز کي ان بند ٽپڻ ۾ ڪهڙي تڪليف پيش اچي ٿي. جڏهن جهاز بند جي ڪشمڪش، کان آزاد ٿي بندر ۾ گهڙيو، تڏهن هن اکين تان دوربين کي هٽايو ۽ خدا جو شڪر بجا آندو ۽ ڪراچيءَ، سنڌ ۽ اتر-اولهہ هندستان جي مستقبل تي سوچيندو رهيو. بهرحال فريئر جي ساندهہ ڪوشش جو نتيجو ظاهر ٿيو. آخر بمبئي گورنمينٽ منظوري ڏني ۽ جنوري سن ١٨٥٣ع ۾ ميجر ٽرنر سروي شروع ڪئي. مقرر وقت اندر، هن پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو تہ اهو بند واريءَ جي گڏ ٿيڻ کان ٺهيو آهي. خوشقسمتيءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو هن طرف ڌيان ڇڪيو. بمبئي گورنمينٽ بہ پڪي ارادي تي لهي آئي تہ متئين بند کي هٽايو وڃي. هڪ طبقات‌الارض جي ماهر مسٽر هارڊي ويلس کي وڌيڪ تحقيقات لاءِ موڪليو ويو، جنهن جي راءِ کي مقدم رکي بريڪ واٽر ٺاهڻ جي سفارش ڪئي وئي ۽ واريءَ جي بند کي هٽايو ويو. ڪراچي بندر جي اصلاح جو هيءُ ابتدائي مرحلو، فريئر جي ڪوشش سان آخر سرانجام ٿيو، جو بندر، اڄ دنيا جي بندرن ۾ پنهنجي خوبين سان مشهور آهي. ٿوري وقت کان پوءِ منهوڙي تي لائيٽ هائوس جي تعمير جو بہ بنياد رکيو ويو.

Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي تائين ريلوي:

ڪراچي بندر جي اصلاحي معاملن کان فارغ ٿي، فريئر، لارڊ ڊلهائوسيءَ جي ڌيان تي آڻي گهريو تہ سنڌونديءَ سان گڏ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريلوي رستو تيار ڪيو وڃي. فريئر جي هن رٿ ڏيڻ کان اڳ ۾، سنہ ١٨٤٩ع ۾ ٻہ ريلوايون ايسٽ انڊين ريلوي ۽ گريٽ انڊين پيننشولا ريلوي ڪم ڪري رهيون هيون. لارڊ ڊلهائوسي ٥- ڊسمبر ١٨٥٣ع تي فريئر کي جواب ڏنو تہ (١):

"ڪنهن بہ حالت ۾ مان سمجهان ٿو تہ ريلوي سان ڪراچي بندر کي ڳنڍجي، سو نهايت ضروري آهي، پوءِ اهو ڪوٽڙي وٽ درياهہ سان ملي يا ٺٽي وٽ. مان دل سان قبول ڪريان ٿو تہ هن معاملي لاءِ، جلدي جاچ ڪئي وڃي. نتيجو ڪهڙو بہ نڪري پر اها جاچ سودمند ٿيندي."

لارڊ ڊلهائوسيءَ جي خط پهچڻ کان ٻہ هفتا پوءِ، فريئر هن جاچ لاءِ ليفٽيننٽ چيپ مئن کي مقرر ڪيو. هي هونهار انجنيئر، لڪي کان درياهہ رستي ڪوٽڙيءَ وڃي رهيو هو. هن کي جلدي هئي تہ سج لٿي کان اڳ ۾ ڪوٽڙي پهچي وڃي. هن ملاحن کي تيز هلڻ لاءِ حڪم ڏنو. اچا ٻيڙي ٿورو پنڌ مس هلي هئي تہ ڪنهن شيءِ سان وڃي ٽڪري. شايد ڪو وڻ جو وڏو ٿنڊ هو، جو پاڻيءَ جي اندر موجود هو. جلدي ٻيڙيءَ ۾ پاڻي پرجڻ لڳو. ڪناري تان هڪ ٻيڙي، هن جي مدد لاءِ وڌي، مگر بدقسمتيءَ سان ان جي نوڙي ڇڄي پئي ۽ پاڻيءَ جو وهڪرو ڪيس ٻئي طرف وٺي ويو. ايتري ۾ ٻڏندڙ ٻيڙي ٻڏڻ شروع ڪيو. ليفٽيننٽ چيپ مئن پنهنجي ستاويهن همراهن سميت، درياهہ جي لهرين جي لپيٽ ۾ اچي ٻڏي ويا. افسوس جو سنڌ ۾ ريلوي جو پهريون بنياد رکندڙ انجنيئر، اهڙي ريت حادثي جو شڪار ٿي ويو. (٢)

اُن مهينن جي خاموشي کان پوءِ، عوام جي هڪ ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي تہ گورنمينٽ تي زور آڻجي تہ هو ريلويءَ جي ڪم کي شروع ڪن. اهڙي ميٽنگ حيدرآباد ۾ بہ ٿي. آڪٽوبر سنہ ١٨٥٤ع ۾ لارڊ ڊلهائوسيءَ، هڪ شخصي خط ۾ فريئر کي لکيو تہ: (٣)

"مون کي ڏسي خوشي ٿئي ٿي تہ اوهان سنڌ جي ترقيءَ لاءِ بيحد پاڻ پتوڙي رهيا آهيو. مون کي افسوس آهي تہ سرڪاري لکپڙهہ ۾ سال ڏيڍ لڳي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ کان ڪلڪتي تائين هڪ طويل رستو آهي، جنهنڪري هرڪنهن ڪم جو نهايت آهستگيءَ سان نيڪال ٿي رهيو آهي."

مارٽينيو سچ لکيو آهي تہ "فريئر کي ڪي اصول هئا، جن جو هو پاڻ مالڪ هو. بلڪل اهڙيءَ ريت، جيئن هڪ جهاز جو ڪئپٽن سمنڊ تي پنهنجي مشڪلاتن کي چڱيءَ ريت سمجهندو

---

(١) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر" ج ا: ص ٩٦.
(٢) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر" ج ا: ص ٩٩.
(٣) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر" ج ا: ص ١٠٠.

Gul Hayat Institute

هجي." فريئر، ملڪ جي ان حصي بابت، جنهن تي هو حڪومت ڪري رهيو هو، پنهنجي مشڪلاتن کي پوري ريت ٿي سمجهيو ۽ هڪ گهڙي به انهن کان بي‌پرواهه نه رهيو، جو سندس صحيح ڪاميابيءَ جو راز هو.

بهرحال فريئر جي ڪوشش وجي هنڌ ڪيو. جڏهن ريلوي جي تعمير جي تجويز انگلنڊ ۾ پهتي، تڏهن انگلنڊ ۾ هڪ ڪمپني ناهي ويئي، جنهن جو نالو "سنڌ ريلوي ڪمپني" رکيو ويو. ڪمپنيءَ جي موڙي پنج لک پائونڊ رکي ويئي ۽ موڙي حصن جي وڪڻڻ سان گڏ ڪئي ويئي، جنهن جو وياج ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڏيڻو ڪيو. فريئر ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ، ان لاءِ جدا جدا آفيسرن جا رايا گهرايا. ميجر ٽرمينيهر ۽ ڪرنل جان جيڪب، ريلويءَ جي نهڻ جي مخالفت ڪئي. مگر "سنڌ ريلوي ڪمپنيءَ" جي هڪ هندستان ۾ رهندڙ نائب، مسٽر نيول وارن، انهن کي ردڪد ڏنا. ساڻده ٽي سال پيمائش جو ڪم ٿيندو رهيو. سن ١٨٥٨ع جي شروع ۾ ريلوي جي ڪم جي پوري تياري ڪئي ويئي. ريلويءَ جي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ، تاريخ ١٩- اپريل سن ١٨٥٨ع جي شام جو افتتاحي جلسو ڪيو ويو. ان جلسي جو صدر بارٽل فريئر کي ڪيو ويو. سنڌ ريلوي ڪمپنيءَ جي ان وقت آفيس ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ هئي، اتان صدر جي اعزاز ۾ هڪ سرگس ڪيڍي ويئي، جا وڏي تزڪ ۽ احتشام سان ڦرندي، ريلوي جي ان جاءِ تي پهتي، جتان ڪم شروع ٿيڻ وارو هو. فريئر صاحب پنهنجي هٿن سان ان جو سنگ بنياد رکيو ۽ اهڙيءَ ريت هيءُ شاندار مجلس پوري ٿي. افتتاح ٿيڻ کان پوءِ ريلويءَ جو ڪم تيزي سان شروع ٿيو، مگر بعد ۾ هيءُ ڪم ماٺو ٿي ويو، جيئن فريئر پنهنجي هڪ دوست ڪرنل ٽريويلان کي خط ۾ لکيو ته: (١)

"ڪجهه وقت مان بيمار هوس ۽ هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند. مگر ان هوندي به پنهنجي فرائض کان غافل نه هوس. اوچتو ريلويءَ جو معاملو بگڙي ويو. ٺيڪيدار جي ڪيترن مهينن کان سني هلت نه هئي. سندس موڙيءَ ۾ ڪمي اچي ويئي ۽ انتظام به ٺيڪ نه رهيو. جيئن نه ڪم جي تڪڙ هئي، ان ڪري مان کيس هڪ لک رپيا قرض طور وٺرائي ڏنا. ان هوندي به معلوم پئي ٿيو ته هو گهڻو وقت نه هلي سگهندو. هڪ ڏينهن هن بمبئيءَ مان تار ڪئي ته هو انگلنڊ وڃي رهيو آهي. مان ڪيترو نه مشڪلات ۾ وڃي پيس. تقريباً آٺ هزار مزور ڪم ڪري رهيا هئا. سندس ايجنٽ وٽ فقط ٽيهه رپيا هئا، پر کيس، مزورن کي هڪ لک پنجويهه هزار رپيا ڏيڻا هئا، جو ته ڪين ٻن-ٽن مهينن جي مزوري نه ملي هئي. هو بک مري رهيا هئا. سوچڻو پيو ته هاڻي ڪم ڪيئن هلائجي ۽ پئسا ڪٿان اچن. پر ريلوي ڪمپنيءَ ۾ ڪي چڱا ماڻهو آهن، خدا جو شڪر آهي، جو هنن ڪم کي سنڀالي ورتو."

---

(١) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": ح. ا، ص ١٠٢

بهرحال ريلويءَ جو ڪم فريئر جي وقت ۾ ٿي نہ سگهيو، پر سندس وڃڻ کان پوءِ، سن ١٨٦١ع ۾ ڪوٽڙيءَ کان ڪراچي تائين ريلوي کُلي ويئي. مگر ڪاميابيءَ جو سچو سهرو سربارٽل فريئر جي سر تي آهي. سنڌ جا ماڻهو سندس هن ڪارگذارين کي ڪڏهن بہ فراموش ڪري نٿا سگهن.

رستا:

هڪ آزاد مورخ جو قلم، تاريخ جي فن ۾ استعمال نہ ٿيو آهي. ادب ۾ هڪ نقاد پنهنجي پسند جي ڪنهن مصنف کي زمين کان آسمان تي پهچائي ٿو، مگر تاريخ جو لکڻ وارو ڪڏهن بہ حق ۽ صداقت کي هٿ کان ڇڏي نٿو سگهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انگريز غاصب هو، سنڌ تي سندس قبضو تشدد ۽ استبداد جو نمونو هو: مگر هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ تي جن بہ حڪومت ڪئي، انهن ڪڏهن بہ ملڪ جي بهبوديءَ جي طرف غور ئي نہ ڪيو هو. سر چارلس نيپيئر جي وڃڻ کان پوءِ يعني ١٨٤٨ع کان ١٨٥٣ع جي مختصر عرصي ۾ سنڌ پنهنجي ابتدائي ترقيءَ جي مرحلن کي طئي ڪري چُڪي هئي. اهو ملڪ جو بي‌سروسامانيءَ جي حالت ۾ هو، هڪ نئين زندگيءَ کي حاصل ڪري رهيو. سيٺ نائونمل پنهنجي 'ميمائرس' ۾ لکي ٿو تہ (١):

"ساليانو، ڪمشنر، ملڪ جي ٻاهرين دوري تي نڪرندو هو. اڪثر آڪٽوبر ۾ سندس وڃڻ ٿيندو هو ۽ اپريل ۾ ڪراچيءَ ۾ واپس موٽي ايندو هو. هرڪنهن سال ملڪ جي ضرورتن ڏانهن زياده کان زياده همدردي جي نظر وجهندو هو ۽ ماڻهن جي عام اصلاح ڏانهن ڌيان ڏيندو رهندو هو. هتي نهايت مشڪل آهي، جو سندس اڪيچار ڪوششن جو شمار ڪري سگهجي. هن جبلن ۽ جهنگلن مان وسيع رستن کي وڇائڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو، جيئن واٽهڙن کي سفر جو سهولتون پيدا ٿين. هنن رستن جي تعمير ٿيڻ مان واپارين جون گهڻيون مشڪلاتون دور ٿي ويون. مسافرن جي سهوليت لاءِ رستن تي مسافرخانا ٺهرايا ويا، جيئن هو موسم آهر سردي ۽ گرميءَ کان بچي سگهن. ملڪ جي انهن ويران حصن ۾، جتي مسافري ڪرڻ ناممڪنات مان هئي، اتي نہ فقط رستا ٺهي ويا، مگر مسافرخانا بہ، جن ۾ دل کي موهيندڙ باغ بہ رکيا ويا."

هندستان جي تاريخ ۾ شيرشاهہ سوريءَ کي آفرين جو مستحق چيو وڃي ٿو، جو هن ملڪ جي وڏي حصي ۾ رستن کي ٺهرايو ۽ ان سان گڏ مسافرن جي آرام لاءِ مسافرخانا ۽ کوهہ تعمير ڪرايا. صديون گذريون، مگر انهن رستن تي گذرندي، اڄ بہ ان بجنت آشيان بادشاهہ کي خير جي لفظن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. فريئر فرنگي هو، مگر ان جو سنڌ ۾ هي ڪارنامو، شيرشاهہ سوريءَ کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هو. فريئر سنڌ ۾ رستن جي آثار تي پنهنجي راءِ جو هيئن ٿو اظهار ڪري(٢):

---

(١) سيٺ نائونمل: "ميمائرس" ص ١٦٧؛ (٢) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": ح ا: ص ١٠٦.

"سن ۱۸۵۱ع ۾ سڄي ملڪ ۾، هڪ فوٽ بہ ساختہ ۽ پرداختہ رستو موجود نہ هو. فقط هڪ ڇڳو ٽڪر هو، حيدرآباد کان ڇانوڻي تائين رستو. اٽڪل ٽي يا چار ميل فقط. آتي بہ پاڻي جي سخت تڪليف آهي."

هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ ديسي حڪمرانن پنهنجي صاحبيءَ ۾ آخر ڇا پئي ڪيو؟ ڪيڏو نہ بدقسمت ملڪ هو! فريئر پنهنجي حڪومت جي اوائلي دور ۾، بمبئي گورنمينٽ کي لکي موڪليو تہ سنڌ ۾ رستن جي تعمير شروع ڪئي وڃي. ان لاءِ هن ايسٽيمنٽون ۽ خرچ جو تفصيل بہ موڪلي ڏنو. جيئن تہ بمبئي گورنمينٽ جي سنڌ سان گهٽ دلچسپي هئي، ان ڪري فريئر پنهنجي بجيٽ مان هن طرف ڌيان ڏنو. اپريل سن ۱۸۵۳ع ۾ هن لارڊ فاڪلنڊ کي لکي موڪليو تہ "هن ۱۸۵۱ع ۾ هڪ سؤ چوويهہ ميل ارڙهن هزار پنج سؤ پنجويهن رپين جي لاڳت سان ٺهرايا آهن ۽ سن ۱۸۵۲ع ۾ ٻہ سؤ ست ميل اناويهہ هزار ٻہ سؤ اٺانوي رپين خرچ ڪرڻ سان تعمير ڪرايا آهن. هنن رستن مان هڪ لڪيءَ وارو رستو هو، جو دور دور تائين ٽي ويو. درياهہ کي ڪٿان بہ عبور ڪرڻو نہ پيو، جو نهايت مشڪل ۽ وڏي خرچ وارو ٿي پوي ها. هي رستو آهستي آهستي شڪارپور کان وڏي بولان جي دري تائين پهتو. هنن رستن کي ڪهڙي صورت ۾ ڪيئن تعمير ٿي ڪيو ويو. فريئر پنهنجي هڪ خط ۾ لارڊ فاڪلنڊ کي لکي موڪليو(۱):

"رستا چاليهہ فوٽ ويڪرا آهن، جي گذريل ٻن سالن ۾ مڪمل ڪيا ويا آهن ۽ هو هڪ ڳوٺ کي ٻئي ڳوٺ سان ڳنڍيندا وڃن ٿا. ڪوبہ سيمينٽ ۽ بجري سان نہ آهي. انهن کي فقط يڪسان سطح تي آندو وڃي ٿو. فقط وڻن ۽ ٻوٽن کان کين صاف ڪيو وڃي ٿو. ڪيترا تہ اهڙا بہ رستا آهن، جي ڪهاٽي جهنگ مان گذرن ٿا. سطح کي مٽي ڪنيو وڃي ٿو، ڪڏن ڪوٻن کي پريو وڃي ٿو، جيئن گذرندڙ آمد و رفت کي سهوليت ٿئي. هن ملڪ ۾ وقت آهر، اهڙائي رستا موزون آهن.

"رستن جي مٿان پليون ٺهرايون ويون آهن، اهي جملي هڪ سؤ اٺهٺ ٿينديون، جي پڪين سرن ۽ سيمينٽ سان ٺهرايل آهن ۽ اڌ گول جي گولائي تي آهن. وڏي ۾ وڏي پُل جا مون ڏٺي، ان کي ٽي ڪمانون آهن، جن مان وچ واري چوويهہ فوٽ ۽ پاسن واريون اٺ اٺ فوٽ ڊگهيون آهن. ان تي ٻارهن سؤ رپيا خرچ آيو آهي. هيءُ سڀ پليون آتر سنڌ جي ڪاريگرن ناهيون آهن ۽ ڪنهن بہ يوروپي جي مدد نہ ورتي ويئي آهي، فقط جان جيڪب انهن جي نگراني ڪئي آهي...

"ملڪ جي سطح هيٺ مٿي آهي. ڪهاٽا جهنگ ۽ واريءَ جون ڍيون آهن. ان جي پوري ريت ڪابہ سروي ٿي نٿي سگهي. پوري سيڊ وٺڻ لاءِ ٺيڪيدار هڪ ڪليل

Gul Hayat Institute

(۱) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر"؛ ج. ا، ص ۱۰۸

ڏينهن تي، هڪ جاءِ تي پهچي، هڪ وڏي باهه ٻارين ٿا، ان ڪان پوءِ رستي ناهيندڙ ان جي ڊونهي کي لهارين ٿا ۽ گهاٽي جهنگ ۾ اهڙي ريت رستي کي سنئون وٺي وڃن ٿا. ان ڪان پوءِ وڻن ۽ ٻوٽن کي صاف ڪن ٿا. هيءُ هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان رستو اهڙو ته سنئون نڪري ٿو، جو شايد جهنگ ۾ ڪو سروير ڪيدي سگهي ٿو. پلين ۽ رستن جو سڄو ڪم نيڪي تي ڪرايو وڃي ٿو ۽ چٽاڀيٽي سان ٿئي ٿو. ميجر جيڪب ڪم جي پڙرائي ڪري ٿو ۽ خواهان ماڻهو اڇي نيڪي لاءِ گڏ ٿين ٿا......

"ڪنهن به ڪم ۾ هن وقت تائين ناڪاميابي نه ٿي آهي. ڪم تڪڙو، سستو ۽ عمدو ٿي رهيو آهي. ڪيترائي نيڪيدار اڻپڙهه آهن، پر بي علمي هوندي به هو پنهنجي ڪم ۾ نهايت محتاط آهن......"

هن انگريز حاڪم جي ديانتداري ۽ حُسن خدمتي جي تعريف ني ڪرڻي پوي ٿي. هو هڪ اجنبي ملڪ جو حاڪم هو ۽ اجنبي زمين تي هو. مگر سندس سرگرمين کي ڏسي تعجب ٿو ٿئي. جيڪڏهن سندس موازنو سابق حڪمرانن سان ڪيو وڃي ته ندامت ڪان گردن هيٺ ٿي ويندي. هن ڪان وڌيڪ هڪ مورخ بي ڪهڙي نڪته چيني ڪري سگهي ٿو. بهرحال، فريئر جتي ريلوي لاءِ پاڻ پتوڙيو، اتي عام رعايا جي فوري ضرورتن کي به نه وساريو.

پوسٽ جون ٽڪليون:

سرچارلس نيپيئر جي وقت ۾، سنڌ ۾ ٽپال جو سرشتو، اهوئي قائم رهيو، جو اڳ ۾ موجود هو. فقط اصلاح اها آئي، جو ڪراچيءَ ۾ سرڪاري پوسٽ آفيس کي قائم ڪيو ويو. موجوده پوسٽ جو طريقو انگريزي حڪومت جو يادگار آهي. سنڌ جي وڏن شهرن حيدرآباد، سکر، خيرپور ۽ شڪارپور ۾ پوسٽل رسيور رکيل هئا، جن ۾ خط وڌا ويندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ خط جو خرچ موڪليندڙ جي مٿان پوندو هو ۽ اهو قاصد کي ملندو هو. پوسٽ جي هن طريقءِڪار مان فقط پئسي وارائي فائدو وٺي سگهندا هئا، عوام کي ڪو به فائدو حاصل ٿي نٿي سگهيو. اسان سنڌ گزيٽيئر جي هنن لفظن کي وساري نٿا سگهون:(١)

"مسٽر فريئر جو بنيادي پوسٽ جو سرشتو، ڪڏهن به وساري نٿا سگهون، جو ته هو هندستان ۾ پوسٽ جي ٽڪلين جو پهريون موجد هو. عام خيال هو ته انتظامي سائنس جي لحاظ کان، ٽڪلين جي قيمت جي اڳ ۾ ادائي جو سرشتو، يورپ ۾ ته هلي سگهي ٿو، مگر هندستان ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندو."

مگر فريئر اڳتي هلي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جنهن کي اقتصادي طرح هڪ مشڪل چيز ٿي سمجهيو ويو، اها عمل ۾ اچڻ جهڙي شيءِ هئي. فريئر، سنڌ ۾ پوسٽ جي سلسلي کي

(١) "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ": جلد اي: ص ١٤٧

Gul Hayat Institute

سڌارڻ شروع ڪيو. اڳ جو پيادن جي رستي ٽپال پهچائي ويندي هئي، ان ڪي گهوڙن ۽ اُٺن جي رستي پهچائڻ جو طريقو شروع ڪيو ويو. ڏنو ويو ته حيدرآباد ۽ سکر جي درمياني فاصلي ۾ ٻارهن ڪلاڪن جي بچت ٿيڻ لڳي ۽ ساڍا ٽي سير وڏيڪ بار کڻڻ ۾ آيو. هن سموري اصلاح ۾ ڪراچي جي پوسٽ ماسٽر مسٽر ڪافي سندس مدد ڪندو رهيو. مسٽر ڪافي جي مشوري سان، فريئر ٺيڪيدارن جي لاءِ هڪ اشتهار نافذ ڪيو ته، پوسٽ جي پهچڻ ۾ دير جي حالت ۾ ٺيڪيدار جي پئسن ۾ هر ڪلاڪ جو معاوضو ڪاٽيو ويندو. پر جيڪڏهن ٽپال وقت کان اڳ ۾ پهچائي ويندي ته هر ڪلاڪ جي حساب سان ان ۾ معاوضي جو واڌارو ڏنو ويندو. هن طريقي کي ’اسپيڊمني‘ جو نالو ڏنو ويو. اهڙي لالچ جي هوندي، ٽپال جي پهچڻ ۾ جلدائي پيدا ڪئي ويئي. فريئر پنهنجي هڪ خط ۾ ٽپال جي هن رائج ٿيل سرشتي تي، پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪري لکي ٿو ته: (۱)

”وقت کي ڇڱيءَ ريت ڪم آڻڻ لاءِ، سوارن تي زور آندو ويو ته تيز کان تيز ٿي وڃن. منزلن تي گهوڙا اڳ ۾ ئي تيار ٿا رهن. سوار، ڪٿي ايندڙ ٽپاليءَ جي ٽپال جي انتظار ۾، اڳ ۾ ئي گهوڙي تي سوار ٿي ويهن ٿا. ٽپال جون ڳوٿيون پهچندي ئي تازه دم گهوڙن جي پٺيءَ تي رکيون وڃن ٿيون ۽ بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي گهوڙو ڊوڙڻ شروع ڪري ٿو. مون ڏٺو آهي ته هيءُ ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان پورو ٿيندو رهي ٿو. ان هوندي به ملڪ جي ناهموار حالتن جي باعث، هن سفر جو حصو، ڪٿي گهوڙن جي بجاءِ پيرن ۽ اُٺن تي طي ڪيو وڃي ٿو.“

ٽپال جي طريقي ۾ هن اصلاح کان سواءِ، فريئر سن ۱۸۵۴ع ۾ پوسٽ جي ٽڪلين کي به رواج ۾ آندو. هُن ڪراچي جي پوسٽ ماسٽر مسٽر ايڊورڊ ليس ڪافي جي مدد ۽ مشوري سان ’سنڌ ڊسٽرڪٽ ڊاڪ‘ جي ٽڪلين جو خاڪو تيار ڪرايو. هن ٽڪلي جي قيمت اڌ-آنو رکي ويئي. سڄي برٽش هندستان ۾، هيءَ پهرين ٽڪلي هئي، جا سنڌ ۾ نهرائي ويئي ۽ رواج ۾ آئي. فريئر ان بابت لکي ٿو ته: (۲)

”ٽڪلي، جا ڪالهه اوهان ڏي مون موڪلي آهي، اها پهرئين پوسٽ جي ٽڪلي آهي، جا هندستان جي تاريخ ۾ اوليت جو شرف رکي ٿي. اوهان کي ياد هوندو ته سنڌ ۾ پوسٽ جو طريقو سن ۱۸۵۰ع تائين بيحد ناقص هو. جيئن ته هيءُ علائقو سقيم آهي ۽ مڪاني خرچن کي برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ جڏهن به وڏيڪ پوسٽ آفيسن لاءِ لکيو ويو، تڏهن اسان کي هن صوبي جي ناداري ياد ڏياري ويئي، پڻ ائين به چيو ويو ته جڏهن مرڪزي گورنمينٽ، سنڌ تي ڪجهه خرچ ڪرڻ گهري ته گهٽيون ئي شيون غور جي لائق نڪري پونديون.

(۱) مارٽينيو: ”سر بارٽل فريئر“: ح. ا. ص ۱۱. (۲) مارٽينيو: ”سربارٽل فريئر“: ح. ا. ص ۱۱۱.

جيئن تہ اسان سمجهيو ٿي تہ پوسٽ جو طريقو عياشي نہ آهي پر ملڪي ضرورتن مان آهي، ان ڪري اسان خيال ڪيو تہ اهو ڪهڙو طريقو ايجاد ڪيو وڃي، جنهن سان هي مسئلو حل ٿي سگهي. پوسٽ ماسٽر مسٽر ڪافي، جو نهايت سنجيدو انسان آهي، تنهن مون سان تعاون ڪيو ۽ اسان هن مسئلي کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿياسون. اسان ٽڪليون حاصل ڪيون، جن کي ڊي. لا. ريو ڪمپني تيار ڪيو ۽ اهي انگلنڊ وانگر هرهڪ سرڪاري آفيسر ۽ پوليس آفيسر کي ڏنيون ويون ۽ انهن کي حڪم ڏنو ويو تہ هُو پنهنجي سرڪاري ڪاغذن وانگر، هنن کي بہ پنهنجي ماتحت آفيسرن ڏانهن موڪلي ڏين ۽ سيني خطن تي اهي چسپان ڪيون وڃن. هي برٽش گورلمينٽ ۽ ان عظيم ڪمپنيءَ جي فتحيابي آهي.

”اهڙيءَ ريت، سنڌ جي هر سرڪاري آفيس ۾ پوسٽ آفيس ٺهجي ويئي آهي ۽ سيني خطن تي اهي ئي ٽڪليون استعمال ٿي رهيون آهن. هي نظام عمدي طرح ڪم ڪري رهيو آهي ۽ نهايت سستو ـــ چاڪاڻ تہ اسان پوسٽ جي سرشتي کي اهڙيءَ ريت بناڪنهن وڌيڪ خرچ جي آسانيءَ سان هلائي رهيا آهيون. مان سمجهان ٿو تہ اسان جو طريقو، سڄي هندستان ۾ بهترين طريقو ثابت ٿيندو.“

اهڙيءَ ريت فريئر، عوام جي فوري ضرورتن کي مدنظر رکندي، هڪ اهڙو پوسٽ جو نظام رائج ڪيو، جنهن کان نہ فقط وڏا شهر ۽ وڏا ماڻهو مستفيد ٿي سگهيا، پر ڳوٺن ۾ بہ ڪڙمي ۽ ڪاسبي بہ فائدو وٺڻ لڳا. فريئر جو هيءُ ملڪي انتظام هو، جنهن کان سنڌ جو عوام بيحد متاثر ٿيو ۽ غلام هوندي بہ انگريزي حڪومت کي پنهنجي لاءِ خدا جي رحمت سمجهڻ لڳو.

ڪراچي ۾ ميلو:

سنڌ ۾ ميلن جي اڳ ۾ بہ ڪا بہ کهٽتائي ڪانہ هئي. اهل اللہ جي عرس تي ميلا لڳندا ٿي رهيا، مگر انهن جي نوعيت خالص ’روحاني‘ چئجي تہ ان ۾ ڪو بہ مبالغو نہ ٿيندو. مگر فريئر ڪراچيءَ ۾ هڪ اهڙي ميلي جي ابتدا ڪرڻ گهري، جنهن جو مقصد روحاليت جي بجاءِ ملڪ جي اقتصادي بهتري هئي. هن ان کي وڏي پيماني تي تربيت ڏيڻ گهُري، جيئن سنڌ جي عظمت همسايہ ملڪن ۾ نمايان نظر اچي. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪيس پهريائين بمبئي گورلمينٽ کان منظوري حاصل ڪرڻي پيئي. فريئر جي هن رٿ جي خوبين جي خبر لنڊن ۾ بورڊ آف ڊائريڪٽرس کي پيئي. انهن مان هڪ سر هينري لاڪ، جو ايران ۾ ڪيترو وقت سفير ٿي رهيو هو، سنڌس رٿ جي نہ فقط تائيد ڪئي پر وڏي تعريف بہ ڪئي. هن رٿيل ميلي جي پس منظر کي سياسي نقطءِ نگاهہ سان ڏنو، جا فريئر جي وڏي سماجي ڪاميابي هئي. رٿ منظور ٿي ويئي. هاڻي سوال پيدا ٿيو تہ اهو ميلو ڪٿي ملهايو وڃي. اڪثر جي صلاح هئي

Gul Hayat Institute

ته اهو ميلو آتر سنڌ ۾ سکر يا شڪارپور ۾ قائم ڪجي، مگر فريئر جي خواهش هئي ته هن ميلي جي لاءِ ڪراچيءَ جو شهر موزون ٿيندو. لکي ٿو:

"جيڪڏهن آتر سنڌ ۾ هيءُ ميلو ملهايو ويندو ته ان مان قلات، قنڌار، پنجاب، بهاولپور جا واپاري اڪثريت سان ۽ راجپوتانا جا ماڻهو اقليت ۾ فائدو وٺي سگهندا، مگر ڪراچي ۾ بمبئي، ايران ۽ افغانستان يڪسان فائدو وٺندو."

آخر فريئر جي راءِ مطابق، ڪراچي کي ٿيندڙ ميلي جي لاءِ انتخاب ڪيو ويو. هن ميلي جو پهريون افتتاح ڊسمبر ١٨٥٢ع ۾ ٿيو ۽ پوءِ ڪيترا سال هي ميلو، ڪراچيءَ ۾ لڳندو رهيو. جيئن ته انگريزي انتظام هيٺ ڌاڙن ۽ لُٽ مار جو خاتمو ٿي چڪو هو ۽ حال، ماضي تي پنهنجي فوقيت جو اظهار ڪري رهيو هو، ان ڪري ميلي ۾ شريڪ ٿيندڙن جي لاءِ ڪوبه جان ۽ مال جو خوف موجود نه هو. ان ڪان سواءِ ملڪ ۾ جابجا بهتر رستا تعمير ٿي چڪا هئا، ان ڪري آمدورفت جي سلسلي ۾ به ڪا تڪليف نه رهي هئي. موقعي جي اشتهار ٿيڻ کان پوءِ، دور ۽ قريب جا واپاري، گروهه در گروهه، ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا. ڪٿي تنبن جي ڪئمپ لڳي ويئي ته ڪٿي عارضي جايون ٺاهيون ويون. مارٽينيو، هن عجيب ميلي جو ذڪر هيئن ٿو ڪري(٢):

"سنڌي، بلوچي ۽ افغان پنهنجي مخصوص پوشاڪن ۾ اچي حاضر ٿيا. ڪٿي سوني جي خريد و فروخت هئي، ڪٿي بهترين گهوڙا هئا ته ڪٿي تيز رفتار آٺ. ڪي دڪان پنجابين جا هئا، جتي عمدو ڪپڙو ميسر ڪيو ويو هو. بمبئيءَ کان جي ايراني ميلي ۾ شامل ٿيا هئا، انهن جي قالين ۽ شالن، عجيب بهار پيدا ڪري ڇڏي هئي. سنڌ به پوئتي نه هئي، آجرڪون، لونگيون، ڪاشيءَ ۽ جنڊيءَ جو سامان، سنڌين جي دڪانن جي زينت هئي."

هن ميلي ۾ جيئن مارٽينيو لکي ٿو، چين ۽ تبت کان به واپاري آيا، جن وٽ سلڪ کان سيمور جا قيمتي ڪوٽ به هئا. هن ميلي جو سمورو انتظام سمنڊ جي ساحل تي ڪيو ويو هو، جنهن کان خوش منظر يوروپين جا بنگلا شروع ٿي ٿيا. جهازن جا بلند سڙهه ٿي نظر آيا. نگاهه جي حد تي جتي نيرو آسمان ٿي نظر آيو، پري حب جبل جون قطارون اڀرنديون ٿي نظر آيون. هن ميلي ۾ ڪيترا اهڙا به شرڪت ڪندڙ هئا، جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن سمنڊ نه ڏٺو هو. عميق جي آڇارن کي ڏسي، هو حيرت زده ٿي ويا. هن ميلي کي اميد کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ٿي. ٽورن سالن کان پوءِ شڪارپور ۾ گهوڙن جي ميلي جو انتظام ڪيو ويو، جو پوءِ، ڪن سياسي حالتن جي باعث جيڪب آباد منتقل ٿي ويو. هن حقيقت جي لاءِ هڪ مورخ کي هيءُ حق پهچي ٿو ته هو هن سموري محنت کي سماجي تحريڪ جي بدران سياسي تحريڪ

(١) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": ج، ا: ص ١١٢. (٢) مارٽينيو: "سر بارٽل فريئر": ج، ا: ص ١١٥.

سمجھي. ائين ٿي ٻ سگھي ٿو. ڇو ته حڪومت اجنبي هئي ۽ ان کي هيءُ ڪوشش ڪرڻي هئي ته هو عوام کي اهڙن مشغلن ۾ مشغول رکي، جو سندن ذهنيت، ملڪي معاملن کان هٽجي واپار ۽ ٻين ڳالهين ڏي رجوع ٿي وڃي.

واهه (آبپاشي جو بندوبست):

ميرن جي حڪومت جي دور ۾ آبپاشي جون ٿوريون گھڻيون سهولتون موجود ته هيون، پر باقاعدي نظام موجود ڪونه هو. اڪثر زميندار يا ڪڙمي، واهن کي پنهنجي سهولتن موجب ناهيندا هئا ۽ ڪم آڻيندا هئا. جيئن ته ڪين ڪوبه انجنيري جو علم ڪونه هو، ان ڪري سندن محنت اڪارت ٿي ويئي. انگريزي قبضي کان پوءِ ته واهن ۽ ڪڙين جي حالت بد کان بدتر ٿي ويئي. عام رفاهي ڪم، جن آفيسرن کي سپرد ڪيو ويو، انهن وٽ هن ڪم جي ڪرڻ لاءِ ڪابه لياقت موجود ڪانه هئي، نه وري هنن پاڻ کي ان لاءِ جوابدار ٿي سمجھيو. اگرچ سرچارلس نيپيئر جي زماني ۾ انجنيئري آفيسرن جو هڪ جدا محڪمو قائم ڪيو ويو هو. پر پنجاب سان لڙاين جي باعث، سنڌ جي حڪومت هن طرف پورو توجهه نه ڏيئي سگھي هئي. سن ۱۸۴۹ع ۾ ته هي محڪمو ئي بند ڪيو ويو. جڏهن فريئر سنڌ ۾ آيو، تڏهن هن محسوس ڪيو ته هن محڪمي جي سنڌ کي ڪيڏي نه ضرورت آهي. هن ٿوري وقت لاءِ آبپاشي جو نظام، ضلعي جي ڪليڪٽرن کي سپرد ڪيو. ناتجربيڪاريءَ جي باعث، انهن کان به ڪا اصلاح ٿي نه سگھي. هن حالت کان مجبور ٿي، فريئر هي ڪم سنڌ جي ملڪي آفيسرن جي نگراني ۾ ڏنو، مگر وري به ڪاميابي حاصل ٿي نه سگھي. هنن حالتن کان مجبور ٿي ڪمشنر، بمبئي جي گورنر کي اصلاح حال لاءِ لکي موڪليو. گورنر لارڊ فاڪلنڊ، گھڻي لکپڙهه کان پوءِ، ڪرنل بلانس ٽرنر کي، سنڌ ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ڪري موڪليو. ڪرنل ٽرنر جي هدايتن هيٺ نئين محڪمي جي تنظيم شروع ٿي ۽ تجربيڪار آفيسرن کي هن محڪمي ۾ مقرر ڪيو ويو. جيڪڏهن ڪي اهڙا لائق ماڻهو سنڌ مان ميسر ٿي نه سگھيا ته پنجاب ۽ ٻين علائقن مان طلب ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت هن محڪمي کي ته مضبوط کان مضبوط تر بڻايو ويو. مگر هڪ اهڙي بدعت وجود ۾ آئي، جنهن اڳتي هلي سنڌين جي حقوق کي پامال ڪري ڇڏيو. هنن اجنبي آفيسرن اقربا پروري کي، ملڪي مفاد کان بــ مٿي سمجھيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جا لائق اميدوار به ڪسمپرسي ۾ مبتلا ٿي ويا.

هن نئين محڪمي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌ جي زرعي حالتن ۾ عجيب انقلاب اچي ويو. جنرل جان جيڪب جي مشوري سان بيگاري واهه کي، جو اڳ ۾ موجود هو، ان کي ويڪري ۽ اونهي ڪرڻ جي رٿ ڪئي ويئي. انهيءَ ئي واهه تي اترسنڌ جي آباديءَ جو گھڻو دارومدار هو. پاڻي جي نه ميسر هئڻ سبب، بهترين زمين، آبادي کان محروم هئي ۽ عوام جي روزگار پست کان پست تر ٿيندي ٿي ويئي. انگريز ڪمشنر چڱيءَ ريت ٿي سمجھيو

تہ ملڪ ۾ انگريزي حڪومت کي استوار ڪرڻ لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جي بيحد ضرورت هئي. امن ۽ سلامتي، ملڪ ۾ تڏهن برقرار رهي ٿي سگهي، جڏهن ماڻهو خوشحال ۽ آسودا هجن. هن آسودگي کي مدنظر رکندي، سنڌ ۾ آبپاشي جي سلسلي کي زيادہ فروغ ڏيڻ گهريو. هن چڱيءَ ريت ڄاتو ٿي تہ سنڌ جي اڪثريت جو دارومدار فقط زراعت تي آهي. بهرحال فريئر جي بنيادي حڪمتعملي، برٽش دور جي سڄي زماني ۾ انگريزي حاڪمن جي رهنمائي ڪندي رهي ۽ سنڌ جهڙي خشڪ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي فراواني رهي.

بهرحال بيگاري واهہ کي گهڻو ڪشادو ڪيو ويو. هن ڪم جي مڪمل ٿيڻ تي جنرل جيڪب جي مشوري سان، ڪشمور جي نزديڪ، سنڌو نديءَ مان هڪ نئين واهہ جي کوٽائڻ جي اسڪيم، مرڪزي گورنمينٽ جي سامهون رکي. هن نئين واهہ جي کوٽڻ جي ڪري پندرهن سؤ چورس ميل آبادي هيٺ ٿي اچي ويا. فريئر جي هن رٿ کي بہ قبول ڪيو ويو. ٿوري وقت ۾ هيءُ واهہ بہ تيار ٿي ويو. جنهن کي سرڪاري ڪاغذن ۾ ڊيزرٽ ڪئنال سڏجي ٿو، پر عوام ان کي سندس برڪتن جي سببان شاهي واهہ سڏيو. هي واهہ انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن جي صبر ۽ تحمل جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. ان وقت جڏهن نہ مشينون هيون نہ بلڊوزر، هن واهہ جي عظمت کي ڏسي حيراني ٿي ٿئي. هن واهہ جي کوٽجڻ کان پوءِ، اهو ملڪ، جو رڻپٽ سڏبو هو، جتي پاڻيءَ جو نالو ۽ نشان نہ هو، سيراب بڻجي ويو. ٿورن سالن بعد چوڌاري سبزہ ۽ ساوڪ نظر اچڻ لڳي.

سن ۱۸۵۲ع ۾ هڪ ٻي انجنيئر ڪرنل ڪائيف جي نگرانيءَ هيٺ، ايرندي ناري، سکر واهہ، ڦليلي ۽ گهاڙ جي مرمتن جو ڪم شروع ڪيو ويو. هن سيني ڪمن کي نهايت خوش اسلوبي سان پورو ڪيو ويو. فريئر جي هن ڪوشش مان اٿين پئي معلوم ٿيو تہ هو سنڌ جي هر گوشي ۾ پاڻي پهچائڻ جو عزم ڪري چڪو آهي. فريئر جي سنڌ ۾ اچڻ کان يارهن سال اڳ سن ۱۸۴۱ع ۾ ليفٽيننٽ پوسٽان، سنڌ ۾ آبپاشي جي غير تسلي بخش سلسلي جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

> ”واهن جي بُري حالت سبب، سنڌ جي زمينن جو وڏو حصو ويران پيو آهي. جيڪڏهن هنن ۾ پاڻي ميسر ٿي سگهي تہ هيءُ پليون زمينون، ملڪ جي خوشحاليءَ جو باعث بڻجي سگهن ٿيون.“

سنڌ ۾ آبپاشي جي نظام جو ذڪر، هڪ وڏو تفصيل طلب تاريخ جو ورق آهي. آيرندي ناري جو ڪم جڏهن تڪميل تي پهچي ويو، تڏهن ڏهن هزارن انسانن جي موجودگيءَ ۾، فريئر ان جو افتتاح ڪيو. هن ڪارنامي جو حاضرين تي ڪهڙو اثر پيو هوندو، ان جو هاڻي اسان تصور ٿي ڪري نٿا سگهون. فرنگين جي حڪومت جو هي ابتدائي دور، سنڌ وارن جي لاءِ بيحد اطمينان بخش ثابت ٿيو.

’خدا شرے برانگيزد کہ خيري ما دران باشد‘.

فريئر جو بيدار دماغ، هر ملڪي تحريڪ ۾ وڏ ڪان وڏ ڪم ڪندو نظر اچي ٿو. انهيءَ ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ فريئر جهڙو ڪمشنر، سنڌ کي وري نصيب نہ ٿيو. خلق جي خدمت جو جذبو کيس گويا طبيعت ۾ شروع کان ئي وديعت ٿيل هو. سندس اهليہ لکي ٿي تہ(١):

”اسان انگلنڊ ۾ هئاسون. مان سائس اسٽيشن تي ملڻ ويس. مون سان هڪ اهڙو ماڻهو گڏ هو جو فريئر کي لہ سڃاڻندو هو. مون کيس چيو تہ ماڻهن جي هجوم ۾ هُو مون کي فريئر جي ڳولڻ ۾ مدد ڪري. هن چيو تہ هُو فريئر کي سڃاڻندو ئي نہ آهي. مون چيومانس، ان جا اهڃاڻ ٻُڌي ڇڏ. هُو هڪ قد آور ماڻهو آهي ۽ ضرور ڪنهن جي مدد ڪندو هوندو. هيءُ سندس حليہ بس آهي. ٿيو بہ ائين. ڏٺو ويو تہ هُو گاڏيءَ مان هڪ ٻوڙهي عورت کي لهڻ ۾ مدد ڪري رهيو هو.“

سنڌي ٻولي:

سنڌ ۾ حڪومت جي نظام کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ، هيءُ نهايت ضروري هو تہ ملڪ ۾ مادري زبان کي رواج هيٺ آندو وڃي. مگر ڏک جي ڳالهہ اها هئي، جو ملڪ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي تہ ضرور ٿي ويئي، مگر هوءَ تحرير جي ٻولي نہ هئي. ٻـر جيڪڏهن لکي بہ ٿي ويئي تہ ان کي پنهنجي ڪابہ ’الف بي‘ جي تختي ميسر ڪانہ هئي، جنهنڪري سنڌ جا باشندا، ان کي جدا جدا طريقن سان لکندا ٿي رهيا. هندن وٽ، پنهنجي ’الف بي‘ هئي. اگرچ هوءَ ديوناگريءَ جو نقل هئي، پر اڻپوري ۽ غير سلجهيل. ڪڏهن تہ ان جي سمجهڻ ۾ بہ مشڪلاتون پيدا ٿيون. مسلمانن وٽ سنڌي، فارسي رسمالخط ۾ لکي ٿي ويئي. ان ڪري پنهنجي وطن ۾ هوندي بہ سنڌي ٻولي اجنبي رهجي ويئي. فريئر جي دلي خواهش هئي تہ ملڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي رائج ڪيو وڃي، پر مشڪلات اها هئي تہ ’الف ب‘ جي غير موجودگيءَ ۾ هن ٻوليءَ کي سکڻ نهايت مشڪل هو. هن تڪليف جي ڪري ڪورٽن ۾ جتي يوروپين آفيسر مقدمن جي سماعت ڪندا هئا، اتي هڪ ترجمان، آفيسر ۽ عوام جي درميان رابطي کي قائم رکندو هو، جو پڻ هڪ دقت پريو ڪم هو. يوروپين آفيسر هندستاني کي تہ سمجهيو ٿي، پر سنڌي ٻوليءَ کي سمجهڻ ۾ قاصر هو. ڪورٽ جي سڄي ڪارروائي مهمل فارسي ۾ لکي ٿي ويئي، جا پڻ فارسي زبان جي توهين هئي. ان وقت فارسي زبان کي ڪيئن احاطہ تحرير ۾ آندو ويندو هو، ان جو هڪ مثال هن هيٺ ڏيان ٿو(٢).

خط نمبر ١٥٩

عملداران و ڪارپردازان سرڪار بدانند

درين وقت مسمي عليمراد بورڙه استدعا رخصت يڪ ضرب تفنگ براى شڪار نمودن و حفاظت ڪاشت خود، ڪہ ڪاشت لـامبرده جانوران نقصان ميڪنند، بحضور التماس

---

(١) مارٽينيو: ”سر بارٽل فريئر“: ج ١: ص ١٣١ (٢) دستخط فائيل: ص ٦٥

ساخت زان جا حضور انور يک ضرب تفنگ براي شکار کردن و حفاظت کاشت در حد کاشت نامبرده را فرموده شد. لازم شمايان بحالت نامبرده درباره اسلاح مذکوره، در کاشت نامبرده مزاهم مزاحم) نشوند فقط ٥ـ مارچ ١٨٥٢ع

بهرحال اهڙي فارسي، سرڪاري خط و ڪتابت ۾ عام جام ملي سگهي ٿي. هن حالت کان فريئر بيحد متاثر ٿيو. هيڏن سارن انگريز آفيسرن مان فقط هُو سنڌي زبان ۾ ڳالهائي ٿي سگهيا. فريئر سنڌي زبان کي فروغ ڏيڻ لاءِ پورو ارادو ڏيکاريو. بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ اڪثر پنجابي هندو، سرڪاري ملازمت ۾ موجود هئا، جي هن راءِ جا هئا ته فارسي زبان کي برقرار رکيو وڃي. مگر فريئر محسوس ڪيو ته سول ۽ فوجداري معاملن جي لاءِ ملڪي زبان بيحد ضروري آهي. فريئر، هن رٿ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجي مشيرن سان مشورو ڪيو. سر رچرڊ برٽن جي راءِ هئي ته، سنڌي جي لاءِ عربي رسم الخط موزون ٿيندي. برٽن ڪو معمولي حيثيت جو ماڻهو نه هو، پر فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ انگريزي زبان ۾ سنڌ کي ڪيترين ئي تصنيفون موجود آهن. مگر ڪمشنر جي ٻي مشير ڪئپٽن اسٽئڪ ان جي مخالفت ڪئي ۽ سنڌي زبان جي لاءِ ديوناگري رسم الخط جي سفارش ڪئي. ڪئپٽن اسٽئڪ ان زماني ۾ سنڌي- انگريزي لغت کي مرتب ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي سنڌي گرامر جو هڪ حصو تيار ڪري ورتو هئائين (١). پنهنجي مشيرن جي متضاد راين جي ڪري، سڄو معاملو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊاريڪٽرس ڏانهن موڪلي ڏنائين. هن فيصلي ۾ ڪافي دير ٿيڻ ڪري ويئي ۽ معلوم ائين پئي ٿيو ته، معاملو اتي ئي رهجي ويندو. پارهن مهينن جي ٽڪائيندڙ عرصي کان پوءِ، ڊاريڪٽرن کان منظوري اچي ويئي ته آزمائشي طرح 'عربي سنڌي' صورتخطيءَ کي استعمال ڪيو وڃي. فريئر پنهنجي اسسٽنٽ سربرو ايلس جي مشوري سان، ملڪي عالمن جي مجلس ڪوٺائي، ته هُو سنڌي زبان جي مستقبل بابت پنهنجا مشورا پيش ڪن. هن مجلس جو چيئرمن به ايلس صاحب کي مقرر ڪيائين. هن وچ ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ انگلنڊ ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ سنڌس لغت اڻپوري رهجي ويئي. ڪيس وري سنڌ ۾ اچڻ نصيب نه ٿيو. هن مجلس ۾ وري به رسم الخط جو سوال بحث ۾ آيو، مگر ڊاريڪٽرن جي راءِ کي تسليم ڪيو ويو ۽ عربي رسم الخط کي قائم ڪيو ويو. پوءِ ڀريائين 'الف- ب' جي ترتيب جو سوال آيو. هن ڪميٽيءَ ڪهڙي غور ۽ خوض کان پوءِ عربي الف- ب جا اٺيهه اکر پراڪرت جي مستعمل حرفن سان ملائي، ٻاونجاهه اکرن جي الف- ب ٺاهي. هن انگريز ڪمشنر جي محنت سان، سنڌي زبان کي گويا نئين ۽ درخشان زندگي حاصل ٿي ويئي.

'الف- ب' جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ فريئر رٿ ڏني ته آئنده سرڪاري نوڪري ۾ ترقي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن سرڪاري ملازم کي سنڌي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ ايندي. انگريز

---

(١) اِي. ايچ. ائٽڪن: "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ": ص ٤٧٣

آفيسرن کي سنڌي زبان سان شناسا ڪرڻ لاءِ ايلس صاحب، ڪئپٽن اسٽئڪ جي نامڪمل گرامر ۽ لغت جي تڪميل جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان کي پورو ڪيو ويو. ان کان سواءِ هن گورنمينٽ جي طرفان، هڪ سؤ رپين جو انعام، انهن آفيسرن لاءِ محفوظ رکيو، جي سنڌي زبان جي تحريري امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهندا. هن رٿ جو وڏو اثر پيو ۽ سنڌ جي پنجويهن انگريز آفيسرن ٿوري وقت ۾ سنڌي زبان جو تحريري امتحان پاس ڪري ورتو. هن ڪاميابيءَ کان پوءِ، هن بمبئي گورنمينٽ تي زور آندو ته سنڌي زبان ۾ جي ٽيڪسٽ بوڪ تيار ڪرايا وڃن، انهن جي لاءِ ضروري امداد ڏني وڃي. جنهن کي بمبئي سرڪار ٿوري وقفي کان پوءِ قبول ڪيو. ڏهن هزارن جي رقم تعليمي مقصد لاءِ مخصوص ڪئي ويئي. سن ١٨٥٣ع ۾ سنڌي زبان ۾ سرڪاري طور پهريون مراسلو شايع ٿيو.

پئسن جي فراهم ٿيڻ کان پوءِ فريئر، سنڌي زبان جي مستقبل کي درخشان بنائڻ لاءِ، فارسي، اردو، مرهٽي، گجراتي ۽ انگريزي ڪتابن جي ترجمي لاءِ، سنڌ جي عالمن کي ترغيب ڏني. ڊسمبر ١٨٥٤ع ۾ ايلس صاحب، ڪمشنر کي رپورٽ پيش ڪري ٻڌايو ته ڏهه ڪتاب: حساب، جاگرافي ۽ تاريخ جي مضمونن ۾ تيار ڪرايا ويا آهن. هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ ڏهن ڪتابن جو تيار ٿيڻ، فريئر جي ڪوشش جي غير معمولي ڪاميابي هئي. جيئن ته ايلس صاحب کي ملڪ جي ترقي ۽ سنڀال جا گهڻيئي ڪم سپرد ٿيل هئا، ان ڪري، فريئر صاحب تعليم جو سجو ئي نظام هڪ لائق آفيسر گولڊسمڊ جي حوالي ۾ ڏنو. ميجر گولڊسمڊ جي مشوري سان ڪراچيءَ ۾ پهريون انگريزي اسڪول کوليو ويو. ان جي ابتدا اٺن شاگردن سان ٿي، جن مان گهڻا غير سنڌي هئا. هن اسڪول جي سلسلي ۾ سيٺ نائونمل پنهنجي ميمائرس ۾ لکي ٿو ته (١):

> "سن ١٨٥٣ع ۾ ڪراچيءَ ۾ انگريزي اسڪول کوليو ويو. مون کي استدعا ڪئي ويئي ته مان پنهنجي ڪٽنب جي ٻارن کي ان ۾ تعليم لاءِ موڪلي ڏيان. مون پنهنجي پوٽي آلومل (عالمچند) کي خاندان جي ٻين ڏهن ٻارن سان گڏ، ان اسڪول ۾ داخل ڪيو. جلد ئي ڪافي شاگرد اسڪول ۾ داخل ٿي ويا."

ڪراچيءَ جو هي انگريزي اسڪول سنڌ ۾ تعليم رائج ڪرڻ لاءِ پيش خيمو ثابت ٿيو. جلد ئي سنڌ جي ٻن ٻين شهرن حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ هاءِ اسڪول کوليا ويا ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ورنيڪيولر اسڪول کوليا ويا. سنڌ گزيٽيئر جي تحرير موجب اهڙن اسڪولن جو تعداد ٻارهن هو.(٢) هنن اسڪولن ۾ خالص سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ويئي. انگريزي اسڪولن جو الحاق بمبئيءَ يونيورسٽيءَ سان ڪيو ويو. شروع ۾ استادن جي بيحد اڻاٺ هئي، خاص ڪري انگريزي اسڪولن لاءِ. هنن اسڪولن ۾ ٻاهريان ماڻهو طلب ڪيا ويا ۽ سنڌي اسڪولن

---

(١) سيٺ نائونمل: "ميمائرس": ص ١٦٦ (٢) "سنڌ گزيٽيئر": ص ٤٧٤

Gul Hayat Institute

۾ چڱن استادن جي مهيا ڪرڻ لاءِ، حيدرآباد ۾ نارمل اسڪول جو بنياد رکيو ويو. فريئر جي هنن علمي ۽ ادبي ڪاوشن جي ڪري، ’سنڌي زبان‘ پنهنجون ارتقائي منزلون نهايت تيزيءَ سان طئي ڪرڻ شروع ڪيون. اردو زبان جي ترقيءَ لاءِ، جو ڪجهه فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي ۾ ڪيو، اهو ساڳيو ڪم ’سنڌي زبان‘ جي ترقيءَ لاءِ تنها فريئر پورو ڪيو. جيستائين سنڌي زبان زنده رهندي، فريئر جو نالو به ان سان گڏ زنده رهندو.(۱)

ڪراچي ميونسپالٽي:

جيئن مون مٿي لکيو آهي ته فريئر کي سماجي اوڻاين کي دور ڪرڻ جو رات ڏينهن ويچار ٿي رهيو. هو سنڌ جي معاشري کي ڪنهن به قيمت تي بهتر ڪان بهتر بنائڻ جو آرزومند هو. هن سلسلي ۾ نائونمل لکي ٿو ته:(۲)

”منهنجو معمول هو ته هر هفتي ڪمشنر ۽ ان جي مددگارن سان ملندو رهندو هوس. هڪ پيري مان ۽ سر بارٽل فريئر، حسب دستور پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئاسون. هن مون کي چيو ته جڏهن به هو ڪراچيءَ جي پراڻي شهر ۾ ويو آهي ته ان جي غليظ ڏنو اڻائين ۽ گندگي جي سڙاند کان هو بيحد متاثر ٿيو آهي. هو چاهي ٿو ته شهر ۾ بلديه جو نظام رائج ڪري، جيئن شهر ۾ صفائيءَ جو اهتمام ٿي سگهي. هن ٻڌايو ته احمدآباد ۾ اڳي ئي ماڻهن جي مشوري سان ميونسپالٽي قائم ڪئي ويئي آهي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ته ساڳيءَ ريت ڪراچي ۾ به اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جيئن شهر جي صفائي ان جي رونق ۾ اضافو ٿئي. ان جي لاءِ ڪيهه جي هڪ هنڊرويٽ تي ڏيڍ-آنو محصول رکيو وڃي، جو ميونسپالٽيءَ جي ابتدائي خرچ لاءِ ڪافي ٿيندو. مون سندس راءِ کي قبول ڪيو. مان ڪانئس موڪلائي پنهنجي جاءِ تي آيس، ۽ شهر وارن کي هن رٿ کان آگاهه ڪيم. جن پڻ ڪمشنر جي رٿ جي تائيد ڪئي. اهڙيءَ ريت ڪراچي ۾ ميونسپالٽيءَ جو بنيادي پٿر رکيو ويو. هن جماعت جي پهرئين ميٽنگ جنهن جا ميمبر ڪئپٽن پريڊي، ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر، مسٽر جان ميڪلوڊ ڪراچي جو ڪسٽمس آفيسر ۽ مان (نائونمل) هئاسون، ڪمشنر جي زير صدارت ٿي. روزانو اسان شهر ۾ صفائيءَ جي لاءِ گشت ڪندا ٿي رهياسون.

Gul Hayat Institute

(۱) ”سنڌي ٻولي“ جي ترويج، خانبهادر خداداد خان پنهنجي ”تاريخ لب سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته ”سنڌ ۾ رهندڙن جي سهولت لاءِ سنڌي حرف عربي حرفن جي طرح ڻاهيا ويا ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي اسڪول برپا ڪيا ويا، جن ۾ تعليم سنڌي زبان ۾ ڏيڻ شروع ٿي. سرڪاري دفترن ۾ جتي فارسي زبان رواج هيٺ هئي، سنڌي زبان کي رائج ڪيو ويو، جنهنڪري سنڌي عوام بيحد خوش ٿيو، ڇو ته هيءَ ٻولي هو آسانيءَ سان سکي ٿي سگهيا. هن سڄي ڪم ۾ مسٽر ايلس اسسٽنٽ ڪمشنر جي صلاح ڪم ڪندي رهي.“ ص ۱۵۰.

(۲) سيٺ نائونمل: ”ميمائرس“: ص ۱۷۰.

ٿورن مهينن کان پوءِ مان جڏهن ڪمشنر سان ملڻ ويس تہ هن مُشڪي چيو تہ ميونسپل جي مقصد لاءِ ضروري آهي تہ محصول ۾ ڪجهہ واڌارو آڻجي. صلاح ۽ مشوري کان پوءِ ڪنڌ جي هڪ هنڌرويٽ تي بہ چار آنا محصول رکيو ويو ۽ ان جي هڪ ڪنڌيءَ تي، هڪ پئسو محصول رکيو ويو. اهڙيءَ ريت ميونسپالٽيءَ جي لاءِ پئسي گڏ ڪرڻ بعد هڪ مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي تشڪيل ڪئي ويئي، ۽ ميونسپالٽي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. ميونسپالٽي جي ڪُلڻ کان پوءِ ڪن يورپ جي شين تي بہ محصول وڌو ويو، جيئن تہ شراب وغيره.

پهرئين سال ڪراچي ميونسپالٽي جي آمدني ٦٠٠٠ رپيا ٿي.

ٻئي سال ... ... ١٨٠٠٠ رپيا ٿي.

ٽئين سال ... ... ٢٧٠٠٠ رپيا ٿي."

ميونسپالٽي جي روزافزون ترقي کي ڏسي فريئر، ڪراچي شهر جي خالي زمينن کي ميونسپالٽيءَ جي تحويل ۾ ڏيئي ڇڏيو، جنهن ان جي پيدائش ۾ وڏو اضافو ڪري ڇڏيو. ڪراچيءَ ۾ هن تجربي جي ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي ٻين شهرن حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ بہ ميونسپالٽين جو اهتمام ڪيو ويو. جيئن 'لُب تاريخ سنڌ' جو مصنف لکي ٿو:

"سن ١٨٥٢ع ۾ قاعدو نمبر ٢٦، سنڌ جي اڪثر وڏن شهرن ۾ جاري ڪيو ويو، جنهن کان مطلب هو تہ سنڌ جي شهرن ۾ صفائي ۽ رونق کي آندو وڃي."

فريئر جي هن خدمت شهرواسين ۾ سماجي شعور کي پيدا ڪيو ۽ اڄ سنڌ جي شهرن جي آسودگي ۽ رونق کي ڏسي، ڪو گمان ئي نٿو گذري تہ اڄ کان هڪ صدي اڳ، هڪ انگريز حاڪم جي ڪاوشن سان هي سماجي شعور سنڌ وارن ۾ پيدا ڪيو ويو هو.

ميرن جو سنڌ ۾ موٽي اچڻ:

نيرنگ زمانې ۾ انقلاب عالم جا ڪيئي مغموم داستان دنيا ۾ موجود آهن، ميرن جو سنڌ مان اخراج بہ هڪ اهڙو ئي پُر درد داستان آهي. هن دلخراش حقيقت جي تفصيل سان بيان ڪرڻ، منهنجي هن مضمون سان ڪو بہ تعلق نہ آهي، مگر هيءُ ٻڌائڻ ضروري آهي تہ سنڌ تي انگريزي قبضي کان پوءِ، هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو جي حڪم سان مير صاحبن کي سنڌ ڇڏڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو، جن مان گهڻو انداز حيدرآباد جي ميرن جو هو، ۽ ٿورو خيرپور جي ميرن جو. جلاوطن حاڪمن جي هن قافلي پنهنجي عزيز وطن کي مارچ ١٨٤٣ع ۾ ڇڏيو. هو ڪراچيءَ مان هڪ جهاز رستي بمبئيءَ پهچي ويا. اتي ٿوري وقت جي رهڻ کان پوءِ ساسور منتقل ٿي ويا. انگريزي حڪومت اتي بہ ڪين قرار سان رهڻ نہ ڏنو. ڪين اتان منتقل ڪري، ڪلڪتي ڏانهن موڪليو ويو. فقط مير رستم خان خيرپوريءَ کي هوني

Gul Hayat Institute

۾ رهڻ ڏنو ويو. ڪلڪتي ۾ ٿوري وقت جي رهڻ ڪان پوءِ، کين اختيار ڏنو ويو ته، هو ڪلڪتي ۾ رهن يا هزاري باغ ۾. گهڻن ميرصاحبن هزاري باغ جي رهائش کي پسند ڪيو ۽ اوڏانهين هليا ويا.(١)

ڪلڪتي ۾ پهچڻ ڪان پوءِ، سنڌ جي سابق تاجدار مير محمد نصيرخان، ارادو ڪيو ته سائس جا انگريزي حڪومت بي‌انصافي ڪئي آهي، ان جي دادخواهي ڪئي وڃي. مگر ان وقت جي گورنر جنرل لارڊ هارڊنج، پنهنجي بيوسي جو اظهار ڪيو. هندستان جي انگريز گورنر جنرل ڪان نااميد ٿيل مير صاحب پنهنجي هڪ عيوضيءَ کي دادخواهي لاءِ انگلنڊ موڪلڻ گهريو، مگر لارڊ هارنج، ان جي به ڪيس منظوري نه ڏني. سر رابرٽ پيل، ان وقت انگلنڊ جي وزيراعظم، لارڊ رپن، وزيرخارجه ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي ميمبرن، اڳ ۾ ئي ميرصاحب جي عيوضيءَ سان ملڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. مجبورًا ميرصاحب، پارليامينٽ ۽ رائيءَ کي انصاف جي لاءِ درخواست ڪئي. هن درخواست کي مرزا قليچ بيگ پنهنجي تصنيف 'تاريخ سنڌ' (انگريزي) ۾ نقل ڪيو آهي. هيءَ هڪ تاريخي دستاويز آهي، جنهن جي پڙهڻ مان خبر پوي ٿي ته ميرصاحبن تي ڪيئن نه ميانيءَ جي جنگ زوري مڙهي ويئي هئي. سنڌس عيوضي لارڊ ائشلي گهٽو ئي پاڻ پتوڙيو، مگر افسوس جو نتيجو ڪجهه نه نڪتو.(٢) هن وچ ۾ مير نصيرخان وفات ڪري ويو ۽ سنڌس فرزند مير حسين علي خان، جيمس آئوٽرام جي مشهور تصنيف 'ڪانڪيسٽ آف سنڌ' مان ڪي مؤثر ٽڪرا ڪيدي، ڪلڪتي جي اخبارن ۾ ڏيندو رهيو.

شايد هي اخبارن جي پروپئگنڊا جو اثر هو، يا خود انگريزي گورنمينٽ پنهنجي غلطي محسوس ڪئي، جو سن ١٨٥٤ع ۾ ان وقت جي انگريز گورنر جنرل لارڊ ڊلهائوسيءَ، ميرن کي اجازت ڏني ته هو پنهنجي وطن سنڌ ڏانهن موٽي سگهن ٿا. مارٽينيو لکي ٿو ته(٣):

> "هو ايترا ته پنهنجي ملڪ ۾ پسند هئا، جو سنڌن سابق رعايا، کين ٿوري وقت لاءِ به وساري نه سگهي. جيئن ته انهن مان ڪو به خطرو نه هو، ان ڪري سن ١٨٥٣ع ۾ کين اجازت ڏني ويئي ته هو سنڌ ڏي پلي موٽي وڃن. فريئر نهايت فراخدليءَ سان ميجر اسٽوئرٽ ۽ ڪئپٽن فريڊرڪ گولڊسمڊ کي مقرر ڪيو ته هو ميرصاحبن جي گذاري لاءِ جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪن. هن رپورٽ جي پهچڻ بعد سنڌن پينشن ۾ واڌارو ڪيو ويو."

Gul Hayat Institute

جلاوطنيءَ جي حالت ۾ هيٺيان ميرصاحب فوت ٿي چڪا هئا:(٤)

(١) مير محمد نصيرخان سال ١٨٤٥ع ۾ ڪلڪتي ۾ فوت ٿيو.

(٢) مير صوبدارخان سال ١٨٤٦ع ۾ ڪلڪتي ۾ فوت ٿيو.

---

(١) مرزا قليچ بيگ: «تاريخ سنڌ» (انگريزي): ص ٢٣٦. (٢) لئمبرڪ: «سر چارلس نيپيئر»: ص ٢٥٩.

(٣) مارٽينيو: «سر بارٽل فريئر»: ج ١: ص ٨٥. (٤) خداداد خان: «لب تاريخ سنڌ»: ص ١٤٣.

(٣) مير محمد خان سال ١٨٥٥ع ۾ ڪلڪتي ۾ فوت ٿيو.
(٤) مير محمد شهداد خان سال ١٨٥٧ع ۾ ڪلڪتي ۾ فوت ٿيو.
(٥) مير رستم خان (خيرپور) سال ١٨٤٦ع ۾ پوني ۾ فوت ٿيو.
(٦) مير نصير خان (خيرپور) سال ١٨٦٤ع ۾ پوني ۾ فوت ٿيو(١).

بهرحال جلاوطن ميرن جو پهريون قافلو، مير محمد خان ۽ مير يار محمد خان جي سرڪردگيءَ هيٺ سنڌ ۾ پهتو. اگرچ تاريخ ۾ هن حقيقت کي واضح نہ ڪيو ويو آهي تہ فريئر، ميرن جي وطن موٽائي آڻڻ ۾ ڪيتري ڪوشش ڪئي، پر هيءُ تہ صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ گورنمينٽ، سنڌس راءِ کي ضرور طلب ڪيو هوندو. جيڪڏهن هو سنڌن موجودگيءَ کي ناپسند ڪري ها تہ پوءِ ڪڏهن بہ سنڌ ۾ اچي نہ سگهن ها. شايد مير يار محمد خان هن احسانمنديءَ کان سبڪدوش ٿيڻ لاءِ، ميرن جي صاحبيءَ جو، جو احوال لکيو آهي، ان تي پنهنجي محسن جي يادگيري کي قائم رکڻ لاءِ، 'فريئرنامہ' نالو رکيو.

فريئر جو موڪل تي وڃڻ:

جون سن ١٨٥٤ع ۾ فريئر جي ٻارن لاءِ سنڌ جي گرمي برداشت کان ٻاهر ٿي وئي. هن پنهنجي اهليہ ۽ ٻارن کي انگلنڊ موڪلڻ گهريو. هن وچ ۾ سنڌس سهرو سر جارج آرٿر، بمبئي جو سابق گورنر ۽ سنڌس اهليہ فوت ٿي ويا. فريئر جي اهليہ لاءِ هي غم ڏوهرو ٿي پيو. فريئر کين ڇڏڻ لاءِ اسڪندريہ جي بندر تائين ويو. جڏهن سنڌ ۾ موٽي آيو تہ بيحد پريشان خاطر هو. ان هوندي بہ هو پنهنجي فرائض کي چڱيءَ ريت ادا ڪندو رهيو. سنڌس ڪٽنب کي انگلنڊ ۾ رَهي مس ٻارهن مهينا گذريا هئا، جو سنڌس تندرستي ڪِري پئي ۽ هو مجبور ٿي ٻارهن مهينن جي ڏکهي موڪل تي انگلنڊ روانو ٿي ويو.(٢) سنڌس جاءِ تي سنڌس سفارش سان جان جيڪب کي سنڌ جو قائم مقام ڪمشنر مقرر ڪيو. فريئر جنوري سن ١٨٥٦ع ۾ ڪراچي بندر کي الوداع چيو.

Gul Hayat Institute

(١) مرزا قليچ بيگ: "تاريخ سنڌ" (انگريزي): ص ٢٣٨. (٢) لٿب تاريخ سنڌ جو مصنف ٻارهن مهينن جي بجا ارڙهن مهينا ٿو لکي.

پروفيسر محبوب علي چنا

سرمست درازي

”ديس سچل جو دُرس درازين، مڪي نا مُلتان." (سچل)

—

”دُرس درازين نيهڙو، تون آڏر پکيڙا پار پرين ڏي." (نانڪ يوسف)

—

”عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو." (بيدل)

مقام ـ ولادت: سچل سائين جن جي ذڪر خير ڪرڻ کان اڳ، واجب آهي ته اسان آن مستيءَ واري مقام جو احوال ڏيون، جتي سندس منصوري آتما هن دولابي دنيا کي ڇڏي، ملڪوتي مڪان ڏانهن راهي ٿي. سچل سائينءَ جي سيني سرمست سڄڻ کي علم آهي ته سندن جوتي جنم ۽ ولايتي ولادت، ڳوٺ درازا شريف، تعلقي گمبٽ، ضلعي خيرپور، (سابق خيرپور رياست) ۾ ٿي. درازا شريف، راڻيپور اسٽيشن کان ٻن ميلن کن جي مفاصلي تي آهي ۽ گمبٽ ۽ راڻيپور جي وچ ۾ هڪ دلبستہ ننڍي بستيءَ جي روپ ۾ رچيل آهي. هن ڳوٺ جي آبادي خواهہ قدامت لاءِ اسان وٽ ڪوبہ تاريخي محقق دليل ڪونہ آهي، تہ ھي ننڍڙو نينهن وارو نگر ڪڏهن وَسيو. مگر سچل سائينءَ جي پهرين سوانح نگار ۽ سندس ڪلام عارفانہ الهام جي مرتب، مرحوم مرزا علي قُلي بيگ، هن ڳوٺ جي جُڙڻ بابت جا آثار ڪئي آهي، سا مختصر پيش ڪجي ٿي:

”ڪلهوڙن جي حڪومت جي دور ۾ هن خاندان جي وڏي عزت ٿي. ڪين گمبٽ ۽ راڻيپور جي وچ ۾ جاگيرون مليون، جي اڄ بہ انهن جي ٻوين جي هٿ ۾ آهن. فاروقي فقيرن، اهي جاگيرون پنهنجن ٻن خاص مريدن هرهڪ دراز ونديو ۽ ڪاجن ونديو کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏنيون، جن اتي پنهنجا ڳوٺ ٻڌايا. ڪاجن ونديو جو ڳوٺ، جو درازا جي اتر ـ اولهہ ۾ هو، ڦٽي ويو؛ پر دراز ونديو جو ڳوٺ، جو پوءِ ’درازشريف‘ جي نالي مشهور ٿيو، سو اڄ بہ موجود آهي ۽ درازا جي دلبرانہ نالي سان سڏجي ٿو. ٿوري عرصي کان پوءِ ميان صاحبڏنو ۽ ٻيا مخدوم بہ ٻين هنڌان لڏي اچي، ’درس درازين‘ داخل ٿيا. ان حقيقت کي هوبهو سچل سائين جي ٻين سوانح نگارن پڻ بعد ۾ ائين آندو آهي. مادي طرح ڪٿي درازا شريف کي اڏيندڙ فقير دراز ونديو هو، پر روحاني طرح درازا کي ’دَرِ راز‘ (الٰهي اسرارن جو دروازو) بنائڻ وارو

دولهہ سچل سائين جو جد امجد فقير صاحبڏنو الملقب بہ "موراڳي" (مور) هو. ان جي ننڍي فرزند خواجہ عبدالحق رحہ جو ذڪرخير ڪندي خود سچل سائين شهر دراز 'ديوان آشڪارا' ۾ ائين فرمايو آهي:

"گر بگوئي مي شوم واقف ازان اسرار راز، پس تو ڪن باصدق دل روي بسو شهر دراز،
هست آنجا پير عبدالحق عارف اوليا، مي ڪند آگہ ز سر وحدتش مسڪين نواز."

البت کھڙا ڪجهہ پراڻو پُر آهي. هتي مخدوم عبدالرحمان شهيد (شهادت ١١٤٥هہ/١٧٣٢ع) جي پڙڏاڏي مخدوم عبدالخالق (٩٠٠هہ/١٤٩٤ع) ڏاري پيري ڳوٺ مان لڏي اچي کھڙن ۾ سڪونت ڪئي. باقي "تذڪره مخاديم کھڙا" ۽ "تاريخ آئينہ جهان نما" جي حوالن مطابق گمبٽ ۽ رانيپور جا روح رچندا شهر بہ مخدوم احمدي بن مخدوم عبدالرحمان شهيد (وفات ١٢٠٣هہ/١٧٨٨ع) جي ڏينهن ۾ ين جيلاني پائرن سيد محمد شاهہ ۽ سيد احمد شاهہ جي رهائش بعد مشهور ۽ معروف ٿيا."

هاڻي اچو تہ درازا شريف جي ٻائيتاليهہ (٤٢) سال اڳ واري تصوير آنجهاني چيتمل پرسرام گلراجاڻيءَ جي لفظن ۾ اوهان جي سامهون رکون.

چيتمل صاحب، پنهنجي ڪتاب 'سچل سرمست' جي آغاز ۾، جو هن صاحب آگسٽ ١٩٢٢ع ۾ لکيو، فرمائي ٿو: "خيرپور جي رياست ۾ رانيپور اسٽيشن کان ميل کن پري (شايد وچون پيچرو ايتري فاصلي جو آهي) درازن جو ڳوٺ آهي. ڳوٺ جي ٻاهران سچل فقير جو روضو آهي ۽ لاڳو ڪرڙن جو جهنگل آهي. درگاهہ سان گڏ سجاده نشين جهور فقير جي جهوني نموني واري اڏيل جڳهہ آهي، جنهن سان باغ جو ٽڪرو لاڳو آهي. پر ۾ هڪ کوهہ وڻن جي هيٺ آهي. چوگرد جهڙيون تهڙيون جهوپڙيون اڏيل آهن. مطلب تہ هڪڙا ڪيرڙ پيا ڪِرڙا! جهوني زماني جي جاءِ ۽ ٻہ-چار جهوپڙيون، پيو اچو نانءُ الله جو! خلقون ٿيون ماڻهن جون ميلي تي اچن. روزبروز ڳاڻٽا ۽ پيا درگاهہ جي زيارت ڪرڻ اچن ٿا ۽ گهٽيئي ڪامورا ماڻهو پڻ ويندڙ آهن."(١)

---

(١) هن وقت، چيتمل صاحب واري نقشي کان جاگرافي ڦريل آهي. تقسيم بعد مجتا وارن مٺين جي جوت اجهامي ويئي، ان ڪري ڳوٺ جا پر درگاهہ ڏي ٿي توجهہ گهٽ آهي. اوقاف کاتي جي نيڪ ۽ ترقي پذير سعيي لاءِ عوام منتظر آهي. باقي ڪمشنر صاحب خيرپور، مسٽر يزداني جي شفقت نظري سبب درازا ۾ ڪلچرل سينٽر برپا ڪرڻ لاءِ رٿون زير غور ٿيون ۽ ان جي لائق فائنز جانشين سيد دربار علي شاهہ جي زرين دور ۾ درازا شريف ۾ هڪ لک رپين جي لاڳت سان ريسٽ هائوس ۽ ڊپٽي ڪمشنر، مسٽر پرويز احمد ٻٽ جي همدردين سان، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل طرفان آڊيٽوريم تيار ٿي چڪا آهن. ازان سواءِ، محترم رحيم بخش شيخ، صدر، سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي لميٽيڊ، جو سرمستي سعيو آهي تہ هت بہ پيشاهہ وانگر 'سچل سرمست ڪلچرل سينٽر' قائم ٿئي: ان لاءِ نظامت تعليم، حيدرآباد ريجن جي معرفت اولهہ پاڪستان سرڪار ڏي چهن لکن جي عمارات تعمير ڪرڻ جون رٿون ارسال ڪيون ويون آهن. اميد واثق آهي تہ نتيجو سڦلو نڪرندو. — م.ع. چنا

نالو ۽ نسب: منصور ثاني، حافظ درازي، سرمست ازلي جو نالو نامي اسم گرامي عبدالوهاب هو، پر ڪيس لاڏ ڪوڏ ۽ پيار مان اڪثر 'سچل، سچُو يا سچيڏنو' ڪري سڏيندا هئا. جن مان سندس نالو 'سچل' زياده مشهور آهي، ۽ تا قيامت رهندو. پنهنجي سنڌي، سرائڪي، ملتاني ۽ اردو ڪلام ۾ پاڻ ڪي اڪثر ڪري، 'سچو' چاتايو اٿس، ۽ ڪٿي ڪٿي 'سچل' يا 'سچيڏنو' ۽ سڏايو اٿس. خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي تحقيق مطابق هڪ سنڌي ڪافي ۾ 'خدائي' جو تخلص به آندو اٿس؛ حالانڪ سندس پارسي شعر ۾ سندس تخلص 'آشڪارا' ۽ 'خدائي' آهن. سچل سائينءَ کي 'سرمست' جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي، ڇو ته پاڻ هردم ابدي الفت ۽ الاهي عشق جي نشي ۾ مست ۽ مدهوش هوندا هئا. هن عشق، استغراق، مدهوشيءَ ۽ مستيءَ جي اپتار سچل سائينءَ جي ساري ڪلام مان عيان آهي: 'ديوان آشڪارا' ۾ فرمائين ٿا:

ميءِ خوردم من از پيمانهٔ عشق، ڪه هوشياري و بيداري ندارم.

... ...

ز ميءِ توحيد سر مستم، ڪفر و اسلام را بستم،
به ميخانه چو بنشستم، انا الحق مي زلم برحق!

... ...

اين جنوني آمده از بادهٔ عشقش آشڪار،
عاقبت مستي مرا در سلڪِ مجنون مي ڪشد.

... ...

ما سبق خوانده ايم از ديوانِ عشق، نيست در هر دوجهان سلطانِ عشق.

... ...

مستم ڪه بدو مستم، من غير نمي دانم، ديوانه از و هستم، من غير نمي دانم.

... ...

چون ز خود رفتم خدارا يافتم، چون خدارا يافتم، سر باختم.

سچل سائينءَ کي حافظ درازي به سڏيندا آهن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ايراني حافظ شيرازيءَ وانگر، 'سنڌي حافظ شيرازي'، قدرت هن سونهري خطي کي نصيب ڪيو. حافظ درازي به حافظ شيرازيءَ وانگر قرآن مجيد جو حافظ هو ۽ سندس ڪلام ۾ ساڳي حافظ شيرازيءَ واري الستي مئي جي مستي آهي. ان عنوان تي وڌيڪ تبصرو پوءِ اچي ٿو.

سچو سائين فاروقي هئا: يعني قائد-ڪائنات ۽ فخر-موجودات آنحضرت صلعم جي پٺي يار حضرت عمر بن خطاب فاروق اعظم جي نُور جو چشم و چراغ هو. سندس شجرو اوٽيتاليهين پيڙهيءَ ۾ فاروق اعظم سان هن ريت وڃي ملي ٿو:

(۱) حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست بن (۲) ميان صلاح الدين بن (۳) محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو المتخلص موراڳي بن (۴) مخدوم عبدالوهاب بن (۵) مخدوم محمد بن (۶) مخدوم عبدالوهاب بن (۷) مخدوم شرف الدين بن (۸) مخدوم موسيٰ بن (۹) حافظ

عليم الدين بن (١٠) مخدوم شهاب الدين بن (١١) مخدوم سليمان بن (١٢) خواجه ابوسعيد بن (١٣) مخدوم نورالدين بن (١٤) مخدوم رضي الدين بن (١٥) مخدوم عبدالعزيز بن (١٦) مخدوم محمود بن (١٧) مخدوم ابوالفتح بن (١٨) مخدوم محمد اسماعيل بن (١٩) محمد يوسف بن (٢٠) سليمان بن (٢١) محمد بن (٢٢) ابوسعيد احمد بن (٢٣) برهان الدين بن (٢٤) عبدالعزيز بن (٢٥) عبدالوهاب بن (٢٦) عبدالمطلب بن (٢٧) برهان الدين بن (٢٨) احمد بن (٢٩) عبدالله بن (٣٠) يونس بن (٣١) محمد بن (٣٢) شيخ اسحاق بن (٣٣) شيخ عبداللطيف بن (٣٤) محمد باقر بن (٣٥) محمد بن (٣٦) شيخ شهاب الدين بن (٣٧) عبدالعزيز بن (٣٨) عبدالله بن (٣٩) حضرت عمر ابن الخطاب رض. الحمدلله جو سچل سائينءَ جو مٿيون شجرو محقق آهي. فقط نمبر نائين جو نالو، ڪن نسخن ۾ علم الدين آيل آهي.

آباد و اجداد: حضرت عبدالله بن حضرت عمر فاروق رض جي وفات بعد سندس پوٽو شيخ شهاب الدين پنهنجي اهل و عيال سميت حجاز مان هجرت ڪري عراق ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو ۽ پنهنجي علم و فضل جو ڏاڪو قرب و بعد ۾ چڱيءَ طرح ڄمايائين. ايتريقدر جو جڏهن سن ٩٢هه/٧١١ع ۾ عراق جي گورنر حجاج بن يوسف ثقفي، پنهنجي نوجوان ناٺي محمد بن قاسم کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو، تڏهن شيخ صاحب جهڙي اعلى هستيءَ کي سندس مشير خاص مقرر ڪري ساڻس گڏ روانو ڪيو. جڏهن سيوستان (سيوهڻ) فتح ٿيو، تڏهن محمد بن قاسم هن کي اتي جو حاڪم مقرر ڪيو. جيئن ته هيءُ صاحب علم و فضل سان گڏ سياست، تدبر ۽ نظم و نسق ۾ به وڏي مهارت رکندو هو، تيئن هن سيوستان سرڪار جو نظام سهڻي نموني سنڀاليو، ۽ سن ٩٥هه/٧١٤ع ۾ جان سپردِ جانان ڪئي. ان بعد سندس فرزند شيخ محمد سيوهڻ جي حڪومت شان شوڪت سان ڪري، ١٤٢هه/٧٦١ع ۾ فوت ٿيو. اهڙي نموني الهيءَ خاندان جا افراد هڪٻئي پٺيان سيوهڻ جا نواب مقرر ٿيندا آيا. جڏهن محمود غزنويءَ سنڌ فتح ڪئي، تڏهن هن خاندان مان (٣١ نمبر) شيخ محمد بن شيخ محمد اسحاق سيوهڻ جو ناظم هو. ان ڪان محمود غزنويءَ نوابي ڇڏائي ڪيس ساليانو وظيفو مقرر ڪري ڏنو.

الهيءَ خاندان مان مخدوم نورالدين (نمبر ١٣) پنهنجي عمر جو وڏو عالم متبحر ٿي گذريو آهي. هن کي چار فرزند هئا: بدرالدين، ابوسعيد، ضياءُ الدين ۽ رڪن الدين. هنن مان پهريان ٻه مخدوم بدرالدين ۽ خواجا ابوسعيد بمعه اهل و عيال سيوهڻ جي رهائش ڇڏي ڪاڪڙي پرڳڻي ۾ وڃي رهيا. اتي هي مخدوم حجار جا مريد ٿيا، جنهن جي زيارتگاهه اڄ به اجوڻي موسيجي ۽ هاٿوڪي گڏيجي ڳوٺ ۾ موجود آهي، مخدوم ابوسعيد اتي ئي انتقال ڪيو. انهن ٻنهي پائرن جي عظمت جي شان ۾ مسٽر جيٺمل پرسرام، "سچل سرمست" صفحي پنجهٺ (٦٥) ۾ ائين چاٿايو آهي: "شهاب الدين جي آڪهه ۾ ڪي صديون پوءِ ابوسعيد ۽ بدرالدين

ٿيا، جي سچا فقير هئا. اميري ڇڏي وڃي جهنگل ۾ فقيري اختيار ڪيائون. اتي ذٽ تي گذر ڪندا هئا. تنهن وقت، انهيءَ زماني جو صوفي بهاءُالدين پنجاب ڪان آيو، تنهن جي انهن فقيرن سان ملاقات ٿي. بهاءُالدين کي غوث بهاءُالدين ڪري سڏيندا آهن، جو هو زماني جو ڪامل شخص هو. سنڌ ۾ انهن فقيرن کي ڏسي خوش ٿيو ۽ هنن کي 'ڏوٿين' جو نالو عطا ڪيائين. هاڻي ڏسڻ ۾ ايندو ته سچل، ۽ سچل جي وڏن ۾ اهو انگ فقيرائو ورثو آهي. هنن جي جيوت بہ پوري پوري انهن ڏوٿي فقيرن جهڙي سادي هئي. هن جا وڏا اها فقيري اختيار ڪري، ڪنهن زماني ۾ اچي درازن ۾ رهيا."

درازا الاهي موهبت ۽ لدني اسرارن ڪري دراز ٿي ويا ۽ اتي سچل سائينءَ جي برڪت پرئي ڏاڏي سائين ميان صاحبڏنو فاروقي عرف محمدحافظ موراڳي قادري جو تولد ١١٠١هه/١٦٨٩ع ۾ ٿيو، يعني شاه لطيف ڀٽائيءَ جي ولادت کان هڪ سال اڳ. ابتدا ۾ خيرپور جي ميرصاحبن جي ملازمت ۾ هو، پر پوءِ هڪ مجذوب عورت بنام بيبي رابعہ بصريءَ جي توجہ ڪرڻ تي، درازن جي اوير ۾ هڪ ڪبڙ هيٺان رياضت ۽ عبادت ۾ مصروف رهيو، ۽ چاليهہ چاليها ڪڍيائين: يعني چار سال ۽ پنج مهينا، پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ ۾ بسر ڪيائين. ان محويت جي عالم ۾ ڪيس حضرت شيخ عبيدالله جيلاني قادري جي ملاقات نصيب ٿي، ۽ ان ملاقات سائينءَ صاحبڏني کي وحدت الوجود جي واديءَ جا وراڪا ڏياري، عارف باالله بنائي ڇڏيو. مجذوب عورت وارو واقعو ۽ سائين عبيدالله جي ملاقات جو مٺيادار احوال، سچل سائين پنهنجي مثنوي 'رازنامہ' ۾ هن طرح ڪيو آهي:

نام جد من مشتهر صاحبڈنہ، هم محمد حافظ است در سلسلہ.
روز يک مي رفت بيرون از شهر، بود خواجہ بر تماشائے دگر.
درميانہ ڪوٽڙي و ڏيونہ* ديديک ديوانہ زن بہ برهنہ.
بي بي بصري بود ظاهر نام او، کس نمي دانست اورا تار مو.
ناگهان ديوانہ زن پيشش رسيد، گفت با آن و آهے مي کشيد.
بشنو از من راز اي مرد خدا، آن خدا درڪار تو، تو تا ڪجا.
بيتها سندي بگفتہ از زبان، آن بہ پيش تو همي سازم عيان.

... ...

ڇري ڪري بصري، ڪري تا ڪر نانهن،
وٺي پرائي وهانءَ، تن جو هينئڙو تا هئن ٿيو.

---

*ڪوٽڙي ۽ ڏيون جا ڳوٺ تعلقي ڪنڊياري ۾ آهن، ۽ سابق خيرپور رياست ۽ موجوده خيرپور ضلعي جي سرحد تي.

جيئان گهڻو جڳ ۾، پر جسم نہ جيئڻ ڏي،
باب نہ پڙهج بي، هج الود و الف سين.
وَرَ سان وجهيو ڪاڻ، خَرَ سان ڪِليو سُمهين،
آيل! هيءُ اهڃاڻ، جو ڪڻ چڏي تهہ آبهين!

... ...

از شنیده خواجہ آن بیخود شده، باز پس گردید عاشق حق شده.
پارچا عمامہ را از سر کشید، جرعہ از میخانۂ محبت چشید.
آمده بشگافت جنگلِ گوشہ یافت، جز محبت هرچہ بد روئے بتافت.
چهل چلہ الدران بیشہ کشید، بعد مدت شہ عبیدالله رسید.
دست بیعت خواجہ را داد آن زمان، کشف بخشید از مکان تا لامکان.
سِرّ وحدت حق باو اعیان نمود، بر دل او حسن جانان را کشود.
آن عبیداللہ باشد شاهِ ما، او بود بر هر قدم همراه ما.
چون سکندر صد بود دربان درش، افسرِ شاهي ولایت بر سرش.
صد چون دارا همچو خاقان چاکرش، کیقباد و جم چون خسرو نوکرش.
آن جنید و شبلي است فتراک گیر، بایزید و هم ذوالنون پیشش وزیر.
او بود اولاد حضرت مصطفیٰ، جد آن قطب زمان شد مرتضیٰ.
شاهہ عبیداللہ آن نورِ صفا، خواجہ محمد حافظ است راه نما.
شه عبیدالله باشد شمعِ دین، خواجہ حافظ مي بود باحق قرین.
شہ عبیداللہ شاهہ سرفراز، خواجہ محمد حافظ است راز و نیاز.

اسان جي صاحبڏني سائينءَ کي بہ نور نظر عنايت ٿيا. وڏو سچل سائينءَ جو والد ميان صلاح الدين ۽ ننڍو ميان عبدالحق. عبيدالله شاهہ صاحب جي برک واري نظر ننڍي ميان عبدالحق تي پيئي ۽ پنهنجي مراد وند مريد موراڳيءَ سائينءَ کي حڪم ڪيو تہ سندس چالاٽي بعد فقيري فاروقي گاديءَ تي ميان عبدالحق قائم مقام ٿئي. هن مان بہ نُڪتا اهلِ دل کي معلوم ٿيا. هڪ اهو تہ ميان صلاح الدين جي پشت مان اهو منصور ثاني پيدا ٿيڻ وارو هو، جو پنهنجو مَٽ پاڻ هو ۽ جنهن کي دنيوي سينگارءَ اولاد جي ضرورت نہ هئي. ٻيو تہ سائين عبدالحق جو فقيري ملڪو مهم تر نظر آيو ۽ هڪ ڪامل سونهو هو، جو سچل سائين جهڙي هڪ ملڪوتي موتيءَ کي ڏوئي پوئي، وينجهار والڪر چڱيءَ طرح 'صبغت الله' (الله وارو رنگ) چاڙهيائين، جيئن سندس جهلڪ ۽ جلا، مهراڻ جي مٽيل واديءَ ۾ تاقيامت جلوه دار هجي ۽ قديم سنڌ جي ساري وسيع ريگزار کي روحاني خوشبوءِ سان معطر ڪري. ازانسواءِ سائين عبدالحق جي پيڙهي رب سائينءَ جي فضل و ڪرم سان تاقيامت رهندي. يعني درازي درگاهہ جو عطاري رعب ۽ تاب ۽ منصوري مخموري تاقيامت الاهي عطا سان جاري وساري رهندا. اهو آهي قادري

ڪمال جو هڪ پرتوو. صاحبڏنو سائين ايڪانوي سالن جي عمر ۾ ناڻهن واري مڪان ۾ رهيو ۽ ١١٩٢هه/١٧٧٨ع ۾ برقعو مٽايائون.

ولادت: ان ضمن ۾ نماڻي فقير جا لفظ دهرائڻ، هت غيرمحل نہ آهن. پاڻ پنهنجي تاليف ”سچل جو ڪلام“ جي صفحي ١١ تي لکن ٿا تہ: ”سن ١١٥٢هه/١٧٣٩ع ڪي هڪ پنهنجي اهميت آهي. هي اهو سال سعيد آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سرزمين کي هڪ نوراني هستي پيدا ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. اها نوراني هستي ڪيترين خوبين جو خزانو هئي، جن مان ٻہ مکيہ آهن — 'درويشي ۽ شاعري'.“ سندس ولادت جي سال تي سندن سڀ سوانح نگار متفق آهن. مسٽر جيٺمل سندن ولادت جو ٻيو بہ سن ڏنو آهي، يعني ١٧٥٧ع. پر پوءِ خود ئي سندس وفات جي تاريخ ۽ بيدل سائين جي شعر جي بناءَ تي ان کي باطل ڪيو اٿس.

ٻالپڻ ۽ جواني: سچل سائين ڄمندي ڄام هو. ان الله لوڪ جي آمد جي بشارت تہ خود سائين عبيدالله جيلاني ڪئي. ڏٺوءِ جو شان سندن والد بزرگوار ميان صلاح الدين سندن ڪمسنيءَ ۾ گذاري ويا ۽ پاڻ پنهنجي ڏاڏي سائينءَ جي تحويل ۽ تربيت ۾ رهيا. پاڻ جڏهن چاليهن ورهين جا هئا تہ موراڳي سائينءَ بہ هيءَ دنيا ڇڏي. ان بعد هڪ ئي قبلو يا ڪعبو سندن سامهون هو، يعني:

هاديءِ رهنما ست حق الحق، عارف اوليا ست حق الحق،
يڪ دمي دور نيست از ما بين، آشڪارا بما ست حق الحق.

اڪثر سوانح نگارن لکيو آهي تہ سندن جدامجد جي انتقال بعد سندن پرورش ۽ پالنا سندن عم صاحب سائين عبدالحق ڪئي. مذڪور لکيت مان معلوم ٿيندو، تہ پاڻ کي لنيا ڪونہ هئا، جو سندن ٻالپڻ واري پرورش ٿئي، پر سندن روحاني رکپالي ڪيائون. جيئن جو ڪجهہ ڪَچ هردي واري ڪٽوري ۾ هو، تہ اهو باطني قلعيءَ سان دور ڪرڻ چاهيائون ٿي. سچي سائينءَ جي دل ننڍي هوندي کان حقيقي مالڪ ڏي مائل هئي. بمصداق سندن ارشاد:

”هڪ ڏينهن مرشد ايوين آکيا، ڇوڙ خلق دي ياري،
هڪ ناڻءُ الله دا ياد رکين، ٻيا ڏونهين جهان وسارين.“

مسٽر جيٺمل، سچل سائينءَ جي ترڪ الدنيا کي انهن اکرن ۾ چٽيو آهي: ”اڄ ننڍو، سيان وڏو، سچل ننڍي ئي هوندي کان گوشہ نشينيءَ جي خواهش ڏيکاري. اُن ٻاراڻي وهيءَ ۾ ئي ڪِرڙن ۽ ڪٻڙن جي جهنگن ۾ گم ٿي ٿيبون هٺندو هو.“ اڪيلائيءَ جي اوٽ ۾ الک جي لک لهندي هن ٻري تي پهتو هو تہ:

”هر ڪنهن صورت آپ الله، ٻيو ڪوئي جاڻڻ محض گناهہ.“

جيئن پرينءَ جي حسنِ لازوال جو پرتو هر هنڌ حاضر آهي، تيئن سچي سائين بہ ”سر تسليم خم هے جو مزاجِ يار ۾ آيا“ وانگر فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

"سچو ڪر گوءِ سر ميدان، سر آگے سجن کے دھر،
که حملا ڪر حسن دلبر، سر چوگان آيسا ھے."

سندس چاچي ميان عبدالحق سائين ڪيس هڪ عالم، فقيه، مدرس، عربي ۽ فارسيءَ جي ماهر آخوند عبدالله قريشيءَ وٽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو. 'الف' جو لفظ ته هڪدم اچاريائون؛ باقي 'ب' جو بالسي لفظ ڪيئن اندر مان اورجي. اها ساڳي ڪار سندس متقدم لطيف سائينءَ سان ٿي. سندس پُرحقيقت شعر پڌو ۽ دل سان هنڊايو:

"الف اسان نُون يار پڙهايا، ب دي بانس نہ ڀُون."

آخر هي ظاهري علم ڪن روايتن موجب ٻارهن سالن ۾، ۽ ڪن مطابق چوڏهن سالن ۾ پورو ڪري فارغ التحصيل ٿيو. قرآن شريف بہ سڄو حفظ ڪيائين.

شاهہ لطيف درازن ۾: شاهہ لطيف جن، سن ١١٦٥هه/١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي، جڏهن اسان جو سچو سائين فقط تيرهن سالن جو هو. سچل سائينءَ جي اڪثر سوانح نگارن جي نگارشات مان هي نشانبر آهي ته شاهہ لطيف سائين درازن ۾ ٻہ دفعا آيو آهي. هڪ دفعو سچل سائينءَ جي ولادت کان اڳ ۽ ٻيو پيرو پوءِ.

مولانا دين محمد وفائي مرحوم هن واقعي کي هن طرح قلمبند ڪيو آهي: "ٻئي دفعي جڏهن شاهہ صاحب درازن ۾ آيو، تڏهن سچل فقير پنجن ورهين* جو هو. هن ٻارڙي کي ڏسي، ميان صاحبڏني ۽ سندس فرزند ميان عبدالحق کي فرمايائين ته 'هن نينگر کي پڙهڻ جي ڪا کهٽي کهرج ڪانہ آهي؛ اسان جيڪو ڪُنو رڌو-آهي، آن جو ڍَڪڻ هي چوکر لاهيندو.' شاهہ صاحب جي اها پيشنگوئي لفظ بہ لفظ ٺيڪ نڪتي، جو شاهہ صاحب وحدت جو مسئلو جنهن رمز ۽ راز سان بيان ڪيو آهي، تنهن کي سچل فقير کليل لفظن ۾ پڌايو آهي." شاهہ صاحب جي مذڪور واقعي جي وارتا ڪري مسٽر جينمل وڌيڪ ٿو لکي: "آهي بہ ائين ـــ سچل جو ڪلام اهڙو زنده آهي، اهڙو سهڻو آهي، ۽ اهڙو مستي آئيندڙ آهي، جو ڇا چئجي. اڄ هن جي عجيب شوق جي شربت جو فقط ڪو ذائقو وٺائي سگهندس، پر جي پيانيو ته ڪيتون پري دل من ٺاريون ته اوهين سندس ساري ظاهر ڪلام ۾ پيهي ڪو مزو مائي ڏسو."

درازائي دولهہ جا خاڪپاءِ بہ لطيفي ملاقات جي تصديق ڪن ٿا. نماڻو فقير هن جي آڻتار ائين ٿو ڪري: "درويش جا قول بيمعنيٰ نہ آهن ۽ شاهہ صاحب جي اها اڳڪٿي پوري لڪتي. سچل نہ فقط صوفيائي ڪلام ۽ فقيريءَ ۾ نالو ڪڍيو، پر هن رند آهي حقيقتون ۽ روحاني رمزون کولي آشڪار ڪيون، جيڪي شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ درپرده رکيون هيون."

شريعت جي پابندي: زندگيءَ جي آغاز ۾ شريعت شريف جو نهايت پابند هو ۽ نماز باجماعت پنجگاهہ مسجد شريف ۾ ادا ڪندو هو. مگر بعد ۾ موج مستيءَ سان سرشار ٿيو. ان ڪري

*ڪن روايتن موجب سندن عمر ست ورهيہ بيان ڪئي ويئي آهي.

حال ۽ استغراق هميشه هن جي هردي تي غالب هئا. پاڻ ديوان آشڪار ۾ هرهنڌ شريعت جي عزت بالا ڪري، ان جي نگهداشت لاءِ هدايت ڪري ٿو ۽ هن ڪي معرفت جي مام پرجهڻ جي شناخت جي واٽ تصور ڪري ٿو. پڙو ۽ حظ وٺو:

بشناس نفس خود را کاين معرفت حق ست،

در معرفت بباش نگهدار راهِ شرع.

وري هڪ سڄي غزل ۾ شرع جي شرح ڪئي اٿس. مطلع ۽ مقطع پيش خدمت آهن:

هست اين قائم مقام شرع، ڪ بنا ڪرده است امام شرع،

باتو گويم چو آشڪار و نهان، باش تو چاڪر و غلام شرع.

سندن مرشد خواجه عبدالحق رحه سنتِ نبوي جي تڪميل لاءِ ڪين پنهنجي دختر نيڪاختر نڪاح ۾ ڏني. جنهن مان اڪثر روايتن مطابق کيس هڪ فرزند عطا ٿيو، پر شگفته مکڙي ٽيڻ کان اڳ مرجهائجي ويو.

بيعت ۽ طريقت: سچل سائين پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ، پنهنجي چاچي سائينءَ خواجه پير عبدالحق جي سنڀال هيٺ رهيو. هيءُ سنڀال ۽ تربيت دنيوي توڙي روحاني هئي. هڪ لدني ظرف گر وانگر حق سائين سچي سائينءَ کي رباني رنگ سان ريٽي لال پٽي ڪيو ۽ جڏهن ڏٺائين ته طالب ڏٺي تعاليٰ جي سوز ۾ جلي جانِ جانان ٿيڻ جي لائق آهي، تڏهن کيس قلبي قالب ۾ ڳهڙي، پنهنجو طلب وارو طالب بڻايائينس. سچو سائين به هڪ تنواريل طالب وانگر پاڻ کي هن سلوڪ واري راهه ۽ رند ۾ رمڻ لاءِ اهل بڻائي، جلد از جلد صوفين جي پهرين منزل 'فنافي الشيخ' ۾ محو ٿي ويو. جيڪڏهن چاچي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته سندس ڪلام جو ڳچ حصو عبدالحق سائينءَ جي تعريف ۾ چيل آهي. حافظ درازي ته سچو طالب هو، سو پنهنجي متقدم حافظ شيرازيءَ وانگر مرشد سائينءَ جي مهما ۾ مستغرق رهيو ۽ حافظ شيرازيءَ جي ارشاد 'بمئي سجاده رنگين ڪن گرت پيرِ مغان گويد' وانگر، 'سچوءَ' سچڻ جي در جو سگ رهڻ چاهيو ٿي، مثلاً:

"سچو آهي سگ در تنهنجي جو نال لباهي سو نيون."

... ...

"سچو سگ درازي، روز ازل کون آهي ميان."

"پير عبدالحق جو پرڪيف خمار ڏنوسين ميان."

... ...

"جيهو تيهو آهيئي سچو، سگ سندن."

... ...

"سچو سگ درازي، آهي روز ازل کون."

"تو پير عبدالحق جو پيراز ڪيوسين."

'فنا في الشيخ' جو پڻ منظر ملاحظ ڪريو:

"مرشد هادي عبدالحق جي، وتِ پُڻيءَ پيزار لڳو."

مرشد جي اطاعت جو پڻ مثال هيٺ ملاحظ ڪريو:

"منجهہ حضور هاديءَ جي طالب، ٻانهون ٻڌي وهندين.
جئن چوائي مرشد چوندين، ڪلمو ڪفري ڪهندين،
ڳُر ۽ ڳوبند صورت ساڳي، راهہ انهيءَ ۾ رهندين،
رنگ ريتي بيرنگ تي "سچا"، ناهہ انهيءَ ۾ نهندين."

ان بعد مرشد، مريد جو حامي ۽ همراهہ ٿئي ٿو. سچل سائين ٿو فرمائي:

"اڪيان وچ سيو ڪجهہ آها، متان ٿيوين گمراهہ،
"سچو" تينڪون رمز ڏيکالي، هادي عبدالحق ٿيا همراهہ."

ساڳي تنوار سچي سائينءَ جي سڄي ڪلام ۾ تنواريل آهي. فارسي واري ڪلام ۾ ته غزلن جا غزل مرشد جي ثنا ۾ مسلسل چئي ويو آهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

پير ما پير هست عبدالحق، در دلِ ما نشست عبدالحق،
عمر بگذشت در ضلالت ليڪ، رشتۂ ڪفر گسست عبدالحق،
طرف ديگر خيال دل نفتاد، دست ما شد بدست عبدالحق،
"آشڪار" و نهان دل و جان را، ڪرد پرجوش و مست عبدالحق.

ٻئي هنڌ مرشد جي توصيف ۽ مريدن جي اشغال جون سڀ حالتون ظاهري طور بيان ڪيون اٿس. ڪجهہ سٽون سٽو:

دوستي پير ما بمستندي، يڪ دم از مردمان نرستندي،
ني نمودند روبہ بي دردان، طالبان را بسي بجستندي،
بہ مريدان مجلسش همہ روز، اوّلين پاس شب بخفتندي،
هر ڪہ پر درد عشق مي آمد، خوش بود دلپسند هستندي،
"آشڪارا" ڪہ چون سرود شدي، اندرون گريہ زار گشتندي.

سچل سائين جي سرمستيءَ جا سرچشما: ظاهري طرح سچل سائينءَ جو مرشد ته سندس چاچو سائين هو. سئانس الاهي عنايات جي بہ باطني پالوت ٿي هئي. ان اسٽدي اويسي طريقي وسيلي سندس سرمستيءَ جا سرچشما ـ منصور حلاج، حضرت فريدالدين عطار نيشاپوري، حضرت خواجہ شمس تبريز ۽ شمس الدين حافظ شيرازي ـ هئا. جيئن ته قلندر لال شهباز سيوهاڻي بہ وجودي جلالي مڪتبِ فڪر سان تعلق رکي ٿو ۽ سچل سائينءَ جو متقدم هو ته ان جو بہ 'مست و مست' اثر هن سرمست تي ضرور پيو هوندو. ان لاءِ اچا مون ڪي ڪابہ اندروني خواهہ بيروني شاهدي نہ ملي آهي، حالانڪ سندس ٻالڪي نالڪ يوسف بہ هڪ ڪافيءَ ۾ لال شهباز ڪي

ساراهيو آهي. سندس پيو نوازيل بيدل سائين سرمستي رنگ سان گڏ قلندري رنگ سان پڻ ريٽو ٿي لال ٿيو هو. موسوي صاحب جي تاليف "ديوان بيدل" ۾ اهو اشارو آيل آهي ته خود قلندر لال شهباز جي ارشاد تي، بيدل سائين سيوهڻ مان ڪهي درازين آيو هو. عطار سائين بابت سندس فيض جي وند ورچ جي تعريف ڪئي اٿس. چند مثال پيش خدمت رکجن ٿا:

در درون سينه يابم بوي يار، شد معطر جانِ من از شمه عطار.

... ...

يار ما باشد که نيشاپور هست، مست گشتم بو ز عطار آمده.

... ...

اي صبا سارا حقيقت شهر نيشاپور بکن، مي کنم قربان بزان خاک زمين اين جان وتن.
عرض کن از حالت بيچاره عاشق در حضور، کز خم مي خانه مي در جام خالي در فگن.

... ...

بين کوچه و بازار نيشاپور پُر از درد، مشهور همان جا شد عطار بود مرد.
عطار چنان گفت بخور جام مئي عشق، پنهان و آشکار، شب و روز، صفا درد.

خواجه شمس تبريزيءَ لاءِ 'ديوان آشڪارا' ۾ چوي ٿو:

خاکِ پا سلطان تبريزي شوي يکبار گر،
تاشود آگه ترا علم حقيقت سربسر.
از کلامش بوي مستي مي رسد اندر دلم،
خيال موجا موج کرده همچو دريا بيشتر.
مست و مدهوشم ز شوقش "آشکارا" و نهان،
پس چه تدبير اے مسلمانان که گشتم بي خبر.

جيئن ته حافظ شيرازي به پنهنجي شعر ۽ فلسفي ۾ منصوري وٽچ وهايو آهي، تيئن ان جو ڪلام مست مدام به سندس سرمستيءَ جو سرچشمو ٿي سگهي ٿو. حافظ شيرازيءَ ۽ حافظ درازيءَ جي ڪلام ۾ گهڻيون حقيقتون مماثلت رکن ٿيون. هيٺيون هڪ مثال ڪافي ٿيندو:

حافظ شيرازي: ميانِ عاشق و معشوق فرق بسيار ست،
چو يار ناز نمايد شما نياز کنيد.

حافظ درازي: غرور غرور غماز، عادت البيلن جي،
نوڙت نينهن نياز، آهي عشاقن ۾.

... ...

آهي عشاقن ۾، نوڙت نينهن نياز،
نخوت نخرو ناز، عادت البيلن جي.

Gul Hayat Institute

منصور ته سرمستي جان جو روح هو. هرڪنهن هنڌ سندس هرقسم جي ڪلام ۾ هن منصوري سام جو پرو معلوم ٿو ٿئي. ان ڪري سندس ڪلام مان مستيءَ، رنديءَ ۽ بيباڪيءَ جا جلوا پيا جهرڪن. شمس العلماء مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو، 'سنڌي نظم' ۾ لکي ٿو: "سچل سائينءَ جو ڪلام عين بيباڪيءَ جو آئينو آهي. منجهانئس رندي ۽ مستي پيئي بکي. ائين پيو پائنجي ته ڪويا وجد ۾ اچي، نچندي شعر چيو اٿس، يا ذوق مان پڙهندڙن جي دل تي به اهڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي." هن منصوري مستيءَ جا چند مثال حظ خاطر پيش خدمت آهن.

"اصل ڪون منصور جو انهيءَ ڪاتيو ڪند ڪتاري،
نشي منجهه نواز ٿي گهوريون هي سر گهوري."

... ...

"سولي اوپر منصور هئي، منظور هي، مشهور هي،
مي پي ڪي او مخمور هئي، اس ڪا عجب مذڪور هئي."

... ...

"آن راز نهان از لب منصور عيان شد، بردند بسر دار،
اين نعره شنيديم که عالم بگمان شد، ليکن بُوئي خود يار."

... ...

"ڪز خويش پرستي بزن نعره انا الحق، زنار گشتي بزن نعره انا الحق،
"آشڪار" و نهان يار بود در دل و جان تو، او مست تو مستي بزن نعره انا الحق."

اڙان سواءِ، مذڪور ڏٺي ڏوٿلن کان علاوه سچل سائينءَ جي تصانيف ۾ هيٺين صوفي بزرگن جو به ذڪر خير آيو آهي: (١) حضرت بايزيد بسطامي رحه، (٢) حضرت ابراهيم ادهم رحه، (٣) بلخي رحه، (٤) شيخ صنعان، (٥) حضرت نعمت الله جام احمد جام رحه، (٦) شبلي رحه، (٧) سرمد شهيد رحه، (٨) شرف الدين شاهه بو علي قلندر رحه، (٩) حضرت نجم الدين ڪبريٰ رحه، (١٠) حضرت عبدالله هروي رحه، (١١) حضرت عبدالقادر خراساني رحه، (١٢) خواجه ابوالعباس رحه، (١٣) شيخ هيڪل رحه، شاگرد حلاج، (١٤) شاهه عنايت صوفي رحه، جهوڪ وارو، (١٥) شاهه ڪرمل رحه، (١٦) فقير ڪپاهي رحه، (١٧) قاسم رحه، (١٨) موسيٰ رحه، (١٩) مولانا جامي رحه، ان مان ظاهر آهي ته انهن سيني بزرگن جي بات جو اثر حضرت سرمست تي پيو هوندو.

فنا في الرسول. 'فنا في الشيخ' کان پوءِ سالڪ کي 'فنا في الرسول' جي منزل طي ڪرڻي آهي. ان ۾ به سچل سائين سنمک رهيو آهي: جيئن فرمائي ٿو:

مشتاق لقاء مصطفائيم، او هست خدا خود گواهيم.

... ...

اے بجز دروازه احمد راه نيست، گـر نمي دانـي دست آگاه نيست.

... ...

اي دلا دربار گاه، مصطفيٰ هوشيار بـاش،

گـر تـو عاشق صادقي از غير او بيزار باش.

فنا في الله: منصوري مام پرجهي حق سان هڪ ٿيڻ فنا في الله جي آخرين منزل آهي، ان لاء چند مثال ڪافي ٿيندا:

يـار را هـر ڪجا همي بينم، زين سبب نزد خلق بيدينم،

قـدم پيش و پس نمي دانم، مـسـتـقـيـم بـراه تمڪينم.

... ...

ڪن فنا جسم درره توحيد، خيال ماؤ منے خودت بگذار.

... ...

وحـدت و ڪثرت يڪي دانـنـد سرداران عشق،

قائم انـدر وحـدت و سيّار انـدر ڪثرت الد.

شاعري: پاڻ هفت زبان شاعر ٿي گذريا آهن. منصوري مام، سنڌي، سرائڪي، ملتاني پنجابي، هندي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ بيان ڪئي اٿن. هن فن شاعريءَ ۾ پاڻ سنڌي شعرا ۾ يڪتا آهن. مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ سچ چيو آهي تہ: "جنهن زماني کان وٺي سنڌ جي شاعرن جا ڪلام ظاهر ٿي چڪا آهن، تنهن زماني کان وٺي اڄ تائين ٻئي ڪنهن بہ شاعر پارسي، اردو، پنجابي، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ ايترو گهڻو ۽ اهڙي طرز جو شعر ڪونہ چيو آهي جيترو سچل فقير چيو آهي—" مگر سندس شعر ڇا هو؟ محبتي متل مهراڻ وانگر پرجوش ۽ الله لوڪ وانگر الاهي محبت ۾ مدهوش. اهو سرمستي رنگ سندس ڪلام ۾ آهي.

"جنهن دل پُر ڪر پيتا جام، سا دل مستو مست مدام!"

وفات: سندس وفات ١٤- رمضان ١٢٤٢هجري، بمطابق ١٨٢٦ع ۾ ٿي. بس فقراءُ ۾ ماتام هو. پاڻ فقيرن جي امانت، نانڪ يوسف کي سونپي ويا. سندس دربار جا مکيہ رتن هيٺيان ڇيا وڃن ٿا. "دولهہ دراڙيءَ" مان لسٽ ڏجي ٿي:

(١) فقير نانڪ يوسف، ساکن اڳڙا، رياست خيرپور، (٢) فقير محمد يعقوب رياست خيرپور، (٣) فقير محمد صالح قادري، لاڙڪاڻو، (٤) فقير سيد خيرشاهہ رتوديرو، (٥) جانو فقير، پڄارو، شڪارپور، (٦) فقير غلام حيدر شر، خيرپور، (٧) فقير محمد صالح ويٺل دونهو لڳ روهڙي، (٨) فقير محمد صديق، ويٺل ڳوٺ فيتي، لاڙڪاڻو، (٩) فقير سيد دين شاهہ، (١٠) فقير سيد پيرشاهہ، (١١) فقير سيد حيدرشاهہ، (١٢) فقير حاجي عثمان چاڪي، (١٣) فقير شير علي، (١٤) فقير گهرام جتوئي، (١٥) فقير سيد حسن شاهہ، (١٦) فقير شيرخان پنيرو، (١٧) فقير سر مير علي مراد خان ٽالپر، والي خيرپور، ۽ (١٨) بيدل فقير. سندس شان ۾ بيدل جو مدحيہ ڪلام مشهور آهي، ڪجهہ پڙهو:

"عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو.
مست سالڪ مه 'سچو'، عارف اتي اظهار هو،
برهه جي برسات جو، تنهن وير تي وسڪار هو.
مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو،
منجهه سخن تنهن جي، الوهيت سندو آثار هو.
جنگ جذبي جوش مستي ۾ مثل عطار هو،
در تنهين داتا جي "بيدل"، پرت جو پينار هو!"

مسعود حسن شهاب، پنهنجي تازه ترين تصنيف 'خواجه غلام فريد' ۾ لکيو آهي ته:
شاهه ڀٽائيءَ کان علاوه سنڌ جي سچل سرمست جو رنگ پڻ خواجه صاحب ضرور قبول ڪيو هوندو، جو ته 'منصوري روش' جي تبليغ ۾ هو صاحب خواجه صاحب جو پيشرو هو.

روضو: سنڌن روضو مبارڪ، پهريائين، مير رستم خان جوڙايو. جنهن جي سرمت، ڇهين نمبر سجاده نشين سخي قبول محمد سائين ڪرائي، ۽ ان جو اهتمام سنڌس خاص خليفي سردار بهادر شيخ محمد بخش 'ڪوجهي فقير' ڪيو ۽ ڇت ئي ڪُندن تي چانديءَ جون نيلون لڳايون.

سنڌس روضي مبارڪ ۾ سچل سائينءَ کان علاوه، جن جون تربتون آهن، انهن مان مکيه اصحاب هي آهن: سائين صاحبڏنو شاهه، خواجه عبدالحق صاحب، حضرت سخي قبول محمد اول، خواجه نجم الدين — سجاده اشين نمبر ۵، سخي قبول محمد دوم — سجاده نشين لمبر ٦، سائين صاحبڏنو دوم — سجاده نشين نمبر ۷.

سنڌس ڪلام جي اشاعت: افسوس ۽ ارمان جو عالم آهي، جو ڏني تعاليٰ وٽان اسان کي منصور آخر زمان، عطارِ سنڌ، حافظ درازي عطا ٿيو: پر اسان بيقدريءَ جي عالم ۾ ايترو ته مستغرق آهيون، جو سنڌس درست رسالو يا ڪليات، منظرِعام تي آڻي نه سگهيا آهيون. هي هاڻي، سنڌي ادبي بورڊ(۱) ۽ سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊميءَ لميٽيڊ جو فرض آهي ته هن الهامي شاعر جو ڪلام فرحت الجام ڪٺو ڪري، ڪليات جي صورت ۾، شايع ڪن. وڏي ۾ وڏي اها آسائي آهي ته سنڌس فارسي ديوان، فارسي مثنويات، سنڌي يا سرائڪي ڪلام اسان وٽ موجود آهي. رڳو ان کي سهڻي ۽ دلڪش پيرايي ۾ شايع ڪري، عوام آڏو آندو وڃي.
جن پرين پنهونءَ جو پير ڪنيو، تن کي سچي سائينءَ جي الفاظن ۾ يقين آهي ته:

"گولين گڏ گڏيان، پاڻ پنهنجو ڪيچ ۾،
پلؤ تا نه ڇڏيان، هوڙي هوتيائين جو."

---

(۱) "رسالو سچل سرمست"، عثمان علي انصاري، ۽ "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، مولانا محمد صادق راڻيپوري: سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ٿي چڪا آهن.

سيد حاجي علي اڪبر شاهه

مخدوم نوح سرور

الله جي لاءِ سڀ ساراهه ٿي سونهي، جنهن پنهنجي عاشقن ۽ عارفن کي، پاڻ ڏي رهنمائيءَ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي محبوب مرسل جي فيض کي فيضان ۽ عرفان جو وسيلو بڻايو، ۽ پنهنجي ڪمال قدرت سان، آنهيءَ فيض محمديءَ کي قيامت تائين، مشرق ۽ مغرب جي پياس لاءِ سيرابيءَ جو باعث، ۽ سڀڪَ لاءِ ذريعهءِ سڪون بڻايو:

رهي اس سي محروم آبي نه خاڪي،
هري هو گئي ساري کيتي خدا کي.

اها حقيقت جامع، حقيقت محمّديءَ جو ظهور آهي، جنهن ڪان پوءِ باقي سڀ دروازا جمع ٿي، سميٽجي هڪ دروازي وٽ مدغم ٿي ويا.

همه درها بسته اند، الا در تو.

اهو فيض، فيضان ۽ عرفان جي اعليٰ حقيقت تائين، پوري انسانذات جي رهنمائيءَ جو باعث بڻيو. جيئن لطيف فرمايو آهي:

جڪري جهڙو جوان، جڙيو ڪين جهان ۾،
مهڙ مڙنين مرسلين، ۽ سرس سندس شان،
تنهن آڳي جا احسان، جنهن هادي ميڙيو ههڙو.

اهو فيضان، ڪڏهن شبنم وانگر، ڪڏهن وڏ ڦڙي مينهن وانگر، رعد ۽ برق جي ڪڙاڪي سان وسندو رهيو. سُر سارنگ ۾ ڀٽائي ڀلاري ان فيضان ڏانهن اشارو ڪيو آهي. بيشڪ ڪن شارحن، ان سان فتوحات ڪندڙ فوجن جي موجن جي معنيٰ ورتي آهي، ۽ ڪن علم جي نشر و اشاعت ته ڪن دين جي تبليغ جي معنيٰ ورتي آهي، پر منهنجي ناچيز نظر ۾ حضرت ڀٽائي، انهيءَ فيض روحاليءَ جي وسڪارن ۽ وڄن جي چمڪاٽن جو چوڏس چوڏار ذڪر ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار،
ڪي اٿيون استمبول تي، ڪن منڌيا مغرب پار،
ڪي چمڪيون وڃي چين تي، ڪن سمرقندن سار،

ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قندار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي گگڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنين پڇابو پڇ ڪي، ڪن ڪئي ڍَٽَ مٿي ڍار،
سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته سنڌ جي سڪار کي عالم جي آباديءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ شاهه صاحب نهايت وجدانگيز نموني ۾ پوري عالم جو نقشو چٽي، اچي سنڌ تي پڄاڙي ڪئي آهي، ظاهر آهي ته ان ۾ ڪا وڏي معنيٰ لڪل آهي.

هن عالم خاڪ ۾، سنڌ جو خطو تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي لحاظ سان، نهايت عظيم ۽ قديم آهي. هن سنڌو ماتريءَ ۾ دنيا جي سڀني قديم تهذيبن جو سنگم ۽ ميلاپ ٿيو آهي. هت هزارها ورهيه اڳ، آريه تهذيب آئي، رومي ۽ ايراني تهذيب جون موجون هن مقدس 'مهراڻ' جي سير سان اچي گڏيون ساڪ، ستين، توراني ۽ تاتاري قومون هت آيون، رهيون ۽ هميشه لاءِ هن خوش نصيب واديءَ ۾ جذب ٿي ويون. سولانا حاليءَ جي چوڻ وانگر:

گهٽا اک پهاڙون سے بطحا کے اٹهي،
کڙک اور چمک دور دور اس کي پهنچي،
جو گنگا پے گرجي، تو سندهو پے برسي،
رهے اس سے محروم، آبي نہ خاکي،
هري هوگئي، جس سے کهيتي خدا کي.

اهل عرفان بزرگن جو ڪشف حقيقت آهي ته مصلح اعظم، هادي ڪل حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي فيض جي باران رحمت هن مقدس خطي کي، پنهنجي گوهرباريءَ ۽ درافشانيءَ مان وڏڙي وارو حصو عطا ڪيو آهي. ايتريقدر جو هن سرزمين سنڌ ۾، معرفت جي صاحبن، اهل دل بزرگن، شرع جي عالمن، صوفين ۽ فقيهن جو شمار ئي نٿو ڪري سگهجي. انهن جي فيض ۽ فائدي جون ڳالهيون ۽ رهائيون، ڳڻ ڪان ٻاهر آهن.

هن ۾ شڪ نه آهي ته هي مقدس سرزمين، تصوف ۽ معرفت، خدا شناسيءَ ۽ انسان دوستيءَ لاءِ نهايت ڀلاري ثابت ٿي آهي. دنيا جا فلسفا ۽ علم، هن سرزمين ۾ جذب ٿي تصوف جي سرسبز ۽ تروتازه سرچشمي ۾ ملي جلي هڪ ٿي ويا آهن. البت اسان جي هن دور جي بيذوقيءَ سببان، انهن سنڌي بزرگن ۽ عالمن جي ڪارنامن ۽ علمي خدمتن ڏانهن اسان جي بي توجهي ۽ لاعلمي حد تي پهتي آهي. ڏاڍي ضرورت آهي ته سنڌ جي اوليائن ۽ بزرگن جي ٻارهن، عرسن، ميلن ۽ مجلسن تي علمي مجلسون ڪيون، انهن جا تاريخي تذڪرا لکون ۽ انهن

جي زندگيءَ جي مقدس واقعات کي پنهنجي دلين ۾ تازو ڪريون، انهن جي افڪار ۽ واردات کي قلمبند ڪريون، ۽ انهن جي ملفوظات ۽ ارشادات کي هنئين سان هنڊايون. اهائي انهن بزرگن جي قدرداني آهي.

افسوس هي آهي ته سنڌ جي ڪاملن ۽ بزرگن جو اجا تائين ڪو مستند تذڪرو نه لکيو ويو آهي. اگر ڪجهه چيزون موجود آهن، ته پوءِ اهي نهايت مختصر ۽ جامع آهن. اڄ تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي. اها به حقيقت آهي ته سنڌ جي صالحن ۽ انهن جي ڪارنامن جي خبرچار، خود سنڌ جي باشندن کي به گهٽ آهي. اهو به شڪر آهي جو صالحن سان عقيدت ۽ محبت جي سلسلي ۾ سنڌ اڄ به مالا مال آهي.

تازو منهنجي نظر مان هڪ انگريز جو لکيل ڪتاب گذريو. مصنف، سنڌ جو سير ڪري ويو آهي ۽ ڪيترين درگاهن جي زيارت به ڪئي اٿس. افسوس هي آهي ته ان مصنف جي ڪنهن به عالم فاضل سان ڪا ملاقات ڪانه ٿي آهي ۽ نه ڪنهن مستند ۽ معتبر مواد کي مطالع ڪيو اٿس. عام ماڻهن کان حال احوال وٺي، ان پُٺ سُٺ تي ڪتاب لکي وڃي توڙ ڪيو اٿس. سنڌ جي اوليائن جي حالات پيش ڪندي، هن غيرمسلم سياح، درگاهن تي ويٺل پينُن، پنگ پياڪ نشئين، موالين ۽ گيڙورتن ڪپڙن ۾ ملبوس ڪانٽن کي 'سنڌ جا اولياءَ' سمجهيو آهي. ان سلسلي ۾، کي تصويرون به ڇپيون اٿس. ڀلا هن ۾ قصور ڪنهن جو؟ اصل ۾ اهو قصور اسان جو آهي. اسان جي پاران فن تصوف تي تصنيف ۽ تاليف، تحقيق ۽ ريسرچ لاءِ ڪو ادارو ڪونه آهي. ورنه هن قسم جا دلخراش قلمي ڪارناما نه پيدا ٿين ها.

سنڌ جي اوليائن ۽ بزرگن ۾، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي عظمت ۽ بزرگي، طريقت ۽ سلوڪ، ولايت ۽ ڪرامت، تسليم ٿيل امر آهي. حضرت مخدوم نوح کي 'جڳ جي سونهن' چيو ويو آهي. اهو به هڪ وڏو علمي نقطو آهي. حضرت مخدوم نوح رحه جي برڪات ۽ فيوضات مان، هند ۽ سنڌ، رنگ ورتو آهي. سنڌ جا ڪيئي شيوخ ۽ صاحب سجاده، حضرت مخدوم نوح جي نظر ڪيميا اثر مان پيدا ٿيا آهن. حضرت شاهه ڪريم هڪ ٿي 'هڪو رانجهان لکهان جيها' جي مصداق چئي سگهجي ٿو، ۽ ان جي خاندان مان ٿي لطيف جهڙو بين الاقوامي شهرت جو مالڪ، مالڪ پيدا ٿيو. ان لطيف تي به روحاني پالوت هئي. ظاهري طرح مان به سندس والد حبيب شاهه، حضرت نوح سرور جي درگاهه فلڪ پائگاهه تي وڃي لطيف لاءِ دعائون گهرندو هو.

حضرت مخدوم نوح رحه جو دور به عجيب دور هو. جڏهن هجرت کان هڪ هزار سال ذري گهٽ اچي ٿيا هئا، ۽ اهو زمانو اسلام جي ظاهري ۽ باطني، ڪمال اڪمال جو درخشان زمانو هو. حضرت نوح سرور جي فيوضات کي سمجهڻ لاءِ اهو به ڌيان گهرجي ته ان دور ۾ پوري اسلامي آباديءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا بزرگ ۽ صاحب ارشاد بقيد حيات هئا، ۽ اهي ڪيئن

سلسلي بسلسلي، روحاني رابطي ۾ جـڙيل ۽ ڪـڙيل، اوليائن جا واسطا ۽ وسيلا حظيره القدس تائين ٿي پهتا. لطيف فرمايو آهي.

ڪـڙو منجهہ ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگهو ڪيو.

حضرت مخدوم نوح رحہ، شيخ الشيوخ حضرت شهاب الدين عمر سهروردي رحہ جي مسلڪ ۽ مشرب جو ديگانو هو. برصغير هندو-پاڪ ۾ طريقي سهروردیہ جو وڏو مبلغ هو. سندس فيض اثر نگاهہ مان رَتل خليفا ۽ فرزند، هند سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي چڪا هئا. اگر تاريخ لکي ويئي تہ پوءِ حضرت نوح سرور جي فيوضات جو باب، هڪ زرين باب ٿيندو. سندن ولايت بہ اويسي آهي، جا اوليائن جي مهندار ۽ سردار حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجه جي توجهہ باطني سان پيدا ٿي. جنهن لاءِ رسول اڪرم هادي اعظم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي: "انا مدينة العلم و علي بابها."

ان طرح سندن سڳورو ۽ سوڀارو نسب، خليفي اول، حضرت صديق اڪبر سان ملي ٿو، جنهن لاءِ هادي اعظم فرمايو آهي. "جيڪي الله تعاليٰ منهنجي سيني ۾ پلٽيو آهي، اهو سارو ۽ سمورو مون ابوبڪر (رضي الله عنہ) جي سيني ۾ پلٽيو آهي."

حضرت مخدوم نوح رحہ جو شجرو، ابونجيب ضياءالدين سهروردي تائين پهچي ٿو، جو بزرگ، سهروردي طريقي جي شيخ المشائخ حضرت شهاب الدين سهرورديءَ جو چاچو سڳورو هو. ان ثبوت مان بہ حضرت نوح سرور جو سلسلو، نسب جو توڙي طريقت جو بلند آهي.

اها بہ روايت آهي جا تحفة الڪرام جي صاحب آندي آهي تہ: "فرمايو آهي مشرق ۽ مغرب جي امام، مخدوم نوح رحہ تہ مون ڏٺو ڪشف جي حالت ۾ تہ لکيءَ جي جبلن تي چڙهي رهيو آهيان، اتي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر ۽ حضرت علي سان گڏ مجلس آرا آهن. پاڻ ڪريمن حضرت علي ڪرم الله وجه کي ارشاد فرمايو، جن اچي مون کي ساڻ ڪيو، اسان جبل تي چڙهندا رهياسون. وچ تي حضرت عيسيٰ عليہ السلام ويٺل هئا، جن جي هٿن مبارڪن ۾ هڪ فرحي هئي جا مون کي پڙهايائون. ان کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجه جي معيت ۾ مجلس نبوي ۾ پهتس. اتي حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ منهنجي ٻانهن جهلي، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ آندو ۽ فرمايائون: 'هي منهنجي اولاد مان آهي.' ان کان پوءِ پاڻ ڪريمن وڏي مهرباني فرمائي."

ان حوالي ۾ مير علي شير قانع، حضرت نوح سرور کي مشرق ۽ مغرب جو امام ڪوٺيو آهي، ان ڪري ئي کين "جڳ جي سونهن" سڏيو ويو ٿو.

ان سلسلي ۾ اها بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ برصغير هندو-پاڪ ۾، حضرت غوث العالمين حضرت بهاءالدين زڪريا ملتاني رحہ جي فيوضات جي بہ وڏي شهرت آهي؛ پر اها بہ حقيقت

آهي ته اهو بزرگ، حضرت شيخ المشائخ شهاب الدين سهرورديءَ جو خليفو هو. ان نسبت سان، اهو بزرگ ۽ سندن پوروخاندان، حضرت نوح سرور ۽ سندس آباءِ واجداد کان فيض يافته، خليفا ۽ مريد آهن.

اها نسبت اڄ به موجود آهي. اها به حقيقت آهي ته ملتان جا پانڌيڙو جيستائين هالا جو موتندي ديدار نٿا ڪن، تيستائين سندن 'ملتان' گويا قبول نٿي ڪين آهي. اهو حال صدين کان وٺي متواتر هلندو اچي ٿو.

اها به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته برصغير هندو-پاڪ ۾ غوث العالمين حضرت بهاءالدين زڪريا ملتان ۾، سيد محمد مڪي سلطان العارفين بکر ۾، سيد عثمان مرونڌي لال شهباز سيوهڻ ۾، شاهه جلال الدين سرخ ۽ مخدوم جهانيان جهان گشت اُچ شريف ۾، ۽ مخدوم رڪن الدين رڪن عالم، غوث زڪريا جو پوٽو ۽ دهليءَ جي خلجين ۽ تغلقن شهنشاهن جو پيرو مرشد ملتان ۾، سڀ سهروردي طريقي جا مبلغ ۽ داعي هئا. انهن سڀني بزرگن جي ڪوششن ۽ ڪماين، دعائن ۽ تمنائن جو 'ثمرشيرين'، اسان جي سنڌ جي مخدوم نوح جي عالي قدر هستيءَ جي صورت ۾ فيض رسان جملهء جهان ٿيو.

حضرت مخدوم نوح رحه جي تاريخ ۽ سندن ڪارنامن جا ڪيئي گوشا اڃا تائين پوشيده آهن، جنهن جي ڪري 'وادي سنڌ' ۾ سُڪر ۽ سُڪار کان وڌي ساري عالم جي آباديءَ جو سامان ٿيو. ان امر تي اهل نظر ۽ اهل قلم عالمن کي ويچار ڪرڻ گهرجي.

آخري ڳالهه اها آهي ته سنڌي علم ۽ ادب جي وڏي شهير شخصيت، شاهه حق آگاهه سيد عبداللطيف رحه کي اڄ دنيا سڃاڻي چڪي آهي، پر اڃا تائين شايد گهڻن کي پروڙ نه پئجي سگهي آهي ته شاهه ۽ سندس آباءِ واجداد ۽ سندس ڪل خاندان ڪهڙي خاندان کان فيض ياب ٿيو. ڪتابن ۾ آهي ته شاهه، علم ۾ جمندي ڄام هو ۽ باطني علم ۾ اويسي هو. پر تاريخدانن کان هي امر به مخفي نه آهي ته جيئن ظاهري علم ۾ به پهريائين استاد آخوند آدو گوڏا پيچي ويٺو ۽ 'الف' پڙهيو، تيئن علم باطن ۾ به پنهنجي والد شاهه حبيب کان فيض ياب ٿيو ۽ خلافت جو خرقو ڏٺيو. شاهه حبيب پنهنجي والد شاهه عبدالقدوس کان ۽ ان سڳوري پنهنجي والد، شاهه جمال کان، ۽ ان پنهنجي بزرگ کان- ان طرح شاهه ڪريم تائين سلسلو پهچي ٿو. اها به حقيقت آهي ته شاهه ڪريم، حضرت نوح سرور کان فيض ياب ٿيو، جو اويسي بزرگ به هو، پر ان سان گڏ سندن آباءِ واجداد کان، پشت بپشت ۽ سينه بسينه به ڪين فيض ملندو رهيو. بهرحال، حضرت نوح سرورجي کو اهل قلم حالات لکي، اهو هڪ برڪت پريو ڪم ٿيندو.

'صلائے عام هے ياران نکته دان کے لئے.'

پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا
سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب

[پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا جي ڪتاب "A Physical and Economic Geography of Sind" مان هڪ باب جو ترجمو]

جاگرافيءَ جو مصرف ۽ فائدا

سيڪنهن جاگرافيائي مطالعي جو بنيادي مقصد، صرف تمدن جي ماهيت سمجهڻ هوندو آهي. طبعيات جا ماهر انهيءَ دنيا جي گهرائيءَ تي غور و خوض ڪن ٿا، ته ڪيميادان وري قسمين قسمين دوائن (Drugs) جو تجزيو ڪن ٿا؛ ارضيات جا عالم پنهنجي دزديده نظر سان، ماضيءَ ۾ ڌرتيءَ جي تهن ۾ آيل اٿل پٿل ڏانهن نهارين ٿا؛ علم الحيات جا ڄاڻو، انساني جسم جي مختلف عضون جي طريقءِڪار کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر ڪي ٿورا عالم اهڙا آهن جن ڪوجنا ڪندي، معاشرتي قدرن (Social values) ۽ اجتماعي وصفن کي به پيش نظر رکيو آهي، ۽ ان حقيقت کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڇو ۽ ڪيئن هرڪو فرد، صرف خاص قدرتي علائقي ۾ ئي پنهنجي مخصوص وضع قطع ۽ طرز معاشرت سان هلي چلي سگهي ٿو. ان سواءِ ڇو ۽ ڪهڙيءَ طرح هڪ خاص قدرتي علائقو ماڻهن جي سموري ترقيءَ ۽ نشونما کان سواءِ، سندن رهائش ۽ مستقبل قيام (Settlement) تي به اثر انداز رهي ٿو. مطلب ته جنهن ڇيڙي تان ٻيا عِلمَ ۽ فنَ رخصت وٺيو وڃن ٿا، اتان جاگرافي شروعات ڪري ٿي. جاگرافيءَ جو علم بلڪل آسانيءَ سان تشريح ڪري سمجهائي ٿو ته قبل از تاريخ ۽ تاريخ جي ماضيءَ ۾ ڇا وهيو واپريو آهي، ۽ ڪهڙا حادثا ۽ واقعا نازل ٿي چڪا آهن. اهڙا ڪئين طبعي سونجهارا، تاريخي ۽ معاشرتي معاملن ۽ مسئلن سان تمام گهاٽو ڳنڍيل آهن، جنهن کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي. معاشرتي ماهرن ۽ تاريخدانن لاءِ لوڪ ڪٿائن (Folklore)، ابن ڏاڏن کان پڌل فرضي ڳالهين (Legendarydata)، توڙي سِڪن، پيلن ۽ پئسن بابت معلومات (Numismatic) ۽ آثار قديمه جي شهادتن کان به جاگرافيءَ جا ارضي نشانات (Land Marks) وڌيڪ اهم ۽ بيش بها آهن؛ جنهن ۾ ندين جي ڪنارن جون سنوتون، (River Terraces)، ڍنڍن جون سڌايون (Lake levles)، مٽيءَ جو لَٽ يا درياهه

جو پاڻ، (Silting and alluviation)، ڍنڍن جو مڙڻ (Diflection of lakes)، ۽ ندين جي اٿل پٿل (Vagaries of rivers) وغيره اچي وڃن ٿا.

هيئين خاڪي ۾ مختلف علمن ۽ انهن جي شاخن ۾ نسبتي قدر ڏيکاريو ويو آهي ۽ انسان جي علمي ارتقا ۾ جاگرافيءَ جي درجي کي متعين ڪيو ويو آهي.

علم جو مينار: **جاگرافي** (سڀني علمن جو ڪل جوڙ) - **علم حيات** (زندگي) - **علم ڪيميا** (مادو) - **علم طبعيات** (قدرت جا قانون) - **علم طبقات الارض** (ڌرتي) - ۽ **علم رياضي** (انگن جو بنيادي علم).

اهڙيءَ طرح سان، اهو سمجهڻ بلڪل آسان آهي ته جاگرافيءَ جو علم انسانذات جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪيترو نه قيمتي آهي، ۽ اهو ڪيئن نه هرڪنهن تعليمي رٿا ۽ سائنٽيفڪ تمدن ۾ مکيه جڳهه والاري ٿو. جاگرافي ٻين علمن جي دريافت ڪيل متفرق شين ۽ خيالن کي نهايت سائنٽيفڪ انداز سان ترتيب ۽ ربط ۾ آڻيو ڇڏي، ۽ اهڙيءَ طرح سان ملڪ جي هڪ صاف ۽ مڪمل تصوير پيش ڪري ٿي. جاگرافين اسان جي اقتصاديات جي جاچ ڪري پڻ مدد ڪئي آهي، ته جيئن پنهنجا پير زمين تي ڄمائي سگهن. اهو هينسلو (Henslow) جاگرافيدان هو، جنهن اول اول ڊارون کي 'زمينات' جي ليڪچرن تي توجه ڪرڻ جي ترغيب ڏني هئي. بقائي اصلح (The Survival of fittest) ۽ ارتقا جو قانون (The law of Evolution)، انساني ذهن جي رسائيءَ جي لحاظ کان نهايت حيرت انگيز انڪشاف آهن، جن کي بنائڻ ۾ به هُن لاءِ اهي ئي ليڪچر ڪارآمد ۽ معاون بنيا. ساڳيءَ طرح جاگرافيءَ جو علم، جنهن کي غفلت کان وساريو ويو آهي، سو انهيءَ مضر ۽ نقصان رسا فضا لاءِ اڪسير آهي، جا عام طرح سان دنيا تي غالب آهي، ۽ ڪم از ڪم ماڻهن کي هڪٻئي سان همدرداڻه برتاءُ ڪرڻ ۽ ڪشاده دل تي رهڻ ۾ مدد وڻائي ٿو. موجوده وقت ۾ دنيا جي جيڪا قابل رحم حالت آهي، سا هڪ اندازي مطابق گهڻو ڪري جاگرافيءَ جي علم جي اڻڄاڻائيءَ سببان آهي. عالمگير جنگين به ماڻهن کي ايتري گهڻي جاگرافي سيکاري آهي، جو ٻيا ڪي به دنيا جا حادثا ائين ڪري نه سگهيا آهن. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته "جنگين جو مکيه فائدو آهي، ماڻهن کي جاگرافي سيکارڻ." اهڙيءَ طرح سان دنيا جي مختلف ڀاڱن جي صحيح جاڻ، عالم طبعي جي ساخت ۽ گرد و نواح جون حالتون، جن ۾ انسان زندگي بسر ڪري ٿو، سي سڀئي هوا، سمنڊ ۽ خشڪيءَ تي جيڪي حربي تدبيرون استعمال ڪيون وڃن ٿيون، تن جي ڪاميابي ۽ ناڪامي تي مدار رکن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو جاگرافيءَ کي ملٽري سائنس جو اهم ۽ ضروري حصو سمجهڻ شروع ڪيو ويو آهي. سڀني قومن جي دفاعي تياريءَ جو بنياد، لازمي طور سندن ملڪ جي جاگرافيءَ تي ٻڌل ٿئي ٿو. بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ شاگردن کي زندگيءَ جي انهيءَ مرڪزي مضمون کان ناآشنا رکيو ويو آهي. پاڪستان جي

Gul Hayat Institute

شاگردن لاءِ ته خصوصاً جاگرافيءَ جي علم جي ڄاڻ کي، ٻين سڀني نصابن کان زياده اهميت هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته موجوده بين الاقوامي معاملن جي حالت صاف ڏيکاري ٿي ته هرڪنهن قوم جو ٻيءَ قوم تي انحصار ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي، ۽ اها ضرورت وڌندي رهي ٿي ته ماڻهن جي ڪردار ۽ خواهشن کي معلوم ڪيو وڃي.

دنيا جو نقشو تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي: هن وقت اجتماعي طور تي حفاظت ۽ ناقابل تقسيم امن جي سخت ضرورت آهي، جا بنا ڪنهن انساني عداوت يا جنگ جي هجي. اهي مرادون ايستائين برصواب ٿي نه سگهنديون، جيستائين اسان کي سڀني قومن جي اصلي ۽ حقيقي نصب العين جي سُوجهه نه پوندي. پاڪستان کي به لازماً اهڙي اداري جو هڪ بارسوخ رڪن هئڻ گهرجي، جنهن جو مقصد تهذيبن کي مناسب ۽ موزون طريقي سان پاڻ ۾ متحد ۽ مخلوط ڪرڻ سان گڏ، هڪ امن واري رشتي جوڙڻ جو هجي.

قومن جي ڀلائي ان ۾ مضمر آهي ته هو هڪٻئي جي زندگيءَ جي نظريي جي وڏيڪ ڄاڻ رکن، جو نظريو گردوپيش جي حالات تي منحصر هوندو آهي. ان کان پوءِ ئي هڪٻئي سان صلح پسندانه ناهه ۽ دوستانه تعلقات جي توقع رکي سگهون ٿا، ۽ ساڳي ڳالهه ملڪ کان ٻاهر وسندڙ قومن ۽ ملڪ اندر رهندڙ قومن جي درميان تعلقات وڌائڻ تي به صادق اچي ٿي. هڪ خوشگوار فطري ماحول ۾ تهذيبن جو ربط ۽ تعلق، ممڪن آهي ته اسان جي مختلف رسمن، زبانن، مذهبن ۽ ذاتين کي ملائي هڪ ڪري ڇڏي. جذب جو قانون (Law of Assimilation) انهيءَ قدرتي ۽ غير اختياري طريقڪار جي جتي ڪٿي امانت ڪندو رهي ٿو. جڏهن گهڻيون قومون هڪ پسنديده علائقي ۾ رهڻ لڳن ٿيون، تڏهن ڪيئي مختلف تهذيبون خلط ملط ٿي وڃن ٿيون، تنهن جو هڪ سهڻو مثال جاوا جي تهذيب آهي. ڊاڪٽر اي. اي. بيڪ (Dr: A. A. Bake) چوي ٿو ته: "اسان ڏٺو ته جاوا جا ماڻهو صدين جي مختلف تهذيبن جي اثر هيٺ رهندي بديشي تهذيب کي پنهنجي طبعي خصوصيتن ۾ جذب ڪرڻ جي قابل بنجي ويا آهن، سو به اهڙي وسيع انداز ۾ جو عوام الناس ان حقيقت کان بلڪل بيخبر آهي، ۽ ڪين ڪو به احساس يا شعور نه آهي ته سندن تهذيب تي ڪو غير ملڪي يا ڌاريو اثر به آهي." مثال طور برصغير هندو-پاڪ قريب قريب گذريل چوڏهن صدين کان پارسين جي مستقل قيام ڪان مالا مال ٿي آهي. جتي ٻيا فرقا پنهنجي قوت جو اندازو سندن لکن جي تعداد ۾ هجڻ سان ڪري سگهن ٿا، اتي پارسي صرف خالص مذهبي ۽ روحاني عقيدي سان، يا مذهب و ملت جي تعصبات کان آزاد خدمتن ۽ سخاوتن جي بنياد تي ڳڻي سگهجن ٿا.

مضمون کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ—اچو ته سنڌ جو مثال وٺون، جو علائقو فطري بناوت ۽ طبعي جاگرافيءَ جي لحاظ کان 'هيڏانهن سنڌو ماتري' سڏجي ٿو. جنهن نه صرف افرو-ايشيائي حلقي جي تمدن کي سُلجهائڻ ۽ ترقي وٺائڻ ۾ قابل قدر حصو ورتو آهي، بلڪ برصغير

Gul Hayat Institute

هندو-پاڪ جي هڪ ٻاهرين ۽ ڪليل دروازي هجڻ جي حيثيت ۾ ٻه گهڻي خدمت ڪئي آهي. چاڪاڻ تہ سنڌو ماٿريءَ مان ئي ڪيترين تهذيبون لنگهي، برصغير جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پکڙيون آهن.

اجا ٻه ڪن ضروري نقطن سان بحث ڪري ڏيکارڻو آهي تہ ڪيئن نہ اسان جو تمدن 'صوبن' جي تاريخي جاگرافيءَ جي زير احسان آهي. موجوده وقت ۾ اسان پنهنجي گوناگون مختلف تهذيبن کي هم آهنگ بنائڻ ۽ متحد ڪرڻ ۾ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. ليڪن صوبن جي جاگرافيائي حدن کي ٽوڙي، هڪ غيرطبعي يڪسانيت پيدا ڪرڻ سان اهو مقصد بہ‌صواب ٿئي، ان لاءِ چئي نٿو سگهجي. ٿيڻ ائين گهرجي تہ ان درخشان ۽ زندگيءَ جي محرڪ، متفرق ۽ رنگارنگي تهذيب کي-جا گهڻن جلويدار طرفن واري آهي-پنهنجي جاگرافيائي حدن سان قائم رکجي تہ بهتر. چاڪاڻ تہ انساني تهذيب هڪ حقيقت بہ آهي ۽ اثاثو بہ آهي. هونءَ بہ فطري زندگيءَ جو بنيادي اصول 'ڪثرت ۾ وحدت' (Unity in Diversity) آهي، جو لازوال ۽ پائدار آهي، جنهن مطابق تمدن جي هڪ مستحڪم ۽ عاليشان عمارت تيار ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ معصوم فطرت ۽ انسان جو ڪسب ۽ ڪردار گڏجي زندگيءَ جي نشوو ارتقا جو سلسلو قائم ۽ دائم رکندا ايندا.

تمدن جو افرو-ايشيائي حلقو (The Afrasian Belt of Civilization):

تمدن اتي ترقي ڪري ٿي، جتي انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگيءَ جي لاءِ زبردست ڪشمڪش هوندي آهي. موسمي فضا (Atmosphere)، پاڻيءَ واري فضا (Hydrosphere)، جابلو فضا (Lithrosphere)، بلڪ حياتياتي فضا (Biosphere) ۽ ٻيا ماحول جا اثر، جي انسان جي چوگرد زورآور قوت وانگر عمل ڪن ٿا ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ ترقي ڪرڻ ۾ يا تہ مدد ونائين ٿا يا وري روڪين ٿا. اهڙو فطري ماحول، ايشيا ۾، انساني تمدن جي پروان چڙهڻ لاءِ موجود هو، جو دراصل تمدن جو پهريون ئي گهر آهي، جتي انسان کي مادي، اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ موزون ترغيب ملي. جيڪڏهين يقيني طور چئجي تہ پوءِ اهو ساڳيو حلقو آهي، جنهن کي هاڻي "آفريڪا ۽ ايشيا جي لق ودق صحرائن وارو حلقو" چئجي ٿو جو ڪيترن ئي مختلف قسمن جي تهذيبن کي پروان چڙهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ذميوار آهي. اهو حلقو طبعي بناوت ۾ ڪيترن ئي يڪسان علائقن سان بغلگير آهي، جهڙوڪ نيل وادي، ايجين ٻيٽ (Agean Island)، اردن جي ماٿري، دجلہ ۽ فرات جي ماٿري، ايران جو مٿاهون پٽ، ڪئسپين آرال جي درياگذار وادي، سنڌو ماٿري، گوبي علائقو ۽ يانگسي ماٿري (Yangtse valley). انهن سڀني علائقن پنهنجي پنهنجي زميني مٽاچري (Soil) ۽ آبهوا مطابق نرالي قسم جون مخصوص تهذيبون پيدا ڪيون آهن، ۽ هر علائقي ۾ هر علائقي کي انساني تمدن پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. اڄ بہ انهن جي شاخن دنيا جي متعدد ملڪن ۾ پناهہ جي جاءِ وڃي لڌي آهي.

ايشيا جي بلند ۽ عظمت واري سرزمين ۽ ان جا گاھ سان ڇانيل ميدان، شائستگيءَ ۽ تمدن لاءِ نهايت هموار آهن. اهوئي سبب آهي جو هتي جا ڇڙوڇڙ علائقا، هڪ دور کان ٻئي دور تائين، انساني تهذيب ۽ ڪاروبار جا پسنديده علائقا بڻيا هئا. اهي تهذيب جا مرڪز، ڪريٽ، چين، بابلان، ايران، يونان ۽ برصغير هندوپاڪ آهن، جي سڀئي هڪ هڪ تي عروج ۽ زوال جي ڪشمڪش ۾ رهندا آيا آهن. ايشيا ۾ جيئن ئي فطري قوتن پنهنجو ڪم شروع ڪيو، تيئن ڪڏهن ڪنهن وقت ته ڪڏهن ڪنهن هنڌ، تهذيبون اڀرنديون رهيون. فرات ۽ دجلي جي ماٿريءَ ۾ به تهذيب پيدا ٿي، جنهن کي ڪڏهن ته مرڪز واري حيثيت حاصل هئي. ساڳي ايشيا ۾ وري انساني تاريخ جي مناسب ۽ موافق حالتن وارن زمانن ۾ هڪٻئي پنيان ڪيترائي پيغمبر آيا، جنهن جي ابتدا زردشت کان ٿي، جو ايران ۾ پهريون ئي مذهبي پيشوا هو، جنهن وحدانيت جو نظريو ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ جو خيال پيش ڪيو*. ايشيا جي دشوار علائقن ۾، پيغمبر، انسان جي زندگيءَ کي ڪامران بڻائڻ آيا. انساندات لاءِ هميشه کان سڀني کان اهم مسئلو کاڌي ۽ پاڻيءَ جو سٽو آهي. تاريخ شاهد آهي ته جن به حصن ۾ اهي شيون افراط ۾ هونديون هيون، اتي انساني گروهه اچي آباد ٿيندا هئا. اهوئي ڪارڻ آهي جو عالمن چيو آهي ته انسان تڏهن واضح ترقي ڪئي آهي، جڏهن ڪن وادين ۾ اچي آباد ٿيو هو. وڌندي وڌندي نيٺ تمدن جي غذا پيدا ڪرڻ واري مرحلي تائين پهتو. 'پٿر واري مرحلي' جي ابتدا تڏهن ٿي، جڏهن هن چقمق جي پٿر کي ڏٺو - ۽ جڏهن پٿرن جي اتفاقي ٽڪرجڻ جي نتيجي ۾ باهه جا آلا ظاهر ٿيا. ڪن وادين جي جبلن ۾ ڌاتو لڌا ويا، ۽ پوءِ آهستي آهستي ٽامي، ڪنجهي (Bronze) ۽ لوهه جا مختلف مرحلا آيا. ڪنهن ماٿريءَ جي زمين مينهن يا نديءَ جي پاڻيءَ سان سيراب ٿي، جنهن سان زراعت جي شروعات ٿي. جڏهن ڪٿي پوک جي لاءِ گهربل ۽ ڪمائتن هنڌن تي پاڻي ڪٽي وڃڻ جي ضرورت پيئي، تڏهن آب رسائيءَ جا هترادو طريقا رائج ٿيا، ۽ ڪئنال جوڙيا ويا، ۽ ان طرح سان آبپاشي شروع ٿي. پر تمدن ۾ نمايان ترقي تڏهن آئي، جڏهن غذائي پيداوار کي ڍوئڻ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين رسائڻ لاءِ، آمدورفت جا جتادار ۽ اعتماد جوڳا ذريعا وجود ۾ آيا.

انهن سڀني حيلن وسيلن ۽ تدبيرن کي جيتوڻيڪ جديد جاگرافيدانن مستقل بنيادن تي قائم ڪري ڇڏيو آهي، تاهم ائين ضروري آهي ته خود فطرت به صحرائي لق ودق حلقن سان دنيا جي ٻين علائقن کان وڌيڪ ساٿ ڏنو آهي. ان کان پوءِ خشڪ ساليءَ ۽ ريگستاني

---

* زردشت جي تعليم، بنيادي طرح سان وحدانيت واري هئي، پر پوءِ اڳتي هلي، سندس پوئلڳن سان 'ماني' ۽ 'مزدڪ' نالي شخصن ان ۾ ڦيرڦار آندي، 'يزدان ۽ اهرمن' جو عقيدو پيدا ڪري، ٻه خدا بڻايا- 'هڪ شرّ جو خدا' ۽ ٻيو 'خير جو خدا.' آخري طور، توحيد جو خالص ۽ ڪامل تصوّر، پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جن پيدا ڪيو. -غ. م. گ

ريت جي ڍيرن، ڪن علائقن ڪي رهائش جي لحاظ کان ناقابل برداشت بنائي ڇڏيو، جنهن سبب ڪري لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي.

ائين بلڪل صحيح آهي ته افرو-ايشيائي حلقي جي نشوونما وٺڻ سان 'سنڌو ماٿريءَ' به ڪنهن پُر انديشه وقت ۾ پنهنجو حقيقي روپ اختيار ڪيو، ۽ ڪيترائي انساني ٽولا هڪٻئي پٺيان مسلسل، آسان پهاڙي رستن کان گذرندا هتي اچي قيام پذير ٿيا. خانه بدوش انساني ٽولن کي رستي ۾ جي فطري رنڊڪون ۽ رڪاوٽون درپيش ايندي هيون، سي بجاءِ انهن کي ڊيڄارڻ ۽ بيدل ڪرڻ جي، منجهن همت پيدا ڪنديون هيون ۽ منزل مقصود تي رسڻ لاءِ آماده ڪنديون هيون. اهڙيءَ طرح سان ماٿريءَ ۾ رهندڙ سڀني انساني گروهن گڏجي جدوجهد ڪئي ۽ پنهنجي تخليقي قوّتن ۽ لياقتن وسيلي پاڻ کي ماحول جي موافق بنائي، هڪ نئين تمدن کي پيدا ڪيو. جڏهن پاڙيسري علائقن جون ڪيتريون وڻندڙ بديشي خصوصيتون مقامي تهذيبن ۾ گڏجي مسجي هڪ ٿي ويون، تڏهن ان جي نتيجي ۾ اعليٰ قسم جو مثالي تمدن اسرڻ لڳو.

سنڌي تهذيب جا امدادي جزا:

هيئنئين سنڌو ماٿري ذاتي طرح سان، سنڌونديءَ جي هڪ وڏي مقدس سوغات آهي. اهو به هڪ مڃيل اصول آهي ته جتي گهڻين قومن جا آزمودا ۽ ايجادون پاڻ ۾ گڏيجن ٿا، اتي تمدن کي عروج حاصل ٿئي ٿو. اچو ته پهرين طبعي جزي کي جاچيون، جنهن تمدن کي ترقي ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

سنڌو ماٿريءَ ۾ جاگرافيائي ضابطو:

تمام اوائلي دور ۾ انسان، غذا، گاهه ۽ پاڻيءَ جي رسد جي ڳولا ۾ هتي آيو ۽ مستقل قيام اختيار ڪيائين. (شاهد: موهن جو دڙو-ستاويهه سئو قبل مسيح) سڀ کان اول، هن وسيع ۽ فوق العادت نديءَ جي نظام کي سمجهڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ لوڙهي پوڏن کي ڪهڙيءَ طرح ضابطي ۾ رکجي، انهن لاءِ اپاءُ سوچيا. ان سلسلي ۾، هن بند تعمير ڪيا، پيمائشون ڪيون ۽ پوڏ هيٺ آيل ايراضين ۾ پوکون ڪيون. اهڙيءَ طرح سان هن پنهنجي صلاحيت سان پنهنجي فرصت جي وقت جو بهترين استعمال ڪيو.

نتيجو اهو نڪتو، جو مصر وانگر سنڌ پڻ 'مڪينيڪل هنرن جي ماءُ' بڻجي ويئي. ان طرح قدرت هتي جي زمين جي سطح جي تجديد پڻ باقاعدي نظم ۽ ترتيب سان ڪندي رهندي هئي. ان مان مطلب اها تهه نشين مٽي (Silt) آهي، جا ندي پنهنجي وساطت سان، هر موسم ۾ ڪنهو زمين کي پهچائيندي هئي. اهڙيءَ طرح سان زرخيزي ۽ ثمرآوري برقرار رهي. قدرت ۽ انسان جي ان باهمي تعاون سان، فصلن جي قدرتي پيداواري ۽ روزمره جي زندگيءَ جي نشوونما ٿي. طغياني ۽ سيلاب انسان کي زمين ۾ ڪاشت ڪرڻ لاءِ آماريو. اهڙي زرخيز

Gul Hayat Institute

ميدان ۾ جيئن ته پرامن قيام ۽ رهائشي بستين جا ڪيترا سٺا موقعا ميسر هئا، ان ڪري نديءَ جي پنهي ڪنارن تي اهڙيون آباديون وڌيون. سنڌوندي هميشه وانگر بدستور انساني گروهن کي متحد ڪرڻ جي اصول جي پابند آهي. ان هارين ۽ ڪاشتڪارن جي مفادن ۽ مقصدن کي متفق ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پوءِ ڪٿي هو کهڙي به گروهه، مذهب يا سماج سان تعلق رکندا هئا. ڌار ڌار موسمن ۾ مختلف جاين ڏانهن پاڻيءَ جي رسد کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ، هڪ واحد حڪومت، عدل ۽ انصاف مطابق قائم ڪئي ويئي. ساڳئي مقصد لاءِ امداد باهميءَ کي به رضامندي سان تسليم ڪيو ويو. قدرت اگر ملڪ کي قديم جبلن ۽ قيمتي معدنيات کان محروم رکيو، ته سنڌ وري ايشيا جي ڏوراهين ديسن سان رسائي پيدا ڪئي، ۽ انهن سان واپار ڪري انهن سڀني شين جي درآمد ڪئي، جنهن مان ملڪ جي ترقي ٿئي. سنڌونديءَ جي مٿين ڇيڙي کان هيٺين ڇيڙي تائين، ماڻهو پنهنجو مال ۽ سامان ڪنيو ڊوڙيندا وتندا هئا. سنڌ ۾ ڪي به اهڙا قابل ذڪر خشڪيءَ جا رستا نه هئا، جن جي ڪري تيز رفتاريءَ سان سفر ۽ آمدورفت جاري رکي سگهجي. زمين جو لاهه (Gradient) گهٽو هيٺائون آهي، ان ڪري واهه کهڙي به طرف ۽ کهڙي به مفاصلي کان ڪڍي سگهجن ٿا. مثال طور روهڙي ڪئنال، جو سنڌونديءَ مان ڪڍيو ويو آهي ۽ جو 'سکر بئراج پراجيڪٽ' جو هڪ اهم حصو آهي، سو ڍائي سئو ميلن کان به گهٽو ڊگهو آهي ۽ ڪيترن غيرآباد ۽ ناقابل زراعت ضلعن مان آرپار لنگهي ٿو.

سنڌ هڪ خاص ترتيب سان قائم آهي. سنڌس افتاده ۽ بيجان هيٺائين ماٿري صرف سنڌونديءَ جي سبب سان هڪ ڪشادو ميداني علائقو بنجي پيئي آهي ۽ سموري زمين ۾ غيرآباد ايراضين ڪيرٿر جبل ۽ راجپوتانا بيابان جي درميان وچايل آهي. زميني مٿاڇرو زرخيز آهي ۽ ماٿريءَ ۾ نديءَ جي ڊيلٽا بتدريج وڌندي رهي ٿي. اونهاري ۾ آب-هوا، ٿوري گهڻي سان، گرم ۽ خشڪ آهي. سنڌ جو پورو علائقو هڪ پرانديشه مقام ۾ آهي، جو ڌري گهٽ گرم دائري ۽ معتدل دائري (Temperate zone) جي حدوٽ آهي. زراعت جي مثالي پيشي هجڻ جون اهي سڀ علامتون هن ماٿريءَ ۾ آهن، جنهن ۾ زرعي زمين جي نقصان جو ڪو به خطرو نه آهي، جي پنهي دائرن (Zones) سان تعلق رکن ٿا. ان ڪري چئجي ٿو ته پاڙ جهلڻ ۽ واڌ ڪائڻ جي لحاظ کان پنهي قسمن جي نباتات لاءِ، هتي جي زمين نيم راهگذر جي حيثيت رکي ٿي.

قدرتي وسيلن کي قبول ڪرڻ ۽ ڪم آڻڻ، اهڙيون ڳالهيون آهن جي ماڻهن جي متفقه ڪوشش ۽ صحيح تربيت جو نتيجو آهن. سنڌ قدري غيرملڪي خطري کان محفوظ آهي. جبلن جي آڏ ۽ روڪ، ملڪ جي حفاظت لاءِ ڪارآمد آهي. ان کان علاوه بيابان به دشمنن کان پناهه ۾ رکي ٿو. ان طرح سان اِهي ٻئي حفاظتي قوتون ملڪ جي جداگانه وجود کي برقرار رکڻ ۽ ترقي وٺائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

رڪاوٽن جو قدر (Value of obstacles):

ساڳئي وقت قدرت به هن علائقي جي طريقهءِ معاش ۽ طرزِ زندگيءَ جي راهه ۾ ڪي رڪاوٽون وڌيون آهن. هڪڙي سري کان ٻئي سري تائين ڪي به پهاڙي لنگهه پورا ۽ مڪمل نه هئا. جيڪي چند آسان پهاڙي رستا هئا، تن مان توڙي سامونڊي ڪناري تان قديم دور کان وٺي راهزن، قزاق ۽ ٻيا امن ۾ خلل وجهڻ وارا ماڻهو، وقت بوقت ايندا رهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن به حڪومت طرفان حد بنديءَ متعلق ڪا به واضح سرحدي پاليسي مقرر ٿي نه سگهي. آبهوا ڪٺن ۽ سخت گير هئي. اونهاري ۾ تمام گرم، پر سياري ۾ سرد ۽ طاقت بخش (Bracing) هئي. ٿوري گهڻي غيرمستقل برسات به پوندي هئي. انهن حالتن ماڻهن کي جيتوڻيڪ جانٺو ۽ محنتي ته بنائي ڇڏيو هو، پر ان سان گڏ، ساڳئي وقت هو امڪان ۽ قسمت جا دست نگر به بنجي رهيا، جن کي قسمت تي ياڙ ينڌڙ ڪٽي چئجي. سنڌو نديءَ جو پيٽ، آسپاس وارن ملڪن جي ندين کان بلند تر سطح (Higher level) تي آهي. اهوئي ٻوڏن جو ڪارڻ آهي، جي تيزيءَ سان ٻنين ۾ اچيو، انهن کي ٻوڙيو ۽ نابود ڪريو ڇڏين. ماڻهن کي مجبوراً انهن تباهه ڪُن قوتن کان بچڻ ۽ انهن تي فوقيت حاصل ڪرڻ لاءِ، محتاط ۽ خبردار رهڻو پوندو هو. پراڻن شهرن جو وڏو تعداد گهڻو ڪري اهڙين ئي ٻوڏن ڪري نابود ٿيو هو. مثلاً: موهن جو دڙو. اهي پراڻا شهر واريءَ ۽ مٽيءَ جي هيٺان پنهنجي قيمتي خزاني سميت دٻيل آهن. آثارِ قديم جي ماهرن، تاريخدانن جي فائدي لاءِ هن وقت تهن ٻنيان تهه کوٽيا آهن. اسان وٽ ٻوڏ جي تباهه ڪن اثرن جي، انهن دٻيل شهرن کان سواءِ ٻي ڪهڙي بهتر ثابتي آهي. نديءَ جي ڊيلٽا مسلسل وڌندي رهي ٿي، ان ڪري پاڻيءَ کي ورچينڌڙ شاخون به ڦرنديون گهرنديون رهن ٿيون. پاڻيءَ جي وهڪري جي ڪا به دائمي خليج نه آهي، اهوئي سبب آهي جو ڊيلٽا جو، حدن اندر مستقل ۽ محدود رهڻ به ممڪن نه آهي. ساحلي قطار (Coast-line) وٽ به هڪ پُرآب نشيبي خطو آهي. انهيءَ زمين جي اسفنجي ساخت سبب منجهس خاص قسم جا مڪروه ۽ غيرغذائي ٻوٽا آپرن ٿا، تنهنڪري اتي به مستقل رهائش اختيار ڪري نٿي سگهجي. ازان سواءِ اها غيرمستقل ۽ پورالي ندي، پري پري تائين هڪ وسيع علائقي جي آرپار لهرون هڻي ٿي، جي هڪ نه ٻئي طرف تقريباً ٽيهن ميلن تائين لڳنديون رهن ٿيون. نديءَ جو پيٽ به ايامن کان، دستور موجب تبديل ٿيندو رهي ٿو، جنهنڪري ان جي ڪنارن تي ڪي به شهر مستقل طرح سان اڏجي نه سگهيا آهن، سواءِ هڪ يا ٻن جي- سي به ٽڪرين جي راسين (Rocky promontories) تي قائم آهن- مثال طور سکر، روهڙي ۽ سيوهڻ. زيرِزمين پاڻيءَ جا طريقا، ٻڻ هڪ موسم کان ٻيءَ موسم تائين، ۽ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين، ناپائدار آهن. پاڻيءَ لاءِ اونها کوهه کوٽيا وڃن ٿا، جي نه پختا ٿين ٿا ۽ نه وري اعتبار جوڳا آهن. ٿرپارڪر سان ملحق پاڙيسري علائقن منجهان هاڪڙو نالي هڪ پوري جي پوري ندي وهندي هئي، جنهن جي سُڪي وڃڻ سان زمين ويران رڻ رهجي وئي آهي.

زماني حال ۾ صرف نارا ڪئنال جي ذريعي ان کي پاڻيءَ سان تار ڪري سگهجي ٿو. اونهاري ۾ صبح جي گرمي شديد ھوندي آھي ۽ گهڻن رهاڪن جا گهر هڪ محور جي چوڌاري ٺهيل هوندا آهن، جيئن هوا جي رخ کي سامهون ٿي سگهن، مثال طور حيدرآباد جا منگهه. اهڙي خشڪ ميداني علائقي ۾ گهَرو جانورن جي قلت به تمام گهڻي محسوس ڪئي وڃي ٿي.

انهن حالتن ماڻهن کي مجبور ڪيو آهي ته هو گڏهن ۽ خچرن (Wild horse) جهڙي اهنجي مخلوق سان نڀائين ۽ ان جو گهڻي کان گهڻو خيال رکن. اهڙيءَ صورت ۾ هڪ اٺ ئي آهي، جو بيابان لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪارائتو جانور ثابت ٿيو آهي. غذا ۽ پاڻيءَ خاطر ماحول سان همآهنگيءَ جو اهو هڪ عمدو مثال آهي. ان ڪري ئي چئجي ٿو ته اهڙين نيم-صحرائي (Semi-desert) حالتن ۾ انسان کي قدرتي طرح سان نشو و نما پائڻ جا موقعا چڱيءَ طرح سان ملي سگهندا آهن، پوءِ ڪٿي هو شروعات کان ڪهڙي به گروهه سان تعلق رکندو هجي. هتي انسان، خوش تدبيري ۽ اختراع جي مادي کي ثابت قدميءَ سان استعمال ڪندو رهيو، جنهن مان خود حفاظت، مشقت، حوصلي، تحمل سان گڏ کي بيون خصوصيتون پڻ آشڪار ٿيون ۽ انسان ڪمال درجي تي پهتو. پروفيسر جين برونهيس (Jean Brunhes) چوي ٿو ”آهي نامهربان حالتون آهن، جي انساني نظام جي تڪميل کي محدود ڪري ڇڏين ٿيون.“

زمين کي ڪم ۾ آڻڻ ۽ ان مان فائدي وٺڻ جون جي به ڪوششون، انسان ڪري ٿو سي ٻن ڳالهين تي منحصر آهن: هڪ ته ڪهڙي نوعيت جي ڪم جو ارادو اٿس، ۽ ٻيو ته زمين جيڪي مشڪلاتون ۽ دشواريون هن لاءِ پيدا ڪري ٿي، تن مٿان هو ڪيتريقدر ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو. انسان جيتري خوش تدبيري اختيار ڪري ٿو، اوترو ئي زمين ديرطلب ۽ تڪليف ده ثابت ٿئي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي جو ڪن ناگهاني ضرورتن جي بلاواسطه زور ۽ سخت دٻاءُ جي هوندي به، انسان ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي معمولي مقدار کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب به ٿي ويندو آهي. ايتري بحث کان پوءِ ائين ئي چوڻو پوندو ته بيشڪ سنڌ ۾ فطري قوتون زورآور ۽ غيرمستقل هيون، جي مختلف تهذيبن ۾ اتفاق پيدا ڪري سگهيون. لهٰذا ان ۾ باهمي اثر رکي، حسن ترتيب ۽ سليقي جي لحاظ کان تمام عمدو مثال چئي سگهجي ٿو.

سنڌو ماٿريءَ جي علائقي ۾ تهذيبن جو تصادم:

ايران جي سطح مرتفع جي موسمي ۽ فصلي خشڪ ساليءَ ۽ واريءَ جي گهڻائيءَ سبب، جيڪي انسان ڪافي مقدار ۾ پاڻي، غذا ۽ مناسب جڳهه حاصل ڪري نه سگهيا، سي جابلو رستن مان لنگهي سنڌو ماٿريءَ ۾ داخل ٿيا ۽ ڪجهه وقت تائين تخريب، تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو باعث بڻيا. ازانسواءِ قبل از تاريخي دور ۾ الهندي طرف کان شالڪولسٽڪ (Chalcolistic) تهذيب پڻ سنڌو ماٿريءَ ۾ داخل ٿي. انهيءَ وقت ڌاري ويدڪ آريا به آيا، جن ’موهن جي دڙي‘ جي ماڻهن جي امن ۽ فلاح ۾ اچي خلل وڌو. ٻڌن، افغانن، مغلن ۽ ترڪن به وقت

گذرڻ سان پنهنجو وارو ورتو. دلير ايرانين پنهنجي شهنشاهت واسطي انهيءَ ماڙيءَ کي اچي ڳولي لڌو. جانباز يوناني پڻ ايرانين جي تعاقب ڪندي هن ماڙيءَ جي نزديڪ پهتا، جن پنهنجي واسطي سنڌو نديءَ کي جهازرانيءَ لاءِ ڀهريون پيرو استعمال پڻ ڪيو. تنهن کان پوءِ طاقتور عرب مڪران جي ڪناري کان آيا ۽ نديءَ ۽ سامونڊي ڪناري جو موزون استعمال ڪيائون.

بيابان جي تڪليف ده ۽ مايوس ڪُن حالتن جي ڪري، راجپوتن پڻ هتي اچي آجهو ورتو. معتدل ۽ خوشگوار پاڙيسري علائقن، جهڙوڪ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات مان به ڪيترائي آرام طلب لوڪ داخل ٿيا. ابتدائي زماني ۾ انهن قومن جا جيڪي به نسل هتي آيا هئا، سي پُرامن جستجوءَ ۾ مصروف رهيا. سڀ کان پوءِ تجارت پيشه يوروپي قومون ۽ پارسي ۽ عيسائي پڻ واپار سانگي آيا. اهڙيءَ طرح انساني گروهن جا اندازاً سورهن ڪلاس سنڌ ۾ مستقل طور آباد آهن.

نتيجو-رڪاوٽن ۽ رنڊڪن جو دور ٿيڻ:

اهڙيءَ طرح سنڌ، في الواقع انساني جوش ۽ انتقام جو هڪ ميدان ڪارزار بڻجي پيئي، جنهن ۾ يورش، لُٽ مار، تاخت و تاراج ۽ بحري قزلت تمام عام هيون. هڪ قوم ٻيءَ قوم کي پامال ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي هئي، ته ٻي قوم وري ٽينءَ قوم کي تباهه ڪرڻ ۽ مٿس فتح پائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ليڪن قدرت جي بقا جو قانون، (Law of Indestructibility) غير متغير آهي، جو هرهنڌ لازمي طور رائج آهي. جدا جدا قومن جي مختلف ۽ متضاد عقيدن، رسمن ۽ تهذيبن جي درميان زوردار مقابلو ٿيو، جو ئي سنڌ جي بيمثال تهذيب جو محرڪ آهي.

سنڌي زبان هڪ مرڪب قسم جي زبان آهي، جا بنيادي لحاظ کان سنسڪرت آهي ته وري طرزِ ادا جي ڪري عربي آهي.

سنڌ فقط هڪڙو ئي ڪلاس پيدا ڪيو آهي، جن کي هاري چئجي ٿو، جن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي اچي وڃن ٿا. هن علائقي ۾ هاريءَ لاءِ فصل ۽ پاڻيءَ جي رسد جو سوال عام آهي. هنن جي موسيقي، روزانه زندگي، پوشاڪ ۽ اخلاق به ساڳيا آهن. سنڌ جي بهترين پيداوار آهي 'صوفي اِزم'. سنڌ جي صوفي ازم فلسفي جي دائري ۾ نهايت بيمثال آهي. هن صوبي ۾ درويش آهن، جي ٻنهي گروهن جي تعلقن کي قابو ۾ رکن ٿا. هتي ٿورا فرقا ۽ ٿورڙا مسلڪ آهن، ۽ نسبتاً ٿورا افراد ذلتزيل ۽ افسرده گروهن سان تعلق رکن ٿا. سکر بئراج پنهنجي ڪئنالن جي ورڇيندڙ شاخن، ڪسين ۽ مورين جي ذريعي مدامي پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي. اها سنڌ جي دل آهي جا ڏينهن رات، باقاعدگيءَ ۽ روانيءَ سان پنهنجو زندگي بخش پاڻي، ديس جي سيني رهواسين لاءِ خارج ڪري ٿي. قدرت طرفان انسان جي ترقيءَ جي واٽ ۾ حائل ٿيل دقتون ۽ رڪاوٽون هاڻي رفته رفته غائب ٿينديون وڃن ٿيون. هاڻي سنڌ ۾

Gul Hayat Institute

مستقل قيام ۽ رهائش اختيار ڪري سگهجي ٿي. انگريز حڪمرانن، پنهنجي دور ۾ جي بهترين سوڪڙيون صوبي کي ڏنيون، سي زراعتي ڪاميابي ۽ سياسي طور خود اختيار حڪومت آهن. پائدار امن قائم رکڻ، مسئلن کي سلجهائڻ، ۽ ترقي ڪري اڳتي وڌڻ: انهن سڀني ڳالهين ۾ انسان پنهنجو پاڻ تي مدار رکي ٿو. سنڌ ۾ وڏا شهر ٿورا آهن، جا هتي جي آباديءَ جي خصوصيت آهي. سنڌ جي آبادي گهڻو ڪري ٻهراڙيءَ جي ڇڙندڙ ڦرندڙ ڳوٺن تي مشتمل آهي. جتي آبياريءَ جا مرڪز هوندا آهن، اتي ڇوڏاري ڳوٺن جو مجموعو ٺهي ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو گذريل بادشاهي راڄن ۾ هڪ کان وڌيڪ دارالسلطنت وارا مرڪزي شهر (Capital towns) تعمير ٿيا، ۽ جنهن کي جيڪو هنڌ سهولت وارو نظر آيو، تنهن کي دارالسلطنت بنايائين.

برطانيا، پنهنجي سامونڊي سياءُ ڪري، ڪراچيءَ جي بين‌الاقوامي شهر جو بنياد رکيو، جو هڪ سٺي بندرگاهه هئڻ جي ڪري، هاڻ اڳتي وڌي، پاڪستان جي وفاقي گادي بڻيو آهي(۱). اگرچ حيدرآباد، جو ان کان اڳ ۾ سنڌ جي گاديءَ جو شهر هو، تنهن جي مردمشماري فقط ٽن لکن جي لڳ ڀڳ ٿيندي(۲)، جن ۾ زياده تر خوشحال ۽ ترقي يافته درجي جا ماڻهو آهن. هن علائقي جي سڀني ماڻهن لاءِ، سنڌن صوفيانه شاعري 'صحتمند پيداوار' جي حيثيت رکي ٿي، جا شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي آهي. اها ئي شاعري کين پاڻ ۾ هڪ قسم جي روحاني اتحاد پيدا ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿي.

اڄڪلهه سنڌين ۾ تعليم جي گهٽتائي آهي. سڀ کان گهڻي قلت ٽيڪنيڪل تعليم جي آهي. موجوده زماني ۾ سنڌ ٻين ملڪن وانگر نيم جاگيردارانه اقتصادي نظام سببان ڪوتاهين ۽ خامين سان ڀرپور آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هيءَ سرزمين، انسان جي استقلال کي متواتر آزمائيندي رهي آهي. سال ڪاهي وڃڻ، زوريءَ عورتون ڀڄائڻ، ڌاڙا ۽ خون، بي‌احتياطي، شاهوڪار زميندارن طرفان هارين سان ناشائسته برتاءُ ۽ غير مستحڪم حڪومت جون سڀئي نقصان رسان ڳالهيون، هتي جو ناڪاره معمول بڻجي چڪيون آهن. اهي انسان جي خوديءَ جا غير جٽادار مظهر ۽ آپار آهن. هتي جو انسان جيئن ئي پاڻ کي هڪ ابتر لموني جي معاشرتي ۽ اقتصادي نظام زندگيءَ ۾ پابند زنجير معلوم ڪري ٿو، تيئن موت ۾، ائين ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته ٻيءَ صورت ۾ اهي حالتون سنڌس مڪمل وجود ۽ شخصي زندگيءَ کي هڪ خود انضباطي ۽ آزاد شهريءَ جيان، قبول ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿيون. اهڙي علائقي ۾ جتي فطري قوتون متحرڪ هجن ۽ معاشرتي دٻاءُ ۽ جبر ايتريقدر مانع ۽ دم گهٽيندڙ هجي، ته پوءِ ضرور هيجان پيدا ٿيندو. انهن مڙني تڪليفن کان ڇوٽڪاري حاصل

(۱) هينئر پاڪستان جي گادي راولپنڊي ۾ آهي، ۽ مستقل طرح سان اسلام‌آباد ۾ نئون دارالسلطنت تعمير ٿي رهيو آهي. (۲) حيدرآباد جي آبادي، هن وقت لڳ ڀڳ ٻارهن لکن کان مٿي چڙهي وڃي ٿي.

Gul Hayat Institute

ڪرڻ لاءِ، هڪ اهڙو تعليمي دستور تجويز ڪرڻ گهرجي، جو جاگرافيائي ماحول ۽ معاشرتي تقاضائن مطابق هجي.

ٻراج اڳي ئي ڪامياب ثابت ٿيا آهن، ليڪن انهن منجهان اڃا به وڏيڪ لاڀ ڪيئن حاصل ٿئي، ان لاءِ ضروري آهي ته زرعي زمين ازسرنوُ تقسيم ڪرڻ ۾ اچي. پاڻيءَ جي ورڇ هارين جي درميان بهتر طريقي ۽ زياده انصاف تي مبني هجي. ازان سواءِ حڪومت جي مشنريءَ ۾ هر مرحلي تي بهتر انتظامي نقطءِ نگاهه ۽ فهم ۽ فراست جو هجڻ ضروري آهي، جا ڳالهه صوبائي ۽ مرڪزي ٻنهي حڪومتن ۾ هئڻ کپي.

قطعي ۽ فيصلہ ڪُن رايا:

سنڌ جون تهذيبي حدون، اڄ جي مهذب انسان وڏائي، ڪافي وسيع ڪري ڇڏيون آهن. گروهبنديءَ ۽ فرقه پرستيءَ جا مرض جن ۾ ملڪ جا ٻيا علائقا، ٿوريءَ يا گهڻيءَ حد تائين، گرفتار آهن، سنڌ انهن کان آزاد آهي. هڪ سنڌي، پاڪستاني هجڻ جي دعوا هڪ طرف ڪري ٿو ته وسيع المشرب (Cosmopolitan) ۽ انسان دوست (Humanitarian) شخص هجڻ جي دعوا ٻئي طرف رکي ٿو. اهو سڀ تڏهن ٿي سگهيو آهي، جو سنڌس تهذيب ايشيا جي ڏورانهن علائقن جي تهذيب جي زيراثر مالا مال ٿي، مثالي بڻجي چڪي آهي، ۽ ان کان سواءِ، برصغير جي باقي علائقن وانگر، ان تي وچ-اوڀر ۽ جديد يورپ جا جيڪي اثر پيا آهن، تن پڻ ان کي هڪ مخصوص رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. سنڌي ماڻهوءَ پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ به الهن ساڳين ئي انساني تهذيبن کي بامقصد ۽ ٠ معنيٰ انداز ۾ مالامال ڪيو آهي، جن سان هن جو تجارت، تهذيب ۽ تمدن، مذهب ۽ سنت، باهمي رابطي ۽ ٻين ذريعن سان لاڳاپو پيدا ٿيندو رهيو آهي. ان ڪري هو ايامن کان تهذيبي علحدگيءَ ۽ تنگ نظريءَ يا جارحانه وطن پرستيءَ جي بيماريءَ کان آجو رهيو آهي. هر ساڳئي وقت، هميشه کان، ڪيس معقول سبب جي بنا تي، پنهنجي تهذيب لاءِ فخر آهي، جا عالمگير خوبيون ۽ وسيع استعداد رکندي به هڪ مخصوص ۽ مقامي رنگ ۾ پنهنجو مستقل وجود رکي ٿي، ۽ جنهن ۾ انساني اعمال ۽ فطري مظاهر ٻنهي گڏجي هڪٻئي تي اثر وجهڻ جو باهمي عمل ڪيو آهي. صدين کان وٺي انساني ۽ طبعي حالتن ۾ جو غير محدود باهمي عمل، خارجي توڙي داخلي طرح سان ٿيندو رهيو آهي، تنهن موجوده سنڌ کي هستيءَ ۾ آڻڻ ۽ سنوارڻ جي عظيم خدمت سرانجام ڏني آهي. سنڌ و ماٿري سچ پچ ته تهذيبن جو ميدان آهي. ان جي تهذيبي ميدان ۾ جذب ۽ اتفاق جون قوتون به گهڻي قدر موجود آهن، جي انساني تهذيب جي مختلف ۽ گوناگون عناصرن کي پاڻ ۾ يڪجا ڪن ٿيون ۽ دنيا جي عظيم تمدن جي ڌار ڌار اثرن کي ملائي پاڻ ۾ مدغم ڪن ٿيون. اهائي خصوصيت آهي، جنهن ’سنڌي تهذيب‘ کي مقدس ۽ شاد آباد رکيو آهي ۽ ساڳئي وقت بلند ۽ بهتر، معقول ۽ ترقي پذير-۽ سڀ تي غالب ۽ حاوي بنايو آهي. هڪ سنڌي انهيءَ ڪري ئي عقلمند، مستحڪم، متحمل مزاج، بردبار، محب وطن ۽ امن سان پيار رکندڙ فرد

Gul Hayat Institute

آهي. پنهنجي عظيم نديءَ وانگر، جا سنڌ جي زندگيءَ جو روح آهي، سنڌي هاري ٻه سوڪڙيون ڏيڻ ۽ وٺڻ سکيو آهي. سنڌ جو قابل زراعت زميني مٿاڇرو ٻه خارجي (Foreign) آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي سنڌو نديءَ مان پاڻي وهائي آباد ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو، جو پاڻي اوڪن ۽ مهيب ڇولن مان پوڏن جي ذريعي، وهي غريب هارين لاءِ ماٽريءَ ۾ اچي زندگيءَ جو سامان ٿو پيدا ڪري. جيستائين نديءَ جو وهڪرو بيقاعده ۽ غير مستقل هو، تيستائين هاري ٻه بدستور قضا ۽ قدر تي ڀاڙيندو رهيو ۽ هر ڳالهه ۾ قسمت تي اعتبار ڪندو رهيو. ليڪن هاڻي دنيا جي زبردست ۽ عظيم الشان آبپاشيءَ جي نظام مان مستقل پاڻيءَ جي رسد جي ضمانت هجڻ ڪري، هارين ٻه پنهنجي گهرن ۽ زرعي زمينن جي مسئلي کي سلجهايو آهي. هاڻي ساري سال ۾ ربيع ۽ خريف جي فصلن جا وارا باقاعدگيءَ سان ٿيندا رهن ٿا. موجوده دور ۾ سڄي سال جي دوران، گهڻي وقت تائين ڪو ٻه هاري سست يا بيڪار نٿو گذاري. ماضيءَ ۾ فقط گردو پيش جا حالات ۽ فطري ماحول ئي ان لاءِ ذميوار آهن، جن کين ائين بنايو هو.

ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ سان اچانڪ ديسي باشندن ترڪ وطن اختيار ڪيو ۽ هندستان جي مختلف ڀاڱن مان مسلمان هجرت ڪري سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. اها نئين صورت حال سنڌو ماٽريءَ جي تهذيب ۽ تمدن ۾ وقت گذرڻ سان يقيناً ڪيترين ئي خصوصي تبديلين پيدا ڪندي. سنڌ جهڙن ٻين سنڌو ماٽريءَ جي علائقن جو تنقيدي ۽ منصفانه ۽ سائنٽيفڪ مطالعو، اسان جي ڪيترن ئي قابل قدر باهمي تعلقات ۽ قسمين قسمين تهذيبي رخن کي آشڪار ڪندو. ازان سواءِ اهڙي مطالعي سان جدا جدا علائقن جا ماڻهو ٻه هڪٻئي کان نفرت ڪرڻ کان باز رهندا. هرڪو پنهنجي ملڪ تي اختيار رکندي بجا طور فخر ڪندو. ان سلسلي ۾ نه فقط پاڪستان، پنهنجي سيني پاڙيسري پاڙن (هندستان، ايران، افغانستان، عرب، ترڪي، انڊونيشيا) جي ڪاميابين کي تعظيم ۽ تحسين جي نگاهه سان ڏسندو، پر ان سان گڏ پاڪستان ۾ رهندڙ قومون پڻ، پاڻ ۾ سازگار ماحول پيدا ڪري، وطن کي خوشحال بنائينديون. اميد آهي ته اهڙو فائديمند علمي ڪم، يونيورسٽين ۾، جاگرافيءَ جي شعبن، سائنس توڙي آرٽس جي عملي شاخن، طرفان انجام ڏنو ويندو. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسين امن ۾ رهون ۽ امان جي ملڪ کي پنهنجي ماڻهن طرفان قابل اعتماد نظام زندگي ملي، جنهن کان اسان جو نوجوان طبقو هرگز انڪار ڪري نٿو سگهي، ته پوءِ هن قسم جي تهذيبي ريسرچ تي توجه ڏيڻ ضروري آهي. ليڪن اهو سمجهه انهن نوجوانن جي ان صحيح ۽ حقيقي تعليم ۽ ريسرچ تي منحصر آهي، جي امداد باهميءَ جي بنياد تي ڪيل هجن. ازان سواءِ اهي ڪوششون سموري مهذب دنيا جي امن ۽ سلامتيءَ تي ٻه دارومدار رکن ٿيون.

میر حاجي محمد بخش خان ٽالپر

ننگرپارڪر جا آثار قديم

ننگرپارڪر، پنهنجي لامحدود ۽ قديم روايتن جي حيثيت سان قديم تهذيب ۽ تمدن جو هڪ اهڙو مرڪز آهي، جنهن ڪي مطالع ڪرڻ ضروري آهي. افسوس اهو آهي تہ سرزمين سنڌ جي هن قديم مرڪز ڏانهن، عالمن ۽ محققن توڙي آثارقديمہ جي چاهن ۽ شوقينن ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو آهي.

اصل حقيقت اها آهي، تہ ننگرپارڪر جي پوري خطي جي آثار ۽ جاگرافيءَ کي سمجهڻ لاءِ، ڪو چاڻو ماڻهو اتي وڃي رهي، مختلف موسمن ۾ پيدا ٿيندڙ ردوبدل کي جاچي. ان جي تہ ۽ ٻر کي جهاڳي، ۽ ان جي ڪُنڊ ڪُنڊ کي ڏسي.

اها بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ جڏهن 'ٿر' انساني بستين جي ڪري، ايترو آباد نہ هو، تنهن وقت ۾ 'پارڪر' نهايت شاداب، سرسبز، آباد ۽ وسندڙ هو: منجهس صنعت ۽ حرفت جو چرچو هو، سهڻا ۽ شاهوڪار بندر هئا، قافلن جي اچ وڃ هئي، واپارين جي ڏي-وٺ هئي، شاهوڪاري ۽ سرمائيڪاري هئي، ۽ ماڻهو سکيا ستابا ۽ مياستارا هئا. مگر زماني جي دستبرد کان اج اهي ماڳ ۽ مڪان، بندر ۽ نشان، سڀ مٽيءَ ۾ دفن ٿي چڪا آهن. انهن جي تاريخي کوجنا لاءِ، ڪنهن ٻئي دفعي بحث ڪنداسون.

هن وقت سردست، مختصرطرح سان ٻن قسمن جي آثارن تي لکڻ جو مقصد آهي: هڪ آهن، اهي آثار جي اڃا سلامت آهن، ۽ ٻيا اهي آهن جي 'توده خاڪ' بڻجي چڪا آهن.

جيڪي سلامت آهن، تن ۾ شهر ننگرپارڪر کان پنجن-ڇهن ميلن تي، اتر طرف ڏي، "ڀوڏيسر جي مسجد" آهي، جا ۱۴۳۶ع جي ٺهرايل آهي، جنهن تي بہ ڪتبا لڳل آهن-هڪ آهي عربيءَ ۾ ۽ ٻيو آهي پارسيءَ ۾. اها مسجد گجرات جي بيگڙه خاندان جي بادشاهن تعمير ڪرائي هئي. اميد تہ ان جو تفصيلوار بيان بہ ڪنهن ٻئي ڀيري ڪنداسون. اڄڪلهہ اها مسجد نالي ماتر آثارقديمہ جي محڪمي جي حوالي آهي.

ان طرح تقريباً ساڳئي زماني جا ٽي مندر بہ موجود آهن، جي جين ڌرم وارن جا آهن، ۽ مسجد جي پرسان آهن. اهي بہ اڃا تائين سلامت آهن. انهن مان رڳو هڪ مندر، آثارقديمہ

Gul Hayat Institute

وارن جي سنڀال هيٺ آهي، باقي ٻه مندر ويران آهن. ضرورت اها آهي ته انهن جي به سنڀال ڪئي وڃي، جيئن تاريخ، تعمير ۽ مصوّريءَ جا اهي لاثاني مرقع، ائين برباد ٿي نه وڃن.

مسجد جي ڀرسان هڪ تلاءُ آهي، جنهن تي به پٿر جو ڪتبو لڳل آهي. پٿر تي ڪي مورتون به اُڪريل آهن، ۽ ڪي اکر پڻ نظر اچن ٿا. انهن جي عمر به ڇهن صدين کان زياده آهي.

خود ننگرپارڪر جو شهر، جين ڌرم وارن اڄ کان ڪي صديون ڪن اڳ ٻڌايو هو. اهو مندر اڃا تائين، 'جين ڌرم' وارن جي سنڀال هيٺ آهي. ان طرح، ان دور جي پراڻن حاڪمن، 'راڻن' جا تهخانا شهر جي اولهه طرف، پهاڙ جي دامن ۾ آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ٺڪرن جي بغاوت (١٨٦٠ع) تي، ڪئپٽن ٽروٽ ڍهرائي ڇڏيا هئا.

ان طرح، جبل ۾ اندر، 'چندن ڳڍ' نالي قلعو به هو، جو پنهنجي فني ۽ تعميري حيثيت سان نهايت شاندار هو. اهو قلعو، چندنسنگ پرمار، تقريباً هڪ هزار سال کن اڳ جوڙايو هو. اهو به ٺڪرن جي بلوي ڪري، ڪئپٽن ٽروٽ، ڊائناميٽ ڪرايو هو.

ڪارونجهر جبل، جو شهر جي ڀرسان آهي، ان ۾ شهر کان ٻه ميل کن پريرو، هڪ 'سارڊري' وٽ، 'شِوَ ۽ پارٻتيءَ' جو مندر آهي. اهو مندر هندن جو زيارتگاهه هو. ايامن کان وٺي، هندو اتي ميلا لڳائيندا هئا. ان مندر ۾ 'پارٻتيءَ' جي هڪ مورتي، موجود هوندي هئي. اها مورتي، سنگتراشيءَ ۽ بت تراشيءَ جي فن ۾ هڪ شاهڪار ڄاتي وڃي ٿي. افسوس جو اها 'مورتي' لڏپلاڻ جي دور ۾، هندو پاڻ سان کڻي ويا آهن.

ان مندر جي ڀرسان هڪ تلاءُ پڻ آهي، جنهن ۾ ساڙيل مُردن جا هڏا تاريندا آهن. مندر کان اڌ ميل جي اوچائيءَ تي "ڀيَم ڪُنُ" نالي هڪ قدرتي عجوبو آهي، جنهن ۾ هميشه هڪ ننڍڙي ڪنڊ جي شڪل جيتري هنڌ تي عميق پاڻي موجود آهي. اتي هڪ غار ۾ اهڙو پٿر موجود آهي، جنهن جي ڇت ۾ ڳئونءَ جي تصوير لڳل آهي. ان جي ٿڻن مان هميشه ڦڙو ڦڙو ٿي، پاڻي ٽمندو رهي ٿو.

ننگرپارڪر کان اٺن ميلن جي مفاصلي تي، 'ڪاسبو' نالي هڪ ڳوٺ آهي، جنهن کان ٽي-چار ميل سنڌوڙيءَ جي ڪستر ٿاڻي طرف، جهنگ ۾ ٺڪرن جي مرڻ وارين جاين جا نشان آهن. اتي گهوڙيسوار هٿياربندن جون ڪجهه مورتون آهن. انهن لاءِ عام روايت اها آهي ته اهي ڄڃتن ڌاڙيلن سان وڙهندي مارجي ويا هئا. اهي ڄڃ ڌاڙيل گجرات مان ڦُر ڪرڻ لاءِ آيا هئا.

پارڪر جي اٽڪل ڇهه سؤ چورس ميلن جي ايراضيءَ ۾، ٽڪريون پکڙيل آهن. انهن ٽڪرين ۾ هندن جون عبادتگاهون ۽ تڪيا موجود آهن. ان سلسلي ۾، هر هڪ ٽڪريءَ کي پنهنجي پنهنجي تاريخ آهي.

هڪ دفعي منهنجو ٽريڪٽر، رڻ جي ڪناري تي، ڪَلرَ ۾ ڦاسي پيو. پرسان ٽي-چار فوٽ اوچي ۽ سؤ ڪن فوٽ ڦڪيڙ ۾ پٿرائين زمين هئي، جنهن لاءِ ٻڌايو ويو ته اها 'ريمي' جي ٽڪري نالي سان مشهور آهي. ان هنڌ تي چون ٿا ته، هڪ 'ريمي' نالي ڌاڙيل ڪولهيءَ جي گهوڙي، پاڳين ماري وڌي هئي. ان ڪان پوءِ مٿس اهو نالو پئجي ويو.

ان طرح، 'سوراچند' ڳوٺ جي پرسان به ڪي تلاءَ آهن. جن لاءِ ڪئپٽن ريڪس، پنهنجي ڪتاب 'ميمائرس آن ٿر اينڊ پارڪر' ۾ لکي ٿو ته اهي عيسوي چوڏهين يا پندرهين صديءَ جا ٺهرايل آهن.

ننگر پارڪر جي ٿر واري پاڳي ۾، 'ويرا واهه' ڳوٺ ۾، ٽڪرن جون 'ڏهريون' ساڙڻ وارين جاين تي، ننڍيون قبيون ۽ ڇتيون آهن، جي عام ماڻهن جي دستبرد ڪان نه بچي سگهيون. اڄ انهن جا ڪي نشان وڃي بچيا آهن.

ويرا واهه ڳوٺ جي پرسان، 'سانگاهه' نالي ڇهه چورس ميل هڪ ڍنڍ آهي، جنهن جي هڪ طرف تي، جين ڌرم وارن جو پٿرائون ڊنل مندر آهي، جنهن جون ڪيتريون نشانيون اڃا موجود آهن، ۽ ڪي بُتَ به سلامت آهن. انهن کي "جڪن پيرن جا ڏهرا" ڪري ڪوٺيندا آهن. هندن جي لڏپلاڻ ڪان پوءِ، ڪابه وَسندي نه رهي آهي. اڄ اهو مندر به برباد ٿي چڪو آهي. اندازو آهي ته اهو مندر، سترهين صدي عيسويءَ جو ٺهرايل آهي. ان مندر جي پرسان، هڪ مناري تي ٿلهو ٺهيل آهي، جتي جين ڌرم وارا پاريهلن کي داڻو ڏيندا آهن.

پاري ننگر:

ويرا واهه جي پرسان، موئن جي دڙي وانگر، هڪ ڦٽل شهر جا نشان آهن، جي ڏيڍ ميل ڊگها ۽ اڌ ميل ويڪرا ٿيندا. جتي اڃا ٽائين، پراڻن مندرن ۽ جاين جون پيڙهيون موجود آهن. ڪئپٽن ريڪس جي تحقيق آهي ته هي شهر، ٥١٢ سال قبل مسيح ۾ ٻڌايو ويو هو، جنهن ۾ هڪ لک گهر هئا. اهو شهر، ١٢٠٠ع ڌاري، مسلمان حاڪمن سان مقابلن ۽ لڙاين جي ڪري ناس ٿي ويو.

هن شهر جي پرسان سمنڊ هو. حقيقت اها آهي ته هن شهر جو زوال، ان دور ۾ شروع ٿيو، جڏهن سمنڊ، هتان هٽڻ شروع ڪيو ۽ رڻ بڻايو.

'پاري ننگر' ڪان، ٽن يا چئن ميلن جي پنڌ تي، 'ڏوٽڙ' (ڏو يا دو معنيٰ ٻه، ۽ ٽڙ معنيٰ بندر يا پڇهه هٽڻ جو هنڌ) نالي هڪ وسندڙ بندر هو. ان بندر لاءِ وڏڙن جا وڏا ڳالهيون ڪندا هئا ته هن بندر تي، جهازن کي جهلڻ لاءِ وڏا لوها زنجير ۽ ڪڙا پيل هوندا هئا.

پنڊت نهرو، پنهنجي جڳ مشهور تاريخ ۾ لکي ٿو ته:

"پنجين ۽ ڇهين صدي عيسويءَ ۾، گجرات جي لڳ ڀڳ، ڪن ڪنارن وارن بندرن کي سمنڊ ڇڏي ويو، جنهنڪري ڪيترا هندو واپاري، واپار جي سانگي لڏي، جاوا ۽ بالي ٻيٽن ۾ وڃي آباد ٿيا." (جي هن وقت انڊونيشيا ۾ آهن).

Gul Hayat Institute

چون ٿا تہ گالڊيءَ جا اصل ابا ڏاڏا بہ ان بندر جا رھواسي ھئا. افسوس اھو آھي تہ اڄ تائين، ھھڙي تاريخي شھر جي کوٽائيءَ ڏانھن ڪوبہ توجھہ نہ ڏنو ويو آھي. ايترو ٿيو آھي جو ان شھر مان سنگمرمر جون ڪي چيزون، مسٽر گائيلر ڊپٽي ڪمشنر، ڪراچيءَ جي عجائبخاني ۾ رکايون ھيون.

ان طرح، مسٽر ڪزنس، پنھنجي ڪتاب ’انٽيڪئٽيز آف سنڌ‘ ۾ پڻ ھن قديم شھر جو ذڪر ڪيو آھي. اھا بہ روايت آھي تہ ھن شھر جا ڪيترائي عجائبات، بمبئيءَ جي ميوزم ۾ موجود آھن. ھن شھر ۾ اڄ بہ خبث‌الحديد جا ڍير لڳا پيا آھن، جنھن ڪي ’ڪٽوھڙ‘ ٿا چون. ان مان واضح ٿو ٿئي تہ اتي، ايامن ڪان، ڪي لوھہ جا وڏا ڪارخانا ھئا. ان ڪان سواءِ ڪي ڀٽَ بہ اڃا سلامت موجود آھن. ضرورت آھي تہ آثارقديمہ وارا، ھنن ناياب تاريخي آثارن کي نہ فقط سنڀالين، پر انھن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، تحقيق ڪن، تھذيبي جائزو وٺن. ڇو تہ سنڌ جي تھذيبي ورثي ۾ اھي آثار بہ شمار ڪري سگھجن ٿا.

مارئيءَ جو ملڪ:

سنڌ جي مشھور ستيءَ مارئيءَ جو ملڪ، ’ملير‘ بہ ھن جُوءِ ۾ آھي. اھو ننگرپارڪر کان اٽڪل پاويھہ ميل ڏکڻ طرف ٿيندو. اتي، ’ڀالوا‘ نالي ہڪ ڳوٺ اڄ بہ موجود آھن. ھڪ ڳوٺ ۾ ’ڀيل‘ ٿا رھن ۽ ٻئي ڳوٺ ۾ ’خاصخيلي سرائي‘ رھن ٿا، ليڪن مارئيءَ جو اصل ڳوٺ ھينئر ويران آھي. ڪجھہ سال اڳ منھنجي ڪوشش سان، ان کوھہ جي ڀيھر مرمت ڪرائي وئي ھئي، جنھن تي مارئيءَ جي اھا ’ڪولڊي‘ ڀيل ھئي، جنھن ۾ مارئي اتي اڇي ’ڇيلڙن‘ کي پاڻي پياريندي ھئي. اھو خطو بہ آھي تہ ٿر ۽ بر، پر ماڻھو چون ٿا تہ اڳ اھو نھايت سرسبز ۽ آباد ھو. ان ڪري ماڻھو ڪيس سڏيندا ئي ھئا، ملير!

مارئيءَ جي مذھب ۽ قوميت متعلق اڄ تائين اختلاف آھن تہ اصل ۾ ڪير ھئي. پر اھا بہ ھڪ حقيقت آھي تہ مارئي مسلمان ھئي. ايتريقدر جو ھن تر ۾ مشھور آھي تہ مارئيءَ جي قبر، ڀوڏيسر جي مسجد جي ڀرسان شھيدن جي قبرستان ۾ آھي.*

Gul Hayat Institute

گوڙيءَ جو مندر:

’جين ڌرم‘ جي دور جي فن ۽ تعميري عظمت جو نادر مرقع آھي، ’گوڙيءَ جو مندر‘، جو ’ڀالوا‘ کان ٻہ ميل پري موجود آھي. جنھن کي ١٨٦٠ع ۾ انگريزن جي بلوي ڪري، بارود سان ڊھرايو ويو ھو. ھن وقت نالي‌ماتر، آثارقديمہ وارن جي حوالي آھي، پر افسوس

* ھي مسئلو بہ توجھہ طلب آھي. سنڌي محققن کي ھن طرف توجھہ ڪرڻ گھرجي تہ آيا مارئي ھندو ھئي يا مسلمان! اگر ڪو بزرگ ان تي ڪجھہ لکي موڪليندو، تہ پوءِ اھو ’مھراڻ‘ ۾ شايع ڪرڻ مفيد ثابت ٿيندو. —غ. م. گ

جو ان جي سنڀال چڱيءَ طرح نٿي ڪئي وڃي. مندر جي لڳ هڪ ’غفا‘ پڻ آهي، جنهن ۾ ’ٻاوا‘ ۽ ’ڀڪشو‘ وڃي عبادت ۽ رياضت ڪندا هئا. هڪ ’ڏيوري‘ پڻ ڀرسان موجود آهي، جنهن کي ’ڀولن جو آستان‘ چوندا آهن. ان متعلق روايت آهي تہ ڪو مارواڙ جو راجا، ڏاڙيلن جو پيڇو ڪندي هت مارجي ويو هو. ان جي ڀرسان، هڪ ’باولي‘ (چاڙهين سان کوهہ) آهي، اهو بہ ڍهي چڪو آهي. برادرم مير احمد خان ٽالپر، جڏهن لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هو، تڏهن ان کي ڪجهہ کوٽايو ويو هو، پر افسوس جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو آهي. اتي هڪ ٻيو ’تل‘ بہ آهي، جنهن لاءِ انومان آهي تہ ان تي پکين کي چوڳو وجهندا هئا.

عام قديم آثار:

قديم آثار جي سلسلي ۾ ٻيو ڪو بہ اهڙو ذڪر ڪرڻ جهڙو نشان ڪونہ آهي. ائين آهي تہ جيڪڏهن سندرهہ ڀڏي ڪو مرد ڪاهي پوي تہ پوءِ گهڻو ڪجهہ مواد ملي سگهي ٿو. مثال طور، ’رتنياريءَ‘ جو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هينئر رند بلوچ ۽ خاصخيلي رهن ٿا. چون ٿا تہ اتي ’رتن راءِ‘ جو ڪوٽ هو، جنهن جي ڀيڙهہ مان اڄ بہ پڪيون سرون لڀن ٿيون. اتي ٻيا آهن ’ستيءَ ڏيرا‘، جن ۾ هن وقت اوٺا ذات جا مسلمان رهن ٿا، ۽ اتي مسافرخانو پڻ ٺهرايل آهي. چون ٿا تہ اتي ’ستين جو مندر‘ تعمير ٿيل هو. اڄڪلهہ ان مندر جي هڪ ديوار جو ڪجهہ ٽورو حصو نشان طور بيٺو آهي، روايت آهي تہ هت بہ هڪ پڪي واءِ، يعني باولي هئي، جا لٽجي چڪي آهي. ’ڪبڙي‘ جنهن ۾ مسلمائي کوسا بلوچ رهن ٿا، اتي ڪي ’ڪبڙيا‘ ذات جا جين ڌرم وارا آباد هئا. اتي بہ هڪ مندر جون ڀيڙهيون لڌيون آهن.

بهرحال، ٿرپارڪر قديم آثار جو هڪ مدفون خزانو آهي، جنهن تي تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ جي ڏاڍي ضرورت آهي.

هن کان پوءِ، اسان ٿرپارڪر جي تاريخي حيثيت ۽ قدامت تي بحث ڪنداسون. انشاءالله تعاليٰ!

Gul Hayat Institute

علي محمد سيال

سماٽ قوم جو اصل نسل

سر زمين 'سنڌ' ۾ سنڌي الاصل قومن ڪي مجموعي طرح سان 'سماٽ' چيو ويو آهي. انهن جي مقابلي ۾ 'بلوچ' ۽ ٻيون قومون ٻاهران آيل آهن. هاڻي سوال ٿو اٿي ته تاريخي طرح سان 'سماٽ' جو پس منظر ڪهڙو آهي؟ ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين لفظ "سماٽ" جي ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسڻ گهرجي ته ان جو تعلق لساني حيثيت سان ڪهڙي زبان سان آهي. ان جو صاف طرح سان حل ته اهو آهي ته هي سنسڪرت لفظ آهي.

(١) سم = هڪجهڙو، هڪجيڏو وغيره.

(٢) سموا = برابر.

(٣) سمواتم = هڪجهڙو ياءُ ماڻهو.

(٤) سمو يا سموي = ساڳئي ملڪ يا ساڳئي راج جو.

(٥) سموترا = هڪ ياڻپي جو راج (جمهوريت)، لوڪ راج.

(٦) سمو (سنڌي) = راج جو ياءُ ماڻهو.

(٧) سو = پنهنجو پاڻ، خود پاڻ ـ اشارو سچ جي روشنيءَ ڏانهن.

سوم = پاڻ، نالو سچ جو پوڄا واسطي.

(٨) سومرت = سچ پوڄا.

(٩) سومري = سچ جو پوڄاري، گويا هڪ مذهبي ماڻهو.

(١٠) سوم وار = سوم جي پوڄا جو ڏينهن ـ هاڻي سومر.

(١١) سوامي = سوم جي تڪائي جو پوڄاري، سامي، درويش ۽ بزرگ ـ هاڻي سائين.

(١٢) سمو = ساڳئي راج جو عام ماڻهو، پر ڌرم ساڳي وارو.

(١٣) سومرو = سومرو، ساڳي راج ۾ ساڳئي ڌرم جو ماڻهو. سوري معنيٰ سچ يا پلوان.

(١٤) سمواترا = اهڙي راجا جو ملڪ جو پاڻ سچ جي پوڄا ڪري ۽ ڪرائي.

(١٥) سماويد = اهڙي ملڪ جو ڪوڊ يا قانون، جنهن ۾ سڀ هڪجهڙي پوڄا ڪن ۽ هڪ راجائي هيٺ هجن.

(١٦) ٺٽي جو اصل نالو 'سوامي گڙهه' يا 'سوامي گرهه' هو جو پوءِ 'تتيه نگر' يعني "ٺٽو نگر" ٿيو، جو ته ڇچ 'تتيه' جو پوڄاري هو. ان لفظ "تتيه" مان 'تَڪُر' ٿيو، معنيٰ

'درياهہ جو پوڄاري'. تنهن جي معنيٰ، جو تاتي ۽ پالي. "سوريہ ۽ دريہ" بہ مذهبي خيال پيدا ٿيا. هڪڙا چون تہ 'سورج' خدا آهي ۽ ٻيا چون تہ 'درياهہ' ڌرم آهي، يعني دريہ جو تاتيندڙ ۽ پاليندڙ آهي.

قرآن شريف فيصلو ڪيو تہ كل شيءِ حيٌّ من الماءِ: "سڀ شيون پاڻي کان جيئريون رهن ٿيون." سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "جتي پاڻي تتي پاڻ."يعني سج جي گرمي بہ هڪ وسيلو آهي ۽ پاڻي بہ هڪ وسيلو. قرآن شريف جي ارشاد موجب ٻئي سبب الله تعاليٰ انسان لاءِ پيدا ڪيا آهن، تنهنڪري اهي ٻئي سبب "پاڻي" توڙي "گرمي" ڪي پوڄا جا لائق نہ آهن.

(١٧) راءِ گهراڻي وارا 'سوابر' جا پوڄاري هئا ۽ سندن گاديءَ جو هنڌ هو "آليدور"، جو ڦري "اليور" ۽ "الور" ٿيو، جو سنڌ جي گادي مشهور آهي.

(١٨) 'سموترا' جو ڀاڱو اهو آهي جو افغانستان سميت، ڪشمير سميت، هاڻوڪي الور رياست کان جا ليڪ ڇڪجي سا ڪنيات جي نار کان ڦري ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، سنڌ بلوچستان تائين اچي. گويا سڀ ملڪ "سموترا" ۾ اچي وڃن ٿا.

(١٩) لفظ تيرا، راشترا ۽ سترا، ڦيرا کائي هر حالت ۾ معنيٰ ڏيکاري ٿو جاءِ رهائش، پرڳڻو، ملڪ- پر شرط اهو آهي تہ راڄ هڪڙو هجي ۽ ان ۾ ڌرم بہ هڪڙو هجي.

(٢٠) آليورا="آريہ وارهہ" يعني آرين جو شهر.

(٢١) "سمواترا" ۾ سڀ قومون اچي وڃن ٿيون، يعني ٻروچ بہ.

(٢٢) "بلشترا" ۾ سمورو بلوچستان اچي ويو. بلش معنيٰ ٻَل وارو، جو ڦري بلچ، بلوچ ۽ ٻروچ ٿيو. مسلمان حڪومت فارسيءَ جو 'ستان' لفظ ڪم آندو، توڙي جو سنسڪرت ۾ "ستان" ۽ "آستان" لفظ موجود آهن.

هونءَ بہ اصلوڪي پارسي سا ذري گهٽ برابر آهي، اصلوڪي سنسڪرت جي، جا آرين جي اصلوڪي ٻولي چئي وڃي ٿي.

'راجسترا'، 'گنگاترا' يا 'گنگوترا'، 'مهاراشترا'، اصلوڪن آرين جا پرڳڻا آهن. بينگل معنيٰ ٻيڪڙ، "گنگا ۽ برهمپترا" جي وچ وارو ملڪ جنهن کي هاڻي ڪوٺجي ٿو "بينگال". آسام معنيٰ ڳنڍيل ڀاڱو جو بہ آرين جي اثر هيٺ رهيو. 'سام' معنيٰ پرتل يا حوالي ڪيل.

(٢٣) سنسڪرت ۾ 'ند' چئبو آهي طرف کي، جتان نڪتو 'ندان'، معنيٰ- "هُو طرف يا هو مٿو"، "اند" معنيٰ "اندريون پاسو"، ۽ "سند" معنيٰ "سامهون پاسو". سراندي = "سيراندي"، پراندي="پراندي". آريا ڪشمير مان گلگت جي رستي کان آيا. "گلگت" جي معنيٰ "سوڙهو ٻيڙو". هُو جوتش وديا يعني علم نجوم جا قائل هئا. علم جاگرافيءَ موجب، اتر ڏي منهن ڪري پوءِ طرف سڃاتا آهن. اهو ڇو؟ نجومين جي قول موجب انيتاليهن

Gul Hayat Institute

ستارن مان فقط پندرهن ستارا ڏکڻ طرف آهن ۽ ٻيا سڀ اتر طرف آهن. تنهنڪري آريا اتر طرف ڀر ڪندا هئا ته سندن منهن گهڻن ستارن جي سامهون ٿئي. انهيءَ حساب موجب جڏهن هو 'اتر' کان آيا ته 'سڄو' پاسو ٿين سنڌو درياهه جو طرف، يعني اولهه طرف ۽ 'کٻو' هٿ ٿين اوڀر طرف. پر علم نجوم موجب 'سڄو' پاسو اوڀر طرف ٿيو ۽ 'کٻو' پاسو اولهه طرف، جو ته ذرتيءَ جو ڦيرو به 'سڄي' کان 'کٻي' ڏانهن آهي. 'نار' جو ڦيرو به ائين ۽ هرن جو ڏاند به "اندريون ۽ ٻاهريون" چئبو آهي. تنهنڪري اندرين پاسي کي ڪونيائون 'اندر' ۽ سامهين پاسي کي ڪونيائون 'سندر'. گنگا کي ڪونيائون 'اندرا'. اهو به ياد رهي ته 'اندر' راجا به ٿي گذريو آهي. 'اندرسڀا' جو مشهور ناٽڪ به ٿي گذريو آهي. ان 'گنگا' جي ماتريءَ کي ڪونيائون "اندر" ۽ سامهين ندي‌ءَ کي "سند". "اندر" کي ۽ سندس ماترين کي نجومي ترڪيب موجب گڏي ڪونيائون "اندس". قديم يونانين تنهنڪري ڪين نالو ڏنو 'اندو'، جو ڦري ٿيو "هندو". سندس ملڪ کي ڪونيائون "اندیا". تنهنڪري "سند" يعني سامهين پاسي واري ندي ۽ درياهه کي نالو مليو "سندو" يا "سندُو". "سندوءَ" جو ٻيو نالو "مهراڻ" به هو، پر آرين جي اچڻ وقت الائجي ڪٿان وهندو هو، تنهنڪري سند ٿيو "سندو" درياهه وارو ملڪ. ائين به چئي ٿو سگهجي ته "اندسين" ۽ "سندسين" درياهه آهن، ڇا لاءِ ته "سين" درياهه کي به چوندا آهن.

انگريزيءَ ۾ "اندس" معنيٰ 'سندو' درياهه. پر درحقيقت آهي ٻنهي درياهن جي گڏيل ماتري، جا آرين شروع ۾ والاري.

(٢٤) هاڻي 'سمواتري' ملڪ جي ماڻهن کي چئجي "سما"، جنهن ۾ اليڪ ٻيون ذاتيون به ساڳيءَ ٻائيءَ ۾ اچي ويون.

(٢٥) هر سوال ٿو اٿي ته اگر حقيقت ائين آهي، ته پوءِ سنڌ ۾ ڇو هڪ 'ذات' جي فرقي ٻاڻ کي "سمو" ڪونايو؟

جواب آهي ته هي فرق، ٻن فرقن سبب قائم رهيو. جي "سومرا" ڌرمي بزرگ هئا، تن کي پنهنجي مذهب جي هنڌرمي ٿي، پر جي عام ٻائيءَ جي فرقي جا هئا، تن ٻاڻ کي "سما" ڪونايو. اهو به تاريخ مان ثابت آهي ته ٻنهي فرقن جي وچ ۾ هميشه لڙايون لڳنديون رهيون آهن. ڪڏهن "سما" فتحياب پئي ٿيا، ته ڪڏهن "سومرا". اها لڙائي هردؤر ۾ هلندي ٿي رهي. ظاهر ۾ ان جي خاتمي جو ڪو به سبب نظر نٿي آيو، پر جڏهن ٻئي ڌريون "مسلمان" ٿيون، تڏهن "سمن" جي سردارن ٻاڻ کي "سمو" ڪونايو ۽ "سومرن" جي سردارن ٻاڻ کي "سومرو" چوايو. ان طرح سان ذاتي لفظ متجي 'قومي' معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ شروع ٿيو. اهڙيءَ طرح "سما" قوم ۽ "سومرا" قوم جو جڻ وجود پيو.

(٢٦) هاڻي اچون ٿا لفظ 'سمات' جي تحقيق تي. اصل ۾ "سماتر" مان "سمات" لفظ نهيو آهي. مسلمان ٿيڻ بعد، هنن ٻن فرقن جي 'ذات' ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي

مختلف ڀاڱن تي حڪومت ڪري چڪي آهي. ’سهتو‘، ’ڪوروجو‘ (ڪوريجو) ۽ ’ڏاهري‘، ذاتين وارا اصل ۾ راجا ’ڏاهر‘ جا جزا هئا، جن وري انهن ذاتين سان پاڻ کي مشهور رکيو. هو ڀاٽيءَ جا ڀوڄاري ۽ ٻرهمڻ نسل جا هئا. هنن بہ مختلف وقتن تي سرداري ڪئي آهي.

(٢٧) سنسڪرت لفظ ’آونيہ‘، ’ڀونيہ‘، ’رونيہ‘ ۽ ’چونيہ‘ ڏيکارين ٿا تہ قديم راجائن جا لشڪر چئن قسمن جا هئا: (١) ’اونر‘ يا ’اونرا‘، جن مان ٿيو ’انڙ‘. هي لشڪر خاص راجائي ڪئمپ جو لشڪر هوندو هو، جي فقط راجا جي شهر، محلات ۽ جنگ ۾ سندس سر جا پهريدار هوندا هئا. ساڳيو طريقو مسلمان بادشاهن بہ جاري ڪيو، جن کي ’خاصخيلي‘ ڪوٺيائون. ’خاص خيلي‘ يعني: ڪئمپ جا راڪا ماڻهو. ’خاصخيلي‘ ڪا خراب ذات نہ آهي، جيئن اڄڪلهہ سمجهيو تو وڃي. بادشاهہ جي چڙهيءَ جي گهوڙي کي سنڀاليندڙ بہ ’خاصخيلي‘ سڏبا هئا. ان طرح خاصخيلي خاص طرح سان، بادشاهن جا مقرب هوندا هئا ۽ سندن راڄ ڀاڳ ۾ وڏي عزت هوندي هئي. انهن مان ڪيترن تہ وزارت جا عهدا بہ ماڻيا هئا. مير علي مراد خان ٽالپر تہ پنهنجي ’مقرب‘ يعني ”خاصخيليءَ“ کي ”خالصاحب“ جي لقب سان سڏ ڪرائيندو هو؛ (٢) ’ڀونر‘ يا ”ڀنرا“ يا ”ڀنڙ“، ملڪ جي بچاءُ جي لشڪر کي چوندا هئا؛ (٣) ”رونيہ“ جي ’رون‘ ڏيندا هئا، يعني ”جاسوس پوليس“؛ (٤) ”چونيہ“، يعني ”چنا“، جي سرحدن جي خبر رکندا هئا، ۽ سرحد جي نگرانيءَ تي مقرر هوندا هئا. ”چنڙ“ قوم وري پاڻ کي ”چونر“ ۽ ”چنڙ“ ڪوٺائي شايد ”چني“ جو لقب پاڻ ڏي ٿي ڇڪي. پر اُئين نٿو ڀانئجي. ”چنڙيہ“ يا ”چنرا“ اصل ۾ درباري ماڻهو هئا، ۽ شطرنج جا ڄاڻو هئا. ”چنتر“ معنيٰ ”شطرنج“. سنڌيءَ ۾ ’چَنَرَ‘ پڻ هڪ راند آهي، جا ڳوٺن ۾ مشهور آهي.

(٢٨) ڀيو تہ ”انڙ“ قوم پاڻ کي ”سمات“ جي سرداريءَ جو لقب ڏيندي آهي. پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي. اگرچ ”انڙن“ پنهنجا خاص عهدا ماڻيا هئا، پر سمن جون سرداريون حقيقي هيون. ’سما‘ وقت جي راڄ ۽ عام ڀائپيءَ جا ماڻهو آهن پر ڪا خاص قوم نہ آهي. ان طرح ”ڀنڙ“ قوم جا جزا اڄوڪا ڪوهستاني مَلَڪَ آهن، جن جا شهر ٽاڻو بولاخان ۽ ٽاڻو احمد خان آهن. ’اونرا‘ قوم الائجي موجود آهي يا نہ، باقي ايترو سو آهي تہ اهي پاڻ کي راڻوڙ ڀيا چوائين. ”چنا“ قوم سنڌ ۾ چڱي انداز ۾ آهي ۽ انهيءَ قوم بہ سرداري ڪمائي آهي. صدين کان وٺي هت آباد ٿيل قومن جي اولاد در اولاد مان بلوچ، بروهي، مڪراڻي، پٺاڻ ۽ افغان قومون هڪ ڪري ”سمات“ جا جزا ٿي آهن، جيڪڏهن ”سمواترا“ کي خيال ۾ آڻبو تہ. ڇو تہ سندن وڏائي وقت جي راجائن جي زير اثر هئا ۽ قديم راجائي قلعا ۽ رصدگاهہ، جي اهي ماڻهو سنڀاليندا هئا، سي انهيءَ حقيقت جا شاهد ٿي سگهن ٿا.

(٢٩) چوڻي: ”سنڌ سمو، آيي چَنو، ڀَٽي جيسلمير،
چوٿون ڀاءُ چندو چون، جنهن جو ڀيڙ هي، ڀير“.

مٿي ان چوڻيءَ موجب 'سمات' جون مُک راڄداريون اهي آهن ۽ ٻيا ٻارهن "آهيون" يا سندن تعلقدار ڪونجن ٿا. 'چندو' يعني ڪوهستاني قومون، خاص ڪري پٺاڻ.

(٣٠) خليفي هارون الرشيد عباسيءَ جي والد صاحب ڪيترائي سيد ڳولائي مارائي ڇڏيا جو ڪيس ٻه شڪ هئا. هڪ ته اهي حَسَني يا حُسيني نه هئا، باقي نالي ۾ سو شرف سيد هجڻ جو هون. ٻيو ته بغاوت ڪئي هئائون، جنهنڪري لائق سياست جا هئا. امڪان آهي ته عجمي ۽ عراقي سادات، جڏهن مڪران جي رستي سنڌ ۾ اچي پهتا، تڏهن "باب الاسلام" ۾ سندن مرحبا ڪئي ويئي. رڳو شرف وارا سيد آهي آهن. جيڪي تاجي ٻيٺي پَتَ نه آهن، ته به سيد هجڻ جو ڪين شرف ضرور ڏيٺو آهي، جيئن رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حب ۽ تعظيم قائم رهي. اها به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ رهي سيدن پنهنجن شجرن کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو آهي، جو سندن اصل حسب نسب جو پورو پتو نٿو پئجي سگهي. جن وٽ شجرا آهن، تن جي سچائي پڻ تصديق طلب آهي. چو ته ڪيترا سا ڪاٺي چانڊيا ۽ ٻيا مڪراني ماڻهو لاڙ ڏانهن لڏي وڃي، پاڻ کي سيد ڪوٺائي حويليون ٺاهيو ويٺا آهن. شاديون به پات پات جي ذاتين مان ڪيون اٿن، جنهنڪري سَچي جنس جو پتو نٿو پئجي سگهي. اهڙيءَ طرح مان گهڻا تڻا سادات عملن ۽ ڪارنامن ۾ به عوام کان گهٽ نه آهن، ۽ ايستائين، جو پنهنجي ڏاڏي ۽ ناني جي پيروي ۾ فقط روزي لماز جي به ڪن جزوي فردن ۾ شناس ۽ ڄاڻ سڃاڻ آهي، نه ته ٿيو پلو! ان طرح پنجاب ۾ گهڻا ۽ سنڌ ۾ ٿورا. "جمعرات جا سيد" به مشهور آهن. جڏهن ته ايامن کان وٺي سيد سڳورا، سنڌ جا رهاڪو ٿي چڪا آهن ۽ تڏهن ڪين جي "سنڌي" ڪونجي، ته به غلط نه ٿيندو. پر جي ڪو چوي ته "سنڌي سيد" سمات ۾ داخل نه آهن ته پوءِ به سماجي حق ته ڪين ساڳيا 'سمات' وارا ئي حاصل آهن ۽ هئڻ گهرجن. تنهنڪري ڪين سنڌي ڪوٺائڻ ۾ ڪو خيال نه اچڻ گهرجي. باقي 'بلوچ' اصل نسل ۾ سمات نه آهن. لڪو ڪين 'سمات' ۾ ئي شمار ڪيو ويو آهي، توڙي جو صدين کان وٺي، سنڌ ۾ رهيا آهن، ۽ 'سمات' ۾ رلجي مسجي چڪا آهن. ان هوندي به 'بلوچڪار' ۾ ڳڻجن ٿا. ڇالاءِ جو بلوچستان ۽ قلات ۽ ڪوئٽيا، پنجاب ۾ ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان، ويندي سرحد ۽ مڪران تائين پکڙيل آهن. تنهنڪري انهن جي وسيع برادري بلوچڪار تي مشتمل آهي، جن کي 'سمات' ۾ نه آڻي سگهبو، باقي سنڌ ۾ رهواسي بلوچَ 'سنڌي' ته ضرور چئبا.

Gul Hayat Institute

پروفيسر محرم خان

سُمنگ چارڻ

(سنڌ جو هڪ قديم چارڻ)

ويهين صديءَ جي هن سائنسي ۽ تحقيقاتي دؤر ۾، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾، مختلف علمن (خاص طرح علم اللسان ۽ طبقات الارض) جا ماهر، جديد تحقيق جي اصولن تي، جنهن مستند طريقي سان ڇنڊڇاڻ ڪري، قديم قومن ۽ ڪُهنين تهذيبن جا تاريخي ۽ تمدني پهلو اجاگر ڪري چڪا آهن؛ تن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن به قوم جي ثقافتي ۽ ادبي ورثي جي صحيح قدامت ۽ قدر ڪٿڻ البت آسان ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڏس ۾ واديءَ مهراڻ جي تاريخ، تمدن ۽ ادب جي عظمت ۽ قدامت پڻ، اڄ هڪ مڃيل حقيقت جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي.

زبان، جيڪا ادب ۽ ثقافت جو هڪ اهم عنصر آهي، ان جي باري ۾ پڻ بين الاقوامي معيار تي نوان نوان نظريا نروار ٿي چڪا آهن، جن جي آڌار تي ڪنهن به ٻوليءَ جي قدامت ۽ اصليت بابت وڌيڪ صحيح نتيجا قائم ڪري سگهجن ٿا. سنڌي زبان پڻ اهڙين آزمائشن ۽ تجربن سان منهن مقابل ٿي چڪي آهي، ۽ 'جيئن مَهٽ تيئن سُرهي' جي مصداق، ڏيهي توڙي پرڏيهي محقق ان جو مادو ۽ اصل اڃا ڪي اڳرو مڃي رهيا آهن.

اسان جي ادب جي ابتدا ۽ ان جي اوسر جي آکاڻي ته اڃا به اوڙ ٿيندي ٿي وڃي. سنڌ جي جُڳن جڳن جهوني شاعري ۽ ڪسابن جي ڪُهني ڪويتا ديويءَ، هاڻي پنهنجي مشتاقن اڳيان، هريءَ هريءَ حجاب جا نقاب هٽائڻ شروع ڪيا آهن. پنهنجيءَ گنير گت سان ماضيءَ جي مڪان ڏانهن مڙلدي، پنهنجن متوالن کي مام ۽ ميچ سان موهيندي، انهن کي سنڌس اصلي آستان ڏانهن نيئي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي سرويچ سروائن ۽ ساهت جي سوجهيندڙ سڄاڻن، انهيءَ پريءَ پيڪر جا پير کڙيندي، جيڪا وٽکار وڙي آهي ۽ جيڪي ڏونگر ڏوريا آهي، تن کي سچ پچ ته جس جڳائي. انهن سجوجهه سڄڻن، سپون سوجهي منجهائڻ جيڪي ماڻڪ موتي ميڙيا آهن، سي تحسين جي لائق آهن. پر:

"تيهان ڏور سڄڻ، واڏايون وصال جون".

جڏهين اسين هن بحر بيڪنار کي پار ڪريون؛ جڏهين هزارها سالن جي هن قديم ۽ عظيم قوم جي علم ۽ ادب جا اهم اهڃاڻ ۽ قيمتي ڪڙيون ڳولي هٿ ڪري، انهن کي تناسب

Gul Hayat Institute

۽ ترڪيب سان پڇاڙي ملائي، دليا اڳيان پيش ڪريون: ۽ دعوا ۽ دليل سان دم هٽي سگهون ته اسان جو ادبي ورثو ۽ ترڪو مستند طور ڪيترو نه قديم، عظيم ۽ قابل قدر آهي!

ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ هيل تائين قاضي قاضن (متوفي ١٥٥١ع) کي چند جي ماترائن تي دوهان سورٺا، ناهيندڙ سنڌ جو پهريون شاعر مڃيو پئي ويو آهي. پر اڄ، محققن انهيءَ ڪان به گهڻو اڳ جا اهڙا انڪل سورهن سچاڻ سگهڙ سوجهي هٿ ڪيا آهن، جن جي ڪلام جو "مشت از نمونہ خروار" لمونو پڻ غواصن سطح تي آندو آهي، جو سڀ ڳاهن جي صورت ۾ آهي. منجهن معلوم ڪيل ملوڪن مان مکيه هي آهن:

(١) شيخ حماد جمالي، (٢) پير صدرالدين، (٣) درويش نوح هوتياڻي، (٤) پير حسن ڪبير، (٥) پراڙ فقير، (٦) سلطان حسين آهلاڻي عرف پير پٺو ديبلي، (٧) فاضل بکري، (٨) اسحاق لهار، ۽ (٩) ميون علي ننتوي.

انهيءَ سڄيءَ سٽ جا سچاڻ سگهڙ، سڀ سومرن جي صاحبيءَ ڪان پوءِ جا آهن، جن جو ڪلام بطور تبرڪ جي جيئرو رهندو، اچي اسان تائين پهتو آهي. منجهون سُموهيل سچو ادبي سرمايو، سمن جي ٽي دؤر (١٣٥١-١٥٢١ع) جي درمياني عرصي جو عڪس آهي: پر انهيءَ ڪان به اڳي تيرهين-چوڏهين صديءَ جي ڪن پِٽَن ۽ پانن جو پڙاڏو فضا کي گونجائيندو اسان تائين اچي پهتو آهي. انهن پانن مان 'پاڳُو پان' برک آهي، جيڪو (چندر بردائي چارڻ وانگر) سومرن جو درباري پِٽ هو ۽ علاوالدين جي سنڌ تي حملي وقت (١٣١٣ع ۾) به هڪيو حاضر هو.(١) انهيءَ جنگ تي سندس ناهيل 'ڳاهون' اڄ به پِٽ ۽ ميراسي فقير عام جام ڳائيندا وتن. پيو مشهور منگتو وري "سُمنگ چارڻ" آهي، جنهن جون ڳاهون هن مضمون جو مرڪزي مقصد آهن. پر اهي ڳاهون ۽ ڳيچ، ڪيرتون ۽ قول، گفتا ۽ بول، علم وارن جي نظر ۾ شايد ايتريءَ اهميت وارا نه هجن، جو انهن کي ليکي ۾ آڻين. ممڪن آهي ته عروضي شاعريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي، اسان هنن ڳُوڙهين ڳاهن کي پارس پدران پٿر سمجهي، پراڻي ڪباڙخاني ڏانهن اڇليندا پئي آيا آهيون.

اهي ڳاهون جيڪي اڄ ڏينهن تائين پِٽَن ۽ پانن، ميراسين ۽ منگڻهارن جي واتان پڌڻ ۾ اچن ٿيون، شاعريءَ جي اعتبار کان، پوئين دؤر جي دوهڙن کان زياده دلچسپ ۽ مضمون جي خيال کان اهم تاريخي حقيقتن تي شاهد آهن. اهي ڳاهون، انهن چارڻن ۽ جاجڪن جو في البديه ڪلام آهي، جن انهيءَ جُڳ جي عڪاسي ڪندي عام ۽ خاص ماڻهن جي اٿيءَ ويهڻيءَ، سخا، سوڀ ۽ سچائيءَ جو جيڪو خاڪو پيش ڪيو آهي، سو حقيقت ۾ توجه جي لائق آهي. منجهن مانجهين جا مقابلا، ڪونڌرن جي ڪُسڻ جا المناڪ حادثا، سخي ڏاتارن ۽ مهمير

(١) علاوالدين جي سنڌ تي ڪاهه، هڪ غير تاريخي واقعو آهي، پر هت روايت بيان ڪيل آهي. ممڪن آهي ته پاڳو پان، پڌل روايتن تي ڪبت چيا هجن. -غ. م. گ

مـَردن جا مناقبا، اهڙي تہ ڪوڏ ۽ لوڏ سان ڳايائون، جو اهي اڄ بہ امر آهن. سومرن جي ڏؤر جون اهي رنگين ۽ سنگين تنوارون ۽ جهونگارون ئـي آهـن، جـن اسان جـي موجود سدا بهار ۽ عظيم ادبي گلستان کي اوائل ۾ ٻيجي (Nursery) جو ڪم ڏنو آهي. ڳاهن جو سـُرجڻ ۽ انگورجڻ، سومرن جي بلڪل اوائلي زماني يارهين صديءَ ۾ ٿيو آهـي. جنهن جي معنيٰ تہ ڳاهن جي حقيقي حيثيت کي قبول ڪرڻ سان، اسان کي اڄ کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ جي رائج سنڌي شاعريءَ جو نمونو ملي وڃي ٿو.

ڳاهہ، اصل ۾ اپڀرنش (پراڪرت) لفظ 'گاٿا يا گاها' آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي 'ڳائڻ'، (اسم) يعني جيڪي ڳايو وڃي يا جو ڪجهہ سـُر سان چئجي. (Melody, Modulation lyric) گيچ، ڳاچ، گيت ۽ ڳائڻ (هندستانيءَ ۾ گانا، گيت وغيره) ۽ اهڙا ٻيا سڀ لفظ ڳاهہ جا ئي مـَٽيل مهاندا آهن. هندي ادب ۾ بہ معلوم ڪيل شاعريءَ جي آڳاٽي صنف 'گاٿا' ئي مڃي وئي آهي-انهيءَ ڪري هندي ادب جي تاريخ جو اوائلي دؤر بہ 'وير گاٿا ڪال يـا ويـر ڳاها جڳ' جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو.

لـڳ ڀڳ نائين-ڏهين صدي بڪرمي ڌاري هندي ادب جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. 'ويرگاها' (ويررس) جـو پهريون مجموعو، ديش وڃيہ جو ناهيل "ڪمڻ راسو"، (٨٧٠-٨٩٠ع) مرتب داستان جي صورت ۾ اوائلي حيثيت رکي ٿو. بقول ڪرنل جيمس ٽاڊ جي، انهيءَ عرصي ۾ بغداد جي خليفي مامون الرشيد عباسيءَ، چتور جي راجا ڪمڻ راءِ تي حملو ڪيو هو(١). هندي ادب جي پختگي اٽڪل يارهين-ٻارهين صديءَ ڌاري آهي. انهيءَ زماني ۾ 'چندربردائي' نالي هڪ چارڻ، جيڪو (ڀاڳو ڀان وانگر) پرٿوي راج چوهاڻ جو درباري ڀـَٽ هو، تنهن "پرٿويراج راسو" جوڙيو، جنهن جا وير گيت (دودي چنيسر جي رزميہ ڳاهن وانگر) بهادريءَ ۽ حب الوطنيءَ جي جذبات سان آراستہ آهن (٢). عيسوي ٻارهين صديءَ ڌاري راجستان جي راجائي درٻارين

---

(١) هي واقعو تاريخي طور ڪيتريقدر درست آهي، ان لاءِ تاريخون خاموش آهن. -غ، م، گ

(٢) 'چندر بردائي' ۽ سندس 'پرٿويراج راسا'، علمي حلقن ۾ هڪ اختلافي مسئلو بنجي چڪو آهـي. عالمن ۽ محققن جي راءِ آهي تہ اهو ڪتاب جعلي ۽ الحاقي آهي، جو سورهين يا سترهين صديءَ ۾ تاليف ڪري، 'چندربردائيءَ' ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. ناقدن ان ڪتاب جي لساني پهلوءَ سـان گـڏ، ان جي مواد جي تاريخي طور ڇنڊڇاڻ پڻ ڪئي آهي. محققن جو آخري فيصلو اهو بيٺو آهي تہ "پرٿويراج راسا" ۾ ڏهہ سيڪڙو فارسي ۽ عربي لفظ موجود آهن. ان مان صاف ثابت آهي تہ اهڙي ابتدائي زماني ۾ اجمير ۽ دهليءَ جي زبان ۾، عربيءَ ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ آميزش ٿي وڃن، سو ناممڪن آهـي. لسانـي حيثيت سان، اڙدو توڙي هندي زبان جي تاريخ، ان آميزش کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ٻيو تہ ان ڪتاب ۾ شهاب الدين غوريءَ جي ستـَن شڪستن کي جنهن غلط ۽ افسانوي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ان جي ترديد خود هندو محققن بہ ڪئي آهي.

(باقي صفحي ١٢٨ تي)

Gul Hayat Institute

۾ پيٽ ۽ چارڻ جنگ و جدل ۽ بهادرن جي ڪارنامن جي منظرنگاريءَ تي مامور ڪيا ويا. راجستان ۾ اڪثر اهڙيون لڙايون محض جاه و جلال جي نمائش خاطر به لڙيون وينديون هيون. ويررس گيتن ۾ 'همير مهاڪاويه' پڻ قابل ذڪر آهي. 'بيسل راسو' (سنبت ۱۲۱۲) ۾ 'بيسل ديو' جي بهادريءَ سان گڏ، مالوا جي پرمار ڪماريءَ سان سندس پيار جي پچار پڻ ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح تيرهين صدي عيسويءَ کان 'وير رس' (رزميه شعر) ۽ 'سينگار رس' (عشقيه شعر) جو پاڻ ۾ ميلاپ شروع ٿيو. رزم ۽ رومان جي ميل جي اها روايت بدستور جاري رهي، تان جو چوڏهين صديءَ ڌاري نج عشقيه شاعريءَ (سينگار رس) جو دؤر به آيو. 'وير ڳاها جڳ' پوءِ به بڪرمي سنبت ۱۴۵۰ تائين هلندو آيو ۽ همير ديو جي عهد حڪومت جي خاتمي سان گڏ، ڳاهن جو پنج ست صديون پراڻو دور پڻ پورو ٿيو. هندي ڳاها وانگر سنڌي ڳاهن جي شروعات پڻ ڪن ڪردارن جي شخصي ساراهه يا سيڻ ڪرڻ سان ٿي آهي. پوءِ جي ڪن ڳاهن ۾ وري دعائون ۽ تمنائون به ظاهر ڪيل آهن. جيئن شيخ حماد جي هن ڳاهه ۾ جام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين لاءِ دهليءَ جي بند مان نڪري ننگر پهچڻ ۽ جوٽي جام کان تخت وٺڻ جي تمنا ۽ دعا ڪيل آهي:

صلاح الدين تماچي ايندا سيگهه سري،
جوٽا جهڙ جهپيو، پيس ڪوٽ ڪري.

سمي پٺي، انهن ۾ سڪار ۽ امن جي زماني ۾ تفريح طبع خاطر عشق جو اظهار پڻ رسمي طرح ٿيڻ لڳو. جيئن آڏي ڪيهر ۽ هوتل لڳاميءَ جي ڳاهن ۾ آهي.

سمن جي دؤر جا جيڪي به بزرگ شاعر اڄ تائين معلوم ڪيا ويا آهن، تن سڀني گهڻو ڪري ڳاهون ئي چيون آهن، جو ته ڳاهن جي ستاءَ سادي، سوضوع سادو ۽ انهن جو

آنڊل صفحي ۱۲۷ تان

ان طرح 'راسا' ۾ اهڙن جنگي هٿيارن جو بيان موجود آهي، جي سلطان ۽ پرٿويراج کان ڪيئي صديون پوءِ، بابر ۽ آخري مغل بادشاهن جي زماني ۾ پيدا ٿيا. مثلاً توبون، بندوقون، زنبورڪ ۽ ٻيا آتشين اوزار وغيره. ٻيون ته خود بادشاه جو نالو به غلط استعمال ڪيو ويو آهي. شهاب الدين، سندس پراڻي وهيءَ جو نالو آهي. بادشاه ٿيڻ تي پاڻ کي معزالدين محمد بن سام سڏايائين. سندس سرڪاري حڪمن دستاويزن ۽ سڪن تي به معزالدين نالو آيل آهي. ان ڪري اگر 'راسا' جو مصنف، سلطان معزالدين جي معاصرن مان هجي ها ته پوءِ هو 'شهاب الدين' نالو نه آڻي ها! 'راسا' ۾ توپ ۽ بندوق جو ذڪر، ۽ زبان ۾ ڏهه في صدي عربي، فارسي لفظن جي آميزش مان ظاهر آهي ته هي ڪتاب مغل دؤر ۾ لکيو ويو آهي-ڇالاءِ ته مغلن کان اڳ هندستان ۾ توپ ۽ بندوق جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي.

چنانچ مهامهوپاڌيا ڪبيراج شيامل دانجي، ۽ حافظ محمود شيراني، تاريخي بحث ڪري، ثابت ڪري چڪا آهن ته اهو ڪتاب جعلي آهي. ڏسو 'هندي نورتن' ص ۵۲۰ ۽ 'پنجاب ۾ اردو' ص ۱۲۶. اميد ته سنڌي اهل قلم دوست، ان ڪتاب جي حوالن کي استعمال ڪندي ڪجهه خيال ڪندا.
-غ. م. گ

قالب پڻ قدري لچڪيدار ۽ وزندار آهي. سندن مضمون ۾ واقعاتي بيتن وانگر، انهيءَ دؤر واريءَ سنڌ جي حدن اندر ٿيل تاريخي واقعن جي تذڪري تي ٻڌل آهي. اهي ڳاهون ئي آهن، جن ۾ سومرن ۽ سمن واري تاريخي دؤر جا اعتبار ڪرڻ جوڳا ۽ مستند احوال مان ٿا. جن جي مڃڻ لاءِ اسان وٽ معتبر تاريخي حوالا پڻ موجود آهن. مثلا سلطان حسين اهلاڻي (پير پٺي ديبلي) جي هن ڳالهه ۾ ديبل بندر تي سمنڊ جي وير چڙهڻ، انهيءَ سيلاب ۾ ديبل شهر جو غرق ٿيڻ، خلق جو دربدر ٿيڻ ۽ سلامتيءَ خاطر مڪليءَ ۽ ٻين مٿاهين ٽڪرين تي لڙي پڪڙي وڃڻ جو المناڪ تاريخي واقعو بيان ڪيل آهي.

ديبل هاس ڏڪيائجي، آيو آب اپار،
مڪليءَ ماڳ مٿاهينءَ، ٿياسون ڊارو ڊار.

اهڙن اهڃاڻن مان خاطري ٿئي ٿي ته هيئت توڙي موضوع جي اعتبار کان، 'ڳاهه' سنڌ جي سخن گوئيءَ جي بناءُ ۽ بنياد آهي، جنهن جي پيڙهه مٿان پوءِ 'دوهڙي' جي دلڪش عمارت اڏي ويئي آهي. ڳاهه جي ڪهاڻيتي ۽ وهٽ جي جاچڻ مان اها اسان کي اهڙو ئي ٻڌائي ٿو ته بول ڏسڻ ۾ ايندي جهڙو 'دوهو'. ليڪن دوهڙي جي ڀيٽ ۾ ڳاهه جو بنياد 'ڇند وديا' تي وبهاريل نه آهي، پر 'سنگيت وديا' موجب سٽيل آهي. ڳاهون ڇند جي قند سان پابند نه آهن ۽ نڪي ماترائن جي ماپ ۽ ڳاڻيٽي تي ڳنڍيل آهن. ڳاهون ڳائڻ سان آسريون آهن، تنهنڪري انهن جي بيهڪ، سُرَ جي جهل ۽ پار جي آڌار تي ٻڌل آهي. انهيءَ سبب ڳاهون تن جي تنوار، جيءَ جي جهونڪار ۽ اندر جو آهنگ آهن. منجهن دوهڙي واري ڏنڪ ڪانه ٿئي. اها آهي ڳاهه جي اوائلي هيئت ۽ حقيقت، ٻالجتيءَ کان سنڌس شباب ۽ جوانيءَ تائين سرگذشت ۽ حيثيت.

ٻالجتيءَ جي اوائلي اوسٿا کان اڳيرو اچي، ڳاهه جڏهين اٺاهه جوانيءَ جي ديوانيءَ وهيءَ ۾ پير پاتو ۽ جواني ۽ جوڀن جي جوت اندران آڏمو ڪاڏو، تڏهين شباب جي تاب سنڌس اڳوٽا اسلوب ۽ آداب ئي آڏائي ڦٽا ڪيا. اسحاق لُهار جو 'جهرڪ' بنجي پرائي ڇڄ تي ويهڻ، انهيءَ اوائلي آداب جو ليڪو لنگهڻ آهي. وڏن جي ورتل واٽ ۽ هليءَ چليءَ رسم جي برخلاف بغاوت آهي. اسحاق فقير (پنڌ رهڻ ۽ صديءَ) جو اهو نئون موضوع، سنڌ جي کهنه چمار ڪويتا ۾ هڪ اهم انقلاب آهي. ڇند جي اوٽ ۾ پريت (سينگار) جي پالوٽ ۽ پيار جي پڪار آهي. سنڌ ۾ سورٺي ۽ دوهي جي مرجڻ جو ٻه اهوئي سمو آهي. دوهو عشقيه جذبات (پريم رس) جو آئينه دار آهي. ان جي موضوع ۾ مستي ۽ هيئت ۾ چستي آهي ۽ اهائي ڇند جي بندش ۽ موضوع ۾ نراج، دوهي جو امتياز بنجي ويو آهي. انهن ئي ٻن نادر نڪتن ۽ انوکن اصولن ۾ اڄ دوهي جي پوري وصف سمايل آهي. انهيءَ طويل تبصري جي تورتڪ مان پڪ ٿئي ٿي ته استو اسحاق، سنڌ جي مٿين ذڪر ڪيل سورهن ئي سٽارن

Gul Hayat Institute

۾ پهريون شاعر آهي، جنهن نہ فقط عشقيہ شاعريءَ جو آغاز ڪيو آهي، پر دوهي جي فني اصولن کي پڻ فروغ ڏنو آهي. سندس قائم ڪيل انهيءَ معيار ۽ ان جي اصولي ماپي، سانچي ۽ ڍالچي ۾ پوءِ جا استاد شاعر پنهنجا جوهر پلٽيندا پئي آيا آهن. تان جو سنڌ جي سالڪ سيد علي ثنوي (متوفي ١٥٧٣ع) انهيءَ قائم ڪيل قالب اندر پورين ڇئن سٽن جو مڪمل بيت بيهاري ڏيکاريو، جنهن جو موضوع ۽ مضمون پڻ مجازي ۽ حقيقي راز جو آواز آهي. انهيءَ زماني ڏاري ڏهڙي جي ڏاڏيءَ ماتا، ڳاهہ ديويءَ پڻ سٽن صدين جي عمر ۾ هي جهان ڇڏيو.

سمنگ چارڻ جو سمو سندس سهاڳ جو سمو هو، جنهن ۾ قلمي ۽ قولي رس ۽ رنگ ڪيائين. سمنگ جي ڪاويہ رس جو رنگ ئي نرالو آهي. ساراهہ، سيٺ، سورهيائي ۽ ثنا جا سڀ عنوان آندا اٿس، پر مرثيہ ۽ مزاح وارا مضمون پڻ موجود آهن. قافيي ۽ بند جي بيهڪ ۾ بہ برابر محتاط رهيو آهي، تان جو آخر عمر ۾ تہ ڳاهن جي انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪسب ڪماليت جي ڪڙيءَ تي بيٺل نظر اچي ٿو:

”هميران پو راهہ، راڄ نہ ڪندا سومرا.“

سمنگ چارڻ جو نالو، مٿي معلوم ڪيل سورهن ئي سڄاڻ سگهڙن کان اول اچي ٿو. هو قاضي قاضن کان ڪم از ڪم بہ صديون اڳاڻو آهي. سومرن جي صاحبيءَ کان ئي سندس غوغائُ سڄي پيو. هو اصل سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد لڳ 'ڪيرا ڪوٽ' جو رهاڪو هو ۽ 'ڄام لاکي' جي راڄ جو مڱڻهار هو. هو سومرن جي راڄ جو سخت مخالف هو ۽ سما پرستي سندس سرشت ۾ سمايل هئي؛ سڄي عمر سنڌ جي سيرَ ۽ سفر ۾ گذاريائين، جو چارڻن جي اها آبائي ۽ امتيازي عادت هئي. جنهن جي شاهہ صاحب پڻ وضاحت فرمائي آهي تہ:

چارڻ سي ڇڄن، جنهين سڪ ناهہ ڪو،
رمي راهہ پڇن، مٿي ڪُلهن ڪينرا.

سومرن جي پوئين پڳدار، راءِ همير جي ڏينهن ۾، سمنگ چارڻ ملڪ جو گشت ڪندو، سنڌ جي سرويچ سما سپهہ سالارن جي سورهيائيءَ جون ڪيرتون ڳائيندو وڄائيندو، نامور سما ڏاتارن وٽ رس رهاڻيون ڪندو، ڪانئن ڏان ۽ انعام اڳاڙيندو، اچي همير سومري سردار جو سلامي ٿيو. تن ڏينهن اهي چارڻ ۽ ڀان، ايلچين جهڙو مانُ ۽ منصب ماڻيندا هئا. سمنگ جي سماپرستي تہ اڳيئي ملڪ ۾ مشهور هئي. ڇو: 'لاکي لک لٽائيا ۽ ڪرن بخشي ڪروڙ'. حق ساک جو اهو اعلان، سخي سردارن جي شان ۾، سندس زبان جادو بيان مان علي‌الاعلان گونجدو رهندو هو. سومرا سردار تہوڙي برسر اقتدار هئا ۽ سندس راڄ ۾ سماڄام فقط سکيا ستابا عوام هئا، تہ بہ هيءُ چارڻ سومرن جي حريف، سما سردارن جي سخا جا گُڻ ڳائيندو ۽ سندن سورهيائيءَ جي ثناخواني ڪندو رهندو هو.

همير وٽ سندس اهڙيءَ هاڪ جي ڏاڪ اڳيئي پهتل هئي. وبتر جو سمنگ جو سات شاهي طمطراق سان اچي لٿو، تنهن هيڪاري همير تي هيبت ويهاري ۽ سندس ست مُنجهائي

وڏي. خچر، گهوڙا ۽ مال متاع جيڪو ڏن ۾ مليو هوس ۽ ٻيا ڪيترا ٻانها، ٻالڪا، چيلا ۽ چاڪر پڻ چارڻ سان همرڪاب هئا. همير کي اتي ئي ڪنهن ڏاهي ڏاتـهـي ڏني ته 'مڃاڻ هن منگتي وٽ ڪو ڪيميا جو راز آهي، جو فقيريءَ جي نالي ۾ لڪايو، اميرن کان ٻه اڳرو ٿيو پيو گهمي...... فقير کان اها ڪلا ڪنهن به حيلي هٿ ڪجي!' حقيقت ۾ ٻارٽ ڪيمياگر نه هو، پر هڪ پهتل فقير هو، جنهن جي ڀاري ۽ فال جي مقال ٻـ ملڪ ۾ مـوچاري هلندڙ هئي. پر سومرن ساڙ وچان سمنگ کي ساعت به نه سٺو. ٽڪر ڻاٻي جي تـه ڪنهن ڪوڙي آڇ به ڪانه ڪئي، هٿئون راتو واهـه سندس وهٽ والا ڪاهي ٿيا روالـا. سردار ڀوريءَ راءِ سومري ئي هيءَ سوپ ڪئي هئي. سمنگ صبح جو ڏسي ته سڄ، ڪاريءَ وارا ڪڪ. مٺيون ٻيڙي ٻيڳو بادشاه وٽ دانهين، جنهن دانهن سٺي داد ڪيو ته "هٿوس ڪاڻ ۾ ته پاڻهي ڪلا پڌري ٿئيس، جڏهين منهنجي مهما سمن کان به سرس ڳائي، تڏهن ٽُرم کان ٻاهر ڪڍجوس." منگتو مسڪين، هـن اوچتي آئيءَ ۾ اچي ويو. پنهنجي جـان ڇڏائڻ لاءِ گهڻيون ئي وينتيون ڪيائين، منهن متو پـتيائين، پر اڳيان ٻـ همير هو. نيٺ ڪي چڱا سڪر وچ ۾ پيا، جـن همير کي ٿڌيون مٺيون سڻائـي، هن بيڏوهيءَ کـي بند مـان ڪڍايو. بند مـان بيدخل ٿيندي ئي، هن ستايل جي سڙيل دل مان آه غريبان جو آلـوڻ، جيئون ڪـري پـڙڪي نڪتو ۽ اتي ئي ڪـَنَ تي هٿ رکي، نهايت بيدپـانـيءَ مان المناڪ آواز ۾ ڳاهه ڳايائين. چي:

همير کان پيئي، سومرن کان ويئي،
همير کان پوءِ، راڄ نه ماڻن سومرا!

هيءُ ڦهري ڪانءُ غضب جي زبان مان، وڃ وانـگر واڪو ڪري وَهي ويـو. سمنگ جو سراپ هنڌين ماڳين هـلي ويو. ماڻهن ۾ اڳيئي ميڃتا هئي، ته فقير جي وائي ڏٺيءَ در اڳهاڻل آهي، تن فقير جي هن پاراتي کي سومرن جي پڇاڙيءَ لاءِ اٽر اڳڪتي ڪري قبوليو، ۽ انهن جي آڏوڏائي جي انت جو انتظار ڪرڻ لـڳا. فقير پنهنجي مال متاع تان آسرو پلي، پنهنجي ٻيلين ساڻ جهنگ منهن ڪري نڪري پيو، ۽ سومرن جي سينه زوريءَ جا سور هرڳوٺ ڳليءَ ۾ ڳائيندو رهيو. الهن جـي انياءَ ۽ ارڏائيءَ جا اوڳڻ عوام اڳيان اپٽاري، انهن کي آپاريندو آيو. ڪٿ نـڪٿ نهاريندي، انهن کي آگاهه ڪيائين تـه سومرن جي صاحبيءَ جو ويلو وهامي رهيو آهي.

سٽينءَ هو سوجهرو، آنينءَ ٿي اونداهه،
هميرائي ٻـاهه، وسـائـي ورهين کـي.

مٿئين ڳاهه ۾ فقير، سٽين سن کي ڳائيندي وضاحت ڪئي آهي ته، "بيشڪ پـولـگر راءِ اول جي واري ۾ سومرن جي راڄ جـو روشن زمانو هو، پر اٺين صديءَ (هجريءَ، جنهن ۾ تاريخي حوالن مطابق سنڌن صاحبيءَ جي سج ٿيي ڏني آهي)، هاڻي انـڌاريءَ رات جـو روپ

Gul Hayat Institute

وڃي ٿي. همير جي حڪومت هاڻي هميشه لاءِ پنهنجو تاب ڇڏي چڪي آهي ۽ سنڌس پوين مان ڪو به پڳدار ڪونه ٿيندو."

فقير جي ميڄتا ۽ مقبوليت جو اهو عالم هو، جو سنڌس وات مان نڪتل ويڻ، سومرن جي سهائي سج مٿان ڪاري ڪڪر وانگر ڇانئجي ويا ۽ ان کي ابد تائين اونداهو ڪري ڇڏيائون. پبلڪ ۽ پرجا کي اهو ويساهه ڏياريائون ته هاڻي هميراڻي حرص جو ڏيو، هميشه لاءِ گُل ٿيڻ وارو آهي. پڳدار سومرن جي سلسلي ۾ 'ستاويهين پڳ' دودو هو، جنهن جي راڄ ۾ ته ڪجهه سهاڳ هو، پر سنڌس پوٽو همير پويون جو اٺيهين پيڙهي هو، تنهن جي گادي نشين ٿينديئي، راوڻ جي راڄ مٿان اهڙو ڪو نحس ڪرڻ اچي ويٺو، جو سنڌن سهاڳ جو ستارو، آهستي آهستي ٽمڪندو آخر غائب ٿي ويو. سمنگ سنڌن پيڙهين ۽ پڳڙين کي پهندي ۽ پچاريندي پڪاريو ته:

ستاويهين سهاڳ هو، ڪئي اٺيهين اوڌاهه،
هميراڻي باهه، ٻري نه ٻري جهڙي.

هن فقير ڳهير جي ڳُوڙهين ڳاهن جي ڳُڙڳُوپ مان، هڪ ڳجهي ڳالهه به ڳولي سگهجي ٿي. مٿيان انگ اکر (ستين، اٺين، ستاويهين ۽ اٺيهين وغيره) سڀ حڪومت جي هيبت ۽ هراس ڪان، استعاري ۾ ويڙهيل معمائون آهن. سمنگ جي ڪلام جو ڪمال اهو ڇٽيو جو سنڌس سخن جي سوز، سومرن خلاف ملڪ ۾ اهڙي ته بغاوت جي باهه ڀڙڪائي، جو هميراڻي حڪومت ان جي لپيٽ چپيٽ ڪان بچي نه سگهي. حقيقت ۾ همير خود ڪُڪرِ ۾ ڪڙو هٿي، ان جا ڏينهو ساري ڏيهه ۾ پکيڙي وڌا. 'شامت اعمال او، صورت سومنگ گرفت.' هاڻي ته هيءَ مست به اچي مچريو. سومرا حڪومت ڪان نجات حاصل ڪرڻ، هاڻي سمنگ، جي باقي حياتيءَ جو نصب العين بڻجي چڪو هو، ۽ انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ هن پاڻ کي سڄو سڄ وقف ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي سياست ۾ سمنگ جيڪو پارٽ ادا ڪيو آهي، انهيءَ جي مدنظر سنڌس مرتبو ۽ منصب، اسلامي تاريخ جي هيرو ۽ جڳ مشهور خطيب ابومسلم خراسانيءَ جي مد مقابل آهي. جهڙيءَ طرح عباسي خلافت جي هن انقلابي داعيءَ ۽ گفتار جي غازيءَ پنهنجي زور زبان ۽ جادو بيان سان، دمشق جي جابر ۽ جلاد اُموي امراءَ جو انت آندو، ۽ عباسي اقتدار جو علَمُ بغداد مٿان بلند ڪيو، تيئن سمنگ پڻ سنڌ ۾ سومرن جي سلطنت جو انت آندو ۽ سمن جي سياسي سهاڳ جو سنڌ تي جهنڊو جهولايو.

سومرا سلطنت جي زوال واري زماني ۾ بادشاهي گهراڻي مان تڏي جا خان، جي مهمان کي مانُ ڏيندا هئا، پنهنجو وارو وڄائي ويا هئا. سنڌن پوين مان اهو اباڻو انگ ۽ ننگ نڪري چڪو هو، سي هاڻي پنهنجي ماڳن تي جهڙڪ ويلي جڏهن باهه ٻاريندا هئا، ته مٿان انهيءَ جي اولڙي تي ڪو واٽهڙو لڙي اچي يا ڪُمٺهيلو ڪو مهمان اچي ڪڙڪي، جنهن کي

لولو ڪارائتو پوي. چي: ”رڳو مانيءَ جو ناتو ٽري، پوءِ ٻاهه ٻل ته لاتون ڪريو ٻئي ٻري!“ سمنگ جي سر تان خود اهڙي ويل وهامي چڪي هئي، سو سومرن جي انهيءَ اوڳڻ ڪيي آپٽاريندي، هجويہ انداز ۾ سومرن تي سِٺَ جوڙيائين ته:

سچو ڦسيي پيا سومرا، اڌ ڦسيي ٻيو لوڪ،
جهڻي ٻارن جهوڪ، نہ تہ ليڙيبائي لاتون ڪري.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٺي اول هيءَ ڳاله ڳولي نروار ڪئي آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ صاحب موصوف ٻئي هڪ بيت جو بہ ذڪر ڪيو آهي ته ”حاڪم همير سومري جي ڏينهن ۾...... هڪ چارڻ جا ڪي گهوڙا...... ڊوريءَ راءِ سومري جي سازش سان چورائجي ويا.“ انهيءَ تي هن چارڻ ٻِتَ طوز هي بيت چيو ته:

ڊري ڊوريءَ راءُ، جنهين ”چارڻ“ سان ڪاهُہ،
ٻتڻ ٻتي جو ٿيو، سيچ وتايو ساهُہ،
همـيرا پـو راهُہ، راج نہ ڪندا سومرا.

مٿين بيت جو زمانو ۱۳۵۲-۱۳۶۵ع قرار ڏنو اٿن.

هن پوئين ڳاله جي پرتال مان پڪ ٿئي ٿي تہ ڳاهن جي انهيءَ سلسلي جي هيءَ هڪ انتهائي مڪمل ڪڙي آهي، جا سمنگ جي ڪسب ڪمال ۽ پڪيءَ جمار جو جڙ هڪ پڪل ۽ رسيل ڦل آهي. هن جون پهريون ٻہ سٽون تہ ٻاڻ ۾ ملي دوهڙي جو روپ ڌارين ٿيون، جن ٻنهي جو قافيو آخر ۾ اچي ٿو. ٻر وري ٽين سٽ ٻہ اڌڪ وراڻيءَ سان آهي، جنهنجو قافيو ٻہ وچ تي بيٺل آهي، سا تہ سورٺي جون سڪون تي لاهي. خدا ڄاڻو پلائي تہ هن ڳاله ۾ ”چارڻ“ لفظ سمنگ جي تخلص طور آيو آهي. انهيءَ مضمون واريون ڪيتريون ڳاهون، جيڪي سڄيءَ سنڌ جي سگهڙن وٽ هلندڙ آهن، سمنگ جي سورن جوڻي داستان آهن.

آخرڪار سمنگ جو سڀ سٺائو ٿيو. سنڌس سعيا نيت صاب پيا ۽ ’ڪجهہ دعا ڪجهہ ڏڪ‘ واري ڳالهہ، پنهنجي سٺيل ست ۾ سوپارو ٿيو. هاڻي وڏن ساٿون ۾ بہ اچي وڳوڙ پيا ۽ راجائي ڪنواڻي ۾ بہ رڳڙا ۽ ڦڏا پيدا ٿي پيا. مٺي مومل جو معاملو بہ ان موقعي جو مسئلو بڻجڻو هو. جيئن تہ راڻي مينڌري جو بادشاه پيڙيو هو تہ سوڍو وري سگهہ ۾ سنڌس ساٿو ۽ وڏو وزير هو، تن ۾ ڦيٿهڙو پئجي ويو. جنهنڪري سوڍا (جيڪي سنڌن صاحبي جي سڄي ٻانهن هئا سي) ۽ سومرا ٻاڻ ۾ ٻاسيرا ٿي پيا. ٻئي طرف وري راءِ همير ۽ هالو جام جيڪي هڪٻئي جا سڳا سيڻ هئا، سي بہ سگهن ٻندن تان اهڙا اچي ٻاهڙيا، جو هيڪاري هنگامو مچي ويو. ڳالهہ ايتري اچي پهتي، جو جام هالي جا پٽ—جام هوٿي، ٻلي ۽ علي—ٻڙ تي نڪري نروار ٿيا ۽ ميدان ملهائي سوچارا ٿيا. انهيءَ موقعي جي هن ڳاله ۾، ٻليءَ جام ڪي غيرت ڏياريل آهي تہ:

پلـي پـاڻـي نـــ پيءُ، علي ان" نہ کـاءُ،
هميراڻي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نہ ڪياءَ.

هالي چام جو ڪونڌر ڪنئونر، ڪٽڪ جو ڪوپو، 'هوتي چام' بہ وڏو ويرو ريام هو. هن جهولجهار جي جنگ جو بہ جهرجهنگ غوغائو هلندڙ هو. هـن پاونگ جـي پچار ڪندي سمنگ سندس سورهيائيءَ جي ساک پري آهي تہ:

وڻين جهليو نـہ رهي، هـوتـي سندو گهاءُ،
ڪولہ پرائيندو پاءُ، تنهن سان وجهي مامرو.

بيشڪ چام هوتي بہ ڏهيسر هو. هيءُ راوت رڪ وهنديءَ راند جو ميڙهي ۽ سانجهي هو، پر: (هن)

ڪڳمار ڪـلندي جهليا، نَوَ سؤ ۽ نَوَ گهـاءُ،
پـلـي بہ پلٽيو پـڙ ۾، پـيـڙو هـوتـي پاءُ.

سمن نيٺ رڻ ڪـي رت سان رڱـي لال ڪنوار بنائي ڇڏيو. آخر هوتي کهوٽ ڇڳير، انهيءَ رتڙي رڻ ڪي، موڙ ٻڌي ماڻيو. سندس ماتم جو هيءُ مرثيو ملڪان ملڪ مشهور ٿيو تہ:

هـوتيءَ سنديءَ ڦٽيءَ ڪـي، هـو ڪيو گيور گـل،
سپ سـرن سومرا، تو ڪونهي ڦٽيءَ مُـل" (مـُـلهہ).

ڦٽيءَ جو ملهہ بيشڪ مهانگو نڪتو. اهڙن افعالن هاٿي حاڪم بہ سچي ڏيهہ ۾ ڏنو تي ويو. سوديا ۽ سما بہ سندس سات ڇڏي پري ٿيا. سمن جا حڪومت سان نزاع ويا وڌندا. چام ۽ عوام بہ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويـا. نيٺ سمن جـي ساري سرس تـي ۽ سنڌ جي صاحبي سندن حوالي ٿي.

سمنگ پنهنجي مشن ۾ سوڀارو ٿيو. سمن جو راڄ پنهنجي اکين سان ڏٺائين ۽ سمانگر جي رهاڻ جو "رَتَنُ" بڻيو. پر وڏي چمار ڪري ڪو عارضو اچي ٽيس، سو چام جي سلام تي وڃڻ کان معذور هو. چون ٿا تہ سندس عمر ان وقت سوا صديءَ کان بہ سرس هئي. ڏينهن-وار تي بادشاهہ ڏانهنس ڏولي ڏياري موڪليندو هو، ان جي سَندَ لطيف وٽان ملي آهي:

چارڻ چاڙهي چوڏول ۾، تهان پوءِ ليو،
اچـي رات ڪئو، سـرفـراز سيد چـئـي.

(سرود پرڀاتي)

ڪمار ۽ چوبدار چوڏول ڪڻائي، اچي سندس جهوپڙيءَ اڳيان جهمندا هئا ۽ سمنگ کي سمي چام جو سنهيو سڻائيندا هئا تہ:

آءُ متاهون منگڻا، چڙهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راجا منجهہ رتول.

(شاهہ)

Gul Hayat Institute

فقط اهڙي موقعي تي جهونو پاڻ ڪٿائي وڃي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيندو هو، نہ تہ ٻارهوئي گهر وسايو ويٺو هوندو هو. سما ڄام ڪيس گهر ويٺي ئي وظيفا ۽ ڏان ڏياري موڪليندا هئا. سمنگ جيتوڻيڪ پيريءَ ۾ پاڙاي وسايو ويٺو هوندو هو، پر سندس ڳاهن ڪي پڪيءَ وارا پرَ پيدا ئي انهيءَ عرصي اندر ٿيا. ساري ڄمار ڄا سمن جي ثناخواني ڪئي هئائين، تنهن هيئنئر ڦٽي ڦر ڏنو. سندس سرپرست سخي سما ڄام، دريا دل داتا هئا، جي مسڪين پروري ۽ ڪرم نوازيءَ جي لنگ ڪان گهٽو ناليرا آهن. سمنگ سندن انهيءَ انسان دوستيءَ، هردلعزيزيءَ ۽ غريب نوازيءَ جي گن ڪي، سندن شاهاڻي شان جي شايان ڳايو وڄايو آهي. سنڌ جي سڄيءَ سمات برادريءَ مان "ست سورهيہ ۽ ڏهہ ڏاتار" ڳڻي ڳايا اٿس. مدحيہ مضمون واريون اهڙيون ڳاهون، سنڌ جي سگهڙن ۾ اڄ بہ عام آهن:

کيشب گهر سورهہ هو، واسنگ گهر تاڪو،
اوڍي گهر ڄڪرو، ۽ ڦول گهر لاکو.

اهڙيءَ طرح، (۱) سخي سپڙ ڄام چوٽائي، (۲) راءِ ويري جو پٽ راءِ ڏياچ چاوڙو، (۳) ڄڪرو اوڍئي، (۴) اوڍو ڄڪرائي، (۵) لاکو ڦلاڻي، (۶) ڄام ڪرن، (۷) ڄام هٽند ٽڌيائي، (۸) جسوڌڻ اڳڙو، (۹) وڪيو ڏاتار جاڙيجو ۽ (۱۰) سخي ساهڙ ڄام رونجهو: اهي 'ڏهہ' ئي هن ڏيهہ جا ڏاتار، سنڌ جا سينگار، سمنگ جي ساهہ ۽ ساز جو آواز آهن. انهن کان علاوه ٻيا 'ست' سرفروش سورما سما: (۱) ڄام انڙ وير، (۲) ابڙو اڙٻنگ، (۳) ڀونئرو پاونگ، (۴) بانڪو ٻداماڻي، (۵) ڪارائڙو ڪوندر، (۶) هوٿي وريام ۽ (۷) لاکو ڦلاڻي - جن ڪلندي ڪڏلدي ڪنڌ ڪپايا، انهن جا پار ڪيڏي ڪين تروار ڪيائين. (ڇي: پينگهي پائي لوڏ، سر سمي ڄام جو) اهڙن اوسارن مان هوٿي ڄام جو ماتام مٿي مذڪور آهي.

اهڙن چتر زبان چارڻن ۾، پوئين دؤر جو "جمن چارڻ" مدح گو شاعرن جو سر موڙ ٿي گذريو آهي. پر اصل چارڻ جي چئجن، تن ۾ ٻيجل پڄاڻا 'سمنگ' چارڻ ئي هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن کي وڏي تاريخي اهميت حاصل آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سندس نالو، اهڙن ئي اهم واقعات جي يادگار طور ئي قائم رهندو اچي، جنهن جو مثال مٿي اچي چڪو آهي. سنڌي ادب ۽ ان جي تاريخ ۾ پڻ سمنگ جي شخصيت نمايان آهي. سنڌ جا سچاڻ بہ سندس سوانح جي مختلف موقعن جي مقال ڪندا، سندس نالو جيئرو رکندا پئي آيا آهن ۽ الهن موقعن جي نسبت واريون ڳاهون، سنڌ جي سگهڙن وٽ اڄ بہ عام آهن. اهڙن عجيب واقعن مان ٻئي بہ هڪڙي مشهور واقعي جو مثال مختصر طرح هيٺ ڏجي ٿو. هيءُ واقعو سندس جوانيءَ جي سئر سفر واري سمي سان وابستہ آهي. جنهن موجب سمنگ چارڻ، لاکي ڦلاڻيءَ ڄام سان هوڏ هڻي، وڪيي ڏاتار جي سخا آزمائڻ لاءِ، ڪيس انمدائتن پيرن جي انوکي سٽن اچي هڻي. جي ائين آهي تہ ڄام لاکي ڦلاڻيءَ جو ڪردار اتي آنيراءِ کان اتاهون نٿو رهي. ڪن

ڄڪن جو ڇوڙ آهي ته اصل ۾ اهو اڙانگو سوال، سمنگ خود لاکي ڄام وٽ ئي وڃي وڌو هو. چي: ”ڄام لاکا، منهنجي گهر اميدواري آهي. چارڻيءَ کي ٻيڻن جي ڇاهت ٿي آهي، انهيءَ لاءِ تنهنجي جود ۽ سخا جي هاڪ ٻڌي، ٻيڻن جي لپ واسطي اچي تنهنجو در جهليو اٿم. هاڻي منهنجي مشڪل آسان ڪر!“ لاکو ڄام اهڙي عجيب صدا ٻڌي حيران ٿي ويو. ويتر چارڻ ڇوڙ لکيس ته ”وڪيو ڄام ٻه ڏاتار آهي ۽ هو سواليءَ جي سڌن سڌي، سر سوڌي ٻه سخا ڪري ڇاڻي ٿو. پر آءٌ ته تو وٽ ئي آس رکي آيو آهيان، جي تو کان نه پڄي ته وڃان ڦوڪي ڄام وٽ.“ ايترو ٻڌنديئي لاکو تپي باهه ٿي ويو. چي: ”هيئر جو هيئر منهنجي ملڪ مان نڪر، سڌو ڦوڪي وٽ وڃ. اڻن پهرن اندر يا ته ڦوڪي جي ملڪ مان ٻيرون اچي پهچاءِ، يا ته سندس سر آڻي ڏي. نه ته تنهنجي ۽ تنهنجي چارڻيءَ جي سر جو خير ناهي.“ انهن ڳالهه مان ڦري ڳالهوڙو ٿي پيو. ٻيرون ته ٻيڻن جي ماڳ، مورڳو ئي جهڳي کي رولو! سمنگ اتان ئي، ٻيجل وانگر ڪينرو ڪلهي ڪري، رمندو رهيو.

سنڌ جي سپوجهن اهڙن احوالن کي ٻيا سانيڍي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀن جي صاحبيءَ ۾، ڪراچيءَ واري ڪوهستان جي ڪنهن شاعر، حاجي موسي ”حاجيءَ“، انهي واقعي جي تاريخي ۽ ادبي اهميت محسوس ڪندي، ان جي ياد قائم رکڻ لاءِ سربستي ڳالهه اول کان آخر تائين ويهي منظوم ڪري، محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. چوي ٿو:

هو ڪامل رهنڊ ڪچ جو، هيءُ سنڌ و سالار،
هو سخي سخاوت اڳرو، اوچو تنهن اوتار،
لاکي ڄام لوڪ مان، سڻو سارو سماچار،
سو ورنهه پهو وماس ۾، وڏي ساڻ ويچار،
ڪنهن ڏينهن ڪهي آيو، تن مانجهي مٿيادار،
سو سائل ان سنباهيو، پڇُس انهيءَ جي پار،
ته وهاو وڃ تون ڦوڪي ڏي، جو تو ڏان ڏئي ڏاتار،
ٻيرون ٻني آءُ تون، مگج منو مگڻهار،
تحقيق وڃي تڪرار، تون ٻڌ انهي آءُ سمنگا!

مثال ٻيو:

ٻوءِ وسايو وٽان ڏي، ميجان ويو هلي،
تنهن منهن آئي ماڪي، جهونجهارا هيءَ جهلي،
ٻيرون تنهن جي ٻور ۾، ٻيا پڪا آار تلي،
تنهن ڏاڻ ڏنو ڏاتار هو، ”حاجي“ چوي هلي،
راحم رب ڦوڪي جي، سائين ڪي سولي،

لٿس گوندر گهٽ تان، ٻي ٻلي ڪِس ٻلي،
هن ٻاٽ پروڙيو ڪين ڪي، آڳاتو اصلي،
ڏات وٺي سو ڏيس تي، چوڪس ويو چلي،
تنهن ثابت سُڌ سلي، وجي لاڪي اڳيان لال جي.

آخري بيت:

تڏهن سٽي سو سرهو ٿيو، وڏيرو وريام،
سڪو تنهن مانجهيءَ ڏي، پُرس لکي پيغام،
ته سخي تون سخاوت اڳرو، آهي نر تنهنجو نام،
توسان راضي رب ڌڻي، ٻيو ميرمحمد ڄام،
هاٿي مرسل سر مدام، ڪلمو ڪهو قلوب سان.

اهڙيءَ طرح انگريزن جي اوائلي دور (١٨٧٠ع) ۾، ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي ٻه آخوند عبدالرحيم عباسي (ٺٽي ضلعي) کان ساڳيو "قصو وڪيي ڏاتار جو" ڇپائڻ خاطر لکائي هٿ ڪيو هو. خانبهادر حاجي محمد صديق ميمڻ ٻه سنڌس تاريخ ۾ انهيءَ ساڳئي وڪيي ڏاتار جي پچار ڪئي آهي. تازو مهراج منگهارام اوجها (ننگرپارڪر) ٻه ساڳي آکاڻي لکي آهي، جنهن ۾ اهي ڳاهون ٻه اچي وڃن ٿيون، جيڪي سمنگ سَئن هٿڻ وقت ڏهن ڏاتارن جي شان ۾ ڳايون هيون. انهن مان ڪي ڳاهون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون، ته پارکن جي ڪسوٽيءَ جي مهميز مائين ۽ سمنگ جي سخن سنجيءَ جو ٻه سماءُ پوي.

سمنگ، وڪيي ڏاتار وٽ پهچي ڏسي ته هو سنڌس گهيٽي جي ٽنگ کي پٽيون پيو ٻڌي: اتي وڪيي ڄام کي چانڪَ هٽي چيائين ته:

ڦلاٽي لاڪي وٽ، مون وڏو ڪيو ٿي وات،
گهيٽَن پٽيون جو ٻڌي، سو ڏيندو کهڙي ڏاتِ.

وڪيي ڏاتار وراڻيو ته "اي جاجَڪ، اسين ڇيٽين ۽ لنهن سان چونبڙي ميڙي ڏن ڪنو ڪندا آهيون، ۽ جڏهن ڏان ڏيندا آهيون ته اهو ساڳيو ڏن جهول ڀري لٽيندا آهيون. تون پنهنجي گهَر پڌري ڪر ته پتو پوي." چارڻ چيو ته "سائين پيرُن لپ خاطر پنڌ ڪيو اٿم، گهر ۾ اميدواري اٿم ۽" (هوءَ)

انّ ڪي اوڏي نه ٿي، پڪو ماس نه ڪاءِ،
چارڻي چترائي سان، پيرون ويني پڇاءِ.

ڏاتار ڏي ڏيئي چيس ته "اي ڀاٽ، پيرون ٻه اجهي ته پَڪا. پرديسيان پنڌ ڪري آيو آهين، ڪا ساعت مون وٽ ويهي مال ملندا ڪاءِ، جيسين نئين وٽ لهي." چي سائين:

وٽ اچي تيسين ويهان، تنهن کي لڳي دير،
جيءُ چارڻيءَ جو وڃي، سو واري ڏيندو ڪير؟

چارڻ چوي تہ چڙهئي گهوڙي گهـُر پوري ڪري پوئتي وران. پيرُن جي نہ منڊ، نہ وٽ، نہ ماڪ! پيرون اڇن ڪٿان؟ سچ چيو اٿن تہ ’انڌو مڱڻهار، اڏنيءَ ڪري آر.‘ ترئيءَ تي بهشت پيو طلبي. وڪيي ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ ماڻڪ موتي آڇيا. پر چارڻ چوي تہ ”پيرون ڏي، نہ تہ سر ڏي!“ نيٺ سمي ڄام سنڌس سڄڻن سان صلاح ڪئي، جن سياڻپ ڀري صلاح ڏنيس تہ سون جا نقلي پيرون ڏيئي، هن جڻن ڪان جند ڇڏاءِ. وڪيي ڄام پوءِ سون جا پيرون گهڙائي، انهن مٿان ماڪيءَ سند جي چاش چاڙهي، ڦاندو ڀري هن ڏي ڏياري موڪليو. وسائي سنڌس اکيان مٿ رکي، اجا ڀڪ لاٿو تہ هيچي چارڻ امالڪ هڪ داڻو ڪٽي ڏاڻ هيٺ ڏنو. هيءَ ميوات نہ هئي، پر سخت ذات هئي. چارڻ جهڙي چپ ڏني، تهڙي چيڪ نڪري ويس. چي:

وڪيي جـا ڏات ڪئي، تنهن سـان ڏنـد جهـُرن،
چـارڻ پيرُون او مڱي، جي چـاريـن منجهہ پـَچن.

”گگر گگر پنبا اڙيا“. پوت ڇڏي، جن“ ڇڏي، پر جاجڪ نہ ڇڏي. ايا ڳي چارڻ، ڏاتار ڪي اڙانـڳيءَ آزمائش ۾ اڇي وڌو. وڪيو ڏاڍو اچي ششدر ٿيو. چي ”سر بہ ڪٽي ڏيـان، تہ بہ اصلي گهـُر تہ پوري ڪانہ ٿي. جي هن سائل جي معمولي سٽن بہ نٿو اونائي سگهان، تہ هيءُ ڀانيڊي وڃي ڀنڊ ورو ڏينڊو ۽ اڳ ڏاتارن ۾ ڏنو ٿيندس.“ انهيءَ اداسيءَ جي عالم ۾ جڳ جي ڀڪڻهار ڪي پنهنجيءَ اڄ ڀڪڻ لاءِ ليلايائين. تنهن تي:

ميهن ڇـُٽي هئي ماڻڪي، وٺي ستين سمنڊين پار،
پائي آندا ها ڀـور ۾ ڪـَچـا پـڪـا تـار.

اتي وڪيي، ڏاتارن جي ڏاتار اڳيان مٿو ٽيڪي، ڀلي جا ڀـال مڃيا. ڀنار ڪـي پيرون ڏيندي اولانيو آڪيائين تہ ”اڙي سمنگيا ڪوڙهيا، ڏاتارن ڪان اهـڙا اٿمندائتا ڏان ڪـهـرڻ ڪهن؟“ ڏاتار جو ڏک ڀريو ڏوراپو، چارڻ ڪي چقمق وانـڳي ڇهتي ويو. چون ٿا تہ چارڻ جي نراڙ تي سچ پچ ’ڪوڙهہ‘ جو اڇو ٽـڪو پيدا ٿي پيو، جو پيريءَ تائين نـہ لٿس. سنڌس اولاد وارا اڄ تائين ”ٽـڪڙيا چارڻ“ چوائين ٿا.

ڄام ڪرن سمو: ان سلسلي ۾، ٽيون واقعو ’چارڻ‘ جو، چشم ديد بيان ڪيو وڃي ٿو. اها روايت، اڄ تائين هلندي اچي، ملڪان ملڪ مشهور آهي.

ڳالهہ ڪرڻ وارا هن پر ٿا ڪـهـن تہ سمون ڄام ڪرن، پنهنجي ٻارهن ـ ساهي جشن ۾ ڪروڙن جا ڪروڙ رپيا ڦلن وانـگر ڇٽيندو هو. اڙيات، محتاج ۽ مفلس ايترا تہ اچي سهڙندا هئا، جن جو ٿوئي ڪونہ هوندو هو. پر سمي ڄام وٽ ڪابہ سوڙهہ محسوس نہ ٿيندي هئي. سمنگ چارڻ بہ هڪ دفعي اهو تماشو وڃي ڏٺو هو. هت انهيءَ منظر جو اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس:

جـہ مٿہ مڱڻن ناهہ ڪو، تان سمي نہ آهي سوڙ،
ڪـرن ڄـام ڪـروڙ، ڇـٽـي ڦـلـن مـُٺ جيئن.

هاڻي ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ ڏهن ڏاتارن جي واڪاڻ واريون ڪجهه ڳاهون نموني لاءِ پيش ڪجن ٿيون، ته جيئن سمنگ جي ساري ڪلام تي مجموعي نگاهه پئجي وڃي. انهن ۾ جکري رانگڙ جو پوٽو ۽ ويري راءِ (ويرم راءِ ڪنوات) جو سپوٽ، راءِ ڏياچ چاوڙو اول اچي ٿو. سمنگ سندس ساک هن طرح پري آهي ته:

بيٽو ويرم راءِ، پوٽو رانگڙ جکري،
ڏنو راءِ ڏياچ، مٿو مڱڻهار کي.

ماتا ٽڏي پائيءَ جو لال چام هٿند ٽڏيائي، جنهن لک لٽائي، سندس ڏاڏي سخيءَ ساهڙ چام جون سڪون لاٿيون، تنهن جي پُري ڳائي پڌري ڪيائين ته-

ٽڏي ٽيج ڏنياس، سمون ساهڙ پٽ ۾،
پڌرو پرڪنداس، هٿند ٽڏيائي ٿئو.

چام اونو جکرائي ته سوالين کي چوپائي مال جون چانگون ڪاهي ڏان ۾ ڏيندو هو. مال جون اهي گهرون، جنهن به ڏاتار جي ڏيهه مان متينديون هيون، ته سندن کرن جي (دز) عرشين اڏامي وڃي ابرين لڳندي هئي. راڄن جا راڻا ۽ ڏيهن جا ڏاتار، انهيءَ رج (ڌوڙ) ۾ رڱجي، سچاڻ ڪان ٿي پري ٿي پيا ۽ سندن نالو ناموس به انهيءَ لٽَ ۾ لتجي جهڪو ٿي ويو. (يعني راجوڙي جي متي اڏامي ته به چون ته اوني چام سخا ڪئي هوندي، پئي ڪنهن جو به نالو ڪونه ڪٽن)

اوني جي ڏانن، ڪيهون ابر لڳيون،
رج پئي راڻن، ڏاتار تت ڏنجي ويا.

بيلي ڏٽي، سخي سپڙ چام چوٽائي ته سئو ڪوهه تان سمنگ جي سڏن سٽي، سندس سار لڌي. انهيءَ موقعي جو اهڃاڻ ته پيت ڏٽي به ڏنو آهي:

باجهاڻو بيلي ڏٽي، پجهان پاجهه پئي،
سپڙ سا سڏي جيڪا چارڻ چت ۾.
(سرود پرڀاتي)

عاجز منگتي جي گهر وينڌي سنيال جي مقال ته ڏاتار کي ڏيهن ۾ ڏريو بٺائي چڏيو. رسالي شريف جي روپ بلاول ۽ پرڀاتيءَ سرود جا اهڙا ڪئين بيت آهن، جن ۾ شاهه سائين سخين ۽ سپڙ جي ساراهه ڪندي، سمنگ وارا ساڳيائي موضوع استعمال ڪيا آهن. سمنگ پنهنجي هن سربيءَ جي منقبت هن طرح ڳائي آهي:

در آئي مڱڻي، دان سيڪو ڏي،
سپڙ سوساري، جو جهوپڙين ۾ جهڪيو.

سپڙ چام رونجهو، سخين جو سردار ۽ اڙين جو آڌار هو. محتاجن مٿان مهر جو مينهن ٿي وٺو ۽ غريبن جا غم ڪاٽيائين. ڏکين کي به ڏن ڏنائين ۽ چارڻن کي ته چوگي پائيءَ

Gul Hayat Institute

جي چنتا ڪان ٿي آجو ڪري ڇڏيائين. سمنگ پنهنجي هن مربيءَ داتا کي اهڙي ته هيچ ۽ ڪوڏ سان ڳايو آهي، جو سنڌس نالو به سدائين لاءِ (بطور اهڃاڻ جي) سخاوت جي ثنا جو لازم ملزوم جز بڻجي ويو. ميهن ڪريم بلڙيءَ واري، سخي سخاوت جي روايتي ثنا جي اپٽار ڪندي، هن مسڪين منگتي سمنگي فقير کي پڻ اشارتاً ياد فرمايو آهي:

جهوڙيسرا جهڪن، متي ميهن منگتا،
سڀڙ رات سمنگيا، ڏکيا ڏاڻ ڏسن،
گهر ٿا گهوٽ وڃن، چنتا لٿي چارڻين.

چارڻن جي چنتا چون لهي، جو سخاوت سمون، هيڪڙو هيڪڙو حاتم اهڙو ته سخي ساماڻو آهي، جو ويچارا عاجز ۽ بيڪس، ڏتڙيل ۽ ڏهيلا، سڀني جو ڏڏ آهي. ڀوءِ ڀلا اهڙي فياض ۽ شفيق حاڪم جي راڄ ۾ رهي، ڪنهن جي به ڪاڻ ڪيڏ ڪا جڳائي ٿي؟ شاهه سائين ته هيئن فرمايو آهي ته

متان وڃ وڃائيين، ٻئي در ليلائي،
سمي ساماڻي، چنتا لٿي چارڻين.

هاڻي چنتا ڇاجي؟ جڏهن ولهو ته ڏيهه ۾ رهيو ئي ڪونه! هن جوان پنهنجيءَ جود سان ولها سڀئي ونهيان بڻائي ڇڏيا آهن. ڀلي سنڌو ڀان، سمنگ جي ساهه جو سلطان، جڏهين پٽ ڏٽيءَ جي دربار عاليه ۾ ياد ڪيو ويو آهي، ته سنڌس ثنا خوان ۽ عاشق صادق ويچارو سمنگيو غريب پڻ، سڀني اگهاڙن سوالين جي ڀاڙان ۽ نوازيل رعايا جي نمائندگي ڪندي، داتا جي دامن لڳي، سمي جي سام، سخيءَ جي سنگ، سنڌس سايو ٻنجي اچي ڪچهريءَ ۾ ڪَنُ ڳڻائي ٿو. سر پراڳ جي هڪڙي وائي ملاحظه فرمايو:

.... ٻاجهه ڀلاڻي پائيان.
متان مون کي ڇڏين، ڀلي سندا ڀان،
ٻاجهه ڀلاڻي پائيان.
ولها سڀ ونهيان ڪيا، تنهنجي جود جوان،
ٻاجهه ڀلاڻي پائيان.
سڀ سوالي سمنگيا، داتا ڏيئي دان،
ٻاجهه ڀلاڻي پائيان. (داستان ٻيو)

مطلب ته سمنگ چارڻ جو نالو، اسان جي ادب ۽ تاريخي روايتن ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾، جيئرو رهندو پئي آيو آهي. صدين جون صديون اورانگهيندو، ٻاڻ سان گڏ ايامن جا اهڃاڻ اگهتي ڏڪيندو، اچي ويهين صديءَ ۾ منهن ڪڍيو اٿس. سنڌس نالو اڄ تائين جو قائم دائم آهي، تنهن جو ڪارڻ اهيئي سنڌس لافاني گفتا ۽ امر ٻول آهن؛

جن ۾ پاڻت پاڻت جون ٻوليون ٻڌايون اٿس. انهن تي رڳو سرسري نگاهه وجهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو ته سندس 'ڪاويه رس'، ڳاهن جي مقرر معيار کان گهڻو مٿي اپريل آهي. اهڙيءَ پڙتال ڪندي هيءَ ڳالهه پڻ پڌري پٽ آهي، ته سمنگ کان اڳ سندس وڏن ۾ ڪيئي سگهڙ ساماڻا هوندا، جن خود سمنگ لاءِ به گس گهڙيو هوندو. اهڙيءَ معما جي منڍ معلوم ڪرڻ لاءِ مناسب آهي ته سنڌي شاعريءَ جي انهن اوائلي استادن، وچڙيل وارثن ۽ پيرمردن جا پنڌ رنڌ پچائي، پراڻن پيچرن تان سندن پير آهوڙي، ڪنهن نه ڪنهن منزل تي ڪين هلي هٿ ڪجي. اهڙيءَ جستجو جاري رکندي عين ممڪن آهي ته اسين انهيءَ اصلي تاڻي ۽ تڪاڻي تائين به پهچي وڃون، جتان هن قديم قوم جي عظيم ادب جي ابتدا ٿي هجي. اهڙيءَ طرح ٿي ادب جا اهم اهڃاڻ ۽ قيمتي ڪڙيون ڳولي، ترتيب ۽ تناسب سان ملائي، دنيا اڳيان دعوا ۽ دليل سان دم هڻي سگهنداسين ته اسان جو ادبي ورثو ۽ ترڪو، مستند طور ڪيترو نه قديم، عظيم ۽ قابل قدر آهي.

ڏورين سي ڏسن، جڏهن ڪڏهن هوت ڪي.

حوالا

(١) سمنگ جي ڳالهه ننڍي هوندي والد مرحوم جن کان ٻڌل آهي. جدا جدا سگهڙن کان سمنگ جو ٻالو — سومنگ (سوم = چنڊ + انگ = مهانڊو)، سمنگ (سُ = سُٺو + منگ = سوال)، سپنگ (سٺو پنگ يا ٻاڻ)، سومنگو، سمنگيو وغيره – ٻڌڻ ۾ آيو آهي.

(٢) ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر خواجه غلام علي الانا، محترم محمد خان غني وغيره.

(٣) ١- سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر بلوچ ٢- مشهور سنڌي قصا (لوڪ ادب جا ڪتاب) ٣- ٽه ماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي وغيره.

(٤) مسو پرڳڙيءَ جا پٽ فقير، هيءُ جنگنامون (Ballad) ڳائڻ ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ برک آهن.

(٥) هندي ادب جي تاريخ (ڊاڪٽر محمد حسن) 'ويرگاٿا ڪال' صفحي ٢٨ کان ٤٨ تائين (اختصار ڪيل).

(٦ ۽ ٧) "قديم سنڌي شاعريءَ جا ڪي نادر نمونا" (مضمون) محترم محمد خان غني، ٽماهي مهراڻ، جلد ١١، سال ١٩٦٢ع، نمبر ٤

(٨) "... حقيقي ۽ مجازي راز جو آواز آهي. مضمون "سنڌي علم ادب" رسالو نئين زندگي ڪراچي، ماهه مئي ١٩٥٠ع (سيد علي نقوي) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص ١٢٤-١٢٥ ۽ "سنڌي قديم شاعري": ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، رسالو نئين زندگي، ماه سيپٽمبر ١٩٥٨ع.

(٩) سڀ هئا سومرا، ڪئي ڏيرآن' پرجاءِ؛ همير جس ماتام، چارڻ چوندو ايترو. (والد مرحوم).

(۱۰) سمنگ چارڻ جي ڳالهه ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڳاهون عنايت فقير ميراسيءَ جي ڏهٽن — نوازعلي، دوست علي ۽ مولابخش (ويڙهل مسو پرگڙي، تعلقو حيدرآباد) کان مليون آهن.

(۱۱) "همير کان پئي ..." فقير ڪريم بخش ۽ مولابخش ميراسي، ڳوٺ عنايت فقير.

(۱۲) "ستيڻ ء هو سوجهرو ..." عنايت ميراسيءَ جي ڳوٺ مان.

(۱۳) "ستاويهين سهاءُ هو ......" عبدالله ۽ سواد فقير مڱڻهار (ڳوٺ جنڊل ڪوٽ، تعلقو هالا).

(۱۴ ۽ ۱۵) "سچو قسي پيا – ۽ ڏري ڏوريءَ راءِ" سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ص ۶۹-۷۰.

(۱۶) "ٻلي ٻاٽي نه ٻيءُ ......" سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص ۶۸

(۱۷) "وٺين جهليو نه رهي ..." هيءُ بيت آڏي ڪيهر ۽ هوٿل پريءَ جي ڳالهه ۾ به ص ۱۴۱ تي آهي. ساڳيو بيت ميراسي فقيرن وٽ به آهي. "مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان - ۱"

(۱۸) ڪڳماري ...

(۱۹) هوٿيءَ سنڌي ڦٽي ... "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ص ۶۸

(۲۰) ڪيشب گهر ... "مشهور سنڌي قصا، عشقيه داستان - ۱ ص ۱۵۲ لاکو ڦلاڻي"

(۲۱) ڏهه ڏاتار "لوڪ ڪهاڻيون – ۷، ڳاهن سان ڳالهيون" ص ۱۷۶ - وکيو ڏاتار.

(۲۲) ست سورهيه: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص ۸۸-۹۰ ۽ ۹۱

(۲۳) حافظ موسو
(۲۴) آخوند عبدالرحيم } "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد ٻيو، ص ۱۶۶ کان ۱۷۰
(۲۵) خانبهادر

(۲۶) "ڦلاڻيءَ لاکي وٽ ......" هن کان پوءِ ست ڳاهون، مهراج منگهارام اوجها جي مضمون "وکيو ڏاتار" مان.

(۲۷) "ميٺهن چٽي هٿي ماڻکي ..." دين محمد شيخ ريڊيو سنگر.

(۲۸) "جهوڙيرا جهٽڪن ..." تذڪره لطفي – شاهه ڪريم جو بيان.



Gul Hayat Institute

راج محمد پلي

صوفي صادق فقير جو ڪلام

(قسط ٢ : آخري)

[سنڌ جي مشهور صوفي شاعر، صادق فقير صديق رح جي ”سوانح ۽ ڪلام“ متعلق، راج محمد پليءَ، نهايت محنت سان مواد جمع ڪيو آهي. صوفي صادق رح جي سوانح عمري، رسالي مهراڻ ”ڏهه سالہ نمبر“ جي پهرئين حصي (١-٢/١٩٦٥ع) ۾ شايع ٿي چڪي آهي. هن پرچي ۾ سندس ڪلام، بيت، ۽ وايون پيش ڪيل آهن. مختلف سُرن جا ڪل: ٢٣٢ بيت، ۽ مختلف سُرن جون ٨٤ وايون، ٧ سرائڪي وايون، ۽ ٦ سرائڪي بيت، گڏ ٿي سگهيا آهن. افسوس اهو آهي ته صادق فقير جي ڪلام جا اهي نسخا، جي درگاهہ جهوڪ شريف جي فقراء پاران تيار ٿيل آهن، اهي اڃا منصہء شهود تي ڪين آيا آهن.

اميد آهي ته هن سلسلي جا اهي ٻئي حصا، جي مهراڻ رسالي جي وساطت سان شايع ٿيا آهن، سنڌي ادب جي شائقين لاءِ صادق فقير جي ڪلام، فن ۽ شخصيت لاءِ مستند مواد جي حيثيت حاصل ڪندا.

صادق فقير، طريقت جي سلسلي موجب جڏهن ته سنڌ جي مشهور صوفي بزرگن جهوڪ وارن صاحبن جو مريد صادق آهي، ۽ تصوف ۾ وحدت الوجود جي نظريي جو شارح آهي؛ تڏهن سندس ڪلام ۽ پيغام ۾ وحدت ۽ انسانيت، محبت ۽ برادري، اخوت ۽ مساوات جو وسيع نصب العين موجود آهي. هڪ صوفي ۽ لاڪوفي هئڻ جي حيثيت سان، صوفي صادق فقير جو ڪلام سنڌ جي صوفي شاعرن ۾ پڻ ممتاز حيثيت رکي ٿو. ان طرح سوز ۽ گداز، ناز ۽ نياز، جمال ۽ جلال جي وجد آور ڪيفيتن جي پالوٽ، فقير صاحب جي فن ۽ ڪلام کي سہ آتشہ ڪري ڇڏيو آهي. فقير صاحب جو فن ڪلاسيڪي فن جو تعريف لائق شاهڪار چئي سگهجي ٿو. فقير صاحب بيت ۽ وائيءَ جي وسيع دامن کي پنهنجي فني شهپارن سان مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ سندس ڪلام، سنڌ جي راڳداري فن سان پڻ تعلق رکي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو سندن ڪلام سنڌ جا صوفي فقراء، ميلن ۽ محفلن ۾ لطيف ۽ سچل جي ڪلام سان گڏ ڳائيندا ٿا. وجداني ڪيفيات جي ترجماني ۽ روحاني جذبات جي فراواني، فقير صاحب جي ڪلام جي اهم علامت آهي. بي ساختگي ۽ فني پختگيءَ جي ڪري ڪلام جڙ الهام بنجي چڪو آهي. افسوس اهو آهي ته فقير صاحب جي ڪلام جا جيڪي ٻہ-ٽي نسخا مشهور آهن، انهن کي پيٽي، ڪو آخري ۽ مستند نسخو اڃا تائين نہ بڻايو ويو آهي. سنڌي اديبن تي فرض آهي ته هو هن سلسلي ۾ حال آهر ڪم ڪن. اُهڙو نڌ ۾ هن پيش ڪيل ڪلام کي غنيمت سمجهڻ گهرجي. — غ. م. گ.]

فقير صادق جي ڪلام جا ٻه اهم منتخب

صوفي صاحب جي ڪلام جي مختلف عام نسخن کان سواءِ سندن بيتن جا ٻه منتخب، ”درد نامو“ ۽ ”ارشاد نامو“ سندن ڪلام جا مستند نسخا شمار ڪيا وڃن ٿا. ’ارشاد نامي‘ ۽ ’درد نامي‘ متعلق معلوم حقيقتون ۽ روايتون هيٺ ترتيبوار پيش ڪجن ٿيون:

ارشاد نامو: ناياب آهي. فقير صاحب جي سجاده نشين وٽ چون ٿا ته هڪ نسخو هو، پر ظاهر ٿيل ڪونه آهي. جن فقيرن اهو نسخو ڏٺو آهي، تن جي چوڻ موجب هن انتخاب ۾ فقير ”صادق“ پنهنجي مرشد ’شاهه قلندر‘ جي ارشادات ۽ ملفوظات کي بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. انهن بيتن جو انتخاب ڪنهن ڪيو ۽ ڪڏهن ڪيو، ان متعلق ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي ۽ نڪو انهن بيتن جو ڪو مثال به هٿ اچي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ فقير صاحب جي پوئلڳن جي تعاون جي ضرورت آهي، اهي هن نسخي کي ڪوشش ڪري هٿ ڪري سگهن ٿا. ٻيءَ حالت ۾ فقير صاحب جي انهيءَ اهم ڪلام، جنهن ۾ جهوڪ شريف جي بزرگن جي ’ملفوظات‘ محفوظ ٿيل آهي، جو ان طرح گم ٿي وڃڻ، ’تصوف‘ ۽ ’اهل تصوف‘ ۽ ’سنڌي ادب‘ جي حق ۾ عظيم نقصان تصور ڪيو ويندو. هي نسخو موجوده وقت ۾ ’جهوڪ شريف‘ جي معتقدين ۽ متوسلين لاءِ هڪ اهم روحاني ’هدايت نامي‘ جي حيثيت رکي ٿو، تنهن ڪري، ان سلسلي جي فقيرن کي ڪوشش وٺي هميشه لاءِ محفوظ ڪرائڻ لاءِ جلد ڪو عملي قدم کڻڻ جڳائي.

درد نامو: صوفي صادق جي ڪلام جو هي ٻيو اهم منتخب آهي، جو هڪ ٻن جاين تي دستياب ٿي سگهيو آهي. ’درد نامو‘ هن ڪري به سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو نسخو آهي جو ان ڪلام جو انتخاب ڪندڙ، صوفي صادق فقير جو مرشد حضرت صوفي فضل الله شاهه قلندر رحه پاڻ آهي؛ ۽ ٻيو ته اهي بيت فقير صادق جي حياتيءَ ۾ ئي قلمبند ڪيا ويا آهن؛ ۽ ٽيون ته انهن بيتن کي آخري طرح يڪجا ڪرڻ جو ڪم به فقير صادق جي هڪ اهم همعصر ۽ همشرب اهل دل فقير نورالله سر انجام ڏنو آهي. هن انتخاب جو هڪ نسخو فقير غلام علي مسرور مرحوم کان جناب لطف الله صاحب بدويءَ کي هٿ آيو هو، جنهن تان پاڻ پنهنجي ڪتاب ’تذڪره لطفيءَ‘ ۾، صوفي صادق جي تذڪري ۾ سندن ڪلام جو انتخاب ڏنو اٿس. ٿي سگهي ٿو ته اهو نسخو جناب بدوي موصوف وٽ اڃا به محفوظ هجي. ’دردنامي‘ جي جامع، ۽ تاليف جي سال ۽ انتخاب ڪندڙ لاءِ بدوي صاحب لکي ٿو:

”صديق فقير جي هڪ تصنيف ’درد نامو‘ نظر مان گذريو، جنهن ۾ شاعر جو صحيح ڪلام موجود هو. ’درد نامي‘ جو جامع فقير نورالله، جهوڪ ميران پور جو طالب هو، جو صديق فقير جو همعصر هو. ڪتاب صوفيانه تعليم مان پرپور آهي ۽

Gul Hayat Institute

نهايت ئي محنت سان تيار ڪيل آهي. هرهڪ صوفياڻه لکتي بيان ڪرڻ کان پوءِ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ جامع (نوراللهٌ فقير) هيٺيون مختصر تعارف اصل مصنف ڪتاب جي لاءِ ڏني ٿو:

”هي رسالو ’درد نامہ‘، مرشد حضرت مخدوم فضل الله شاهہ قلندر صوفي القادريءَ جي خليفي صديق شاهہ، جنهن جو نالو محمد صديق فقير سومرو هو، جيڪي ڏيک ڏنا ۽ عروج ۽ نزول جي مقامن ۾ غيب ڏنا، ۽ ٻيا ڪي نڪتا وحدت جا نصحيت سان پريل پنهنجي حال جا تي ڏنا، سي مٿئين حضور جي روبرو بيان تي ڪيا. اهڙن سان جي مرشد جي نظر ۾ قبول تي پيا، ۽ انهيءَ وقت ۾ جيڪي لفظ انهيءَ حال موجب حضرت صاحب جن پنهنجي زبان مبارڪ سان تي فرمايا، سي سڀ جنسي سال ۱۲۲۴ هجريءَ ۾ ٻين خليفن جدا ڪاغذن تي لکي تي رکيا. تنهن کان پوءِ هن شائق، نوراللهٌ صوفيءَ انهن ڪلامن کي گڏ ڪري گهٽ وڌ لفظ پنهنجي حوصلي موجب لکي سال ۱۲۲۶هہ ۾ رسالو جوڙيو(۱).“

فقير صاحب جي ڪلام جو هي انتخاب، جڏهن تہ فقير صاحب جي نظرداريءَ هيٺ تيار ٿيو آهي؛ چو تہ جڏهن هي ڪلام آخري طرح فقير نوراللهٌ تاليف ڪري رهيو هو، تڏهين جهوڪ شريف ۾ فقير صادق جو قيام هو. جنهن جي تصديق فقير صادق جي سڀ کان وڏي فرزند فقير بايزيد جي ولادت جي سال ۽ جنم واري جڳهہ وارين روايتن مان ٿئي ٿي، تہ صوفي بايزيد جي ولادت سن ۱۲۲۶هہ ۾ ٿي آهي ۽ جهوڪ شريف ۾ ٿي آهي. تڏهين يقين سان فقير صاحب جي رهائش جهوڪ شريف ۾ تسليم ڪبي، ۽ ’درد نامو‘ بہ غالباً جهوڪ شريف ۾ ئي تاليف ڪيو ويو هوندو. هن رسالي تاليف ٿيڻ کان پوءِ فقير صادق جن ۳۸-۳۹ سال حيات رهيا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ سندن حياتيءَ ۾ سندن ڪلام کي باقاعده قلمبند ڪرڻ جي اها ڀرپور ڪوشش هجي، بعد ۾ هن نسخي تان ٻيا رسالا بہ نقل ڪيا ويا هجن ۽ ممڪن آهي تہ انهن ۾ ڪي ٻيا بيت بہ شامل ڪيا ويا هجن. اها بہ حقيقت آهي تہ ’درد نامہ‘ جا خاص نقل وقت بوقت ٿيندا رهيا آهن. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”سهڻين شاهہ عنات جو ڪلام“ جي مهاڳ ۾ فقير صادق جي ڪلام جي هڪ نسخي جو نالو ”رازنامہ“ ڄاڻايو آهي، حالانڪ ان نالي سان فقير صاحب جي ڪلام جو ڪو بہ نسخو هيستائين ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو آهي، تنهنڪري راقم الحروف ان نالي بابت ڊاڪٽر صاحب جن کان استفسار ڪيو، جنهن جي جواب ۾ ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا:

”جو نسخو منهنجي نظر مان گذريو هو، غالباً ان جي سرورق تي ’رازنامہ‘ لکيل هو. ٿي سگهي ٿو لفظ پيل وڃان ’درد نامي‘ جي بجاءِ ’رازنامہ‘ لکجي ويو هجي. وڌيڪ

(۱) ”تذڪره لطفي“ حصو ٻيو-ص: ۳۲۰ ۽ ۳۲۱-سال ۵۶-۱۹۵۵ع

تصديق لاءِ مهرباني ڪري هيٺئين ائڊريس تي خط لکندا، جو نسخو مون وٽن ئي ڏٺو هو. جناب حاجي سومرخان گل محمدخان لغاري، پوسٽ آفيس ناروخان لغاري، شهدادپور، ضلعو سانگهڙ." (ڊاڪٽر صاحب جو خط - لکيل، تاريخ ١٤- اپريل ١٩٦٤ع).

جناب ڊاڪٽر صاحب جن جي نوازش نامي اچڻ کان پوءِ، مٿئين ائڊريس تي وڌيڪ تصديق لاءِ خط لکيو ويو، پر هيستائين ڪو به جواب موصول ڪونه ٿيو آهي، نڪا جواب ملڻ جي ڪا اميد به آهي. اهو نسخو گمان غالب آهي ته 'دردنامه' جوئي ٻيو نقل هوندو. نظرپيل وچان مٿس عنوان 'رازنامه' لکجي ويو آهي. 'دردنامه' جا ٻيا به نقل ٿيل نسخا هوندا، پر الهن جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. عام طرح اسان کي فقيرن ۽ سگهڙن کان جيڪي بيت هٿ آيا آهن، انهن ۾ 'دردنامه' وارا بيت به هٿ آيا آهن. هيٺ قارئين جي واقفيت لاءِ 'دردنامه' جا چند بيت "تذڪره لطفي" تان نقل ڪريون ٿا، حالانڪ اهي بيت هن مقالي ۾ ڪلام جي انتخاب واري باب ۾ به موجود آهن. پر آيل آهن جدا جدا سُرن ۾، تنهنڪري خبر پئجي ڪانه سگهندي ته اهي بيت 'دردنامه' جا آهن يا ٻيا عام بيت:

هُو جي ڏورا سڄڻين، سو مون پانيان سور،
پهتس تان نه پور، ڳڻ ڳڻيندين تن جا.

روئي ريجهائج، ڳجهون ڳرهي ڳالهيون،
پهت مان پهائيج، ليلا پنهنجي ڪانڌ کي.

سي ويري نه واهرو، جي مان پانيا مٺ،
سورن سندي سيٽ، پاڻان پاڙهي هليا.

معنيٰ مثل نه جڙي، عجب آهيم ايءُ،
ڏسيو ڏسان نه سپرين، جلي پيو جيءُ،
هاڻي ويو هيءُ، هُو پڻ ويو هُنَ کان.

سارنگ سڪي وڄ، وڄ وسي منجهه ڪين،
تان سڪ سنيها ڏين، پرين پاڻ لڪايو.

لالي ۾ لالو ٿيا، پرين سي پسن،
آهي احديت تن، جي واحدون واحد ٿيا.

(تذڪره لطفي ۾ آيل)

Gul Hayat Institute

فقير صادق جي ڪيڏاري تي تحقيق

سنڌي ادب ۾ سر ڪيڏاري تي بحث، لطيفي شارحن ۽ محققن جو خاص موضوع گفتگو رهيو آهي. آنجهاني پروفيسر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي عظيم تاليف 'شاهه جو رسالو' ۾ پنهنجي تحقيق جي بنياد تي، سر ڪيڏاري کي شاهه جو ڪلام تسليم ڪري، پنهنجي رسالي ۾ داخل ڪيو، تڏهين کان "شاهه جي رسالي ۾ ڌاريو ڪلام" جي موضوع تي ان دؤر جي عالمن ۽ لطيفي چاڻن زوردار بحث ڪيا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کان ويندي موجوده دؤر جي لطيفي محققن ان ڳالهه تي پنهنجا خاص دليل ۽ رايا قائم ڪيا آهن، ته سرڪيڏارو شاهه جو چيل آهي يا احسان فقير جو؟ ۽ جي واقعي شاهه سر ڪيڏاري جا بيت چيا آهن، ته پوءِ انهن ۾ شاهه جي بيتن جو تعداد ڪيترو آهي؟ وغيره. هيستائين شاهه جي سُرڪيڏاري جي بيتن جي تعداد متعلق بحث ڪندي انگن اکرن جو عجيب سلسلو پيدا ڪيو ويو آهي. ڪن محققن شاهه جا ٻاهتر (٧٢) بيت مڃيا، ته ڪن وري ستر (٧٠) لکيا، ته ڪن عالمن جي چنبڇاڻ آٺ (٨) بيت باقي شاهه جا بچايا، ۽ ڪن ان سلسلي جي سموري بحث جو جائزو وٺي، انهن انن کان وڌيڪ چار بيت 'شاهه لطيف' تي "چاڙيا" آهن. مطلب ته اهو بحث اڻکٽ آهي، جيڪو شايد اڃا به لطيفي محققن ۾ گهڻو وقت هلي! اسان مٿيان لطيفي شارحن جي تحقيق جا مختصر اشارا فقط ان ڪري ڏنا آهن، ڇا لاءِ ته لطيف جي سر 'ڪيڏاري' تي بحث دوران 'فقير صديق' جي سر 'ڪيڏاري' ۾ آيل شاهه جي بيتن تي به خاص طرح بحث ڪري، ڪي رايا قائم ڪيا ويا آهن.

'صوفي صديق فقير' جي سر ڪيڏاري جي تحقيق ۽ تاليف جو ڪم سڀ کان اول مخدوم محمد صالح پٽي هالائي مرحوم ڪيو آهي. مخدوم مرحوم، احسان فقيرجي سر ڪيڏاري جي تحقيق ۽ تصحيح لاءِ فقير صديق جو ڪيڏارو جمع به ڪيو ۽ ان ۾ ڌارئين ڪلام جي تحقيق به ڪئي. مخدوم مرحوم جي اها تحقيقي ڪاوش سندن وفات (١٩٥٣ع) کان پوءِ 'ڪيڏارو' نالي ڪتاب ۾ آيل آهي. اسان جي اڳيان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو آهي، جنهن جي اشاعت جو سال ڏيکاريل ڪونهي(*) ڪتاب ڪيڏاري ۾ جامع، (١) فقير احسان، (٢) سيد جيئندل شاهه، (٣) اسماعيل فقير، (٤) جاڙو فقير، (٥) صديق فقير ۽ آخر ۾ جامع پنهنجي ڪيڏاري جا بيت، وايون، زاريون ڏنيون آهن؛ ان کان پوءِ، احسان فقير جي سر ڪيڏاري جي بيتن کان سواءِ فقير جي پين يارهن سرن جا بيت پڻ ڪتاب ۾ درج ڪيا ويا آهن. صديق فقير جو سر 'ڪيڏارو' مولف ڇا لاءِ، ڪتان ۽ ڪيئن هٿ ڪيو، تنهن بابت مرحوم جو فرزند لکي ٿو:

(*) ماهنامه نئين زندگي ڪراچي- جنوري ١٩٦٦ع مضمون، "سنڌي ادب جي اشاعت ۾ هالاڻن جو حصو" جي ٻي قسط ۾ جيڪا ڪتابن جي فهرست ڏني ويئي آهي، ان ۾ ڪتاب "ڪيڏارو"، جامع مخدوم محمد صالح، جي اشاعت جو سال ١٩٥٥ع لکيو ويو آهي. (ص ٢٩)

"صادق فقير جو ڪيڏارو، جو هتي ڏجي ٿو، سو والد محترم محمد صالح پٽي هالائي کي درگاهه جهوڪ شريف توڙي درگاهه آهر شريف جي مهربانيءَ سان هٿ آيو، جنهن کي ڳچ ورهيه گذريا. شايد سنڌن خيال هو ته احسان فقير جي ڪيڏاري جي تصحيح بعد هن ناياب تحفي کي پڻ شايع ڪيو وڃي."(١)

صادق فقير جا 'ڪيڏاري' سان گڏ، مولف پنج (٥) بيت سر 'سوڌڙي' جي عنوان سان جدا ڏنا آهن، جن جو مضمون به سر ڪيڏاري وارو آهي. افسوس هن ڳالهه جو آهي ته مولف جي فرزندن مٿين وضاحت ۾ اهڙو ڪو به اطلاع ڪونه ڏنو آهي ته مخدوم محمد صالح جي هٿ ڪيل ڪيڏاري جو ماخذ 'صادق فقير' جي ڪلام جو ڪو مڪمل قلمي نسخو هو، يا مٿي ذڪر ڪيل درگاهن جي راڳيندڙن جي يادداشت موجب مختلف ڳائڻن کان لکارايو ويو هو؟ جيو ته هن ڪيڏاري جو ماخذ جيڪڏهن فقير جي ڪلام وارو مشهور 'مڪمل بياض' آهي ته پوءِ ان سر کي مڪمل تصور ڪري سگهجي ٿو؛ پر جيڪڏهن اهو ڪلام ڳائڻن جي يادداشت تان لکيو ويو آهي، ته پوءِ چئي سگهجي ٿو ته ان سر جا ڪي ٻيا بيت به هوندا، جو ته ڳائڻن کي سارو ڪلام ياد هجي سو ته ٿي نٿو سگهي. شاهه جي ڪيڏاري تي بحث ڪندي، مولف جو هڪ فقرو، پروفيسر محبوب علي چنا جو هن طرح آيل آهي ته:

"سر ڪيڏاري جا ٻارهن بيت صادق فقير صوفيءَ جي رسالي ۾ موجود آهن."(٢)

'ڪيڏاري' جي مولف جي مٿين فقري مان ڪنهن حد تائين اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، ته سر ڪيڏارو، صديق فقير جي ڪنهن رسالي تان نقل ڪيو هئائين، يا صديق فقير جو رسالو مطالع ضرور ڪيو هئائين: نه ته مٿين فقري ۾ رسالي جو لفظ نه لکي ها، ته:"صديق صوفي جي ڪيڏاري ۾ شاهه جا ٻارهن بيت موجود آهن." جيو ته رڳو 'اهر' ۽ 'جهوڪ' تان هٿ آيل ڪيڏاري کي سنڌن جهڙو محقق، "رسالو" نٿو لکي سگهي. ٻي هڪ خاص ڳالهه جنهن جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته مولف، صديق فقير جي ڪيڏاري ۾ جيڪي 'ٻارهن بيت' شاهه جا ڪري آندا آهن، ۽ انهن بيتن مٿان جي نمبر اصل رسالي جا ڏنا ويا آهن، اتي اهو چاٽايل ئي ڪونهي ته شاهه جي ڪهڙي رسالي جي ترتيب جا نمبر آهن: جو ته شاهه جا مختلف رسالا آهن، ۽ هرڪنهن رسالي جي ترتيب پنهنجي پنهنجي آهي. تنهنڪري سنڌن ڏنل نمبرن موجب جتي ڪنهن به هڪ ڇاپي جو حوالو ڏنل ڪونهي، ته پوءِ ان صورتحال ۾ پيٽ ڪندڙ لاءِ وڏو مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو.

مخدوم محمد صالح مرحوم، صديق فقير جي سر ڪيڏاري ۾ ٽيولجاهه بيت ۽ ست صنائون جمع ڪيون آهن. انهيءَ ڪيڏاري ۾ پاڻ 'شاهه' جا ٻارهن بيت پڻ ڏنا اٿن، جيڪي

(١) ڪتاب "ڪيڏارو" ص ٦٩، (٢) بحوالهِ پروفيسر محبوب علي چنا - مخزن "انڌر لطيف"

Gul Hayat Institute

ڪيڏاري ڪتاب ۾ سندن قائم ڪيل ترتيب موجب هيٺين نمبرن سان درج ٿيل آهن. هن مهراڻ ۾ صادق فقير جي ڪلام جي انتخاب ۾ به اهي بيت انهيءَ ترتيب ۽ نمبرن سان ڏسي سگهجن ٿا. ۴، ۱۰، ۱۱، ۱۳، ۱۴، ۱۵، ۱۸، ۲۲، ۲۸، ۳۳، ۳۸، ۳۹.

انهن ٻارهن بيتن مان بيت نمبر يارهون، چوڏهون، ارڙهون ۽ اٺتيهون، جملي چار بيت فقط شاهه جا چاڙهيل آهن، باقي اٺ بيت احسان فقير جي بيتن جهڙا آهن، ۽ مشڪوڪ آهن. جن مثان شاهه ۽ احسان جي هڪجهڙائي وارن بيتن جا حوالا ڏنل آهن، انهيءَ کان سواءِ صديق فقير جي ڪيڏاري ۾ آيل اڻپورا ٻه بيت نمبر چاليهه ۽ ايڪيتاليهه احسان فقير جا آهن، جيڪي احسان فقير جي سر ڪيڏاري ۾ مڪمل طرح واڌاري سان موجود آهن. ان کان سواءِ فقير جي ڪيڏاري ۾ آيل بيت نمبر پنجاهون به ”يتيم“ نالي يا تخلص واري ڪنهن شاعر جو ٿو ڀانئجي، جنهن لاءِ مخدوم مرحوم يا سندس فرزند اهڙو ڪوبه ذڪر ڪونه ڪيو آهي، بيت هن طرح آهي:

ٻيهي ٻيهان ۾، اِيي ٻاڪاري،
گهوٽ گهڙيا گهمسان ۾، سي ڏاتـر ڏيکاري،
لـڳي جنگ ”يتيم“ چـوي، هنيائون هاڪاري،
سـر ٻـ سينگاري، مـانجهي گـهڙيا مـچ ۾.

هن بيت پڙهڻ کان پوءِ، صديق فقير جي ٻين بيتن تي به هڪ نظر وجهڻ گهرجي ۽ فيصلو ڪرڻ گهرجي ته هن بيت جي زبان، انداز بيان ۽ شاعراڻو قالب ۽ مضمون، صديق فقير جو ٿي سگهي ٿو ڇا؟ يقيناً هي بيت ’يتيم‘ جوئي آهي.

ان طرح هاڻ صديق فقير جي سر ڪيڏاري ۾ ڏاڻين ڪلام جو تعداد هن طرح ٿو ٿيهي: ٻارهن بيت شاهه جي نالي ٿيل، ٻه بيت احسان فقير جا، هڪ بيت ’يتيم‘ نالي شاعر جو — جملي پندرهن بيت. باقي اٺتيهه بيت صديق فقير جا ٿي آهن، جن ۾ ”سوڌڙي“ جي عنوان وارا پنج بيت ملائجن، ته پوءِ اهو تعداد ٽيتاليهه بيت ٿيندا ۽ ست وايون به سر ڪيڏاري ۾ صديق فقير جون ٿي آهن. ”ڪيڏاري“ جي مولف، ڪيڏاري ۾ جيڪي وايون ڏنيون آهن، سي صديق فقير جي ٻين سرن ۾ ڇپيل واين جي ڀيٽ ۾ نهايت ٿي ڪُڄَسيون آهن ۽ بالڪل ’ٻار‘ ۽ ’اوساري‘ جي انداز ۾ آهن. ياد رهي ته مرحومَ مولف، ڪيڏاري ۾ آيل واين مثان ’واين‘ سان گڏ ’صدائون‘ به لکيو آهي. ٿي سگهي ٿو ’وائي‘ ۽ ’صدا‘ جي معنيٰ ۾ ڪو تفاوت مرحوم مولف جي مدنظر هجي؛ يا صديق فقير، جهڙي طرح ٻين شاعرن امامن جي ڏک وارو جيڪو ڪلام ’زاري‘ جي نالي سان سڏيو آهي، تنهن کي ’صدائون‘ ڪوٺيو هجي. مثال لاءِ هڪڙي صدا پيش ڪجي ٿي:

ڪانـڌ ڪـي ڪـوڏ مـنـجـهان، ڪـوڏ منجهان،
هـلـي هـار ٻڌائـون، هيج منجهان، هيج منجهان.

اي هو... متان، پوئيم، رات وچان، رات وچان،
اچي، اچي ڪانڌ ڪوريو، ڪوڙ منجهان ڪوڙ منجهان،
هلي هار ٻڌائون، هيج منجهان، هيج منجهان!
(ڪتاب ڪيڏارو- ص ٨٥)

مٿيئن ”صدا“ ۾، عام طرح جيئن ڳائڻا يا اوسارينديءَ عورتون جيئن ٻار ڪين ٽيون، تيئن ورائي ورائي ساڳيون سٽون ”اي هو“ سميت لکيون ويون آهن. اهي ’صدائون‘ اهڙي نموني ۾ ”ڪيڏاري“ جي مولف ڪيئن لکيون آهن، تن بابت ڪا به خبر پئجي نه سگهي آهي. ڇپجڻ بعد ته انهن ’واين يا صدائن‘ خواهه ٻين ڪيڏاري جي بيتن ۾ گهڻيون غلطيون ٿي ويون آهن، جن جي تصحيح جي سخت ضرورت آهي. ان هوندي به مخدوم محمد صالح مرحوم جي تحقيقي ڪاوشن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي*.

صوفي صادق جو سنيهو

سنڌ جي صوفي بزرگ شاعرن مان لطيف، سچل ۽ سامي، جو ڪلام پنهنجي فن ۽ افاديت جي لحاظ سان وڏو مقام حاصل ڪيو آهي، بلڪل انهن وانگر پنهنجي وقت جي يگانهءِ روزگار، عظيم صوفي ۽ اهل دل بزرگ حضرت صديق فقير ”صادق“ رحہ جن (وفات ١٢٦٥هه) به پنهنجي اثرانگيز ۽ دلنشين، پرتاثير ۽ پاڪيزه ڪلام ذريعي خدا جي خلق کي حق جو پيغام رسايو. هن فقير بينظير پنهنجي صوفيانه ۽ عارفانه ڪلام جو بيمثال ۽ لازوال خزانو ڇڏيو آهي، جنهن جو لفظ لفظ حق جي طالبن لاءِ عظيم نعمت ۽ بيبها دولت آهي. جنهن کي سهيڙي ۽ سموهي، سنواري ۽ سينگاري، هڪ مستند ۽ معتبر متن جي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو فرض هر سنڌيدان تي يڪسان عائد ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾، ان تي عالمانه ۽ مبسوط شرح لکڻ جو ڪم اديبن ۽ عالمن جي ذميدارين ۾ شامل آهي، جيڪي اهڙين ’ادبي ۽ شعري‘ صوفيائين نڪتهءِ سنجين ۽ موشگافين کي سمجهي ۽ پرجهي سگهن ٿا. ناچيز کي نه تصوف جي ايڏي ڄاڻ آهي ۽ نه وري ’صادق شناسيءَ‘ جي دعوا. صادق صوفي کي سمجهڻ لاءِ ’عارف جي دل‘، ’شاعر جو شعور‘ ۽ ’صوفيءَ جي بصيرت‘ کپي: تاهم ’صوفي صادق فقير‘ جي ڪلام کي مطالع ڪرڻ ۽ سهيڙڻ جي جا سعادت حاصل ٿي آهي، انهيءَ جي آڌار تي هيترو ضرور چئي سگهبو ته صوفي صادق رحہ جن جي ڪلام ۾ زبان جي سادگي ۽ سنائي، سهڻائي ۽ سريلائي، سوز ۽ اثر، جو جيڪو ثمر ۽ سامان آهي، اهو قدر ڪرڻ جي لائق آهي. سندن ڪلام ۾ زبان ۽ بيان جون علمي ۽ ادبي خوبيون ۽ خاصيتون به آهن، ته صوفيانه جوش ۽ خروش،

*صفحي ٦٨ تي فقير صديق جي ولادت جي جڳهه، ڳوٺ امر شريف هاٿوڪو صوفي ڳوٺ ڄاڻايو ويو آهي، جيڪو فقير صاحب جي خانداني روايت موجب غلط آهي. فقير جي ولادت ”ٻني“ لڳ ڪڇ ۾ چئي وڃي ٿي، جيڪا روايت درست آهي.

بيباڪي ۽ بيخوفي به آهي، ۽ انهن سان گڏ عاجزي ۽ انڪساري، نهٺائي ۽ نماڻائي به ڪمال تي پهتل آهي. گويا 'لطيف' واري اعتدال پسندي ۽ لطيف انداز، ۽ 'سچل سرمست' واري صوفياڻي بيباڪي ۽ بيپرواهي، سرمستي ۽ سرفرازيءَ جو، سندن ڪلام ۾ سهڻو سنگم ۽ امتزاج موجود آهي. جيئن هرڪنهن عظيم ۽ اعليٰ، آفاقي ۽ عرفاني شاعر جو ڪلام، عرفاني ۽ جاوداني، ابدي ۽ الهامي هئڻ ڪري، سدائين حيات ۽ حيات بخش هوندو آهي، تيئن صادق فقير جو ڪلام به زنده جاويد رهڻو آهي.

عظيم شاعر جي نظر فيض اثر، نه رڳو سندس وقت جي مختصر ۽ محدود ماحول تي هوندي آهي؛ پر هن جي نگاهه حق آگاهه ماضي، 'حال' ۽ مستقبل جي تهذيبي ۽ تمدني، روحاني ۽ اخلاقي ماحول تي به هوندي آهي. تنهنڪري انهيءَ جو 'شعر' هردؤر ۽ هر زماني جي انسان جي جذبات ۽ مقتضيات جي ترجماني، رهبري ۽ رهنمائي ڪندو آهي، ۽ اهڙو شعر هروقت شگفته ۽ تازو، وڻندڙ ۽ لذيذ، اثر پذير ۽ دل آويز، اخلاق آموز ۽ روحاني طمانيت جو حامل هوندو آهي. هردؤر جو انسان منجهانئس قلبي حظ ۽ حضور، سوز ۽ سرور حاصل ڪري سگهي ٿو. 'صديق فقير' جڏهن ته "شاهه شهيد" جي صوفياڻي سلسلي جو نمائندو شاعر ۽ سندن عارفانه 'نظريات ۽ تعليمات' جو عظيم ترجمان آهي؛ تنهنڪري، جهوڪ جي صوفين جي نظريءَ تصوف کي سمجهڻ لاءِ هڪ مستند ماخذ جي حيثيت پڻ رکي ٿو. فقير صاحب تصوف جي عميق ۽ دقيق مسئلن — 'وحدت الوجود' ۽ 'وحدت الشهود'، 'نفي ۽ اثبات'، 'فنا ۽ بقا'، 'وجودِ باري' ۽ 'رويت باري'، 'عروج ۽ نزول'، 'حقيقت محمدي'، 'خير ۽ شر'، 'جبر ۽ قدر' — وغيره جهڙن وڏن مسئلن تي به گهڻو ڪجهه چيو آهي. انهن مسئلن تي هن کان اڳ گهڻن ئي متڪلمين ۽ صوفين سڳورن پنهنجي حال آهر گهڻي ڪجهه خيال آرائي ڪئي آهي، پر صوفي صادق انهن مسئلن کي هڪ خاص زاويءَ نظر سان ڏٺو ۽ پيش ڪيو آهي.

مٿي بيان ٿيل صوفيانه مسئلن متعلق، فقير جي شعر جا مثال ڏيئي مضمون کي واڌ ڏيڻ نٿا گهرون. اڳتي جيڪو فقير جي ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي، اهو فقير صاحب جي ڪلام جو شاهد عادل آهي. ان ۾ اهي مڙيئي خوبيون موجود آهن. فقير صاحب جن جي ڪلام کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ کان پوءِ، اهو اعتراف ڪرڻو پوندو ته صادق صوفي رحه جن جو ڪلام سڪ ۽ سوز، سچائيءَ ۽ نهٺائيءَ جو سنيهو؛ شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت، جو رهبر؛ عرفان ۽ ايقان جو پيغام؛ اندر جي آجرائيءَ ۽ ضمير جي روشنائيءَ، خود آگاهيءَ ۽ خدا آگاهيءَ جو نبار نياپو آهي. ٿورن لفظن ۾ چئجي ته روزانه زندگيءَ ۾ سچ ۽ سچائيءَ، محبت ۽ خلوص، ديانتداريءَ ۽ ايمانداريءَ سان هلڻ؛ صحيح انساني ڪردار جي تشڪيل ۽ تعمير ڪرڻ؛ روحاني ۽ اخلاقي، علمي ۽ ادبي دوراند يشيءَ ۽ دانشمنديءَ کان ڪم وٺڻ: صادق فقير جي تعليم جو اهم پيغام آهي. معرفت جي هن مٿير پنهنجي شعر ۾ جتي ڪٿي ڪامل مرشد وانگر زندگيءَ

جي اسرارن، روحانيت جي رازن ۽ تصوف جي باريڪ نڪتن ۽ رمزن کي آشڪار ڪندي؛ سنڌ سڳوريءَ جي ٻين صوفي بزرگن وانگر 'هندو-مسلم اتحاد'، محبت ۽ ميلاپ سان گڏ، عام انسانذات جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. صادق فقير انساني برادريءَ واري عالمي نظريي هيٺ، هڪ انسان کي حسب ۽ نسب، قوم ۽ قبيلي، ملڪ ۽ علائقائي حد بندين، ڪاري ۽ گوري، امير ۽ غريب، عربي ۽ عجمي جي اضافي نسبتن کان سواءِ، هڪ 'انسان' جي حيثيت سان غيرمعمولي عزت ۽ احترام ڏيڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو. اهڙو اظهار فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جتي ڪٿي ڪري ٿو.

صوفي صادق، هڪ صوفي فنڪار ۽ پنهنجي دؤر جي عظيم عوامي ترجمان هجڻ سان گڏ، وقت جو نهايت بيباڪ ۽ باحوصلہ مرد پڻ هو، جنهن، وقت جي حاڪمن کي سندن ظلم خلاف کليءَ دربار ۾ للڪاريو؛ ۽ کين سندن ظالمانہ ۽ عوام ڪُش، غريبانمار روش ۽ بيجا مشغولين ۽ مصروفيتن کان شرمايو؛ ۽ سندن بدانتظاميءَ ۽ بيهمتيءَ تي زوردار چوٽون ڪيائين.

ٻيو تہ فقير صاحب جي ڪلام ۾ صوفيانہ عنصر سان گڏ، عشقيہ واردات ۽ ڪيفيات، لطيف جذبات ۽ احساسات جي بہ ڀرپور ترجماني موجود آهي، جنهن کي پڙهڻ سان هڪ سوز واري انسان کان بيساختہ دانهن نڪري وڃي ٿي.

فقير صاحب جو ڪلام، جيڪو هٿ آيو آهي، ان کي پنهنجي علمي بساط آهر پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي اٿم. باقي رهيو صادق فقير جي ڪلام جي مطالعي جائزي ۽ شرح جو سوال، سو فقير جي ڪلام جي شرح لکڻ جو منصب آهي، ان سلسلي سان وابستہ صوفي عالمن خواهہ سنڌ جي اديبن، محققن ۽ ناقدن جو، جن کي پنهنجي فرض جو احساس ڪرڻ کپرجي.

ڪلام جي وچور

صوفي 'صادق رحہ' جو اڳتي هلي پيش ڪيل ڪلام، مختلف ذريعن سان هٿ آيو آهي. ڪلام ڪنهن بہ هڪ ڪتاب، يا فقير صاحب جي ڪلام جي ڪنهن هڪ نسخي تان نہ آتاريو ويو آهي، بلڪ چار وايون هيتان، پنج هُتان، ڏهہ بيت هڪ فقير کان تہ پندرهن بيت ٻئي سگهڙ کان ڪري هٿ ڪيا ويا آهن. چند بيت يا وايون ڪن اهڙن 'اهل ذوق' دوستن جي نوٽبڪن تان ورتل آهن، جيڪي انهن پنهنجي ذوق جي تسڪين ۽ تڪميل لاءِ لکيا هئا. واين ۽ بيتن کي سُرن وار لکيو ويو آهي. جن ذريعن کان ڪلام مليا آهن، انهن جي ترتيب ۾ ڪابہ گهڻي ڦيرقار نہ ڪئي وئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن کي انهن سرن جي ترتيب سان اختلاف هجي. اسان جي خيال ۾ بيت ۽ وايون، جن جن سرن ۾ لکيون ويون آهن، گهڻو ڪري اهي صحيح سمجهڻ کپرجن؛ چو تہ گهڻي ڀاڱي فقير صاحب جي شعرن جي مضمونن مان سُرَ ظاهر آهن. ان سلسلي ۾ شاهہ جي رسالي جي سُرن ۽ انهن جي مضمونن کي پڻ نظر

هيٺ رکڻ گهرجي، ڇو ته فقيرصاحب، شاهه صاحب جي تتبع ۽ پنهنجي دور جي عام شاعرانه روايت موجب، تمثيلي رنگ ۾ شعر چيو آهي.

ٻيو ته صادق فقير جي رسالي جي گڏ کندڙ جامعين ۽ ڪاتبن ٻه شاهه جي رسالي جي ترتيب کي سامهون رکي فقيرصاحب جو رسالو ترتيب ڏنو هوندو. اسان جيڪي ٻه بيت، هتي، جن جن سرن ۾ لکيا آهن، انهن لاءِ ڪابه اهڙي اخري راءِ ڏيڻي ڪانه سگهبي ته اهي بيت هميشه لاءِ انهن سرن جا تسليم ڪيا وڃن، يا اها ترتيب ڪا آخري آهي. اهڙي راءِ لاءِ ڪابه سَنَدَ اسان وٽ موجود نه آهي، بجز نقل ۽ روايت جي. وڌيڪ تحقيق ڪرڻ محققن جو ڪم آهي.

دستياب ٿيل ڪلام مان ڪجهه سنڌي ۽ سرائڪي زبان جا، بيت ۽ ڪجهه وايون، هن انتخاب ۾ ڏيڻ کان روڪيل آهن، ڇو ته ان ڪلام ۾ تمام گهڻيون فني ۽ معنوي غلطيون آهن، مختلف پڙهڻيون آهن، جيڪي عام پڙهندڙ لاءِ مونجهارو ٿيون پيدا ڪن. اهڙي ڪلام کي مختلف پڙهڻين جي پيٽڻ ۽ درست ڪرڻ کان پوءِ شايع ڪري سگهجي ٿو، ۽ اهو ڪم به محقق عالمن جو آهي. صوفي صادق فقير جي رسالن لاءِ جن به رسالا ڏنا آهن، انهن جي متفق راءِ آهي ته ان ۾ شاهه جو ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام گهڻو گڏوچڙ آيل آهي، ان ڪري عام طرح 'صديق فقير' جي رسالي کي پڙهندڙن، 'شاهه ۽ صادق' جي بيتن ۾ جيڪو حقيقي تفاوت آهي، ان کي محسوس نه ڪيو آهي؛ ۽ اهو فرق معلوم ڪرڻ عام ماڻهن جي وس جي ڳالهه به نه آهي، تنهنڪري صادق فقير جي سلسلي جي فقيرن ۾ گهڻيون غلطفهميون پيدا ٿيل آهن. اهڙن فقيرن جي خيال ۾ صادق فقير جي رسالي ۾ جيڪي بيت 'شاهه' جا آيل آهن، سي صادق فقير جا ئي آهن، بلڪ غلطيءَ وچان 'شاهه' جي رسالي ۾ لکجي ويا آهن! عقل سليم اها ڳالهه ڪڏهن به تسليم ڪونه ڪندو ته صوفي صاحب جا بيت ڪي شاهه جي رسالي جي سڀ کان قديم نسخي "گنج شريف" ۾ لکجي ويا هوندا! جڏهن ته گنج جي تاليف وقت نڪو 'صادق فقير' اڃا فقيري اختيار ڪئي هئي ۽ نڪا شاعري شروع ڪئي هئي.

فقيرصاحب جي شاعري شروع ڪرڻ ۽ فقيري اختيار ڪرڻ واري روايتن ۾ (جيڪي سماهي مهراڻ ١،٢/١٩٦٥ع پرچي ۾ ڏسڻ گهرجن)، بيان ٿي آيو آهي ته فقيرصاحب شاعري پنجويهن-ڇويهن سالن جي عمر ۾ شروع ڪئي آهي، ۽ فقيرصاحب جو جنم سن ١١٧٠هجري جو آهي. ان حساب سان ڇٽيو ته فقيرصاحب ١١٩٦هه ڌاري شاعري به شروع ڪئي ۽ جهوڪ شريف ۾ رهي فقيريءَ جي راهه به ورتي. 'لطيفيات' تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، ان سال بلڙيءَ ۾ شاهه جو هڪ رسالو اڳئين پيل رسالي تان نقل ڪيو ويو آهي، اهڙي روايت مولانا دين محمد وفائيءَ مرحوم پنهنجي ڪتاب 'شاهه جو مطالعو' ۾ آندي آهي.

مولانا وفائي لکي ٿو:

"ہي هڪ روايت آهي ته تمرفقير واري نسخي تان سرن جي ترتيب موجب ٻه نسخا

تيار ڪرايا ويا، جن مان هڪ پٽ تي رهيو ۽ ٻيو درگاهہ ڪريميءَ تي رکيو ويو. درگاهہ ڪريميءَ واري اصلي نسخي تان ١١٩٦هہ مطابق ١٧٨٠ع جي ٻيو نسخو لکارايو ويو، جو اڄ تائين موجود آهي. گويا اهو نسخو شاهہ صاحب جي وفات کان ٣١ سال پوءِ تيار ڪرايو ويو"(١).

شاهہ صاحب جي رسالي جي هن 'اهم' نقل ٿيل رسالي واري مال، فقير صاحب مس مس شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيو آهي. پلا ان ئي مال فقير صاحب جو ڪلام ڪيئن ٿو لطيفي دفتر ۾ درج ٿي سگهي؟ افسوس جو ان فرق کي مدنظر نہ رکيو ويو آهي. ان کان پوءِ، جيڪي شاهہ جا رسالا لکيا ويا آهن، اهي گهڻو ڪري بلڙيءَ ۽ پٽَ وارن رسالن جا نقل در نقل آهن، ۽ انهن ۾ 'اضافا' بہ گهٽ ڪيا ويا آهن. اهڙي حال ۾ اها ڳالهہ نہ مڃي سگهبي تہ فقير جو ڪلام شاهہ جي ڪلام ۾ لکجي ويو آهي.

اسان کي ڪيترا شاهہ صاحب جي رسالي جا تسليم ٿيل ۽ عام بيت، صادق فقير جا ڪري لکرايا ويا هئا، جيڪي پڪاپڪا شاهہ جا هئا، سي داخل نہ ڪيا ويا آهن. باقي ڪلام هن طرح الف-بي وار سهيڙيو ويو آهي:

(الف) **مختلف سرن جا بيت:** پندرهن سرن جا جملي ٻہ سؤ ٻٽيهہ (٢٣٢) بيت. جن ۾ سر 'ڪيڏاري' جا ٽيونجاهہ (٥٣) ۽ سر 'سوڏڙي' جا پنج (٥)- جملي اٺونجاهہ (٥٨) بيت مخدوم محمد صالح پٽي جي ڪيڏاري تان ورتل آهن، باقي هڪ سؤ چوهتر (١٧٤) بيت پهريون دفعو هيٺري انداز ۾ يڪجا شايع ٿي رهيا آهن.

(ب) **سرائڪي وايون ۽ دوها:** ست (٧) وايون، ۽ ڇهہ (٦) دوها. جي بہ پهريون دفعو شايع ٿي رهيا آهن.

(ج) **سنڌي وايون:** مختلف سرن جون جملي چوراسي (٨٤). جن مان ست (٧) وايون مخدوم محمد صالح پٽي جي ڪيڏاري تان ورتل آهن، باقي سٺهتر (٧٧) وايون هت پهريون دفعو شايع ٿي رهيون آهن.

مطلب تہ هن انتخاب ۾ جملي سڀ سنڌي ۽ سرائڪي ايڪانوي (٩١) وايون، ٻہ سؤ ٻٽيهہ (٢٣٢) بيت- (جن مان مخدوم واري 'ڪيڏاري' وارن بيتن مان چوڏهن (١٤) شاهہ ۽ احسان فقير جي بيتن سان مشابهہ بيت، جن جي حيثيت مشڪوڪ آهي ۽ هڪ بيت ('يتيم' شاعر جو) ڪي ذاريون ڪلام سمجهڻ گهرجي.)- ۽ ڇهہ (٦) سرائڪي زبان جا دوها شامل آهن. فقير صاحب جي ڪلام جو هيٺري انداز ۾ صحيح نموني هٿ اچڻ، 'اهل تصوف' ۽ 'صاحب ذوق' حضرات لاءِ غنيمت بہ آهي ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ لاءِ نيڪ فال بہ.

---

(١) "شاهہ جو مطالعو" از مولانا دين محمد وفائي مرحوم. ص: ١٠٣-١٠٤- اشاعت جو سال ١٩٦٢ع، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي-١.

Gul Hayat Institute

سُرن وار ڪلام جي ترتيب

(الف) مختلف سُرن جا بيت

ڪلياڻ ٥٢	راڻو ٣٣	سارنگ ١٩	سسئي ١٧	رام ڪلي ٥
ساموندي ٧	وهاڳڙو ١٠	ڏهر ٨	بلاول ١٢	سورٺ ٤
ليلان چنيسر ٢	ڪاپائتي ٣	مارئي ٢	ڪيڏارو ٥٣	سوڏڙو ٥

ڪل انداز ٢٣٢

(ب) سرائڪي وايون ۽ دوها

وايون ٧ دوها ٦

(ج) سنڌي وايون

ڪلياڻ ١٣	سسئي ٤٠	راڻو ٦	ڪانرو ٦	رامڪلي ٦
مارئي ٢	سارنگ ١	سهڻي ٢	نوري ١	ڪيڏارو ٧

ڪل انداز ٨٤

Gul Hayat Institute

(الف) مختلف سُرن جا بيت

سر ڪلياڻ

الف سندي اڳ ۾، سچي ڪو نه شريڪ،
چوڏس سڄڻ سامهون، اندر روح رفيق،
تن ۾ جو تحقيق، سو سڄاتو سپرين.

احدان اڳي جو هئو، سو سڀ هئڻ سندوس،
پسڻ منجهان پڌرو، نبيءَ نُور ڪيوس،
مظهر نُور ٿيوس، هرڪا قدرت ان جي.

احدان اڳي جا هئي، سوڏي سا صفت،
اها اشارت، ساڻيڏ گهڻو سٽري.

نالي ۾ نالو ٿيا، ٻرين سي پسن،
آهي احديت تن، جي واحدُون واحد ٿيا.

مڙيوئي منهن ٿيو، هلڻ ٿيو حيران،
جوڳي سندي جُوءِ ۾، سيوئي سبحان،
ڪعبو ۽ قرآن، ڪيڏانهن نيئي نيٽيان.

معنيٰ مثل نه جڙي، عجب آهم ايءُ،
ڏَسيو ڏِسان نه سپرين، جلي پيو جيءُ،
هاٽي ويو هيءُ، هو پڻ ويو هِن ڪان.

الله اوراهون ڇڏئون، پند پراهين پيا،
بنا نالي سپرين، اجا ڪي پيا،
واڪيندي ويا، ”صادق“ پڌيو سند را.

الله الله ڪن، اسين مور نه مڃيون تن کي،
اسين منجهان تن، جن ناءُ نه ورتو ڪڏهين.

سيت صاحب هڪڙو، جاءِ بجاءِ ذاتي،
سو ”صادق“ سو سپرين، سو ڪسڻ سو ڪاتي،
جان سون اک پاتي، حوصلو حيران ٿيو.

سو سيوئي سبحان، جو تو چت نه چاتو،
عقل سين الله ڏانهن، پير نه ڪنهن پاتو،
سندو نينهن ناتو، پورن پاڳي آيو.

اتي ڳڏيا سپرين، جتي وسري آئون،
تهان پراهون، قدم قريبن جو.

ڪَهي ڪلمون هڪڙو، جان قلب کوڏ ڪَهيوم.
اندر روح رهيوم، آواز اناالحق جو.

جيڪي ڏٺئي جڳ کي، سو اسان کي م ڏي،
سو مڙيوئي نيي، جونو جو جهان جو.

جيڪي تنهنجو سپرين، سو اسان جو نه هو،
اسين تنهنجا تو، تون نه اسان جو سپرين.

منهن لکيائون ’ميم‘، اندر لکيائون ’احد‘،
ڪرين ڪوهه وَحَدَ، جو پيو تو پٽن تي.

لکڻ لکيو جن، تون جي ڏسين سي،
ته پيئي ’الف-بي‘، هوند وجنئي وسري.

اکر لکيائون ’الف‘ جو، سنواري سنئون،
پڙهين جي پهون، ته نُڪتو آهي نفيءَ جو.

پڙهڻ ات پورو ٿيو، جتي ويو وجود،
ريءَ سجدي سجود، ’سبحاني‘ سڀ ٿيو.

ناحق ڪجان سپرين، جو شرع مور نہ هو،
جهلجي اچان تو، مان گناهن ڳڌجي.

جڙيو آهي جهان ۾، آدم اجا هير،
قادر 'ڪن فيڪون' سين، نڪا ويل نہ وير،
ڀرتئون ڪٽج پير، سنامي صدق سين.

ويا جي وجود ڪان، تن ڪانهي قالب ڪاڻ،
تون هت پسين پاڻ، هو الستئون اڳي ٿيا.

ڪان ڪچاڙو پر، امر منجهہ اچي،
هنيو جو سچي، سو گهاءُ گسندو ڪينڪي.

ڪان کهڙو ڏوهہ، وني هٿ هنيو،
لئون لئون منجهہ ليو، لڳي لوهہ لڱن ۾.

ڪان ڪاني نہ جڙي، ڪُهر پريان گهاءُ،
جا ڀر پريان آهہ، سا وڍڻ ڪان وتري.

نہ سيگ نہ سپرين، ڪاني نہ ڪانُ،
ڏکن سڀ مَڪانَ، ڪوهہ جاڻان ڪنهن گهائيا.

سيگ ساهي سپرين، هڻج ڀيو ڪان،
وجي سو ڪمان، آڏو جو اکڙين ڪي.

هو جي ڀاران پرينءَ جي، لڳن تڪا تير،
گهڻو گهائين ان ڪي، جي هون واصل وير،
مرقتين فقير، جهلج سيني سامهان.

هو جي ٿورا سچڻين، سي مون ڀانيا سور،
پهتس تان نہ پور، ڳُڻ ڳڻيندي تن جا.

مري مُترڪن سان، سڙي ويئي سانڌاڻ،
تن منجهہ تاڏو تاڻ، مون پريان جي نہ لهي.

جيئن تون سچو مُترو، عاشق ائين نہ هُون،
پهہ ءِروڙيو پرين جو، ٿا راتو ڏينهن رون،
اپا ائين چون، تہ مر لٿو سور ويو.

آهون ڪن آڏيءَ تي، عاشق آڏَ ڪُنا،
مرن ڪين مُنا، سچا ڪُهہ "صديق" چئي.

وسيلو واسئين مينهن جيئن، لوري جت لڳن،
ڪنڌ نہ ڪڍيو ڪڏهين، اتان عاشقن،
اوڏاهين اڳهن، جيڪي گهٽين ڀتئين گهائيا.

ڪُهٽي ڪاتي يار جي، ڪُهي ڀتئون ڀت،
سدا آلي رت، مور نہ سُڪي ڪڏهين.

سَچين ڪوهہ 'صديق' چئي، هٽي مار هٿيار،
اچي نہ ٿهار، لوچان پئي لهرئين.

متان ڏين سپرين، ڏيڻ نہ آهہ ذات،
جا وائي ڪريون وات، سا پڻ وجي وسري.

متان ڏين سپرين، سر نَلي هجان نَل،
هو جا تنهنجي پَل، سا ڪنين ڪين سٹان.

پري هلي نہ پيچرو، نالو ٿيو نانهن،
تنهان پري دانهن، شڪارين شڪار جي.

شڪاري شعور سان، ڪؤڙن منجهان ڪي،
سچائي صورت ڪي، وسهي وينا سي،
ڪيائون الف-بي، عنقا آندائون ڪين ڪي.

شڪاري شڪار ۾، تون پاڻ وڃائي ويهہ،
مري مِل مقصود ڪي، عنقا اهڙو ڏيهہ،
سجهي جو ساڻيهہ، اتان سؤ شڪاري سِڪي ويا.

ڳڌجڻ تنهنجو ڳهوريو، جدا ٿي تون يار،
ماڻهو مُنجهائين معني ۾، جيئن ڪک ٻڏي منجهہ ٻار،
پهتا سي ئِي پار، جن وصال ئي نہ ٿيو.

ڳڌجڻ تان گمراهي، جدائي تان جس،
ڀري آيو پس، پاسي ڪيو پاڻ ڪي.

Gul Hayat Institute

عشق سندي آگ جو، قلم ڪيدياڻون،
معرفت جي مس سان، تي ’لا اللهُ‘ لکياڻون،
سو پنو پڙهياڻون، جو سنجهائي معلوم ٿيو.

محبت جي ميدان ۾، عشق ڪڙو ڪيديج،
فڪر ساڻ فقير چئي، هٿين ڪي هٿيج،
اندر آجاريج، ته ڪٿ نه چڙهي ڪڏهين.

محبت جي ميدان ۾، ڪنهن ڇيو تون اچ،
سيڻن جي سراهه ۾، تو سئين جو پري مچ،
پرين چوڻي پچ، تون آگ اوڏوئي نه اچين.

محبت جي ميدان ۾، تو ڪنهن ڇيو آءِ،
سيڻن جي سراهه ۾، ٿا گهاتا لڳن گهاءِ،
مهندا محبوبن جي، اچي جان جلاءِ،
سوري سر سنياءِ، جي نالو ڳيڙهيئي نينهن جو.

ولوڙي مٽ مان، ڪنهن جو ڪيف ڪيديو،
توري ترازوءَ سين، صورت منجهه سڃيو،
مٽ جو مثل نه جڙي، هو قطرو ڪوثر جو،
مئي جو مُلهه نه ڪو، سر تان ڪاني ڪاڻ ۾.

صورت پانيم شيخ ڪي، معنيٰ مڙيوئي،
ٿيو ثابت سيوئي، حق حقيقت جنهن ڪان.

صوفي سين ۾ اڳرو، پيا مڙيوئي پوءِ،
جهڙي صفائي صوفي ڪي، تهڙي سچ نه هوءِ،
هتي آهي ڪو نه ڪو، نه ڪو مرد نه جوءِ،
ڳجهه اندر جون ڳالهيون، اندر مان پيو چوءِ،
”صادق“ آهي سوءِ، جنهن ڪي اندر هئو هلي ويو.

ڏنو سر ڏِڪ تي، صوفين جي سردار،
ڳائي ڳالهائڻو ٿيو، سر لڙان ئي ڏار،
تنهن جي ڪندو ڪير ڪُوار، جيڪو ڪلمي
سين ڪاٽيو.

ڪنجهيون ڪيرت ڪينرا، هي هنگاما هُل،
متا ڪن ٿا مَل، صوفين جا ”صديق“ چئي.

نڪو سر نه ڦر، نه ٽينگ نه تيڏارو،
لڳو آهي نه لهي، من اندر مارو،
سچوئي سارو، هينئون حيرت ۾ پيو.

ڪڪ لڳي رت نڪري، هينئون ڪچاڙو ڪاءِ،
مون ڪي ماٺ جڳاءِ، دل دانهن ريءَ نه رهي.

سر مومل راڻو

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، بابو منجهه بَرَ،
تنهن سامي ڏني سيڪا، ويهي خاص خبر،
گهوٽن چڙيا گهر، ويچارن وِهه ٿيا.

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
ناڻي آيا تتهين، جت مومل موچاري،
آيا نه ماري، جيڪس وِهن سپ واهتيا.

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، ڳيڙو سان گلزار،
تنهن موچاري مومل جا، پيهي ڏنا پار،
گهوڙا گهوٽ سوار، ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

اپرندي آس ڪري، جيڏو سج سهاءُ،
تيڏي ڪاڪ ڏچائين، بابو جي بناءَ،
مومل مون سناءِ، ڪنهن ويل نه وڃي وسري.

پرهه جو پيدا ٿيو، ڳاڙاهي جو ڳچ،
سامي ڪي صورت جو، منهن ۾ پري سچ،
سامي ڳالهاءِ سچ، ته ڪتان ڪکورين ڪاپڙي.

ڪتان هليين ڪاپڙي، ڪٿي هئين ڪالهه،
اکيون رت ڳاڙهيون، تو لڙڪ وهائين لال،
ڏنئي جي جمال، سو سامي ڪوهه نه سليين.

يا ويراڳي وسري، تيرٿ سڀ تمام،
نهين پاٽي دام، وينو ويروماس ۾.

رها شڪاري ٿيا، جوڳي ڏنائون،
هوڙا ڪاهي گهوٽيا، پر ۾ پڇيائون،
بل چاڳر چوڙي، پاٽي پيتائون،
زهندي چيائون، ته موٽڻ ڪو مس ٿئي.

رها شڪاري ٿيا، پرمل پيتائون،
ا جا ڪاڪ وڻن جي، بولي ٻڌائون،
هـَن لـَـهـ رتيءَ جيترو، اسين ۽ آئون،
رتڙ سونائون، جت وايون وين وسري.

رها شڪاري ٿيا، ڪو جو پين پڙاءُ،
هين وين وسري، جن سين جيءَ جڙاءُ،
ڪو ڪاڪ تڙاءُ، لوڏي پئي لال ٿيا.

ڏي پئي لال ٿيا، ڪي جو ڪن پيون،
هڻ وهه ٿيون، ڪاهيائون ڪاڪ تي.

ڻ چڙهي ڪاڪ جي، جڏهين ڏٺو جن،
هين منجهان تن، موٽي آيو ڪونه ڪو.

ڏ جي ڪي گجرئيين، ڏٺو آتڻ اوراتو،
رن پئي ”صديق“ چئي، پير جن پاتو،
هو نهوڙي ناتو، گهائيندو گهڻن کي.

ري ڪيم آءُ، متان ڪاڪ ڪڙهي،
جي پاٽان هٿندئي گهاءُ، گڏ جي ڪي گجرئيين.

يا ڪاڪ ڪنڌئين، لوڏي اچي لڪ،
ڻ منجهان ان جي، پين ڪا پرک،
يچارا ورک، ويٺا واچين سور جا.

ين تي آڏيءَ جو، جڏهين ريهيئي تي راڻا،
ٺا تي ”صديق“ چئي، تو مومل جا ماڻا،
ا ٽڪاڻا، تنهن جا مارين مهندرا.

راڻا رتولن ۾، تو اچي ڪڙهه ڪيو،
گڏ جي ڪي گجرئيين، ڏنئي سور ٻيو،
هاڻي مارينده، ورهن وڇوڙو تنهنجو.

رس مَ رسڻ گهوريو، ٻرچ وچ مَ پري،
ماريس ڦٽ فراق جي، ان جـِهـَت جي ذري،
آيس تو ڳري، آءٌ سوڌا سڏڪياڻي ٿيان.

مومل جيئن ماري، تيئن راڻي ڪي ريس گهٽي،
سوڍي سمجهي ڳالهڙي، سيائي ساري،
تنهن لاءِ ٿيا باري، ”صادق“ سور پرين جا.

ڏک چڙهندي جو ڏنئين، ڪوني جو ڏهاڳ،
راڻو رهيو روح ۾، جنهن جو سڙيو سڀ سهاڳ،
هـي مـُٺي جو ڀاڳ، پينر پيڙوئي نه ٿئي.

مومل مـُٺي سهندرا، سڻي ڪو سلام،
پڳيس سڪ ”صديق“ چئي، اچيس نه آرام،
ڪنل کي ڪلام، موٽي آيو منهن ۾.

راڻا رتولن ۾، ويا رات رهي،
اڀي ڪاڪ تڙن تي، پڇايم پهي،
جڳن جا جڳ ٿيا، ويا ورهه پئي،
سوڍو ڳالهه صحي، ڪري ڪونه ڪنل سان.

سـُچا پـَس ”صديق“ چئي، محلاتون ۽ ماڳ،
جن جي تي مچ مرڪي، تي ڪيئون رس ۽ راڳ،
سي وِير ورائي واڳ، راڻا ڪنهن رخ ويا.

ڌرتي ڏِگ سنيري، ڪئين جوڌا ۽ جوان،
هتا هزارين ڪيترا، صوبا ۽ سلطان،
تنين جا مڪان، ”صادق“ سنيري ڪونه ڪو.

ميڙي ميڙي مال، سچا ويا ”صديق“ چئي،
ڏس پلي جا پال، ڪين ڏنائين ڪچ ۾.

ڪين ڏنائين ڪڇ ۾، توڙي ميڙ يئون مڱ،
ڪين ليائون ڳڻ، سچا ويا "صديق" چئي.

سيان ناهي "صديق" چئي، اٿي اور هير،
ڏکيا ڪري پير، پئي رهندين پٽ ۾.

سيان ناهي "صديق" چئي، اٿي اور اڄ،
واڃي وانگر وڄ، مٿي ڪي مرلي ڪري.

ساريون راتيون سمهي، تون ليٽين پيو لٽ،
سرلدين جي آڳت، نه ڪهڙو توروسڇين.

راڻو آيو راڄ ۾، ٿي سهيلين سٽ،
پٽ پهريو پدمڻين، ويس ڪيائون وٽ،
اديون اڏو اڏ، پهرين رات پرينءَ سان.

مٿان اڳڻ ڪرهو، جهليئي جيئن جهوڪي،
سڪ منهنجي سپرين، راٽا وڻين روڪي،
آءٌ سڪان ٿي توکي، من منهن ڏيکارين مينڌرا.

مٿان اڳڻ ڪرهو، وڻين جيئن واري،
سڪ تنهنجي سپرين، ڏيل وڏو ڏاري،
مون ڪي ٿي ساري، سو دل سائي ڳالهڙي.

ڳمندي ٿي ڳاڙهي، راٽا رونڻ منجهاءُ،
سائين ڪارڻ سپرين، هڪڙو پيرو آءُ،
هي نه اهڙو ڳهاءُ، جو مٽي وڃي وسري.

سر سارنگ

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سحر سونهاريءَ ڏار،
اڳي مَ وڄ تون ولها، محب منهنجا مٺار،
رس، راڳ توهان ڏار، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سان.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سحر سونهاريءَ سيت،
اڳي مَ وڄ ولها، محب منهنجا ميت،
اڳڻ راڳي چيت، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سان.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سحر سونهاريءَ جوڙ،
اڳي مَ وڃج ولها، تون محب منهنجا سوڙ،
توريءَ ڪنديءَ توڙ، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سان

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪارونجهر سونهن،
لڳو ڦٽ فراق جو، دل ۾ ڏکيا ڏونهن،
توريءَ ور ورونهن، ڪانڌ ڪنديس ڪن سان

سارنگ سنبهي آيو، ڪوڪ ڪري ڪڙڪو،
سرهيون سنگهاريون ٿيون، پسي ڦڙيءَ ٽڙڪو
پرينءَ جو پڙڪو، وهُ وڄن ڪان وترو.

سارنگ سنبهي آيو، جهڙ لائي جهاتي،
لفظ سئين "لام" جي، ڪفر ڇڏيئين ڪاتي،
جا برهه جي آتي، ما واءُ وڄن ڪان وتري.

سارنگ سنبهي آيو، پرين جي پارا،
آئي منڊ مينهن جي، وچڙين ڪيا وارا،
جن اڏيا اڪڙين اوتارا، سي "صادق" ملن سپرين

جهان جهان ڪري جهميو، اوهيرن آيو،
اکين آگم لائيا، ڪنهن ڏک ڏسايو،
جن جي قرب ڪوڏايو، سي انئي وڻڙم اکري

جهان جهان ڪري جهميو، اوهيرن اچي،
اکين آگم لائيا، پرينءَ لاءِ پچي،
جن جي سڪ سچي، سي آئي وڻڙم آکري.

وٺو مينهن وڏڦڙو، جهان جهان ڪري جهڪو
موچاري ملير جون، مينهون ٿلن مور،
هاديءَ لاٿا هور، ولهارن وس ٿي.

گهٽا گهاريا ڏينهڙا، اوسر اسان ساڻ،
دوستن دلاسو ڪيو، پرين اچي پاڻ،
ريلن منجهه رهاڻ، آءٌ آئي ڪنديس ان سان.

سڄڻ جنهن وڇوڙيا، تنهن اوسر ڀُنا ڏينهن،
پرين پيهي گهر آئيا، منڊن آنا ميهن،
ڏولائي جا ڏينهن، واحد سڀ وڃائيا.

سڄڻ اڳيئي سهڻا، پيا ويتر ڪيائون ويس،
منهن ڳورائي چنڊ جئين، ڪارا پرينءَ ڪيس،
جي هينئڙي منجهه هميش، سي مر اوڏا هونِ اکين کي.

سڄڻ اڳيئي سهڻا، پيا ڪجل پـِنن نيڻ،
اچي رهيو روح ۾، جيئن ماکي اندر ميڻ،
اهڙا سوڏا سيڻ، سي مر اوڏاهُون اکين کي.

سڄڻ اڳيئي سهڻا، پيو پهريائون پـَٽ،
لماڻا نيڻ ڪٽي، گهائي چڙهيو گهٽ،
جن جو ملهه نه مٽ، سي مر اوڏاهونِ اکين کي.

سارنگ سڪي وڄ ڪي، وڄ وري منجهه نانهن،
مارو هليا ملڪ کي، اتي ڇڏيائون آنهن،
جا دل اندر ۾ دانهن، سا ڪوڪ سڻايان ڪن کي.

سارنگ سڪي وڄ ڪي، وڄ وراڪي ڪين،
پرين پاڻ اڪائيو، تا سڪ سنيهڙا ڏين،
نيڻين مي ٽيون نين، ڏکويون ڏکن کي.

سارنگ سڪي وڄ ڪي، وڄ وراڪي پٽ،
"صادق" سونهن پرين جي، تنهن جو ملهه نه مٽ،
آءُ پرين مون وٽ، ته اوسر اوسيڙو لهي.

وسن ڪين وسان، اکيون منجهه خمار،
درد دائم تيڙو، تاڙي جيئن تنوار،
مانَ ملن منٺار، سڪندڙيـَن کي "صديق" چئي.

سر سسئي

سنجهي ويا "صديق" چئي، پرهه ڪٿي پير،
'هئي هئي' هٿي هتڙا، اتي آڏيءَ وير،
ڏکي ۽ سي ڏير، پرچي نه ويا پاڻ ۾.

پنڌ ۾ پيڙيون ٿي، ڪٿو پنهل جا پار،
جنين وڇڙيا يار، سي سمهنديون ڪيئن
"صديق" چئي.

ڪڻ پٽر پرين جو، سيوني ساري،
ڏک منهنجي ڏيل ۾، ويو پاروچل پاري،
امڙ، مون ڏاري، وِرهه واٽون لائيون.

ڪڻ پٽر پرين جو، هت نه هونداسون،
جيجل جوين ڏينهڙا، ڏکيا جالياسون،
آيل هائي مون، ورهه واٽون لائيون.

جتن ڏنس جان ۾، پـَنڌ ۽ پـَن،
سياڪو ۽ سگَـ، سسئي ناهه "صديق" چئي.

جيئن جيئن کهـُنبـ پائينِ، تيئن تيئن سهڻا سپرين،
ڪوڙين يوسف ڪيترا، ايا ڪرَ نائين،
اهڙائي آهين، "صادق" منهنجا سپرين.

"صادق" ڪنهن سچ پئين، جنهن ڇپر نه آهه ڇيهه،
هلان ته هلڻ نه اچي، وهان ته چون مَ ويهه،
هي انهن جو ڏيهه، جي ويا جـَلائي جان کي.

هڪ جبل جاڏا آيا، پي جهنگل پئي جهڪ،
اچن اڻ سولهين ڪي، شرڪ گهٽيرا شڪ،
سي سڀ لنگهيائين لڪ، ڪنهن سبب ساڻ "صديق" چئي

سسئي سياڪو، ڪج نه ڪيچين ساڻ،
اڪائيندا پاڻ، ڇـُلائيندا ڇپرين.

ڪيئن ڪريان ڪڙهي هنيون، کهوڙن هيون کهر
وري ڏيندس ور، هوتن لاءِ هڪڙو.

Gul Hayat Institute

ساعت ساعت سور، مون کي پل پل پور پيا،
هنئڙي منجھ هٺا، ٻاهر ٻڌايم ڪينڪي.

سچي ڪين سل، منجھ متيون ڏي من کي،
پئي ڪندا هل، ٻڌر پوندين پرينءَ سان.

متان جيءُ چوين، سٺيو پوڏ سترهي ڏيان،
پل پل پچن خبرون، ليک ليک ۾ لوڏين،
پرين جا پوڏين، سا مت سکج جنڊڙا.

هاڃي تنهنجي هنئي، جيئن، هڃن گھوڙا ۽ اٺ،
مٿيءَ پريو مٺ، ”صادق“ وسائي سر تي.

ٻاهر پاٿي پون، اندر جيري جيون،
پرينءَ گڏي ڪيون، ڦوڙاهي جون ڳالهڙيون.

مون پانيو مون ساڻ، ساعت نه ويندا سپرين،
مادر ها مهربان، مون ويسليءَ وچائيا.

مي ويري نه واهرو، جي مون پانيان سيت،
سورن سندي سيت، پاٿان ٻاڙهي هليا.

سر رامڪلي

پيچ ڍ پي ڪر ٽڪريون، خوديون ڪانٺي چڏ،
جوڳي جنگ جهان ڏي، مڙهيون مور مَ اڏ،
ونئون تنين جي سڏ، جي نڱيا لاھ ڪلهي ڪري.

آڏيءَ اوطاقن مان، ويا ورائي واڳ،
پهون پاري هليا، اندر منهنجي آڳ،
توسان ڪريان ڳالهڙيون، جيجان آئي جاڳ،
سامين جو سهاڳ، مادر مون نه ماڻيو.

پايو منهن مونن ۾، رئن رت ڦڙا،
وين سڌ ”صديق“ چئي، ٻڙدي جي ٻڙا،
ويراڳين وڙا، ٿيو حق حقيقت هيڪڙو.

نانگا وڃن نڱيو، دونهيون ٽيون دکن،
ڪين ورايم ڪاپڙي، ڪرها منجھ ڪکن،
هئي هئي، منجهان هٿن، وڃن ويراڳي لنگهيو.

وڃن ويراڳي لنگهيو، تون ويسري نه ويھ،
چنان سڳ سنياسئين، ديھ چڏي پي ديھ،
”صادق“ ويا ساٿيھ، جو ڪنهن پر ملن نه ڪاپڙي.

سر ساموندي

اهريا ڪاروليار ڏي، ڪري ڳواسي ڳت،
انهن جي اپت، سمنڊ سوجهي آئيا.

وڻ پرنئي سپرين، ڪامنئي پنا،
اسين تو ڪنا، سکون سبق سور جو.

وساريان نه وسري، صحي ڪيو سيڻ،
ٿيا نهارا نيڻ، مون ڏالهن معشوقن جا.

ذڪرمند فڪرمند عقلمند، اهي سند مڙئي ماڪ،
آهي عناصرن مان، ڦڪائيءَ جي ڦاڪ،
هتي جا هيراڪ، تن جو اورڻ ٿيو عميق مان.

وڃ ڪوندي ويسلا، ستين کهڙي ساءِ،
هڪل هنئين لاءِ، سڄي جا ساٿيھ ۾.

تُرها توکي تار ۾، ٻڌي وڏو ڪن،
ڪٿي تنهنجا سپرين، ڪٿي تنهنجا پن،
ذوقئون جوڙيو جن، تن ڪيئن وئين وسري.

مٿي هئم سپرين، جن وڏم هٿ آئي،
پاڙون پن جدا ٿيا، جيئن جيئن تک تائي،
الهيءَ لئه هائي، ٿو تران ڪين ڪپن تي.

Gul Hayat Institute

سر وهاڳڙو (وهاڳ)

ڪلهي پائي ڪينرو، پيري وجهه مَ پاڻ،
سهڻون سپڙ چام جي، اپي پس رهاڻ،
تن لتي هيڻائي هاڻ، جي رونجهائي رسيا.

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏور مَ ڏيهه پيو،
ڪين لهندين مڱڻا، سپڙ چام جيهو،
خالي ڪونه ٿيو، جي رونجهائي رسيا.

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏِسيون هڏ مَ ڏور،
سامهون سپڙ چام ڪي، اوڏو ويهي اور،
تن لتو هنئين هور، جي رونجهي ڪي رسيا.

دل دنبورو درد جو، پورو رڪ پريات،
مَ ڏج زور زبان تي، وائي وجائي وات،
ٽيپ توڙڻ گهور گهورڻ، چني جاڙن جي جيهات،
سهيو سچي رات، تو لنگها ڏينهن لڃائين.

نڪو هٿ نه پير ڪو، نه تو جيئڻ جس،
ڏسن جي ڏاتار ڪي، وڃي ڏوري ڏس،
ته سپڙ سونهن سندس، سُچي تي "صديق" چئي.

سمهي سمهي مڱڻا، اڃا اٿين هير،
نياڳا نندون ڪرين، ڏکها ڪريو پير،
وڏيءَ ڪنهن وير، مڱي ويا مڱڻا.

سمهين پاڻهن سر ڏيئي، تو ڇائين مڱڻهار،
ڪهڙو تن قرار، جن چوناٽي چيت چٽيي.

چارڻ چوناٽي مڙهي، وڻين 'سمنگ' ستي،
ساز ڏارج سُترو، مڱڻهار متي،
نڱي وڃي نڪري، هي ويل جا وتي،
ڪنجهي جا ڪتي، وڻو چارڻ اوڏهين.

ڪنجهي رت هٿ ڪري، ڪينر چڻن ڪنڌ،
چن نه ڇڄڻ بند، ۽ تندون طمع سنديون.

جي نه وڃائين مڱڻا، طمع جون تالون،
سَڄن سپڙ چام ڪي، تنهنجون هي حوالون،
لاڪيٺيون لعلون، ٿيون ملن مانيٽن ڪي.

سر ڏهر

سڪي پالڳر جيئن، تيئن پاپيهل آءُ مياس،
ڪي تو چورياس، ڪي مون سڄڻ ساريا.

ڏلڳي پڌ مَ پڳڙي، بدامن پاڙي،
رانڙ رناڙي، ائين پانڌ اڇليا.

ڪاڇيءَ ۾ ڪوڪ تي، پريا تان نه بدام،
ڪا پروڙي مام، پاتان راه پري ويا.

ڪاڇيءَ ۾ ڪوڪ تي، پريو بداما،
ادا آن وتان، لاڪو تو لوڙهيون ڪري.

گهڻو ڏُهلو، ڪاچو بدامن،
راتيان ننڊون نه ڪن، ڏينهان وڙهن ويرئين.

رائي ۾ رات ڪيو، ڪرڳل ڪونجڙين،
وِرهه ويچارين، راتو ڏينهان نه لهي.

ڪُڪ تنهنجي ڪونجڙي، سرمنجهيٺي هوءَ،
پاهر واڪا ووءَ، ڪوهه لايو "صديق" چئي.

ڏکن ڏينهن گذاريان، سورن راتڙيون،
تو ۾ مالهڙيون، پنڌيون آئڻ واريون.

سر بلاول

ميرالپور جا مڱڻا، ڏسين جي ڏيو،
سنواري سون ڪري، سيوئي سيهو،
جاسين تان جيو، ته رڙهو انهيءَ راهه ڏي.

Gul Hayat Institute

هل ميرانپور جا مڱڻا، جت ڏاتر ڏئي تو ڏات،
”ڪان پڇي تو ذات، آيا سي اگهيا.“

ميرانپور جا مڱڻا، ڏسين جي ڏاتار،
توڙئون طلبگار لئي، صلح جو سينگار،
منجهان نُور نبار، پکڙجي پيدا ٿيو.

ظاهر تون باطن تون، هادي منجهه حضور،
پرين تنهنجي پور، واسينگيو وک ڪٺان.

نِم - نُوراني پير جا، ڪاڙن ۽ ڪُلن،
ڪٿوري خوشبوءِ جا، مشڪون مينهن وسن،
ميرانپور ميرن، ڪوسو واءُ نہ وارئين.

ٿم نوراني پير جا، نمن وسي نُور،
’قلندرشاهہ‘ ڪرم سان، پريو ڏئي پرپور،
منجهان نُورظهور، وڻ ٻہ وڃن واسيا.

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين سندا،
اسين ’صوفي شاهہ‘ جي، ٻلي لڱ ٻندا،
ميرا جي مدا، تہ ٻہ پير نہ ڇڏي پنهنجا.

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جا پر،
اسان ڪي موج ميرانپور مير جي، وسيلو واهر،
ٽَڪن ڪي ٿاهر، جهلو جهوڪ ڏٿين جو.

جي تون هينئڙا آجون، تہ پلا اٿئي پر،
ويندي واٽڙين جو، ٿڏو پانئج ٿر،
’قلندر شاهہ‘ ڪرم سان، ڪندو نيڪ نظر،
وئون دوستائي در، ”صادق“ گهٽي صدق سان.

دليئون دستگير کي، جيڪو ڪري دانهَن،
انهيءَ سندي ٻانهن، ڇڏائيندو ڇيهن مان.

دليئون دستگير کي، جيڪو ڪري سڏ،
انهيءَ سندا هڏ، آڪاريندو اوکيءَ مان.

ايرندي ڪان ايريو، ڪري گيڙو گل،
هادي هدايت جو، سندم ڪونهي مُل،
”صادق“ ڳالهہ مَ سل، فضل شاهہ فقير جي.

سر سورٺ

محلين آيو مڱڻو، طنبيري تاٽي،
ڪري راڳ رباب سين، وڏائين چاٽي،
وِرهہ ويو واٽي، راٽيءَ کي راهہ ڏياچ چئي.

الله جي آس ڪري، چارڻ چوريو چنگ،
ميرون جي جهنگل جا، ڪن رهاٽيون رنگ،
ٻيجل سندو ٻنگ، خاوند خالي نہ ڪري.

اٿئي سين صبوح جو، ٿيو ڪڙڪو اندر ڪوٽ،
چارڻ تندون چوريون، چاڙهي مٿي چوٽ،
کهائيا کهٽا گهوٽ، سٽي سُرُ ”صديق“ چئي.

ڪنجهيون ڪيرت ڪينرا، هي هنگاما هوءِ،
اچي ٿيو روءِ، صبوح جو ”صديق“ چئي.

سر ليلان چنيسر

روئي ريجهائيج، ڪجهيون ڳرهي ڳالهيون،
پهت سان پهائيج، ليلان پنهنجي ڪانڌ کي.

چنيسر سان چاڪ ڪري، محبي تو نہ سري،
’لا‘ ۾ لڪي وڃ تون، ’هو‘ ۾ جهل ڪري،
سر تي پير ڌري، هار وڃاءِ هٺ جو.

سر ڪاپائتي

ارٽ اولاٽي ٻانهيون، منجهان وجهج مال،
ٿيرج گهٽو فڪر سان، ”صادق“ منجهہ سنيال،
ڪتيي ڪج ڪمال، تہ سُجي صرافن ۾.

ارت چاڙهي انگرا، گهاڙو کنهن گهڙيا،
ڦيرج گهڻو فڪرسان، سگهڻا جيءَ سندا،
جي آلڙي ارت پيا، هٿندين گهڻو هٿڙا.

ڪڏهين ڪڏهين ڪاپري، هين ڪتڻ ۾ ڪاڻ،
اچيو چون ابوجهه ڪي، تہ هي سُت مَ ڪٽج ساڻ،
’هئي هئي‘ منهنجو هاڻ، ڪنهن پر ڪاپو آکهي.

سر مارئي

مٺو نالو الله جو، مڙني مٿاهون،
ڪيئن ڪري قبوليان، عمر ڪي آئون،
رازق سنديون رضائون، مون مڙيئي مٿي ميڄيون.

وعدا اوسڏينهن، جي مون مارن سان ڪيا،
ڪُنڪن منجهه هينئن، پاڻان تين نہ پڌرا.

سر ڪيڏارو (١)

چڙهيا شاهه حسين سين، مرد متارا مير،
واڳيا وڏي ويرين، تڪيو هڻن تير،
ڦريا تان نہ فقير، امر منجهه ايي ويا.

حسن مير حسين سين، جنگ پڌي جنگ جال،
ڪيو ڪان ڪتاريون، تيغ ترارين تال،
سانگن سانوڻ مينهن جئن، مٿن ڪيا مثال،
قتل ڪڙڪو ڪربلا ۾، لائي ايا لال،
ڪوڏيا ساڻ ڪمال، شير شهادت رسيا.

حسن مير حسين جي، جنگ سُئي سين،

چوڏس رڪ چمڪيو، مٿي ملوڪن،
وونڪا ويرين سامهان، هاڪاريو هڻن،
مانجهي تان نہ مڙن، جان جان رڻ نہ رڱيو.

حسن مير حسين جي، مٿي جنگ جهان،
انا اوهيرا ڪري، ڪارهين ٻَڪي ڪان،
بندوقون ۽ بان، مانجهين جهليا منهن ۾ (٢).

مانجهين منهن نہ موڙيو، پسي پڪڙيون،
رڻ رتائون رڪ سين، موڙي مچڙيون،
تنهن وير وڪڙيون، ڪانڌ وڌندي پائيو.

ڪانڌ ڪلورئين ڪپرئين، ور وناهيو آهہ،
جتي سيلهن جي سرهہ وهي، تت پير وڌلدو پاءِ،
تان تان پٺ مَ لاهہ، جان جان نٺڏڻ نہ چڙيين.

مُچڙيا منهن مانجهين، پچڙيا پاونگ،
فوجن فيل سنياهيا، ڪڙن ڪنيدن، تنگ،
هٿن پر پرن ڪي، اڙچا ڪوڙنو پنگ،
ڪُلها ڪند ڪڙنگ، جهرن جهونجهارن جا.

جهونجهارڪي ذات جو، جان پير پروڙيو مون،
تہ اچن عراقين تي، پڙ پيڙيندا پون،
ور ورنهہ تون، متان البارن جئن اريوءِ.

ڪو ڪهين جا نہ مٺي، سانگن وچان سڌ،
رڻ ۾ رتولن جا، پيا هارجي هڏ،
جتي مڙن مَدّ، اتي جهجن جئن جوڪو ٿئي.

ڏاڙهي ڏاڙهون گل جئن، منجهان رت رتياس،
سولهي چوڏهين چنڊ جيئن پيڙ ۾ پاڳڙياس،
پٽڻ ۾ پار ڪنيو، سر مرڪي مانڙياس،
نيزا نند تياس، گهوڙا گهوٽ وناهيو (٣).

---

(١) ڪتاب ”ڪيڏارو“ از مخدوم محمد صالح پٽني هالائي–ص ١٧ کان ٩٠ (٢) هي بيت احسان فقير جي بيت ٨٤ جهڙو آهي. (٣) هي بيت احسان فقير جي بيت نمبر ٨٠ جهڙو آهي، ۽ شاهه جي بيت ١٠ جهڙو، اصل ۵

Gul Hayat Institute

جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، گهوڙن ۽ گهوٽن،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا(١).

ٽڪر مٿي ٽڙيُين، آيا اجارين،
سانگون سائن هٿ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين،
اياڻي آهين، مانجهي مرڻ مهل ۾.

ڪٽن هيٺ نہ ڪوڙيا، پاڪ جنين جا پير،
سي تنگ ترارين تڇيا، ڇٽيو پون ڇڳير،
ڍولئہ تنين جا ڍير، ڪِڄهڙين ڳري لايا(٢).

*وينئي ڪِڄهن ڳاڙيا، ڏجان ڏڪ گهٽان،
تُن ڪي لٿين توڻ جي، جي سورهہ سامائان،
ڪندا راماڻان، ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏيا(٣).

ڪؤنر ڪلي جا ڪوڏيا، تون جانڪين ٿو جئين،
اڙيـن مٿي آسري تون، رُڪ پيالو پيئـن،
ڳاهہ ڪِڄهن جو ٿئين، وينئي جن وِرهہ ٿيا(٤).

تارا تاڻ مَ ڪِڄهڙي، جيون ڪيدي مَ ڪاهُ،
رڻ ۾ رڪن هاريا، ري ڪهڙيا راڙاءُ،
مٿا ملوڪن پاٺاءُ، گهوري ڪوهہ نہ چونڊئين.

†تيئن ڪِڄهڙين رڻ ڇانئيو، جيئن ڪيـن ڇيرون،
وونڪا ويرين سامهان، ٻوڙيو ڏين ٻِهون،
جهونجهارن وهون، لير مهالـگو ڪنديون.

جهوليون جهولجهارن جون، جهمنديون اڇن،
پايو پڪ پُهار جا، ان جون وهون واڪا ڪن،
پيٽيو پار ڪيـن، ڇي، رڻ مٿو راڙو ٿيو(٥).

رڻ مٿو راڙو ٿيو، رُئي نہ ڏسجي سجُ،
مرون مرندا اڄ، جويُن پاند جهر ڪيو.

پاڳ ڦڙڪو جو هٽي، ٻڌي ٻـ پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪانڌ ڪُرهي لاٿيون.

مرمرين آءٌ روئان، تون موتي ڪانڌ مَ آءُ،
اڳي هئي چانوَ تنهنجي، اڄ آس قبولي مان،
آءٌ پاڻ پين سان، پوري ڪريو آن پُرندي.

مرمرين آءٌ روئان، تون موتي اڄ مَ ڪانڌ،
ڪـڇن وڏا پاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا(٦).

ماءُ هماري ڪنت جي، اڙين سر اوطاق،
تنهين ڪي منهن ۾ مصرين جا، سدا چڪن چاڪ،
جنئن جن فراق، مرڻ تن مشاهدو.

سورهين ڇيو سج ڪي، الهي ڪرم آوير،
سجهندي ئي سائن جا، پڙ ۾ ڏسون پير،
ڇـلن جت ڇڳير، اتي ڪائر اپي ڪڪ ڇُرن.

دلدل آيو سڪٿون، ڏورانهن ڏنائون،
بيبيءَ ڪي بيبان ۾، اڇي خبر ڏنائون،
ڇي، شير شهادت رسئو، ٻڙ لهي لائون،
ميڇي رضائون، داخل ٿيا دين جي.

رسيو رُڪانين ۾، جهڙ جهڙو جهم جهڪ،
ڪڪيون ڪپارن ۾، چمڪيو پائن چڪ،
ماءُ هماري حق، مانجهن مشاهدا ڪيا.

رسيو رُڪانين ۾، جهڙ جهوڙو جهم جهور،
ڪڪيون ڪپارن ۾، ڪپرئين ڪنڪور،
گهاءُ جهليندي گهٽ ۾، مرڪن مانجهي مور،
آٿيان الور، هاڪيو هٿن هاٿئين.

---

(١) شاهہ فصل ٣، بيت ٣ جهڙو. (٢) احسان فقير بيت نمبر ٣٢، شاهہ فصل ڇهون بيت ٢. *(ٻي پڙهٽي) ڳِجهن وينئي گهاريا ڏنجا ڏڪ گهٽان (٣) شاهہ فصل ڇهون بيت ٩ (٤) شاهہ فصل ڇهون بيت ١، احسان بيت ٣٢. †(ٻي پڙهٽي) ڇپر جيهن پيون، تئن رڻ ڳجهن ڇانيو. (٥) شاهہ فصل ٽيون بيت ١٠ (٦) شاهہ فصل چوٿون بيت ٢، احسان بيت ٦٣.

كلي وير كتك ۾، پاڪر جو پائي،
نهن کي جيئڻ جو آسرو، وڏڙي آهي،
مر سورهيه سوچائي، جو رڳوئي رڻ گهڙي (١).

ڪلي وير كتك ۾، سلهي جي نه مرن،
ي ڪُند ڪنارا ڪاتيون، ڪيرا ڪوهه ڪٽن،
مياتا سهن، سندا ماڻجهين ميهڻان.

هڻ ڏائهي، هڻ جيهٽي، هڻُ هٿندن سوپ،
بني چڏيو لوپ، رڻ تنين جو ڪنترا!

هڻ ڏائهي هڻ جيهٽي، هڻ هٿندن حال،
ار مهنديان، پل پويان، وڙهج وڏ وصال،
ڪنجهين پوندي ڳال، سيان سورهيه تنهنجي.

ائي جو لفس ڪي، سورهيه آهي سوءِ،
ڪلي وير نه ڪاهثو، چئي او نه چوءِ،
انجهي ماري تُوءِ، تحمل سندي تيغ سين.

اٿو مرين سوپ ڪي، تيڏي پال مَ پار،
ڙهه پالين پؤءُ پاڪرين، ترس مَ هَسي تار،
تي تيغ ترار، مار نه متارو تئين (٢).

اٿو مَرين سوپ ڪي، نه جنگ جيءَ سين جوڙ،
رڻ تيغ عشق جي، تون مرڻ ڪاڻ مَ موڙ،
واب خيال خطرا، وڍج سڀ واڍوڙ،
اجي نفس نهوڙ، نه راز پروڙين رڻ جو.

اٿو مَرين سوپ ڪي، نه جنگ جيءُ سين لاءِ،
رڻ تيغ عشق جي، واڳڻ تي وهاءِ،
ن پر تنهنجو آهه، ٻڙ پنجاهين وچ ۾.

ساٿو سرين سوپ ڪي، نه پاهون رک م پير،
من مدعي ميجيان، وکن پايو وير،
اچي آپ آرڻ ۾، پري پالج پير،
ان پيرَ نفس نبير، جا تو ڪرهَ ڪپار ۾.

وڙهيا واڳيا واهريا، سي سچا صوفي شير،
واڳيل وڏي آئيا، مانجهي مل متير،
مسافر ميدان ۾، چڙهيا گهٽا چگير،
پيڙَ ۾ ڪوڙي پير، سر ڏئائون صدقا.

ڪتڪ وير ڪليءَ ۾، هئي جي حَسن هوءِ،
نه پيڙو پنهنجي پاءُ تان، پتنگن جيئن پوءِ،
ڪندو ڪير پيوءِ، حملو مير حسين سان (٣).

مون جهيڙيندي چڏيا، ڪاري ڪکر هيٺ،
ڪارا ڪُند هٿن ۾، پيا آنند وچيرا هيٺ،
مون ڪا تيئي ڏيٺ، سائن جي سردار سين (٤).

محرم موٽي آئيو، آيا تا نه امام،
مديني جا جام، ذاتر تون ڏيکارئين (٥).

محرم موٽي آئيو، آيا تان نه امير،
مديني جا مير، ذاتر تون ڏيکارئين (٦).

ماءُ چيو پٽ کي، آءٌ نه تنهنجي ماءُ،
جت سيلهن سيڙهه وهي، آت وک وڏندي پاءُ،
آءٌ پين گهاءُ، پورهيو ڪنديس پانهنجو.

گهائي گهوڙو کهوت جو، رت ۾ رتائون،
آئي آل رسول جا، رڻ ۾ ڪُنائون،
مفت مُنائون، بيبيءَ ڪي بيبان ۾.

---

١) احسان بيت ٣١، شاهه فصل پيو بيت ٦. (٢) شاهه جي رسالي ۾ فصل چهون بيت ١٥، احسان فقير جو بيت نمبر
٢. (٣) شاهه جو بيت نمبر ٣- فصل ٢. (٤) شاهه فصل چوٿون بيت ٦، احسان فقير جو بيت نمبر ٥١ (٥) احسان فقير
ت نمبر ٥. (٦) احسان فقير بيت نمبر ٧.

Gul Hayat Institute

خالي گھوڙو گھوٽ جو، هليو ڏاڍهن حرمن،
جهنڊا جهُليي آئيا، متي مَرِ مردن،
شاهه ويريهن ويڙهه، پالا تا پڙڪن،
ڪُٺا تا ڪُهن، عملو مير حسين جو.

اولاد عليءَ شير جو، ڪوفين ڪ نايو،
دغا رکي دل ۾، تي رڻ ۾ رلايو،
جهيڙو جهونجهارن تي، اوچتو آيو،
ڏيئي دين دنيا هو، وِلهن وڃايو،
ڪُٺن ڪُهايو، عملو مير حسين جو.

ڪاهيئون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهه گهمسان،
آيا اوهيرا ڪري، ٿهري وٺا ڪان،
گوڙيون گرزن ڪيون، ليهن ڪوڙيا نيشان،
ڏاڍو امر الله جو، ڪنهن جي چلي ڪان،
اتي سامهان ٿيا سلطان، سر ڏنائون صدقو.

ڪاهيئون ڪربلا ڏي، گهڙيا مانجهي گهوٽ،
اچي ويريهن ويڙهيا، ڪوفين ٻڌا ڪوٽ،
پالن پڙڪارا ڪيا، چڙهيا ليزن چوٽ،
هٿا امت جي اوٽ، شير شهادت رسٿا.

ويڙهيا وڳرٿا واهريا، اٿل اٿيارا،
اچي ابتارن تي، ويرين ڪيا وارا،
تيلانهه ويا نڪري، جيلانهه هٿا پيارا،
رضا جا رحمان جي، سا قضا ڪيارا،
انهيءَ پر اوتارا، ڪيا پر ڏيهين پڙ ۾.

وڙهيا وڳريا واهريا، جهيڙي جهوڪ ڏٺي،
امر سان الله جي، اونچي ڪيائون اٿي،
رضا جا رحمان جي، سا واحد ڪي ٻ وٺي،
ڪاهوڙي ڪٺي، ويا گذاري ڏينهڙا.

ٻيبي ٻيبان ۾، آيي ٻاڪاري،
گهوٽ گهڙيا گهمسان ۾، سي ڏاتر ڏيکاري،
لکيي جنگ 'يتيم' چوي، هيائون هاڪاري،
سر ٻ سينگاري، مانجهي گهڙيا مچ ۾. (۱)

مانجهي گهڙيا مچ ۾، سي ڪوڏيا موتن ڪيئن،
ڏسيو اڄ اولاد جي، جهڄن راتو ڏينهن،
سي قول پڇن ڪيئن، ڪاهي آيا ڪربلا ۾.

آئي ڪربلا ۾، خيما ڪوڙيائون،
ڏسي رضا رب جي، منهن نه موڙيائون،
لال لَهي لائون، ٿيا مسافر ميدان ۾.

ٿيا مسافر ميدان ۾، واڪو وهي ووءِ،
نہ تخت سپ تاراج ٿيو، بابا ٻيبي روءِ،
تهان پوءِ ٿيوءِ، ماتم ان جو ملڪ ۾.

سر سوڙو

ڪوڪون ڪربلا جون، ڪي جو ڪن پيونِ،
تيئن مرڻ انهيءَ ماڪِب تي، بلڪل ٻَڪَ ٿيونِ،
جيئڻ جال ٿيونِ، سهٽا گهوٽ شهيد ٿيا.

ڪڙڪو ڪربلا ۾، پوئين پهر پيو،
سورهه سڄي رات ۾، قتلَ پهه ڪيو،
اڀري سج ويو، سائون تان شهود جو.

ڪربلا ۾ ڪوڪ ٿي، هٿو ۽ هٿو،
اچي اڪبر جنگ ۾، ميخين منجهه مرو،
"صادق" ٻڌو سندرو، امر منجهه اڙو،
واڳڙاءِ وٺو، سائن جي سردار ڪي.

ڪانڌ ڪڪورهين ڪيرين، ور وناهيو روءِ،
پرين ڪنان پوءِ، متان ڏِڪ لہ چڙهين گهوٽيا.

سورهيہ جاوڻ-قر آوٽ، هيهي نہ هونداءِ،
سيسي پٽ پولداءِ، نند نچندي ڪڏهين.

(۱) هي بيت "يتيم" شاعر جو ٿو ڀانئجي.

Gul Hayat Institute

(ب) سرائڪي وايون ۽ دوها

وايون

● سوران نال لاڳيان، وِرهه نال واڳيان.
ويکو وي سياليان، تسان ڪنون ڀاڳيان.
رڻ جهڻ رانجهن واليان، ڪيا چاڙو لياڳيان.
بيلي وچ راتو ڏينهان، جنهن دي ڪارڻ جاڳيان.
نينهن چاڪ ٻاباڻا، صاحب هي ساڳيان.
"صادق"سهڻي ماهي دلان، اسان ڏي ڳهن جو واڳيان.

● جهنگل بيٽ ڍوليدايا، ماهي تيڏن مئنون،
لوڪ جو سُتا نيندان ڪريندان، مئنون چا جڳايا،
طعنا تنڪا لوڪ جو ڏيندا، ڪنان لال سڻايا.
تن ڪيشتي بار غمان دي، پر پرپور لنگهايا،
"صادق" سڪندا پتيان لڪندا، ڪڏهان نه قيرڙا پايا.

● ڪيون ڪر نماڻي چلي سهيو وو.
هڪ رانجهي دي راهه ڏهيلي، ڏوجهي سرتيان
دي جهل جهلي.
راتيان ڪپت ڪيڙي دي، ڏينهان امڙ پلي.
هڪ واڳون ول ڏيون، ڏوجهي دريا دي بل بلي.
"صادق"سڪ جهان دي سچي، سا ڪنهن قول نه ولي.

● مرض ماهي دي مئن لُٽيان وو، جيڏيان.
نندیان لهواريان ترن اوپاريان، لهرئين لهرئين
مئن لتيان، وو.
ويچ طبيبان ورچ جو ڳئي، مول نه پهچن پتيان، وو.
رات الذاري پيلا جهونا، پچ پچ رهيان مئن
ڳهتيان، وو.
ڪيڙا ٻن سياليان، رانجهن سول نه متيان، وو.
"صادق" سائين عشق ڏهيلا، نت پيوڻ زهرديان
وٽيان، وو.

● ڪيون ڪر ڪتينديان ويلي، لوڪو!
نينهن وچڙيا نينهن ميلي، ڍوند رهيان شهر بيلي.
عشق دوستان مئنون لٽ نيتا، جيوين پاڻي
بوڙيندا ديلي.
آکي "صادق" سڻ منڌي سائنيان، تسان ڪرو
اسان چيلي.

● ڪوئي نه ليدا ميان، رانجهو چها يار.
پيلڙا ڍونڊيم شهر چا ڳوليم، نديان ترنديان تار.
مهٽان چايم، پلي پايم، عشق تساڏا بار.
"صادق" سجهندا دل وچ وسندا، منجهيان والا يار.

● عشق تيڏا ديوانا، جنهن دا ڳل وچ ڳانا.
سيني اندر سور سڄڻ دا، لوڪ ڏي ويندا طعنا.
درد دا درياه دل دي اندر، چوپڙ وانگي خانا.
نال نماڻي ڪيتي ڪلمين، "صادق" اتي بهانا.

دوها

اِڪ جو ساجن مشين ڪيتا، تسڪا نام اداس،
سر بدنامين دي ڪشي، پلڪ نه بيٺي پاس.

اي جهان، جائي مسافران دي، خواب وانگر دکي،
اکيان ڏٺا سي نظر نه آيا، دل جنهان لاءِ جکي.

ساٿي پانڌي چوڙ ڳئي، چوڙ ڳئي ملڪ دي راجا،
سي پي چوڙ ڳئي "صادقا"، پير پيغمبر خواجا.

رانجها رانجها ڪر ڪر رهي، رانجهي پچي نه
مئنون،

"صادق" سُڌ هوئي تنهان نون، اها لنؤ لڳي جنهن نون.

صورت رانجهي والي، نت نت پرندي وچ ٻيلي،
هير ويچاري ڪيا ڪري، عشق نتي دل پيلي.

شهر ليڙي ڪوئي نه سجهندا، شينهن گجندا وچ ٻيلي،
"صادق" سچيان نه رهنديان، توڙي نانگ وچڙنون سيلي.

(ج) سنڌي وايون

سر ڪلياڻ

● جدا ٿي تون يار، گهوريو گڏجڻ تنهنجو.
مون نه تو سين اڳي ئي ٿي ڪيا جدائي جا ٻار.
سي مردود مَرن جي، ڪن تنهنجي پچار.
نه اسين خلق تنهنجي، نه تون خلقڻهار.
جڏ ته جُتان سپرين، گهوري تو آڌار.
مون ڪان پڇن سپرين، پرت ڪهڙا پار.
مٺا مور نه ڪن سي، مٺي سِرِ سينگار.
وڃي ٿي وجود ۾ ٻنسان تند تنوار.
"صادق" سپرين جي، مون تي ناهه ميار.

● يارو ڪريو صلاح، ڪڏهين آدم ڪڏهين الله.
ڪڏهين سڪائي سرڪيءِ لاءِ، ڪڏهين تار تلاءُ.
بدُو بيمان ٻڇڙي، ڪرڪي مارياسون ڪلا.
"صادق" انهي ڳالهه جو، ڪي پير پروڙن پلا.

● ماهي مورنه ٿيئي يار، تون ڪري ڏس ويچار.
پرين پالئي مَ پاڻ ڪي، هي تان ڳرو بار.
سڄائي صورت ۾، هي تان پولي پار.
پري آهين تون، ٻاڪ ڏس، ويجهو ياته مَ وار.
هٿي تان ورق وجود جو، هو تان ڏارئي ڏار.
دعوا رک مَ دوستيءِ جي، ستان خنجر هٿيئي خار.
اتي رنگ نه بي رنگي، جيڏانهن پرين پار.
ڪست پڳائين ڪيترا، "صادق" ساريو سار.

● آهين پاڻ الڪ، پاڻ وڃائي جي لکيين.
هندو ترڪ تون نه آهين، نه آهين سامي سڪ.
نه تون آدم آهين، نه تون جن ملڪ.
مٽي پاڻي تون نه آهين، نه آهين چيري رڪ.
موج ميڙيئي توڪان ٿئي، ڪڏهين ماٺي ڪڏهين تڪ.
سڀ تي "صادق" تون وَسين، پيرين توٺي پڪ.

● ڪا جا رمز الهي، ڪونه پروڙي پائي.
هندو ترڪ تون نهين، آهين خاص خدائي.
ڪافر چنجي تنهن ڪي، جيڪو مجي ڪين مڙ پائي.
سجدا سارِيان شيطان جا، ڪهڙي ڪئي تو ڪمائي.
"صادق" بنا مورن جي، ڪانه ڏنيسون چائي.

● هنڙي وهي حيراني، جتين تو لاتؤ لکو نيشاني!
توڙي نُور ظهور ۾، ڪعبي جيئن قُراني،
سڀ تي صاحب تون وسين، 'لمّا' لامڪاني.
آنيو تنهنجي عشق ۾، پسن حال حقالي،
سڙي مُٺا انهيءِ سُورَ ۾، تون ثابت ٿئين نه سبحاني.

هي توڪان بناءُ بڻيو، سو تون کهڙو جاني،
"لاَيُشْرِڪُ بِعِبَادَة رَبِّه، اَحَدًا" نڪو تو ثاني.
محمدﷺ کي معراج ٿيو، آواز سو الحاني،
"صادق" پسي ڪيئن سگهي، پرين تو پيشاني.

● عجب ۾ عجائب ٿيا، هاڻ ڪنهن پيهي.
ڪاتب هن ڪتاب ۾ آهي اڪر اهوئي،
لکڻ واري لکيو، پرک نہ ڪنهن پيئي.
نڪي اورڻ اورهون، نڪي هسڻ پَريئي،
سِڪن ٿا سائيهہ لئي، ورسيا نہ ويهي.
لکي ڪونہ سگهيو، او نسنگ ويا نيهي،
"صادق" سمجهن ڳالهڙيون، ڪي ڏيل جا ڏيهي.

● جو ذڪر ۾ نہ آيو، جو فڪر ۾،
مون تنهن سان چيت لايو.
بنا نالي سُپرين، ڳائڻ ڪنهن ڳايو.
لبي ولي وِيهُون ٿيا، پار لہ ڪنهن پايو.
"صادق" انهيءَ سُور ۾، روئي رت واهيو.

● جو تو ذڪر ڪيو سو فلاني فڪر ٿيو،
هو ڪي آهي پيو!
ڪي معنيٰ ۾ منجهي ويا، ڪن صورت ساڻ سِهو.
عقل سيئي اَجهي ويا، پار نہ ڪنهن پئو.
ڪي چون الله اهو، رهن واتن تي وِهو.
اثبات ڪرڻ الله کي، آهي لبيّن جو نِهو.
"صادق" وسهي سو، جيڪو اتي ونُو.

ذات عجائب آهي، صورت بيپرواهي.
نڪو سوجهرو سج جو، لڪا اونداهي.
حُسن تنهنجو هڪڙو، وار نہ وانداڻي.
"صادق" انهيءَ سونهن جي، آهي وڏي وڏائي.

● عجب تڪي تار، عجب تڪي تار.
ڪي ڪُهايئي ڪاتين، ڪي سوريءَ ڏار.
عاشق اهو اڳيون، ڪُسي وارو وار.
بازيگر بازيءَ ۾ تو، پڌرا ڪري پار.
ماري جياري پنهنجا، توڙي پالڪ پار.
سڀ تي "صادق" هيڪڙو، 'تون تون' ڪرتنوار.

● منهنجا يار طبيب، اچي ڪر درد جو دارون.
ڏيل اسان جو ڏکيو ٿيو، مرض ڏنيون آهن سارون.
پانهي گولي اوهان جي، سِڳهيون لهجو سارون.
وڃن ٿيون وجود ۾، ري طبي جي تارون.
"صادق" لڳيون سورن جيون، لُنءَ لُنءَ ۾ لارون.

● ٿين ويري وجهين وير، هنيو پالو لڪائين پير.
ڪُهين تو قرب سين، الا ابتي پير.
جي تون اهڙو سپرين، تہ تو چوندو ڪير.
اندر ڪونئين پاهر ڏونئين، واهڙ قيرئين قير.
"صادق" سُک بہ سپرين، ڏک بہ ڏيرئون ڏير.

سر سسئي

● هوت نہ لنم ساڻ، آءٌ ماري آهيان جيڏيون.
آتَ هونگاري هليا، ڏاکهن ڪيئون ڏاڻ.
سڄو ڪهُرن ڪينڪي، وِيل چون مَ آڻ.
پرِتئون پچن ڪينڪي، رُئي ڪن نہ رهاڻ.
"صادق" سڏيندي سڏ نہ ڏين، ڪاجا پاتئون ڪاڻ.

● جي مانَ پورهيت ڪن، پورهيت ٿي پاٿي پريان.
سرڪريان سينَهي، هيون ڏيئي هن.
ساهہ ڪريان صدقو، گهوري متان تن.
توري نہ پڙان آن جي، مون ڪي جياريو جَن.
اهڙي حال هلن جي، "صادق" سي سڏجن.

Gul Hayat Institute

● ڳالهيون ڳڙ ڳارين مون ماري،
جانب جت بلوچ جون.

پيون جن کي پرين ري، ساعتون سي سارين...
وجهيو مهارون ميّن کي، ڪرها قطارين...
آئيو آب اکين مان، 'هٿي هٿي' ڪيو هارين...
"صادق" سهنج سيڻن جا، جڏڙو جيي جيارين...

● مون کي مارين آهيئي ڳالهڙيون،
هوتن هلندي جي ڪيون.

اسان پرين جي وچ ۾، آهن اڪڙيون عشق دلالڙيون.
ڪڏهن اسان جي اڱڻ تي ايندا، آءٌ ويٺي پايان
ڦالڙيون.
آن وٽ هيّڙيون، مون سان نه ڪيڙيون، آهي
پري هٿي ويا پالڙيون.
ڪيف ڪکوريون قرب جي قابو، هو جي رات
رتيون رنگ لالڙيون.
"صادق" سورن ڳهايون ڳهورن، آهن عشق جون
اهڙيون چالڙيون.

● ٻي نه ڪريو مون وٽ الا، ٻولي ٻاروچل ري.
ڏسي ڏير جو هليا، ڪا جا مون ۾ ڳهٽ.
ڏاڍي ذات جتن جي، پير نه لڳڙو پٽ.
وجهي واڪا جا ڪندي، سسئي سورن ست.
"صادق" الهيء سورن کي، سڪن سان نه مت.

● سئي مانَ سکهي ٿيان، ٻاروچي ٻولي.
واڪا ڪندي جا وئي، ڏکر تان تولي.
آهيان آري ڄام جي، ڳولن جي ڳولي.
روئي پريندس رت سان، ڇوّاڪن سان ڇولي.
"صادق" هن سورن جي، لَنءِ لَنءِ ۾ لولي.

● مٺي کي چوتا ماريو، منهنجا سائين مون نه وساريو.
رڻ جهڻ اوهان جي روح ۾، تان کي توڏ تنواريو.
چوکون ڏيئي چيت ۾، ڏکي کوهه تا ڏاريو.
مٺي جي ماتام تي، واڳ وٺي ور واريو.
اڱڻ اسان جي ولڙي، چانگن کي نهٽي چاريو.
سڪي ساري سپرين، آن کي "صادق" ساريو.

● ڏک ڏکويا جاڳن راتڙيون، اي ماءُ! راتڙيون.
اوسيڙي اتاريو سي، جاڳيو پائن جهاتڙيون.
سنجهي رهن سمهي، تن کن ڪهڙيون چاتڙيون.
مون کي مون پرين جيون، ڪُهن تيون ڪيڪاتڙيون.
سنجهي وينيون "صديق" چوي، ان کي صبح
ملن ڏاتڙيون.

● ڪنديس آءٌ قربان، مٺان پرين جندڙو.
توڙي ڪونين نه سپرين، جي مون ڏين نه مانَ.
ڳولي آهيان ان جي، ڪهڙو ڪريان شان.
سيئي سازَ سَر ڪري، هوند تالن هٿان تان.
"صادق" ڏسن سپرين، منهن وراڻي مان.

● مٺيءَ کي ماتام، آهي آريچن جو.
آءٌ پيادي پٽ تي، هو ڪَرهن هٺن ڪام.
اوٺين آنن پاڻ ۾، ڪا جا مٺن مام.
ڏيئي ويا ڏکيءَ کي، جت پياري جام.
"صادق" ويئي ساريان، چاڻي چڙي ويا ڄام.

● اديون ڪا هلندي ــ وو، چير مٺي جو سگ ٿيو.
لائيندس لڳن کي، ملياران ميندي،
هجائتا هوتن کي، ڏوراپا ڏيندي.
سيڻ لاءِ "صديق" چئي، رائي ۾ رڙندي.

● ڏاڏايون ڏيرا، اوادا! ڪيچي مون سان ڪين ڪريو.
آءٌ مٺي هو هليا، ويا وڏي ويرا.

Gul Hayat Institute

ور تنھنجي واٽن تي، پري ڪنڌ پيرا.
لڪن لتي مسئي، ڀهڻن پڳس ڀيرا.
سهسين "صادق" سِڪي مُيون، مريون، جگر
پچائي جيرا.

● آئين ڪا ڳالھ ڪريو، جيڏيون مون دوستن جي.
ارواح اگارن جيئن، پيرا ٻئي تي پريو.
اسان اٺ سونهن سان، ڀرتي ڀير پريو.
مون واجهائيندي سرتيون، ورتان ڪين وريو.
"صادق" هن مسئيءَ ڪي، ڪو جو سور سريو.

● سور سوڪڙيون تي آيا، جيڏيون منهنجي جيءَ جا.
پرديس ڀنن ٻڪيا، ڪهر ڪهر ڪهمن ڪهايا.
مون ڪهُريا تو نہ ڏٺا، هوتن جي هلايا.
ڀهون ڀين وترا، ڏلئي، "صادق" سور سوايا.

● ڀري ڀڪا سندان، اديون ڀڙي جيڏيون.
ستم شهر پنيور جا، مهٽا ويڻ مدان.
ڀنئي لائي هليا، هو جي سيڻ سندان.
لڪين پالهيون پروچ جون، سئو سين "صادق" پندان.

● اوني اڳاهان وئڙا، ڏونگر چڙهي ڏيرا.
سج لهي سانجهي تي، تين آيل! اويرا.
سورن ماريو جندڙو، تازا ڀسي ڀيرا.
اچن جونش جتن جا، پتئين پتئين پيرا.
"صادق" تن سجڻ سان، تو لمائي ڪيرا.

● سي مون ڪيچي ڪوھ ڪندا، آيل! مئي پچاٽا ملندا.
واتون ور ري ونگيون، ڪهوريا ڪهير سندا.
ڪرن ڪرمن ڪريب ڪري، پرين جي پندا.
سرتيون سور ڀرايا، اڳي هن هندا.
"صادق" ستم سر تي، مهٽا ويڻ مندا.

● هاڙي منجھ هاڪ، ڙي آيل! پنم هوت بلوچ جي.
اٿو جيڏيون جُود ڪريو، ڏونگر پيچٽا ڏاڪ.
آيل مون آڏيءَ جا، جي چوري وئڙم چاڪ.
"صادق" اوني آيا، سولهيا پنڙن ماڪ.

● مون ڪي مهٽا ڏيندي ماءُ، ورو ساري ڪيئن وِهان.
جيڏيون سڱ ڀارڻ، ڪيچ هلندي ڪاءِ.
اوڪي ويل اسان سان، پيڻ نہ هلي پاءِ.
سو مون سيباٽو سرتيون، ڪيچن لڳي واءُ.
"صادق" ڪي سرير م، اندر آلا ڪهاءُ.

● ڪَرهل واريان ڪيئن، جيڏيون، واڳ نہ
منهنجي وس.
اوني آٺ نہ جهلٽا، توڙي ڀون مينهن.
ايرين آءٌ نہ ڀجٽي، لپر ڪشڙس نينهن.
لُڪان لڳن ڪوسيون، ڏاڏا تپن ڏينهن.
"صادق" ساعتون سور ٿيون، ڏينهن ڪتبا ڪيئن.

● هُو پڻ ٽئڙم ڏور، هي پڻ ويڙا لڪري.
ويني وات نهاريان، آيل ايندا آسور.
پٹي چڙهنديس چوٽئين، سندي ڀرين پور.
ماءُ مرندس ڪڏهين، سندي "صادق" سور.

● هاڙهي چير هلبو، ساٿيا پنڌ ڀري.
ووڙجان وڻڪار ڪي، چپر ڀير ڏري.
وڏو سفر ساٿئين، ويندو ڏک ڏري.
هُل ڪيائون هليا، پني پونءِ ڪري.
"صادق" سائيھ اهڙو، وجيو ڪونہ وري.

● چو تو ڏونگر ڏيئن ڏک، اسان اٺ سونهن ڪي.
جان مون پير قتئين، تان مون وڏي وڪ.
جبل جاڏايون تنهنجون، ساريان سيئي سڪ.
هو ڪوسا لڳن ڪڪرا، پي جا لائي لُڪ.
"صادق" سِڪي سجڻين، پي ساري اج نہ ٻڪ.

Gul Hayat Institute

● ڪو ڏوتيا ڏس ڏنو، مون پراھين پنڌ جو.
آءٌ اڻ سونهين آھيان، سُتي سات وئو.
پانڌي گهٽا پنڌ سان، مون سان سور سهو.
اجا پُرينديس پنڌين، وني لينهن نهو.
"صادق" سهان اڳ ۾، مونسان پب پهو.

● پوءِ ڪوھ ڪنديس، سيڻن جو سهاڳ،
جيڏيون جٿري نہ مليا.
وسهو مون ڪي وِھ ٽيا، مادر مڙيئي ماڳ.
ڪاهيندي وڃي ڪيچ ڏي، رُنندي ڪندي راڳ.
ور وراھو وِلهيءَ جو، من ور ورائي واڳ.
"صادق" تن سڄڻن سان، منهنجو عشق آهي
اجهاڳ.

● تنهنجي بهانن آءٌ ماري، کهڙا ڏوھ ڏولگر ڪي.
ڳجهو چائين پڌرو آهين، توکي سڌ ماري.
هتين سَچيو مانهين، ڪان لڳائي ڪاري.
اول تون آخر تون، هينئر بہ تو واري.
"صادق" ڪي ڪرين سامهان کهڙا ڪر ڪاري.

پلو ڏولگر پلو جبل تيڙم ڏير سر.
هو جي اڳ چيا اوٺين، سي مون آيا بر.
هڪ آڏو قرين اوٺين، پيا ونگا سنڌ ئي ور.
آڏامي اوڏ هين وڃان، جيڪر هونم پر.
"صادق" سُکو ڪين سور ۾، سکي وٺڙا سر.

● مر مران تان گهوري، انهي سورن ڪان سرتيون.
هنڙي هور نہ لهي، جتي اسان جي جهوري.
پوليون پيون وتريون، بر نهاريان پوري.
واٽون ور پڇايان، ڪرڙن جا توري.
"صادق" ڪري سڏڙا، جيئن چير ۾ چوري.

● مون وٽ مان اچن، جن لئہ آءٌ پئي لڇان.
ڳجهيون ڳالهيون پرين جون، ڪهان ڪيئن ڪچن.
ڪڙهيون قنديلن جيئن، پردي منجهہ پچن.
اصل ڪٿون آيا، "صادق" سور سچن.

● ڳالهيون گهلي لوڪ، ڪيئن پروڙيون پرينءَ جون.
ماڻهن ليکي مهڻون، اسان ليکي ٽوڪ.
سورن ساٺوٺ لائيا، مون من اندر سوڪ.
روح منجهہ رهاڻ آهي، جالب سندي جهوڪ.
"صادق" انهيءَ سوز ۾، سڙي ٿيڙو سوڪ.

● هُنڙا ساعت گهڙي، آيل هن پنيور ۾.
ڪونہ ڏسان جهڙن جڳ ۾، پاروچل ري پڙي.
ڪالهہ رڳيائون ڪپڙا، ويڙا انگهن منجهہ اڙي.
اٺ هولگاري هليا، وتڙا چالڪن تي چڙهي.
"صادق" سپرين ري، ساعت مون لہ سري.

● ڏولگر پانءِ مَ ڏور، اوتي آهن اوڏڙا.
ساتي ڏيندئي سڏڙا، مُنجهي تي مَ ملور.
"ان مع عسراً يسراً" ستان موتين مور.
دانهون جان ڪيئي درد جون، "صادق" رهہ صبور.

● ڪيچي ڪين ڳنڍين، سڳ سياڪا، سينڌيون.
آهن اپاجها اڳهين، نماڻيون نہ لين.
مون ائين نئي ڪوپائيو، تہ مون ڪي هئين تا ڇڏين.
"صادق" ماھ سان، ورھہ وٽج ولبين.

● اچي ڪر لهيج، ساجن، سورن آءٌ ماري.
سورن ماري جي مران، تان مون ڏوھ مَ ڏيج.
لڳين لائي هٿڙا، دارون دوست ڪريج.
جي تون پيرو نہ ڪيو، تہ مون مُئي ستيج.
ڪيچان واري ڪرهو، "صادق" سار لهيج.

Gul Hayat Institute

● تو منهن ۾ ڏک، ڳهوري جيءُ سؤ ڳوندرين.
سرهي، هي سپرين سان، سا رهي ٽٽي نہ رک.
ڀرتي پٽي پرين سان، سا لوڪ نہ آڇي لِڪ.
جيڏانهن ڀسي پرين ڪي، تيڏانهن ڀري وک.
”صادق“ سدا سور جون، وهن نيون نِڪ.

● مانَ ڪڏجن سيئي، وو، ڏوٽي ڏوراٽي ڏيهہ جا.
پڇم ڪس ڪُنگن جا، اونين جا آهيئي.
مهميزون مَيَن جون، سنم سيئي.
”صادق“ ڳڻ ڳڇيءَ ۾ جن جا، تن جي ڳالهہ
ڪريان ڪيهي.

● آئين ڪا ڳالهہ ڪريو، جيڏيون مون هوتن جي.
اندر اڳارن جيئن، ڀيرا ٻئي تان ڀريو.
مون واجهائيندي ور لاءِ، ور تان ڪين وريو.
”صادق“ سپرين جو، ڪو جو سور سريو.

● اها ساعت ماءِ، ڪو دم ڪيچين سان.
اوري اوري هليا، آيل ٻاروچاءِ.
وٺيون ٻون وڏيون، ڪاهي پهچندي ڪاءِ.
مسئي توکي سورن جا، ٻوءِ ماريندا ڳهاءِ.
اوري آءٌ تہ اوريون، ادا ”صادق“ پاءِ.

● آرس اسور جو، تن اکين ڪين ڪيو.
سورن ٻنا سپ ۾، ڏسن ڪين ٻيو.
سي مرمرن مامري، جن سُتي سات ويو.
روئن رت ٻرين لاءِ، وڻ وڻ هيٺ وهيو.
غافل ٿيون غفلت ۾، تن ڏکن ڏنؤن ڏيو.
”صادق“ رهيون سڪندي، تن اهڙو ٻهہ پيو.

● هاڻ ڪي چونديون، اوڏا اچن سپرين.
عيب لڳو اوئين، ٻي مادر مون منديون.
متي واتن ونجهلان، ٻري سالڳ منديون.
مون جيئن ماءُ ٻرين لاءِ، ڪي رندن ۾ رلنديون.
”صادق“ وهڻ، وِهہ ٿيو، نڪو سڪ سنديون.

سر راڻو

● ساٿي سنبهي ويهہ، ڪاڪ ڳهڙندو ڪرهو.
مومل صحي ماٺي، دود ٿيندي هي ديهہ.
ننڍا وڏا هلندا، راڻا رتيءَ ريهہ.
آخر انڌا چٺا، جن هت نہ ڏنو هو ڏيهہ.
وٺي ڪونہ وريو، ان چپر سندو چيهہ.
”صادق“ ڪنهن جو نہ هلي، اتي مڪر ميهہ.

● خاوند خطائون سنبران، ساريان ڪونہ ثواب.
نہ مون لِکڻ لکيو، نہ مون پڙهيو ڪو ڪتاب.
ڊچيو مران ڊاءُ ڪان، متان اچي مون عتاب.
هادي هدايت جو، ساقي ڏي شراب.
”صادق“ سهڪي تن ٻر، جي خالق ڪيا خراب.

● ستين ڪهڙي سور، جو تو ٻهہ پريان جي ويسلو.
توکي خوابن خوش ڪيو، وهمن ڪيئي وهلور.
ڪتيو هڏهين ڳهوريو، متان وڃائي سور.
هي نہ وطن تنهنجو، ڏکيا! ويندين ڏور.
سٽي وسائيندي مُنهن تي، ٻار ٻريان جو ٻور.
متان ”صادق“ سُپرين، ڏکي ڪنئي دور.

● هٿ سان هيرائبو، تو من ڙي زياني.
پاڻ نہ ٻلين پنهنجو، تون ٻين سان ڪياني.
ڪڏهين ڪرامت ڪرين تو، ڪڏهين هٽين ڪاني.
ٺالو ونج ’نام‘ جو، هي جڳ سيو فاني.
”صادق“ هيٺون ٿي هلج تون، ڇڏج مان ڪماني.

● ڏسڻ ٻ-ـتي ڏينهن اي ميان، هي وڻ هتي جا.
ريلن ۾ رڻ وهي، هڪل سڄي شينهن.
مدا نہ هوندا ماهہ سان، هي ميلائي جا مينهن.
اٿي اور الله سان، او! ستو آهين ڪيئن.
"صادق" آهين ساعت ڪا، نيٺ ليٽڻ ليهج نينهن.

● اٿي ڪات ڪوٽ چورڙا، وڃي وهائي رات.
چور سي جي چوري ڪن، ٻي چورائي ذات.
آجهي اجهي آيا، ٻي وائي ڪن نہ وات.
ٻـُرسن پهريون پاڪڙيون، وڏ وڏ وائي وات.
هڻن حرص هوس ڪي، ڦهري ڪيو ڪات.
"صادق" صدقي تن سورهين تان، جن من ماري
ڪيو مات.

سر ڪانڙو

● پڌين نٿي ٻوڙي، تون تند جي تنوار،
موت جي پچار!

ليٽي لتيندئي ڏوڙ ۾، هو جي جانب يار.
ڪُنَ جيڏي قبر ۾، ڏيندئي ملائڪ مار.
گهمين تي گهرن ۾، تون پنهنجي اختيار.
"صادق" الهي سچ جي، آهي ڪـَل ڪلتار.

● ادا اي مسافر جاني، وٺ تون راهہ رباني.
ڪنهن جو ڪرين آسرو، عالم اوڙڪ فاني.
راهگذر سيڪو، ڪنهن جي ڪرين مهماني.
پٺتي پس پدن جي، رهي ڪان نشاني.
مري مٽيءَ گڏبي، چا مائڻ چا پاڻهي.
ڪئين توکان چڱا ويا، "صادق" تو ٿاني.

● آهين ڏينهن ٻ-ـتي، پکيڙا پار ڪو پنڌڙو.
وٺي وهي آڏ ريا، هتي ڪونہ جتي.
ڏکيون سکيون ساعتون، سيڪو ويندو ڪٿي.
سنهو ٿلهو سُٽ صراف سين، هرڪو ويندو مٿي.
"صادق" سر سوجهي هليا، خبر پوندي ڪٿي.

● هي نہ ڪنهين سيڻ، جي تو پنهنجا پانئيا.
وِهہ ٿيندئي ڪڏهين، جي تو ڪاڏا ڪيڻ.
سي ملاح ئي مري ويا، جي هنڙئي ٿاني سيڻ.
"صادق" سنگت نہ هلي، نڪو پائي پيڻ.

● چيت چيت بيخبر، پوندين منجهہ قبر.
هتان حاڪم هلي ويا، هٺا زوراور زبر.
شاهہ 'سڪندر چل گيا'، ڪهڙا ڪرين تڪبر.
اچي پڇندا خبرون، چوري چوري چپر.
ڏڙ جني ڏوڙ ۾، "صادق" ڏس سپر.

● پوندين وڃي لَٽ، پوندين وڃي لٽ،
ڪيئن ميڙين مَٽ؟

ڪيڏانهن وئڙيون ماڙيون، ڪيڏانهن وئڙا پٽ.
هاٿي وڃن هليا، اڏريا وڃن اٺ.
مردن رڳ رڳيا، وڃي رهيا ڪوڙا ڪٺ.
"صادق" پُوٽيون اڏريون، آڏريا سنها سٽ.

سر رام ڪلي

● جوڳي لنب نہ ڪن، سامي لنب نہ ڪن،
ڪيف ڪڪوريا ڪاپڙي!

چڏي لاڳاپا لوڪ جا، هو جهنگل ۾ جهٽڪن.
ڪنهن جو ڏک ڏَسايا، سي ورچي ڪين وهن.
لانگا لينهن نهوڙيا، سي پنڌڻ ڪين پڄهن.
ڪا جا جُوءِ ڏني جوڳين، سي جهليا تا نہ رهن.
ورهہ ويراڳين مَنَ ۾، سي وو وو ڪندا وتن.
هئـِ هئـِ وهي جن جي حال تي، سي ڪيئن
سک سمهن.
هن پهہ، هن ٻيچري، وِڙلاڪي ڏسجن.
ڪسڻ جن قبوليو، "صادق" سي سڏجن.

● ماويثي عشق زهر، سورن ڪئي سپ خبر.
اڳي هٿين ڪان ڪاتيون، هاڻي هٿي ٿو تبر.
لڳو آهي نه وسري، گهاءُ سند و قبر.
اسين ذات ضعيف آهيون، تو ماريا "صادق" سپر.

● ڪر ميان ڪانگا ڪائي لات، سڄڻ ٻولي کهڙي ٻات.
ڪين وياسون وسري، ڪين ڪي سنهڙا تو سات.
ٻاڙي اسان ٻهاچيون، ڪر ٻه اسان سان چات.
اسين ايندا سون ايڏهين، ڪُهندين کهڙي ڪات.
صادق" ساري جن ڪي، تن ٻه اسان جي تات.

● هو ڪي ٻنسريون، سامين سرسهائن سگڙيون.
ڏاهي ڏاهپ نه آڇهي، متيون سپ وسريون.
ڪنهن رڳ ۾ رڳيون، اڪيون ڪيسريون.
"صادق" سناسين ڪي، ٻيون ساعتون ڪيتريون.

● مت نه چاڻان ڪائي، حال منهنجو سورن ڳاهيو.
ڪُهي ڪينرن سان، لڙ لانگوتن لائي.
منهنجو سنگ تن سامين سان، جن ماسي نه مائي.
اج نه هئي ڪالهه، السٽئون آئي.
"صادق" انهي سورن ۾ 'صوفي' خوش نه ٿئڙا ڪائي.

● جا محبوبائي مام، تنهن جو انت نه ٻڙو عام.
عجب ٿيو آدم ڪي، جنهن کي داٿي وڏ و دام.
منجهه نه ٻيو موسيٰ کي، جنهن تريل جوڙايو طعام.
عيسيٰ ٻٽ مريم جو، ري ٻيءُ جائو چام.
طفل هو تنجڻ ۾، ڪامل ساڻ ڪلام.
پختن پروڙيو ڪينڪي، چپا چاٽي خلق خام.
اڳيان ايو ادب ۾، "صادق" ڪر سلام.

سر مارئي

بند جا ڏينهن ٿيا تم ٻاري،
عمر ڪيئن ڪٽيندس ڪوٽ ۾.

هن منهنجي حال جي، ماروءَ ڪي آهه سڌ ساري.
همير جي هلائون ڪيون، تن مذڪورن آءٌ ماري.
چنان سگ سرتين، جن سان هئم جنم جي ياري.
ٿڌي جا ٿرن جي، واه وٺي مون واري.
ساعتون ساريم "صديق" چئي، جن جي هيم تن ۾ تاري.

● هيڏيون ڪيون تو همير، ميان مارو ڙن سان.
ڪين جهليندو ڪونيون، سچي وهي سير.
ڀُسي ڪيئن ڀيٽ ۾، ڪنبا قُوت ڪرير.
آوست جن جو آجڪو، سٽيون پيين ڪير.
'صوفي شاه' نه متيان، توڙي ٻيا ٻير.
"صادق" ايندا سڪندين تي، 'فضل' ساڻ فقير.

سر سارنگ

● سرتيون ڪريو سينگار، جانب آيو جُوءِ ۾*.
هارن هرڪتڙا ڪيا، تاڙي ڪئي تنوار.
وٺ تڙ ولن چانئيان، لتو ڏيهه ڏڪار.
'چڙ پڙ' چڙن لائي، 'جهڙ ڦڙ' جهڙ جهونگار.
"صادق" مليو سڄڻين، جي سيکيون سپ چمار.

سر سهڻي

● موتچ يار ميهار، پيلي، ٻر نه جهليو.
موڙي ماري آهيان، ابتي ان اوپار.
لهرين لوڏي لڙ جي، ڏي تون دوست ديدار.
ساهڙ ڪيئڙو سهڻي، "صادق" سچو يار.

*ٻي پڙهڻي: جيڏيون ڪريو جنسار، جانب آيو جوءِ ۾!

Gul Hayat Institute

● جهاڳي، جهاڳي، پيلا، ويندبس پار درياهه جي.
پسي دور درياهه جا، تون نه پڇج پيلا.
منهنجي ميهارن جي، آهن محبت جا ميلا.
ساهڙ جي سمن کي، وَرهه پيا ويلا.
”صادق“ سدائين سڪ ۾، آهن عاشق اڪيلا.

سر نوري

● من موراهين مهي، رتو چام تماچيءَ سين.
مون موراهين مڱيو، توهه تنهنجو ٿي.
سميون سينئا اڳريون، پلليون پانيان سي.
پاڻ لڄائين پاڻ کان، مر طعنا ڏين جتي.
توکان ٿي، توکي مڱان، پيو”صادق“ ڏيج مَ ڏي.

سر ڪيڏارو

● مٽان موتي ڪانڌ ڪو، پاهون پير ڏيئي.
جهڙ ۾ جهونجهارن جا، واه واه بيرن رتائين بنگ.
هٽي ڪند بڙڇيون، واه واه لال رتائين لنگ.
مانجهي مرن ۾ واه واه، اپيا گهرن رنگ.

● مدا سدا مانُو ۾، واه واه، جهولي جهمن باند.
جيئڻ ٿورڙا ڏينهڙا، واه واه، ڪجن وڏا پاند.
’اي، هو‘ موتين مٽان ڪانڌ، ڪو پاهون پير ڏئين.

● ڪانڌ ڪي ڪوڏ منجهان ڪوڏ منجهان.
هلي هار پڌائون هيج منجهان، هيج منجهان.
’اي، هو‘ مٽان پونيم رات وچان، رات وچان.
اچي اچي ڪانڌ ڪڪوريو، ڪوڏ منجهان،
ڪوڏ منجهان.
هلي هار پڌائون هيج منجهان، هيج منجهان.

● مَوُر نه سڪڙيون، وو سدا آليون اکڙيون.
پرَ ۾ پرينءَ کي، وو لوڪان لڪڙيون.
آوسيڙي اوجاڳيون، وو سڄڻ سيکڙيون.
ڏيڻ طهورا تڙڻان، وو اوت ڪيو تڪڙيون.
تان پڇن نه ان جون، وو هڏهن هڪڙيون.
”صادق“وهن سورڪان، وو هڏهين نه ڪڙيون.

● پُناجوين ڏينهن ،چڏآسانبا، وو طعنا جهلَ
مَ تيئن.
هردم ڪاهه ڪلي ڏي، وو هلي مرج هيئن.
ڪا رُوئي وهي رڻ ۾، وو جيري جيي جيئن.
مانجهي مِڙيا مَچَ تي، وو ڪانئراچن ڪيئن.
مَرِٹا اڳي مَرِ تون، وو آپا آچن ايئن.
”صادق“ سوريءَ سامهان، وو چڙهيانيزي نينهن.

● جو تو ڪنُو ڪلهه، وهواه آءٌ اهوئي آهيان.
مون کي ڪُهي ڪاتئين، وهواه منهنجي
لاتيئي ڪل.
مون کي چاڙهي سوريءَ سائين، وهواه سامهان
ڪيئي مَل.
ڪڏهن ڪرم ڪپار ۾، وهواه ڪڏهن جيري جَل.
وڌئي ڪرت ڪپار ۾، وهواه ڪره جاٹان
ڪنهن ڪل.
سِر وڍايئي”صادقين“، وهواه هوجي مانجهي مَل.
ڳجهه رکائي ان ۾، وهواه پڌري ڪيئي پَل.

● مردان ڪيڏو ميدان، سُورما ڪيڏو ميدان.
وِڙهن ۽ وڍين گهٽون، جاڳي جُنبي آت جوان.
ڪاهي پيا قُرب مان، سورما آت سلطان.
ڌاران وڙهڻ ويريءَ جي، ڀي ڪريو ڪانَ.
”صادق“ سدائين جنگ ۾، کي ڪَهُرا بيهن
خان (۱).

(۱) هن وائي کان مٿي درج ٿيل ڇهه وايون، مخدوم محمد صالح مرحوم جي ڪتاب ”ڪيڏاري“ تان ورتل آهن: ص ۸۵، ۸٦، ۸۷.

تصحيح ۽ اضافا

صوفي صادق جي 'سوانح حيات' سماهي مهراڻ جي سال ١٩٦٥ع جي پهرين ۽ ٻي گڏيل پرچي (ڏهساله نمبر-اشاعت خاص: حصو پهريون) ۾ شايع ٿي چڪي آهي. آن مقالي ۾ بعض اهم پروف جون غلطيون رهجي ويون آهن، جن کي هيٺئين طرح سڌاري پڙهيو وڃي:

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢٤١	٧	٤-مئي ١٩٦٥ع	٦-مئي ١٩٦٥ع
٢٦٤	١	صوفي بايزيد جي وفات جو سال ١٢٢٦ھ	١٢٦٦ھ
٢٦٧	٩	اجيلو ساڌ	اجبو ساڌ
٢٦٧	١٠	فقير اميد علي جروار	فقير اميد علي لغاري
٢٧٣	٦-٧	فقير جي درگاهہ عمرڪوٽ کان ٽيهارو ميل جي فاصلي تي:	فقير صادق جي درگاهہ عمرڪوٽ شهر کان ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي، اولهہ طرف آهي.

اضافا

مٿين غلطين کان سواءِ صوفي صادق فقير جي ٽئين نمبر فرزند حضرت صوفي نظام الدين فقير جي اولاد جي بيان ۾، ص ٢٦٥ تي سِٽ ستره ين کان هيٺيون خاص ٽُڪرو مضمون ۾ شايع ٿيڻ کان رهجي ويو آهي، جنهن کي اسان وري هِت ڏيون ٿا: تنهن کي سابقہ مضمون سان ملايو وڃي:

صوفي نظام الدين فقير کي ٽي فرزند هئا: (١) صوفي علي بخش فقير رحہ، (٢) صوفي سليمان فقير رحہ، (٣) صوفي حاجي محمد فقير. صوفي علي بخش جو اولاد صوفي صادق جو سجاده نشين رهندو ٿو اچي. هن وقت صوفي علي بخش فقير جو پوٽو حضرت صوفي خدا دوست فقير درگاهہ صادق فقير صوفي جو سجاده نشين آهي. فقير صاحب کي ٽي فرزند آهن، سندن وليعهد جو نالو صوفي نبي بخش آهي. صوفي خدا دوست جي فيض کي شل حق تعاليٰ گهڻو وقت قائم ۽ دائم رکي. (آمين) (٢) صوفي نظام الدين جو ٻيو فرزند فقير سليمان لاولد وفات ڪري ويو ۽ (٣) صوفي حاجي محمد فقير کي ٻہ فرزند هئا: (١) حضرت صوفي قلندربخش شهيد (شهادت: ١٩٣٠ع) ۽ (٢) صوفي روشن الدين فقير مرحوم (وفات ١٩٥٠ع). صوفي قلندربخش 'شهيد' وقت جو مشهور 'اهل حق' فقير ۽ علم دوست شخص ٿي گذريو آهي. فقير کي تصنيف ۽ تاليف جو شوق هو: سندن هڪ-ٻہ تاليف ٻہ آهي. فقير ڪڏهن ڪڏهن شعر ٻہ چوندو هو.

Gul Hayat Institute

فقير کي فقط هڪ فرزند صوفي شمس الحق هو، جو هن دنيا ۾ پنهنجي هڪ دختر نيڪ اختر يادگار ڇڏي وفات ڪري ويو. معصومه حال حيات آهي. فقير قلندربخش جي سوانح، معمور يوسفانيءَ لکي آهي، جيڪا غيرمطبوع آهي. فقير صاحب جي وڌيڪ احوال لاءِ سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع پرچو ٣ ۽ ٤ ”سوانح نمبر“ ص ٣٢٤ ڏسڻ گهرجي.

صوفي روشن الدين ”روشن“ به پنهنجي پيءُ وانگر گهڻو مشهور ٿي گذريو آهي: فقير شاعر به هو ته اديب ۽ صاحب تصنيف به، مقرّر به چڱو هو ته سياح به. سندن اڪيلو فرزند صوفي ذوالفقارعلي فقير، مجذوبي حالت ۾ اڃا حيات آهي. فقير ذوالفقارعليءَ جي شادي سندن مائٽن ڪرائي آهي، جنهن مان ڪين ٿي فرزلد به آهن. فقير صاحب جي سڀ کان وڏي فرزند جو نالو روشن الدين فقير آهي. رَبُ شل هن خاندان کي اهل اولاد سميت هميشه خوش رکي! فقير روشن الدين ”روشن“ صوفي صاحب جو وڌيڪ احوال ۽ ڪلام، جيڪڏهن ڪو صاحب پڙهڻ گهري ته ڪيس جناب حضرت مخدوم محمدزمان صاحب طالب المولى جو ڪتاب ’ياد رفتگان‘ ۽ عبدالڪريم پلي صاحب جو ڪتاب ’وڻجارن واپون‘ ڏسڻ گهرجي.



"مهراڻ" جا موتي

● آسمان ۽ زمين ۾ بيشمار نشانيون آهن: ليڪن بي سمجهه ماڻهو بيخيال ٿـي ڪري، لنگهي وڃن ٿا. ان طرف منهن ئي نٿا ڪن. انهن کي دليون ته آهن، پر بصيرت ڪان ڪم نٿا وٺن. —قرآن شريف

● الله تعاليٰ ڪان اهي ئي ڊڄن ٿا، جن کي آثار فطرت جو علم ٿئي ٿو. —قرآن شريف

● بصيرت وارن لاءِ، رات ۽ ڏينهن جي گردش ۽ بدل سدل ۾ وڏي عبرت لڪل آهي. —قرآن شريف

● هزارين انقلاب آيا، لڪين حادثا گذريا—باوجود ان جي ڪائنات جي عناصرن ۾ جو تناسب ۽ موزوليت، حسن ۽ ترتيب آهي—اهو هڪ شاهد عادل آهي تـه اهو سڀڪجهه، هڪ ذات پاڪ جي ڪامل قدرت ڪان سواءِ ناممڪن آهي. اها 'ذات' سڀ ڪان زياده علم ۽ اختيار واري آهي. —آئزڪ نيوٽن

● ڪائنات ۾ اهڙا اسرار ۽ رموز لڪل آهن، جن تي جيترو به ڙياده غور ٿو ڪجي، اوترو وڌيڪ 'حيرت' پيدا ٿي ٿئي. يقيني طرح سان هيءَ حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي، تـه هن ڪائنات جي ساري انظام ۽ ان جي تخليق جي نگرانيءَ ۾ ڪا عظيم، ازلي ۽ ابدي قوت موجود آهي. —هربرٽ اسپنسر

● قادر-مطلق پنهنجي عجيب غريب تخليقي ڪارنامن سان منهنجي اکيان جلوه گر آهي. مان سوچيندي سوچيندي حيرت زده رهجي ٿو وڃان، ته ڪيئن نـه هڪ معمولي چيز سندس حڪمت ۽ ايجاد جي اثر سان ڇا مان ڇا بنجي پيئي آهي. —ليني

● طبعيات جو علم، اسان کي رڳو ڪي مادي حقيقتون لٽو ڏيکاري. ان جو اصل مقصد اهو آهي تہ اسان پنهنجي عقل ۽ بصيرت جي نگاهه، موجودات جي خالق ڏانهن ڪريون، جو جمال ۽ جلال، ٻنهي جو ڪامل مظهر آهي. —فولتئر

● آءٌ تسليم ٿو ڪريان تہ "مان آهيان". جڏهن 'مان آهيان'، تڏهن "هو" بہ آهي! —هيوم

● اي خالق ڪائنات، بي مثيل ۽ بيمثال ذات! مون تنهنجي متعلق ڇاٽي پڇهي ٿي گناهه ڪيا آهن.

Gul Hayat Institute

- پهريون اهو تہ تنهنجي ذات، انسان جي ادراڪ ۽ شعور کان ماورا آهي، عقل ۽ مشاهدي کان بلند آهي. تاهم پنهنجي تسڪين لاءِ، مون توکي صفات سان متصف ۽ موصوف بنايو، ۽ باوجود 'زمان ۽ مڪان' جي اضافي هئڻ جي، توکي هن 'زمان ۽ مڪان' جي حدن ۾ محدود سمجهيم.

- ٻيو تہ تنهنجي ذات، زمان ۽ مڪان، مثال ۽ مظاهر کان ماورا آهي. تاهم تنهنجي لاءِ مندر بنايم. ان ۾ ٺاڪر ۽ بت گهڙيم. تنهنجي اڳيان ڪنڌ نمايم، تنهنجي اڳيان پيچن پايم، توکي ستايم ۽ پنهنجو حال سڻايم. حالانڪ تون هر هنڌ آهين، ۽ تنهنجي وجود جو موجود هجڻ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

- ٽيون تہ اضافي صفتن کي بنائي، تنهنجي مدح ۽ ثنا ڪيم. تنهنجي تعريف ۾ اصطلاح ۽ محاورا تراشيم. حالانڪ محسوس ٿو ڪريان تہ اها مدح تنهنجي بيمثال ذات جي حق ۾ قدح ۽ هجوَ تہ ناهي! ڇو تہ تنهنجي ذات انسان جي مدح ۽ حمد جي هر قدر ۽ معيار کان گهڻو ماورا آهي. اي الله، مون کي اهي ٽيئي گناهہ معاف ڪر! - شنڪر آچاريہ

● اگر اوهان طمع ۽ لالچ کان جند ڇڏائڻ گهرو ٿا، تہ پوءِ سڀ کان اول ان جي 'ماءُ' يعني 'عيش' جو ڪنڌ ڀڃڻ گهرجي. - مسرو

● سڀ کان وڌيڪ رحم جي قابل آهي، لالچي ماڻهو. - مزلز

● غم جي شدّت ۽ عذاب وقت، پنهنجي مٿي جي وارن کي پٽڻ حماقت آهي، ڇو تہ گنجي بنجڻ سان تہ غم لٿو لهي. - باڻن

● زندگيءَ مان اگر غم هليو وڃي ۽ زندگي سرتاپا مسرّت بنجي وڃي- تہ پوءِ اها زندگي تہ 'دوزخ' بنجي چڪي. - برنارڊ شا

● 'مسرّت' هڪ متواتر ۽ مستقل طرح سان فريب ڏيندڙ چيز آهي. - سوفٽ

● زمين ايتري تہ 'مهربان' آهي، جو جڏهن سندس سيني کي اوزارن سان ڪتڪتايون ٿا ڪيون، تڏهن سندس پاڪ چپن تي اناج جو تبسم ٿو پکڙي. - ڊگلس

● ماڻهو جيستائين ڪنهن شخص، ڪنهن قوم، ڪنهن مذهب، کان 'نفرت' نٿا ڪن، تيستائين ڪا خوشي ئي محسوس نٿا ڪن! الائي ڇو؟ - رسل

● بيوقوف جي جنت، عقل وارن لاءِ 'دوزخ' آهي. - فلر

● شيطان نهايت 'شريف' آهي. هو انهن هنڌن تي وڃي ئي ڪونہ، جتي نہ سندس ساٿي هجن ۽ نہ سندس استقبال ڪندڙ هجن. - لنڪن

● تاريخ معمولي ۽ غيراهم واقعات جو اهو دفتر آهي، جنهن کي لکندڙ ڪڏهن ڏنوئي ڪينهي! - هربرٽ

● هر شخص تاريخ کي جنم ڏئي سگهي ٿو، پر بيان ڪري ڪونه سگهي. —وهائٽ

● اسان تاريخ مان اهو سکيا آهيون، ته اسان کي تاريخ ڪجهه به نٿي سيکاري.
—هيگل

● تاريخ جو اهو 'متن'، جنهن تي دروغ گوئيءَ، الزام تراشيءَ، اجائي مدح ۽ غلط قسم جي هجوَ جو حاشيو نه چڙهيل هجي، مون کي ته نه سجهي. —ريناتول

● تاريخ، انسان جي بدنصيبيءَ جي تصوير آهي. —والٽيئر

● انسان لاءِ ان احساس ۽ اعتراف کان وڌيڪ ڪا خطرناڪ چيز نه آهي، ته هو کو هميشه سچ ٿو ڳالهائي. —گرامي

● انسان جي ڪمال جو اهو معيار نه آهي ته هن وٽ ڇا آهي؟ پر سچو معيار اهو آهي ته هو ڇا آهي؟ —گرامي

● زياده ڪم نه، پر هڪئي ڪم، زياده ڪرڻ گهرجي. —ڪوڪ

● مون اهڙو ڪوبه ڪم نه ڪيو آهي جنهن ۾ پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ قوتون صرف نه ڪيون هجنم. —چارلس ڊڪنز

● مان جو ڪم شروع ٿو ڪريان، ان کي ائين جنبي ٿو وڃان، ڄڻ ته منهنجي لاءِ دنيا ۾ ٻيو ڪوبه ڪم رهيوئي ناهي! —چارلس ڪنگسلي

● يڪسوئيءَ ۽ توجهه سان، ڪمزور ماڻهو به ڪونه ڪو ڪم ڪري ٿو وڃي، پر پريشان ۽ منتشر طبيعت وارو، طاقتور هوندي به ڪجهه ڪري نٿو سگهي. پاڻيءَ جو هڪ قطرو، لاڳيتو اگر پٿر جي چپ تي ڪرندو رهندو ته اهو هڪ ڏينهن منجهس ٽُنگ ڪري وجهندو، ۽ جلدباز لهرون ٿوري وقت لاءِ ته شور پيدا ڪن ٿيون، پر اڪيچئي ۾ گذري وڃن ٿيون. —ڪارلائل



سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا

—”مان اوهان کي، پنهنجن ويچارن جي وهڪ جي موج وناڻ ٿو چاهيان. پنهنجي ويچار ساگر ۾ سير ڪرائڻ ٿو چاهيان. اوهان کي جدا جدا بندر ۽ مندر ڏيکاريندس، جي اميد آهي ته اوهين ڏسي خوش ٿيندا. منهنجو مطلب آهي ته مان اوهان کي ڏيکاريان ته اسين، ”پنهنجي يونيورسٽي“ پاڻ ٺاهي ٿا سگهون.

ماڻهپو، علم، هنر، پاڙ پلڙ، سادي رهڻي ۽ اوچا ويچار، هرهڪ جا حق آهن. سوال آهي ته انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سهولتون گهڻن کان گهڻن ماڻهن لاءِ ٺاهيون ۽ ورهايون.

اسان مان ڪيترن لکل سنت، سچار، سورما، سگهي، سکدائي، شيوڪ، پنهنجي يونيورسٽيءَ جي وسيلي ڳولي، جاڳائي، پاڻ سڌار لاءِ تيار ڪري ٿا سگهجن.

”پوتر پستڪ آهي- دل جو دفتر. اصل ڪان عارفن کي دل جو ڪتاب ڪافي آهي. هرهڪ انسان کي اندر مان اشارا اچن ٿا. ڪيئن اندر جي ريڊيو کي اهڙو ته اچو ۽ آجرو ڪجي، جو سڀ ڪان سنا ۽ صحيح ڪان صحيح اشارا جهٽي سگهي؛ اهو آهي پيغمبري پستڪ:

”ڏي ٽُبي لهه ٽول، تون عين اندر دا ڪول.“

هيءَ سالت ۽ ايڪانت جو اسڪول، دل جي اندر، ماٺ جي مندر جو وديالو ته اسين ڪم ئي لتا آڻيون. انهن يوگ آشرمن، صوفيانه آستانن کي ته اسين ڪم آڻڻ ۽ سڌارڻ، ڪو سکيا جو حصو ئي لتا سمجهون.

عبادت، پرارٿنا، روحاني روشنائي، نفس ملهمه الهام جي حد تائين روح کي پهچائڻ، اهو آهي انساني ترقيءَ جو وڏو راز. اهو راز به پنهنجيءَ يونيورسٽيءَ جي وسيلي ڳولي ۽ پاڻ سڌاري، ڪم ۾ آڻي سگهون.

”دل را به دل رهيست، در اين گنبد سفيد.“

Gul Hayat Institute

دليون دلين سان، بي تار جي تار سان ڳنڍيون پيون آهن. دل جي دفتر ۽ دل جي دنيا جاچڻ وارن لاءِ، اعليٰ ۾ اعليٰ سکيا جو وسيلو آهن. غيب مان اشارا اچن ٿا، پر جي اهي سانت ۽ ايڪانت ۾، پوترتا ۽ پاڪيزگيءَ جي وسيلي جهٽڻ جي ڪوشش ڪريون.

”سکيا ديس ۽ جواهري بندرن جو سير ڪرائي، هلو ته مان اوهان کي، پنهنجي پستڪ مندر، ڪتب محل بندر جو سير ڪرايان. اسڪول ۽ ڪاليج ئي فقط سکيا جا ساڌن نه آهن. وڏا ۽ وسيع ڪتاب ۽ ساڌن، ته آهن ئي پيا- وڏي ۾ وڏو ڪتاب آهي، قدرت جو ڪتاب.

وردسورٿَ ڪويءَ چيو آهي تہ بهاري بوستان جي هڪ لهر، اسان کي ڪيترا پيرا، انساني چڱائيءَ مندائيءَ جي ايتري سکيا تي ڏيئي سگهي، جيتري سو بن سياڻا نہ ڏيئي سگهن. شيڪسپيئر چيو آهي تہ پٿرن ۾ پستڪ اٿوَ، وڻن ۾ وائي، ڪسين ۾ ڪتاب، جي ڏيان ڏيئي جهٽيو تہ. سعديءَ فرمايو آهي تہ:

برگ درختان سبز، در نظر هوشيار،
هر ورق، دفتري ست، معرفتي ڪردگار.

وڻن جا پن، هوش وارن جي نظر ۾ دفتر آهي ڄاڻ جو، مطلب تہ اصل ڪان عالمن کي قدرت جو ڪتاب ڪافي آهي.

”اصل ڳالهہ آهي، رب جي اشاري تي هلڻ جي ”يونيورسٽي“، جا آهي سنتن پيغمبرن ۽ خدائي رهبرن جي يونيورسٽي. هن ۾ انسان پنهنجي اِڇا کي ايشوري اِڇا سان هڪ ٿو ناهي ڇڏي. هن ۾ سڄو وقت رب کي ياد ٿو ڪجي، ۽ هروقت ڪانئس حڪمن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪجي ۽ ان موجب ٿو هلجي.

ان طرح ساهتيہ ۽ ادب، علم ۽ سچ، هنر ۽ فهم، پاڻ پلڻ ۽ لاطمع ٿيڻ، صفائي ۽ صحت، صبر ۽ راضپي، خودشناسيءَ ۽ خداشناسيءَ جون ”رباني يونيورسٽيون“، هرهنڌ لهي ۽ سمجهي، سڀني کي سکدائي سکيا لاءِ ڪم ۾ آڻي ٿيون سگهجن.“

[”پنهنجي يونيورسٽي“ – لکندڙ: پروفيسر شيوارام ايـن. ڦيروائي. ڇپيل: ۱۹۴۱ع، ڇپائيندڙ: ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل، حيدرآباد، تان ورتل. چونڊيندڙ: پريو ”ناشاد“، حيدرآباد سنڌ.]



ادبي خط

محترمي ايڊيٽر ’مهراڻ‘

السلام عليڪم: ’مهراڻ‘ رسالي جا ٻه ضخيم پرچا، ”ڏهه-ساله نمبر، اشاعت خاص“ جي سلسلي ۾ مطالع ڪيا ويا. بيشڪ ’مهراڻ‘ پنهنجي معيار جي لحاظ سان سنڌي ادب ۾، پر ان سان گڏ علاقائي ادب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ’مهراڻ‘ جي مواد کي سهيڙيندي ۽ سموهيندي، اوهان ادب ۽ فڪر جي عالمي قدرن کي اڳيان رکي، جيڪو انتخاب پيش ڪريو ٿا؛ اهو لاجواب به آهي، ۽ دائمي طرح سان زنده جاودان رهڻ جي لائق به آهي.

اوهان هڪ هنڌ ’رسالي‘ لفظ جي لغوي ۽ معنوي حيثيت بيان ڪندي لکيو آهي:
”رسالي جي معنيٰ، لغت جي حيثيت سان آهي، پيغام پهچائيندڙ. پر فني خيال کان رسالي جو مطلب ٿيندو، روح، عصر جو پيغام، پنهنجي عوام ۽ اهل علم طبقي ڏانهن-’رسالو‘ هڪ حيثيت سان ڪتاب به آهي-ڇالاءِ ته ان جي مواد ۾ ظاهري طرح سان، ’ادب ۽ فن‘ جون مختلف صنفون اچي وڃن ٿيون، جن جي انتخاب ۽ ترتيب وقت مرتب ۽ چونڊيندڙ اڳيان هڪ فڪري ۽ شعوري ربط ۽ نظم رهي ٿو... جنهن سان مواد ۾ روح، عصر جو پيغام لڪل رهي ٿو. ’رسالو‘، ٻي حيثيت سان ڪتاب نه به آهي.-ڇالاءِ ته ان ۾ مختلف خيالن وارا، مختلف مذهبن وارا، مختلف مقصدن وارا، ۽ مختلف مڪتب-فڪر وارا ماڻهو؛ زندگيءَ ۽ معاشري جي مختلف مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق به ڪن ٿا ته اصلاح لاءِ تنقيد به ڪن ٿا... ان قسم جون لکيتون نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ ٿين ٿيون. ان طرح رسالو گويا، منطق ۽ ڪلام جي ٻنهي ترجمان حيثيتن -نثر ۽ نظم-جو سنگم به رهي ٿو ۽ ان سان گڏ زندگيءَ جي اهم مسئلن جي تحقيق ۽ تنقيد تي مختلف مڪتب-فڪر وارن ماڻهن جي مواد تي به مشتمل رهي ٿو.“

(غ. م. گ: مهراڻ ڏهه-ساله نمبر ٢-ص ٦٣٤)

ان علمي اقتباس جي روشنيءَ ۾، اگر غور سان ڏسجي ته پوءِ، ان معيار تي فقط ’مهراڻ‘ ئي فائز نظر اچي ٿو، جو واقعي روح، عصر جو پيغام به آهي ۽ پيغامبر به آهي. جنهن جو تعلق عوام سان گڏ، معاشري جي صاحب-فڪر ماڻهن سان آهي. خاص طرح سان ’مهراڻ‘ جا هي ٻئي ضخيم پرچا، فڪر ۽ مواد جي حيثيت سان وڏي حيثيت ۽ مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن.

’مهراڻ‘ ڏهه-ساله نمبر جي پهرئين حصي (١-٢/١٩٦٥ع) ۾، هن پيري هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو ويو. آها اِها ته نظم جي حصي کي وڌيڪ افادي ۽ جامع ڪيو ويو آهي. هن ڪان اڳ،

هڪ شاعر جي هڪ صنف ۾ فقط هڪ چيز ڏيندا هئا. وڌ ۾ وڌ ڪنهن مشهور شاعر جي هڪ ڪان وڌيڪ چيز ٻه ايندي هئي. هن پيريءَ اوهان هرهڪ شاعر جون مختلف چيزون ڏيئي، هڪ طرف شاعر جي فن ۽ فڪر جي نمائنده حيثيت ظاهر ڪئي آهي، ۽ ٻئي طرف پڙهندڙن لاءِ اها سهولت پيدا ڪئي آهي، جيئن هو هرهڪ شاعر جي فن، هيئت، فڪر، پيغام، بيان ۽ انداز بيان، شاعرانه حيثيت، زبان جي صحت، لفظن جي جوڙجڪ، ڪلام جي رنگينيءَ ۽ شيرينيءَ ڪي هڪ ئي مطالع ۾ پرکي ۽ پَروڙي سگهن. ان سلسلي ۾ اوهان سنڌ جي گهڻو ڪري سيني محب وطن، ۽ مشهور شاعرن جو ڪلام پيش ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ اها روايت گهڻو اڳ شروع ٿيڻ کپندي هئي. خير، دير آيد درست آيد جي مصداق، هاڻي به غنيمت آهي.

ان سلسلي ۾ اوهان پورا ٻاونجاهه شاعر پيش ڪيا آهن. ان انداز ڪي ڏسي دل خوش ٿي ٿئي ته اسان جي مٽڙي سنڌڙيءَ ۾ باشعور شاعرن جي ايتري اٿاٿ ڪانهي.

ذرا نم هو ته يه مٽي، بهت زرخيز هے ساقي.

شاعرن جي نالن تي اگر نظر ٿي وجهجي ته پوءِ ظاهر ٿو ٿئي ته اوهان جو انتخاب، عملي ۽ فني حيثيت سان ڪيل آهي. اوهان قديم ۽ جديد جي فرق ۽ امتياز کان بالا رهي، شاعرن کي پيش ڪيو آهي. حتيٰ ڪ، مولوي خيرمحمد نظاماڻيءَ ۽ مولوي احمد ملاح جو ڪلام به شايع ٿيو آهي. مولوي احمد ملاح جي غزل جو مطلع آهي:

اڄ تہ باغن ۾ بهاريون، واه قدرت رب ڪريم،
اڄ به ملڪن ۾ ملهاريون، واه قدرت رب ڪريم!

اهو غزل چوڏهن شعرن تي مشتمل آهي ۽ رب ڪريم جي قدرت جو رنگين ۽ اثر آفرين نقش چٽيل آهي.

ان طرح مولوي خيرمحمد نظاماڻيءَ جي غزل جو مطلع آهي:

ڪنهن کي ڪنهن جي ياد آهي، آءٌ تنهنجي تات ۾،
گفتگو تنهنجي ٿي لکري، هر گهڙيءَ هر بات ۾.

هي غزل به الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ۾ آهي ۽ نهايت جاذب نگاهه آهي. هڪ شعر واه جو آهي!

شيشهء اوصاف مان ڏسجي، وجود پاڪ پيو،
آهي حيران ۽ پريشان فلسفي جو ذات ۾.

ٻيو شعر آهي:

’تون ئي تون‘ آواز آهي، آبر جو ۽ باد جو،
تنهنجو جلوو رونما ٿيو، برق ۾ برسات ۾.

ان پهرئين پرچي ۾، جناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولیٰ“، جا ايڪيتيهه بيت ڏنا ويا آهن. اهي بيت، فني حيثيت سان شاهڪار آهن، ۽ روايت جي حيثيت سان جدت پسند. انهن بيتن مان ثابت ٿو ٿئي، ته اسان جي ڪلاسيڪي روايت ۾ به اڃا ترقيءَ ۽ جدت پذير اضافن جي گنجائش آهي.

جناب مخدوم صاحب جن. قديم روايت جي خلاف، ’پيرن‘ کي موضوع سخن بنايو آهي. اسان جا فارسي، اردو، سنڌي ۽ هندي شاعر، هميشه چشم و گوش، خدوخال، زلف ۽ آبرو کي بيان ڪندا آيا آهن. ديدار ۽ ملاقات، وصال يار ۽ زيارت جي سلسلي ۾ اسان جا شاعر، اکين کي وڏي حيثيت ڏيئي چڪا آهن. اوهان فارسيءَ ۽ اردوءَ، عربيءَ ۽ هنديءَ، بلڪ جديد شاعري ۽ مغربي شاعريءَ تائين، ’اکين‘ کي وصال يار جي ’علامت‘ ڏسندا ايندا. لطيف به ’اکين‘ لاءِ چيو آهي: ”’اکين ۾ تي ويهه، ته آئون واري ڏيکيان‘، يا چيو اٿس ’اک اشهد چاءِ، ته مشاهدو ماڻئين‘ يا ’... ڪيڏي ڪانگن کي ڏيان‘ يا ’نيڻين جهڙ نه لهي‘“ وغيره. ان طرح شاعرن جا هزارين مثال گڏ ڪري سگهجن ٿا. انهن جي مقابلي ۾، ان ’روايت‘ ۾ جدت پسندانه انداز ۾ اضافو ڪري، مخدوم صاحب جن، ’پيرن‘ کي بيان ڪيو آهي. وصال يار لاءِ اکيون اوجاڳا ٿيون ڪن، اکيون ننڊ نٽيون ڪن، اکيون برسات وانگر پيون ٽمن، اکيون انتظار ۾ کليل آهن، اکيون در ۾ کتل آهن، اکيون تارا پيون ڳڻين. اهي مضمون پڙهي پڙهي، ڪَنَ ئي پچي پيا آهن. مخدوم صاحب، ان هيئت ۾ فني اضافو ڪري ٻڌايو آهي ته اهي پير ئي آهن، جي وصال يار لاءِ منزلون ٿا هڻن، سنگلاخ واديون ٿا لتاڙين، ٻَرَ پَٽَ ۽ ڏونگر ٿا جهاڳين، پٿرن ۽ سيٽيءَ مان پار ٿا پون، ڪنڊن ۽ ڏکين پيچرن کي ٿا طئي ڪن، پاڻ کي پٿون ڪريو ڇڏين. پر اڄ تائين ڪنهن به شاعر، ’پيرن‘ جي ان عقوبت ۽ ابتلا کي وزن نه ڏنو آهي. روايت جي اضافي طور ته بيشڪ اها هڪ جديد روايت چئبي، پر ان سان گڏ ڏسڻو اهو آهي ته ان روايت کي ڪيتري حد تائين نباهيو ويو آهي.

ان نباهه ۾ ڪيتري شاعري آهي-آيا شاعرانه انداز بيان به باقي رهيو آهي يا نه؟ آيا رقت ۽ سوز، گداز ۽ ساز جي ڪا رمق به آهي يا نه؟ آيا رنگيني ۽ شيريني به آهي يا نه؟ دلاويزي ۽ دلبري به آهي يا نه؟ لفظن جي خوبي ۽ انداز جي خوش اسلوبي به آهي يا نه؟ پيو ته ڪلاسيڪي انداز واري هيئت، سادگي، سچائي، رواني ۽ جادو بياني به قائم رهي آهي يا نه؟ ان سلسلي ۾ به اهائي راءِ قائم ٿي سگهي ٿي ته اهي ايڪيتيهه بيت هر لحاظ سان، مثالي شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. انهن ۾ زبان جي صحت ۽ شائستگي به آهي، انداز بيان جي رنگيني ۽ شيريني به آهي، مضمون ۽ فڪر جي آراستگي به آهي، واقعات ۽ حالات جي نقش گري به آهي، چندوديا موجب صحت ۽ پختگي به آهي.

ان مان ثابت ٿو ٿئي ته جناب مخدوم صاحب جو فن، مجتهدانه اضافن سان سينگارجي ۽ سنوارجي چڪو آهي. ۽ اسان جي قديم هيئت، روايت جي قديم انداز بيان کان وڌي، هڪ

ندرت آميز ۽ جدت پذير رنگ وٺي چڪي آهي. مخدوم صاحب جو اهو اجتهادي انداز-فڪر اسان جي شاعرن لاءِ تقليد ۽ تتبع جي لائق آهي.

مخدوم صاحب جن جو بيت آهي:

دلبر گهڻو دور هو، ات پڄايو پيرن،
جن رندن سيئي رت ڪيا، تن شابسون هجن،
ويچارن وڙَ ڪيا، مون مٿي ميرن،
مڇيا احسان ان جا، چاهه منجهان چشمن،
سي چميو ۽ چمجن، 'طالب مولىٰ' طلب ۾.

'پيرن' جي ڪيفيت بيان ڪندي، جا شاعرانه نڪته سنجي ڪئي ويئي آهي، ان مان حظ ۽ سرور ته فن جا چاڙهو وٺي سگهن ٿا. ٻڌايو ويو آهي ته دلبر تائين پيرن ئي پهچايو آهي، پيرن ان سلسلي ۾ رندن تي رت وهايو آهي، ويچارن وڙ ڪيا، تن کي شابسون هجن. - ان کان پوءِ اها قديم روايت ٿي اچي، جنهن ۾ هميشه اکين کي ديدار يار کان محظوظ بيان ڪبو آهي. پر ان ۾ اها جدت پيدا ڪئي ويئي آهي جو خود چشمن کان اعتراف ڪرايو ويو آهي ته اهي پير نه هجن ها ته هوند، ديدار يار جي نعمت ملي ئي ڪانه ها! ان ڪشمڪش ۽ اضطراب کي هن طرح اکين جي زبانيءَ ۾ اعتراف طور بيان ڪيو ويو آهي:

"مڇيا احسان ان جا، چاهه منجهان چشمن".

ٻئي هنڌ، ان ڪشمڪش جو موازنو هن طرح ڪيو ويو آهي:

اکيون ٻه آهن اکيون، پر پيرن سان نه پڄن،
هو رئن تيون رت ڦڙا، هي ڦتجيو ٿا ڦتڪن،
هو بيوس آهن برهه ۾، هي هيجئون اٿيو هلن،
هو نهارين نجيب کي، هي تِرُ نتا ترسن،
هو اپاڪيون عجيب لئي، هي رندن منجهه رلن،
احسان ڪيا اکين تي، پرت منجهان پيرن،
'طالب مولىٰ' طلب ۾، چميو، چميو چمجن،
جهلئي نٿا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي.

ڇا رنگيني ۽ لذت آهي! ڇا شيريني ۽ خوش بياني آهي! "جهلئي نٿا جهلجن" چئي، 'پيرن' جي ڪشمڪش کي شاعريءَ جي بلند مرتبه روايت بڻايو ويو آهي.

اکيون اعتراف ڪندي، هڪ هنڌ وراڻين ٿيون:

رويو رويو، اکيون، اچو پيرن مٿي پون،
چميو تن کي چاهه مان، ڏوڙ سندن تيون ڏون،

اينهين اشارن ۾، چريون، گونگيون چون،
تہ هي سلامت هون، اسان سندا آسرا.

آخر ۾ آءٌ جناب مخدوم صاحب جن جي خدمت ۾ ان مجتهدانہ روايت جي خالق جي حيثيت ۾ مبارڪون عرض رکڻ کان رهي نٿو سگهان.

اياز جي ڪلام جو انتخاب بہ نهايت لذيذ آهي. غزلن ۾ 'هيءَ سينَ نہ ڏيندي چيَن'، پنهنجي انفرادي انداز سان، تاثر جي هڪ والهانہ ڪيفيت پيدا ڪئي آهي.

جنهن وقت اسان جي تند ٽٽي، ۽ ساز ٽٽي، آواز جهڪي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪٽي، جو آيو، ڳايو آ پيارا!

اياز 'ذرا عمر رفتہ ڪو آواز دينا' يا 'صبح هوتا هي شام هوتي هي' جي روايت ڪي جنهن جديد ۽ پراثر قالب ۾ پلٽيو آهي، ان جو مثال مشڪل ملندو. اياز عمر رفتہ ڪي اجهو هيئن ٿو بيان ڪري:

ڪنهن ڪاريءَ چڱب تي رات ڪٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳَلَ تي باڪَ ڦٽي،
اينءَ وقت ڪٽيو، اينءَ عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

زندگيءَ جي مهراڻ متَلَ جي دهشت ۽ دڙڪن ۾ انسان جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ اهو شاعراڻو ۽ صوفياڻو مضمون آهي. اياز ان ۾ جدت آميز اضافو ڪيو آهي، چي:

آ چوڌاري مهراڻ متو، جنهن جو نہ پَڪي، جنهن جو نہ پتو،
هي روح جزيرو حيرت جو، جنهن منجهہ سمايو آ پيارا.

'مهراڻ' جي لامنتها ۽ وسيع، پرُخطر ۽ دهشت‌انگيز ڪائنات، جنهن جو نہ پَڪي نہ پتو آهي! ان ۾ انسان، يعني زندگي، جنهن کي 'اياز' 'روح' جي استعاري ۾ بدلايو آهي، چوي ٿو تہ ان 'مهراڻ' ۾ 'روح' ويچارو 'حيرت' جو جزيرو آهي! روح کي حيرت جو جزيرو چئي، ڪائنات ۽ انسان جي ربط ۽ تعلق کي، فلسفيانہ توڙي حقيقت پسندانہ انداز ۾ آسمان تي پهچايو ويو آهي. دلچسپ امر اهو آهي تہ ان خيال کي شاعراڻو لباس پهرائي، هڪ عجيب ۽ غريب ڪيفيت پيدا ڪئي وئي آهي.

زندگيءَ جي شور ۽ شر، اشتعال ۽ فتني، اختلاف ۽ انحراف جي خلاف، هر شاعر احتجاج ڪيو آهي، افهام ۽ تفهيم لاءِ دليل ڏنا آهن. عالمن منصور ۽ سرمد جي زبانيءَ، ڪيئي دفاعي دليل پيدا ڪيا آهن. اياز چيو آهي:

هيرا تہ ڏسو، ڪنڪر نہ هئو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ذاتِ ڏسو، پو بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا!

ان شعر ۾، ابتلا ۽ مصائب جي صاحب کي ونجارو ڇني، هڪ نئون ڪردار پيدا ڪيو ويو آهي، جو پنهنجي افاديت پسند وکر کي ’هيرا‘ چئي ٿو آچي ۽ سنگباري ڪندڙن کي ڪنهن ’ذات‘ کي ڏسڻ لاءِ وينتي ٿو ڪري. اتي هيرن جي آچ ۽ پٿرن جي موٽ، عجيب شاعرانه تلازمو پيدا ڪيو آهي، جو لاشعوري طرح بيان ٿيو آهي. ان سان گڏ يقين ۽ اطمينان سان چوڻ ته ”پو بات ڪريو“ منطقي استدلال جو روح آهي. آخر ۾ ”هي شور اجايو آ پيارا“ شعر ۾ جان پيدا ڪئي آهي. ان شعر ۾ دعوا، دليل، نتيجو، خبر، تسڪين ۽ بيباڪي موجود آهي.

اياز جو هڪ مطلع آهي: ’وري عشق بازي، اڙي دل اڙي دل!‘ ۽ ٻيو مطلع آهي: ”اکيون آرزوئون، اکيون التجائون“، ٽيون آهي: ’پري جام پنهنجا پياڪو، اچو‘ - اهو انداز بيان غزل جي انداز ۽ روايتي حيثيت ۾ فني اضافو آهي. انداز بيان جي جدت سان گڏ، مواد ۽ خيالات جي ندرت، اياز جي فن کي بيشڪ ممتاز مقام عطا ڪيو آهي.

تنوير عباسيءَ جي ’فن‘ پنهنجي سادگيءَ ۽ حقيقت پسندانه حيثيت سان واه جا ترقي ڪئي آهي. سندس ذوق جمال ته ڏسو:

ڪنهن جيءَ جنجهوڙي جاڳايو، جو روح به پاسو اٿلايو،
ڪنهن سيرانديءَ کان آهه سڏيو، ڪنهن پيار مان ٻهه ٻهه ٻوليو آ.

ڪشمڪش ۽ يافت جي تصوير چٽيندي چيو اٿس:

ڏس واريءَ تي ٿي ٻاڪ ڦٽي، ڏس اوپر کي ٿي لاک لڳي،
ڏس مارڳ تي ٿي ماڪ وسي، هي صبح ته ”تو-مون“ ڳوليو آ.

هن شعر ۾ ”مون-ڳوليو“ چوي ها ته پوءِ اهو شعر، خيال ۽ حقيقت جي حيثيت سان فقط ’انفرادي تاثر‘ رهجي وڃي ها: پر ان ۾ ’مون‘ سان گڏ ’تو‘ آڻي، ان ۾ تعميمي افاديت پيدا ڪئي ويئي آهي، جا تحسين جي لائق آهي. ان طرح سندس وائي ۽ گيت به سهڻا آهن. ذرتي، ڪاغذ جو گل، مان، خاموشي، ماڻهو ۽ تارا، پڙاڏو ۽ سڏ، هر لحاظ سان معياري چيزون چئي سگهجن ٿيون.

Gul Hayat Institute

نظم جي حصي ۾، امداد حسينيءَ جي ڪلام جي چونڊ، پڻ هر لحاظ سان مٿي ڀيٺي آهي. ’امداد‘ جو فن پنهنجي پوريءَ حياتيءَ جي حيثيت سان تجربي ۽ مشاهدي جي چوٽيءَ تي پهتو آهي. ڏسندي ڏسندي، هي نوجوان شاعر پنهنجي جوڙ جيس دوستن کان ڪسر ڪٽي چڪو آهي. ’امداد‘ جي فن ۾ جا وسعت آهي، ان جو اندازو تمام ٿورا ماڻهو ڪري سگهيا آهن. آزاد نظم، اگرچ فني حيثيت سان اسان وٽ اڃا تجربي ۽ نومشقي جي دور ۾ آهي، پر ڏسجي ٿو ته ’امداد‘ سيني يارن کان اڳ ۾ ان فن کي ڪاميابيءَ جي منزل تي رسائيندو ۽ بازي کٽي ويندو. ’امداد‘ جو نظم ’حملو‘ نهايت جذبات انگيز ۽ تاثراتي نقشگري آهي،

جنهن ۾ صداقت جي پرستار، محبت جي وفادار، بلڪ محبت جي گنهگار جي انجام کي چٽيو ويو آهي. ان نظم ۾ زور بيان، لفظن جي چونڊ، ماحول جي ترجماني، افسانوي جوڙجڪ، ڊرامائي سِٽا، خود بياني، نشترزني، بيباڪي، منطقي موشگافي هرچيز داد جي قابل آهي. مثال طور:

ڪو ته هن شهر جو همدرد ۽ همدم هوندو،
ڪو ته هن شهر جو همراز ۽ ساٿي هوندو،
ڪو ته هن شهر جو معشوق ۽ جاني هوندو،
ڪا ته هن شهر جي دلبر جي جواني هوندي،
ڪا ته هن شهر جي عاشق جي نشاني هوندي،
ڪو ته هن شهر جي ٻوليءَ جو ترنم هوندو،
سرد ۽ تيز هوائن تي ڪڙا ڪُڙڪايا،
ته ڪو انسان به ٿئي، شهر جي ماتم ۾ شريڪ!

’امداد‘ وٽ ڪردارنگاريءَ جي سلسلي ۾ بيشمار علامتون آهن، جي زندگيءَ جي خفيف کان خفيف، نازڪ ۾ نازڪ، مخفيءَ کان مخفي، باريڪ کان باريڪ حقيقت تان رسائي حاصل ڪن ٿيون. ’امداد‘ پوريءَ زندگيءَ جون روشن توڙي ڪثيف حقيقتون، هڪ ئي نظم ۾ بيان ڪرڻ تي جا قدرت رکي ٿو، تنهن سندس مقام ۾ انفرادي امتياز پيدا ڪيو آهي. البت ڪٿي ڪٿي سندس زبان ۽ انداز بيان ۾ جو تشدد ۽ طنزيه رنگ ٿو پيدا ٿئي، ان ۾ احتياط ۽ اعتدال جي روش قائم ڪرڻ جڳائي.

’مهراڻ‘ ۾ گهر جي ياد، ماريا، نئون شعر، تاريخ، نهايت ڪامياب چيزون آهن.

’نئون شعر‘ جي عنوان سان، سندس غزل نما نظم، يا نظم نما غزل ڇپيو آهي، ان جي بيپناهه رواني‌ءَ جو ڪو حساب ڪونهي! نهايت سليس ۽ شيرين انداز ۾ ڇا ڇا نه چئي ويو آهي!

’امداد‘ جو قلم يا دماغ هڪ قالب بنجي ويو آهي، ۽ سندس شعر سڪهءِ بند، مثالن وانگر پلٽيا ٿا اچن. ٻولي سليس ۽ انداز ڪلاسيڪي، پر ذوق جمال جديد، ۽ پيشڪش لذيذ. چوي ٿو:

رات جي پوئين پهر، چنڊ جيان، منهنجي جهوليءَ ۾ جهُلي پيو آهين.
مون تي ڪنهن بند ٽيل در وانگي، پاڻ ئي پاڻ کلي پيو آهين.
نوڪ ذرّيءَ جي ڪليل سيني تي، چولين وانگي ڇُلي پيو آهين.
صبح جي وير ٿڌيءَ هير جيان، منهنجي هستيءَ تي گهلي پيو آهين.
مون تي امرت جا پيالا اوتي، منهنجي سڀ زهر ڪي پي ويو آهين.

ان ۾، جهُلي پيو آهين، کلي... ڇلي... گهلي... پي، ويو آهين، ۾ عجيب رواني ۽ لطافت آهي. معاف ڪجو، ’امداد‘ جي ان چيز ڪي اگر اڏو اڏ ڪجي ۽ سندس پويان بند گڏي پڙهجن ته پوءِ مخمس جو هڪ بند بنجي ٿو پوي. پر جي، اهي شعر، مصرع ثانيءَ وارا، مصرع اول بنائجن ته هوند آزاد نظم بنجي پوي. مثال طور:

Gul Hayat Institute

پاڻ ئي پاڻ ڪُڙهي پيو آهين، مون تي ڪنهن بند ٽيل در وانگي.
منهنجي سپ زهر ڪي ئي ويو آهين، مون تي امرت جا پيالا اوتي.

آخر تائين ان رعايت سان، ايترو عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان، ته اڄڪلهه آزاد نظم ۾ رڪنن جي گهٽ وڌائيءَ ڪري، بعض وقتن تي جا شڪستگي ۽ ڪرختگي تي پيدا ٿئي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن 'بحر ۽ وزن' جي پابندي ڪئي وڃي، سا به رڳو 'بحر' تائين (قافيه ۽ رديف جي تلازم کان سواءِ) ته پوءِ منهنجي خيال ۾ آزاد نظم جو حسن دوبالا ٿي وڃي. افسوس ته اهو آهي ته اسان جي يارن، آزاد نظم، نظم معرئل، بلينڪ ورس، غير مقفيٰ، ۽ غير مردّف، ناموزون ۽ پابند شاعريءَ توڙي نثر مرصع جي لطيف ۽ فني فرق ۽ امتياز کي به اڃا نه سڃاتو آهي.

ان سلسلي ۾ نارائڻ شيام جو فن اسان جي ادبي ماحول ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. مهراڻ ۾ آيل ٻه وايون نهايت سهڻيون آهن. انهن ۾ فن جي پختگي به آهي ۽ خيال جي گهرائي به آهي، ترنم ۽ رواني به آهي، اثر آفريني ۽ جذب به آهي.

منهنجي ناچيز خيال ۾ وائي سنڌي شاعرائين صنفن ۾ سڀني کان وڌيڪ اثرائتي ۽ روان دوان صنف آهي. هڪ ته ان جو وراڻو، نهايت چيندڙ ۽ اثر انگيز ٿو ٿئي. ڳالهه اها آهي ته وراڻو ته هر حال ۾ قائم دائم رهي ٿو، پر ان جو پيو ساٿي اهڙو ته تز ۽ صاف، سليس ۽ سادو هڻڻ گهرجي، جو ڏسڻ سان تير وانگر هنئين ۾ کپي وڃي. ان جي سمجهڻ لاءِ نه دماغ تي زور ڏيڻو پوي ۽ نه شاعرانه فن جو دفتر اٿلائڻو پوي ته هي ڇا چيو ويو آهي؟

شيام جي پهرين وائيءَ جا پهريان ٽي بند واه جا آهن، ۽ "ڪيئن نه چمي رابيل کي" سهڻي ٻڌڻي آهي. ڏسو:

ڏسندي ئي هر ڪيو هينون، نيڻن جو ويساهه... ڪيئن نه چمي رابيل کي!
هلڪيءَ جنبش سان هوا، واسيندي وڙاهه...

باقي بند سندس زور طبع جي پيداوار آهن.

ان طرح هري دلگير، هميشه وانگر هن ڀيري به پاڻ موکيو آهي. سندس چيل چيزون سندس فني پختگيءَ جو دليل آهن. سندس وايون ۽ بيت، نهايت رنگين مثال ڇڏي سگهجن ٿا، جن ۾ نرمي ۽ رواني به آهي، حال ۽ خيال به آهي، ۽ ٻوليءَ جو پڻ عمدو مثال آهي. "ڪير ته آهي!" ۾ ڏسو:

ڪير اڪيلائيءَ ۾ مون سان پيو ڳالهائي — ڪير ته آهي!
دور افق سان وينو ڪير لياڪا پائي — ڪير ته آهي!
ڪير ڪويءَ کان گيت نوان ٿو روز چوائي — ڪير ته آهي!

ان طرح ٻي وائي ڏسو:

”مان تہ چوان ٿي آءُ، سچڻ تون آءُ — مگر تون آنهہ ڪٿي؟“
ساري وائي سهڻن خيالن سان سينگاريل آهي.

هي آهن اهي شاعر، جن جي شاعريءَ جي شهرت آهي. في الحال، شعر و شاعريءَ تي نگاهہ وارو حصو هتي ختم ٿو ڪريان. ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ باقي شعرن جو فن ۽ ڪلام ڪو اهڙو غيراهم آهي. ٻين شاعرن ۾ شمشيرالحيدري، گووردن محبوباڻي، گدائي، نياز همايوني، بردو سنڌي، محسن عباسي، ذوالفقار راشدي، قمر شهباز، شاد، وفا، آثم، راز ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، استاد بخاري، ڊاڪٽر خادم مدارنگاڻي، موتي پرڪاش، نشتر ۽ سليم ڳاڙهوي مام جتسنگاڻي، قيوم طراز، تاج بلوچ، پروانو ڀٽي، فتاح ملڪ ۽ ٻيا صاحب، قدر جي لائق آهن. انهن جو منتخب ڪلام، هرخيال کان تعريف جوڳو آهي. ٻئي ڀيري انهن جي فن تي ٻہ عرض ڪندس.

ان طرح مهراڻ ١-٢/١٩٦٥ع ۾ هن ڀيري ”غيرملڪي ٻولين جي شاعريءَ“ جي سلسلي ۾ ميدان جنگ ۽ خليل جبران جا ست گيت سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن.

”ميدان جنگ“، سنڌي ادب جي مشهور ليکڪ رسول بخش پليجي جو انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل آهي. شاعر، ڪرسٽاف ٽيج، (١٧٥٤-١٨٤١ع) ستن سالن واري جنگ جي هيبتناڪ تصوير چٽي آهي. مسٽر پليجي، ترجمي ۾ اصليت ۽ حقيقت وارو روح پيدا ڪيو آهي ۽ ترجمي جي فن کي هرلحاظ سان نباهيو آهي.

ان نظم ۾ جنگ جي وحشتناڪ نقشگري ڪري، انسان کي پنهنجي جنگ جو ۽ خون آشام روش کان نفرت ڏياري ويئي آهي. ميدان جنگ ۾ ڇا هوندو! تڙپندڙ لاش، ڦٿڪندڙ ۽ زخمي زندگي، مرڻينگن جون آهون ۽ دانهون، وڍيل عضون جا ڍير، هزارين اکيون ۽ ٻانهون، لکين کوپريون ۽ منڍيون! لاتعداد ڌڙ! جنگ، موت جو وحشت پسند مظاهرو آهي. جنگ امن، ايمان ۽ انسان جي دشمن آهي. جنگ، انتقام جي آگ آهي، جا سُڪن گڏ آلن کي ٻہ جلائي ٿي. جنگ هزارين جهڳا جلائي ٿي، لکين رنون زالون، ڪروڙين يتيم ٻار، مائيءَ جي گرهہ لاءِ تاحيات تڙپندي گذارن ٿا.

هن نظم ۾ ان جنگ تي ۽ جنگ جي امن سوز ۽ انسان دشمن پهلوءَ تي نفرت آفرين رنگ ۾ نشترزني ڪندي، هن طرح جذبات انگيز نموني ۾ اختتام ڪيو ويو آهي.

دنيا کي تهہ وبالا ڪندڙ، اج هيچ آهي، فريڊرڪ اعظم سوڙهي تابوت ۾ پيو آهي.
سڪندر اعظم هينئر ڌوڙ جو ٻڪ آهي.
ڪِرن جي گجگوڙ وانگر، سڀڪجهہ ختم ٿي ويو:......
انساني خوشي، فاتحن ۽ سورمن جي نالي ۽ ناموس کان بالاتر آهي.
اي قوم جا رهبر، هتي — هنن سڀ ڪل هڏن مٿان هٿ رکي، قسم کڻ:
آءٌ پنهنجي عوام جو صلح پسند اڳوان ٿيندس!

ان نظم جي مطالع ڪرڻ ڪان پوءِ، ڪو به انسان جنگ کي پسند نہ ڪندو، جو آهي انسانيت جو عظيم مقصد.

باقي سڀ ڪالم، روايتي حيثيت سان تعريف جي لائق آهن. افسانا ۽ ناٽڪ وغيره.

مقالن ۾ "جديد دور ۾ بين الاقوامي تعاون جو مسئلو"، عالمي نظريات جي چنڊ ڇاڻ تي مشتمل آهي. بروهي صاحب جي هن فڪر انگيز تقرير کي مطالع ڪرڻ، هر صاحب فڪر تي فرض آهي. اها تقرير ڪنهن بہ تعارف ۽ حاشيہ آرائيءَ جي محتاج نہ آهي. جويي صاحب ۽ سومار عليءَ جنهن انداز سان ترجمو ڪيو آهي، سو انداز اصليت جون سڪون ٿو لاهي. "سامي زبانون" لسانيات جي عميق مطالع جو شاهڪار آهي، پروفيسر واءِ. ايس. طاهرعلي، مبارڪ جو مستحق آهي. باقي سڀ ڪالم - مهراڻ جا موتي، ۽ تبصرا وغيره، مهراڻ جي روايت کي قائم رکيو ٿا اچن.

هن پيري اوهان گذارش ۾ فقط ٻہ مسئلا پيش ڪيا آهن. هڪ جشن ڏهہ سالہ جي التوا جو مسئلو؛ ۽ ٻيو مهراڻ جي علمي ۽ ادبي ترتيب ۾ اصلاح جو مسئلو، جنهن موجب آئينده حصہ نظم ۽ افسانا نہ شايع ٿيندا. جشن مهراڻ لاءِ اوهان لکيو آهي تہ

"اميد آهي تہ مهراڻ جي ڏهہ سالہ جشن جي التوا ۽ ان جي باقي سڀ تقريبات جو نعم البدل، 'مهراڻ' جا هي ٻہ ضخيم نمبر ٿيندا، جي پنهنجي علمي ۽ فني معيار جي لحاظ سان اڳتي هلي، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ نمايان حيثيت حاصل ڪندا."

بيشڪ، ميجيوسون - مهراڻ جا ٻہ ضخيم نمبر، ڏهہ سالہ جشن جو نعم البدل ٿيا. پر سوال اهو آهي تہ، سنڌي ادب ۾ شعر و شاعريءَ ۽ ڊرامہ نگاريءَ جو مستقبل ڇا رهندو؟ هن فڪرانگيز دؤر ۾، سنڌي شاعري، پنهنجي علاقائي حيثيت سان گهڻو بلند ٿي چڪي آهي. اوهان ڏهن سالن ڪان سنڌي شاعرن جي تخليقات کي معاوضي ڏاران شايع ڪندا آيا آهيو. 'مهراڻ' جي تربيت ۽ حوصلہ افزائيءَ سان، ڪيترا ناليرا ۽ قابل فخر شاعر پيدا ٿيا آهن. آخر انهن جي جذبات ۽ خيالات جو قدر ڪير ڪندو؟ اسان وٽ باقي ٽي رسالا وڃي رهيا آهن: نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ بادل! تہ ڇا، اهي ٽي رسالا، سنڌي شاعريءَ کي پيش ڪري سگهندا، جي لکي ضخيم آهن، ۽ نڪو منجهن ايتري گنجائش آهي.

ان سلسلي ۾ مان سنڌي ادبي بورڊ جي چيرمن جناب مخدوم محمدزمان صاحب "طالب المولیٰ" جي خدمت ۾ پُرخلوص التماس ٿو ڪريان تہ جڏهن تہ پاڻ چوٽيءَ جا سخن سنج ۽ شاعر آهن، 'مهراڻ' ۾ دوباره حصہ نظم ۽ افسانن واري باب کي کولائين. اهو مٿن شاعرن جو حق آهي. ان ڪالم ۾ اصلاح ڪرڻ بهتر آهي، بمقابلي بند ڪرڻ جي. ان طرح بورڊ جا لائق ۽ فائق ميمبر بہ توجهہ فرمائيندا.

ان ڪان پوءِ، جشن مهراڻ جي سلسلي جو ٻيو ضخيم نمبر آهي. اهو نمبر ڏهن سالن، ۱۹۵۵ع - ۱۹۶۵ع تائين، جي مواد جو انتخاب آهي. ان ساري ضخيم نمبر کي مطالع ڪرڻ ڪان پوءِ اهو واضح ٿو ٿئي تہ ان نمبر کي، "سنڌي زبان نمبر" چئجي، يا لسانيات نمبر ڪوٺجي.

Gul Hayat Institute

سڀ کان اول، اوهان گذارش ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“، جي تشڪيل ۽ تعمير جي سلسلي ۾ تفصيل سان گفتگو ڪئي آهي، ۽ بورڊ جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڪيو آهي. بيشڪ ’بورڊ‘ علائقائي ادبي ادارن کان هر حال ۾ ممتاز به آهي ۽ قابل ستائش به آهي. سنڌ جي علمي ڪارگذارين کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي. ان گذارش پڙهڻ کان پوءِ، بورڊ متعلق ڪنهن به غلطفهميءَ جي گنجائش نه رهي آهي. اسان کي ۽ سنڌي ادب کي ته بورڊ تي فخر ڪرڻ سونهي ٿو.

مواد جي سلسلي ۾ اوهان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ۽ ڪلاسيڪي ادب کان وٺي لساني ۽ فني پهلوءَ تائين، وڏن وڏن عالمن جا مقالا ڏنا آهن، جن ۾ علامه دائود پوٽي، علامه آءِ. آءِ. قاضي، مولانا وفائي، ڊاڪٽر بلوچ، عثمان علي انصاري، علامه ڪربلائي، پيرومل مهرچند، جا نالا قابل ذڪر آهن. ان طرح خالص لساني فن تي، ”ٻوليون ۽ سندن سڃاڻ ۽ اُٿلاءُ“، مسٽر محمد ابراهيم جويي جو مقالو آهي، جو ان موضوع تي هڪئي ڏنو اٿوَ، اهو پنهنجي جاءِ تي معلومات افزا فني مسئلو آهي. ’تعليمي زبان‘ جي عنوان هيٺ، سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ۽ حفاظت، اشاعت ۽ خدمت جي سلسلي ۾ وقت بوقت ٿيل ڪارگذارين ڪي ورجايو ويو آهي، جيئن ايندڙ نسل، پنهنجي ٻوليءَ جي حفاظت ۽ ارتقا لاءِ ڪجھ ڪري سگهي.

’ٻوليءَ جي اصلاح‘ جي عنوان هيٺ، پڻ تعريف جوڳا مضمون آيل آهن. ان طرح ادب، ڪلاسيڪي شاعري ۽ جديد شاعريءَ تي پڻ مستند عالمن جا مقالا ڏنل آهن. ساڳيءَ طرح ’مهراڻ جا موتي‘ ۽ ’علمي فڪري اقتباس‘ به نهايت فڪرانگيز پهلوءَ تي مشتمل آهن.

سڀ کان وڏيڪ علمي ۽ فڪري پهلو اهو آهي ته ١٩٥٥ع - ١٩٦٥ع تائين ’گذارشون‘ ڏنيون ويون آهن، جن ۾ زبان، ادب، فن، تاريخ، تنقيد ۽ سوانح تي نهايت معياري بحث ڪيل آهي. اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ مستقل ڪتاب ٿي سگهي ٿو، جو جيڪر بورڊ ڇپائي ته بهتر. ان طرح ’انڊيڪس‘ (Index) به هڪ علمي آئينو آهي.

ٻيو عرض آهي ته چونڊ مهراڻ جي حصهءِ نظم، افسانن ۽ مقالن جي چونڊ به ڪئي وجي ۽ اهي ڪتاب ڇپايا وڃن؟ — راج محمد ٻڏليي

Gul Hayat Institute

پڙهندڙن جا پيغام

- ...پرچو- 'جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سيتا سات جي' - جو مصداق آهي. بورڊ جي روايت -حسنِ طباعت ۽ صحتمند مواد جي چونڊ- هن پيري به قائم رهي آهي. اوهان جي گذارش ۾ 'بورڊ' جي ڪارڪردگيءَ متعلق تفصيل پڙهي، خوشيءَ گاڏڙ عجب لڳو ته ايترو ڪم، ايتري قليل عرصي ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت ٿيو! ماڻهوءَ جي وَسَ کان ڪا ڳالهه ٻاهر نه ڪانهي، پر بورڊ جي ڪم ڏانهن ڏسي پائنجي ٿو ته بورڊ جا ڪارڪن ڪي 'جن' نه، ته 'جن صفت' ضرور آهن. ڪم جي سچي لڳن، مقصد لاءِ تڙپ، ۽ خلوص جي شدت، وڏي شئي ٿئي ٿي؛ ۽ بحمدالله اوهان همه تن موصوف آهيو. اگر انهيءَ هوندي به ڪوئي نه مڃي ته شابس هجيس!

١٩٥٥ع کان ١٩٦٤ع تائين پرچن ۾ آيل مواد جي مڪمل وچور وڏي ڪشالي جو ڪم هو، ۽ ان وچور جي افاديت پنهنجي جاءِ تي مسلم رهندي. بهرحال، منهنجي خيال ۾ هيءُ پرچو پنهنجي افاديت جي لحاظ کان هڪ "عظيم تحفو" آهي، ۽ عظيم تحفا ساهه ۾ سانديا ويندا آهن...

- سيد اياز علي شاهه "محسن"، ڪڪڙائي،
خيرپور ناٿنشاهه، (دادو).

- ..."مهراڻ"، هن دفعي اهو درياءُ آهي، جنهن جو ڪنڌي ڪناروئي نظر ڪونه ٿو اچي. (راهه موڪلڻ لاءِ ته ان جو گهرو مطالعو ئي ضروري آهي. سطحي مطالعي سان راءِ لکڻ، ڪيتريقدر ڪارگر ٿيندي، اهو مان ئي ڄاڻان ٿو، ۽ گهري مطالعي لاءِ ڪافي وقت گهرجي. شايد ان وقت تائين راءِ موڪلڻ جي ضرورت نه رهي.) تنهنڪري درياءُ جي هن پَر تي ويهي ٻيءَ پَر تائين فقط نظر ٿي اڇلائي وڏي اٿم ـــ سندس پيٽ ۾ هيٺيان ڏيک ڏسڻ ۾ پيا اچن: مانجهي، مڙهه سنوان ڪري، ڪناري طرف وڌي رهيا آهن ـــ ساڳهو ڪُنَن جا ڪڙڪا، چولين جون گوڙيُون، سيرُن جا سوساٽ، ٻڌڻ ۾ پيا اچن: پر مانجهي ويران وير وَڌ آهن! ٻيڙيون لڏنديون ڏسڻ ۾ پيون اچن: پر ٻُڏنديون، سو دل نٿي مڃي. 'سچ' جنون ٻيڙيون به ٻلا ڪڏهن ٻُڏيون آهن؟ 'سهڻيون' سر جو سانگو لاهي، سيرُن ۾ ڪاهي پيون آهن، ميهار ڪُنڌيون ڪڙايو ڪنارن تي بيٺا آهن. هوڏانهن 'سهڻين' جي سيرن ڪي ڪو جوکو ڏسڻ ۾ آيو؛ هيڏانهن ڪنڌيون، ميهارن جي اک جو اشارو پسي، ڪين تاري ڪناري پهچائڻ لاءِ

آتيون پيون ڏسجن. اهو وقت گذري چڪو جڏهن ’سهڻي‘ سير ۾ ٻڏندي رهي ۽ ’ميهر‘ ڪناري تي خاموش بيٺو ڏسندو رهيو — هينئر ڪاٻه ’سهڻي‘ ٻڏڻ نه ڏني ويندي!

”مهراڻ“ جا موضوع ۽ مضمون، ايندڙ ادب ۾ حوالن جوڪم ڏيڻ وارا آهن. مستقبل جي محقق ۽ مورخ کي ’مهراڻ‘ ۾، ڏهن سالن جي اندر ڇپيل مواد کي ڳولڻ نهايت ڪٺن ڪم هو. اوهان منجهانئس خاص خاص مضمون ۽ شعر چونڊي، هڪ هنڌ (ٻن حصن: ١-٢/١٩٦٥ع ۽ ٣-٤/١٩٦٥ع ۾) گڏ ڪري، انهيءَ مشڪل کي آسان بنائي ڇڏيو آهي. بهرحال منهنجي نظرن ۾ جيڪو ادب جو اٿاه سمنڊ آهي، اهو اوهان هڪ پيالي ۾ اٿلائي وڌو آهي...

—”آثم“ ناٿنشاهي، خيرپور ناٿنشاه، (دادو).

— ...جهڙيءَ طرح مٺو مٺو ’مهراڻ‘ پنهنجي هر موج سان وادي سنڌوءَ جي چپي چپي جي آباديءَ کي اوج تي آڻيندو رهي ٿو، اهڙيءَ طرح رسالو ’مهراڻ‘ به سنڌ جي علم و ادب جي سرزمين کي سرسبز ۽ شاداب ڪندو رهي ٿو. هونءَ ته سنڌس هر پرچو ناياب نمبر جي نموني ۾ نڪري اروار ٿيندو آهي، پر جو به خاص نمبر ڪڍو ٿا، اهو افاديت ۽ اهميت جي لحاظ سان، ’تاريخي دستاويز‘ بنجي وڃي ٿو. هن ’خاص اشاعت‘ به سنڌي ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو آهي. بيشڪ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي هي مستند مواد، امر رهڻو آهي.

سرورق جي ٻنهي پاسن تي گذريل سالن جي سڀني پرچن جا سرورق سمو هي سهيڙي، هڪ هنڌ محفوظ ڪيا ويا آهن. نقش و نگار جو هيءُ حسين امتزاج آهي، جنهن ۾ ’مهراڻ‘ جي تاريخ سمايل آهي.

گذارش ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جو مڪمل تعارف ڏنو ويو آهي. اهو مضمون، جيڪڏهن ”اسان جو سنڌي ادبي بورڊ“ جي عنوان سان الڳ ڇاپرائي تقسيم ڪيو وڃي ته هوند، مخالف توڙي موافق احباب، بورڊ جي ڪارگذاريءَ کان واقف ٿي مطمئن ٿي وڃن. باقي مواد جو ان طرح ’انتخاب‘ ۽ ان جو هر عنوان قدر جي لائق آهي.

’مهراڻ‘ بيشڪ سنڌي ادب ۽ بورڊ جي حسن ۽ ڪارڪردگيءَ جو روشن مثال آهي.

—احمد خان ”آصف“ ڪَڪُڙ (دادو).

Gul Hayat Institute

علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون

جشن لطيف

(ٽنڊو محمد خان: ٨- اپريل ١٩٦٦ع)

”بزم ادب“ ٽنڊو محمد خان جي زيرسايه، ٨- اپريل ١٩٦٦ع تي ٽالپر ٽيڪسٽائيل ملس جي حاطي اندر ڪشادي ميدان تي، شاندار طريقي سان ”جشن لطيف“ ملهايو ويو، جنهن جي صدارت پروفيسر الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاه، ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن، ڪئي. جلسي ۾ هر طبقي جي مقامي باشندن، آفيسرن، وڪيلن، شاگردن، صحافين، معزز شهرين، ٻاهرين اديبن ۽ ڀٽائي بادشاه جي شيدائين، اٽڪل ڇهن هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ”بزم ادب“ جي صدر ۽ ٽنڊي محمد خان جي ادب ذوق اسسٽنٽ ڪمشنر، مسٽر يوسف جمال سي. ايس. پي، جي سرجوشيءَ سان، ”جشن لطيف“ جو انتظام ڏاڍو سهڻو رکيل هو.

ٻاهران آيل سڀني اديبن، شاعرن، فنڪارن کي ماني ڪارائڻ کان پوءِ، رات جو نوين بجي جشن جي ڪارروائي شروع ٿي. پروگرام موجب شاه صاحب مسند صدارت والاري. قادربخش زيب پٽي، رسول بخش پليجي، پروفيسر خواجا غلام علي الانا، لاڪيٽي لطيف تي مقالا پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون. آخر ۾ مولانا غلام محمد گرامي، لطيف جي فلسفهء حيات ۽ فن تي ولوله انگيز ۽ وجد آور انداز ۾ تقرير ڪئي، جا نهايت پسند ڪئي ويئي. مولانا گرامي صاحب، علم جي صحيح حيثيت، ۽ تعليم جي صحتمند طريقن تي زور ڏنو ۽ ٻڌايو ته ”صالحن جي صحبت، غور ۽ مراقبي، مطالع جي وسعت، ذڪر و فڪر، ڪردار جي پاڪيزگيءَ سان انسان جي شخصيت ٺهجي ٿي. لطيف جو ڪلام ۽ فن، انسان جي سيرت سازيءَ جي باب ۾ هڪ مثالي چيز آهي. لطيف ۽ ان جي فن تي اسان کي پورو فخر حاصل آهي. سندس بين الاقوامي پيغام، مساوات ۽ اخوت، ڀرادري ۽ برابريءَ تي مشتمل آهي. لطيف، امن ۽ ايمان جو پيغامبر آهي. سندس ڪلام جي افادي ۽ صحتمند پهلوءَ کي هر خيال کان ترجيح ڏيڻ جڳائي.“

صدارتي تقرير کان پوءِ ”محفل مشاعره“ شروع ٿي. هن يادگار مشاعري ۾ مقامي توڙي ٻاهرين، ڇوٽيءَ جي ۽ چوٽي شاعرن شعر پڙهيا. چند نالا اهي آهن: عبدالڪريم گدائي، شمشيرالحيدري، ’خواب‘ حيدرآبادي، علي محمد ’مجروح‘، ’بردو‘ سنڌي، امداد حسيني، حافظ حسيني، محمد خان مجيدي، شبير ’هاتف‘، ’راز‘ ناٿنشاهي، ’راز‘ بلڙائي، ’محسن‘ عباسي، ’انيس‘ مهيري، ’استاد‘ بخاري، تاج بلوچ، ابراهيم منشي، ’سرويچ‘ سجاولي، برڪت علي

'آزاد'، قلندر لڪياري، 'الطاف' عباسي، 'سوز' ٽڪڙائي، 'نور' عباسي، مقبول پٽي 'دانش'، 'انور' هالائي، پروانو ڀٽي، 'فدا' سرهيو، 'شوق' سنڌي، دائود تاج، 'مسڪين' ملاڪاتياري، 'ڪيف' ميرانپوري، نذير قاضي، پيربخش 'پياسي'.

مشاعري جي محفل انتهائي ڪامياب رهي، ۽ سامعين ڏاڍي صبر ۽ سڪون سان ٻڌو. ان بعد راڳ جي محفل شروع ٿي، جنهن ۾ مقامي فنڪارن کان سواءِ، ريڊيو آرٽسٽن، جشن ۾ اهڙي تہ رونق پيدا ڪئي، جو جلسو رات جو ٽين بجي تائين ڄميو رهيو. زرينہ بلوچ، فقير عبدالغفور، محمد جمن، محمد يوسف، فقير يارعلي، يوسف الغوزي وارو، اقبال جوکيو، مٺاخان بلوچ سامعين کي مسرور ڪيو. "جشن لطيف" جي ڪاميابيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر يوسف جمال کان سواءِ، مير پيربخش ٽالپر، حافظ شاهہ حسيني ۽ پرواني ڀٽيءَ جون دلچسپيون شامل رهيون. جشن جي ڪاروائي، ريڊيو پاڪستان طرفان ٽيپ ڪئي ويئي، جنهن جي رپورٽ هفتي کن کان پوءِ، حيدرآباد اسٽيشن تان نشر ٿي.

جشن روح رهاڻ

(بسنت هال، حيدرآباد، سنڌ: ١٠-اپريل ١٩٦٦ع)

حيدرآباد کي تاريخي، ثقافتي، علمي، ادبي ۽ تمدني حيثيت سان مرڪزي اهميت حاصل آهي، اهڙيءَ طرح هن شهر جي 'بسنت هال' سان بہ سالن کان وٺي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تهذيبي يادگيريون وابستہ آهن، جن جا جلسا، ميڙ، محفلون، مشاعرا، گذريل اڌ-صديءَ کان منعقد پئي ٿيندا رهيا آهن.

حيدرآباد مان گذريل پنجن سالن کان مسلسل شايع ٿيندڙ، "زندگي پبليڪيشن" جي ماهوار رسالي "روح رهاڻ" جي پنجين سالگرهہ جي مسرت ڀرئي موقعي تي، "جشن روح رهاڻ" وڏي اهتمام ۽ جوش وخروش سان، اڳين سال جيان، ١٠-اپريل ١٩٦٦ع تي بسنت هال ۾ ملهايو ويو. هڪ ڏينهن جي جشن جي مختلف نشستن ۾ سڄيءَ سنڌ مان آيل اديبن، عالمن، شاعرن، فنڪارن، افسانہ نگارن، تعليمي ماهرن، پروفيسرن، شاگردن، صحافين، معزز شهرين شرڪت ڪئي. جشن جي سلسلي ۾ بسنت هال کي خوب سينگاريو ويو هو ۽ شايان شان انتظام رکيو ويو هو. پروگرام مطابق صبح جو نوين بجي، سامعين اچڻ شروع ٿيا.

افتتاح

هن عظيم‌الشان ادبي اجتماع جو افتتاح صبح جو ڏهين بجي، سنڌ جي مشهور افسانہ نگار، محترم جمال ابڙي، پنهنجي مختصر لفظن سان ڪيو.

نمائش

پروگرام مطابق، "زندگي پبليڪيشن" جي طرفان، هال جي پرواري ڪمري ۾ منعقد ڪيل نمائش هئي، جنهن ۾ اداري جي ڇپايل ڪتابن کان سواءِ "روح رهاڻ" جا پراڻا پرچا، جشن جي موقعي لاءِ ڇپيل "روح رهاڻ" جو خاص نمبر، ۽ ڪئلينڊر رکيل هئا. محترم جمال ابڙي، رسالو خريد ڪري نمائش جو افتتاح ڪيو. ڪلاڪ کن سڀني نمائش ڏٺي ۽ ساراهي.

افسانن جي نشست

افسانن جي نشست جي صدارت، سنڌيءَ جي مشهور اديب، محترم محمدابراهيم جويي ڪئي، جنهن ۾ محمدعثمان ڏيپلائي، نظير شيخ، عبدالقادر جوڻيجي، غلامنبي ڀرائي ۽ شوڪت راهي افسانا پڙهيا. جويي صاحب پنهنجي تقرير ۾ ڪيئي مفيد مشورا ڏنا. چيائين ته "افسانو، زندگيءَ جي ڀرپور ترجماني ڪندڙ صنف آهي. ان جو ٺيٺ پس منظر، حقيقت تي بنياد ٿو رکي. افساني جي زبان ۽ ادائگيءَ جو طريقو، وڻندڙ ۽ دلنشين هئڻ گهرجي، ۽ ان ۾ مبالغي ۽ غلط خارجي اثرن کان بچي ڪري، حقيقت کي حقيقت جي حد اندر بيان ڪرڻ گهرجي."

مذاڪرو

پروگرام موجب شام جو پنجين بجي، محترم خانصاحب عبدالله چنا جي صدارت هيٺ مذاڪري جي نشست شروع ٿي. رٿيل عنوان — "روح رهاڻ ۽ جديد لاڙا" تي مقررين هئا، مولانا غلام محمد گرامي، پروفيسر خواجا غلام علي الانا، رسول بخش پليجو، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، پروانو ڀٽي ۽ محمدعثمان ڏيپلائي. مذاڪري ۾ ڳالهائيندڙ صاحبن، موضوع جي مناسبت سان، سامعين کي گهڻو ڪجهه مواد ڏنو. آخر ۾ گرامي صاحب جي تقرير، وقت جي فني مسئلن ۽ انهن جي تنقيدي جائزي تي مشتمل هئي. مولانا گرامي صاحب چيو ته "هن قسم جون ثقافتي ۽ تهذيبي محفلون، اسان جي ادب لاءِ مقدس روايت جي حيثيت رکن ٿيون. اسان جي تهذيب، روايت، ادب ۽ فن جي روشن مستقبل جو دارومدار، نوجوانن جي صالح ۽ صحتمند شخصيت ۽ سندن مخلصاڻي جدوجهد تي آهي. اهو غلط آهي ته اسان جي زاويہ نگاهہ ۾ رجعت آهي، يا اسان جديد فڪر جي غيرصالح قدرن ۾ مبتلا ٿي چڪا آهيون. اسان جو نقطہءِ نظر 'اسلام' جو اهو انقلابي نظام آهي، جو اخلاق ۽ ڪردار جي معراج تي پهچائي ٿو. اسان ۾ نڪي ملحد ۽ دهريا آهن، ۽ نڪي لادينيت جا مبلغ آهن. اسان وٽ ڪابہ اهڙي نظرياتي تنظيم ڪانہ آهي. هرڪو اديب انفرادي طرح سان خدمت ڪندو رهي ٿو."

آخر ۾ چنا صاحب پنهنجا تاثرات بيان ڪيا ۽ پوءِ مهمانن ۽ حاضرين، "زندگي پبليڪيشن" جي چانهہ پيتي.

انعامن جي ورهاست

سنڌي جديد ادب جي تخليق کي همٿائڻ لاءِ، گذريل سال انهيءَ جشن جي موقعي تي، خانصاحب عبدالله چنا، افسانہ نگارن ۽ شاعرن کي "اياز ادبي انعام" (اديبن لاءِ)، ۽ "مارئي انعام" (اديبائن لاءِ)، هرهڪ سؤ رپين جو، ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. سال ١٩٦٥ع جي "روح رهاڻ" ۾ ڇپيل افسانن ۽ نظمن کي انعامي ٺهرائڻ لاءِ ڪاميٽيون مقرر ڪيل هيون. 'اياز ادبي انعام' لاءِ ججَ صاحبان هئا: محترم غلام محمد گرامي، محترم محمد ابراهيم جويو، ۽ محترم تنوير عباسي. 'مارئي انعام' لاءِ جج هئا: محترمہ بيگم زينت عبدالله چنا، محترم جمال ابڙو ۽ محترم فتاح ملڪ. ججن جي فيصلي موجب انعام کٽندڙ اديبن ۾، محترمہ بيگم چنا، انعام تقسيم ڪيا. ورهاست هن ريت هئي.

اياز ادبي انعام

افسانا	پهريون انعام	— سراج ("موکي ۽ متارا")
	ٻيو انعام	— امر جليل ("اروڙ جو مست")
	ٽيون انعام	— نسيم کرل ("گنس")
شعر	پهريون انعام	— امداد حسيني (نظم: "ماحول")
	ٻيو انعام	— شمشيرالحيدري (ڪافي: "پري ٻيءِ جام محبت وارو!")
	ٽيون انعام	— فتاح ملڪ (نظم: "مون کي آهہ سڃاڻ")

مارئي انعام

افسانا	پهريون انعام	— مس اقبال پروين سومرو ("حادثي کان اڳ")
	ٻيو انعام	— نسيم کوثر ("شيما")
	ٽيون انعام	— مس ايس. تبسم ("معصوم ڏوهاري")
شعر		— زرينہ بلوچ (گيت: "من مندر ۾ توکي وهاريان!")

مشاعرو

رات جو نوين بجي، سنڌي مشاعرو شروع ٿيو، جنهن ۾ شرڪت لاءِ جيڪب آباد کان سجاول تائين، سڄيءَ سنڌ مان ڀهتل شاعر حاضر هئا. پروگرام موجب، محترم تنوير عباسي صدارتي ڪرسي سنڀالي، تقرير سان مشاعري جي شروعات ڪئي. (اها تقرير، "روح رهاڻ" جي مئي ١٩٦٦ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل آهي). مشاعري ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ مروج سڀني صنفن کي پيش ڪيو ويو. شعراءِ ڪرام هئا: شيخ 'اياز'، 'تنوير' عباسي، عبدالڪريم 'گدائي'، شمشيرالحيدري، 'امداد' حسيني، 'تاج' بلوچ، فتاح ملڪ، الطاف عباسي، 'راز' ناٿنشاهي، 'محسن'

عباسي، نذير قاضي، 'سيف' ٻنوي، 'محسن' ڪڪڙائي، پريو 'ناشاد'، 'آثر' ناٿنشاهي، 'وفا' ناٿنشاهي، 'پروانو' ڀٽي، مقبول ڀٽي، عبدالحڪيم 'ارشد'، رجب علي ميمڻ 'ضيا'، عبدالغفار ابڙو، غلام حسين رنگريز، محمد هوت 'مجرم'، محمد حنيف 'ملزم'، اقبال احمد شيخ، علي احمد عباسي، عبدالفتاح 'عبد'، محمد مراد بلوچ ۽ 'رهبر' ڀٽي وغيره.

راڳ رهاڻ

جشن جي سلسلي ۾ آخري پروگرام هو — راڳ رهاڻ، جنهن جي صدارت محترم غلام محمد گرامي صاحب ڪئي. راڳ جي محفل ۾ ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام سان گڏ جديد شاعرن جو ڪلام ٻڻ ڳايو ويو، آخر ۾ 'هو جمالو' سان جشن جو اختتام ٿيو.

سنڌي ادبي ڪانفرنس

(جهول، ضلعو سانگهڙ: ١٦-اپريل ١٩٦٦ع)

١٦-اپريل ١٩٦٦ع تي جهول شهر ۾، اتي جي "سنڌي ادبي سنگت" جي اهتمام سان وڏي پيماني تي، 'سنڌي ادبي ڪانفرنس' ٿي گذري، جنهن جي صدارت مخدوم محمد زمان "طالب المولا"، تمغهء پاڪستان، (چيئرمن "سنڌي ادبي بورڊ"؛ ميمبر، قومي اسيمبلي پاڪستان؛ سجاده نشين، درگاهه حضرت مخدوم نوح سرور رحه هالا نوان) جن ڪرڻ فرمائي. ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ حيدرآباد، ڪراچي، نوابشاهه، ٽنڊي، هالا، سانگهڙ، شهدادپور ۽ ميرپورساڪري مان شاعر ۽ اديب پهتل هئا. ڪارروائي رات جو نوين بجي شروع ٿي. اول، مخدوم صاحب جي خدمت ۾ سپاسنامو پيش ڪيو ويو. مخدوم صاحب جن، سپاسنامي جو جواب ڏيندي، پنهنجي طرفان هرممڪن تعاون جو يقين ڏياريو. مشاعري جي محفل ۾: شمشيرالحيدري، 'پروانو' ڀٽي، عارف المولا، تاج بلوچ، 'انور' هالائي، سروپچندر 'شاد'، پريو 'ناشاد' 'سيف' ٻنوي، ميوو خان 'موج'، حسين بخش 'خادم'، مصري 'مائل' سروري، محمد عمر چنڊ، 'شهنشاهه' هالائي، نبي بخش 'همدرد'، الهورايو 'اداسي'، معصوم قاضي، عبدالغفار 'عابد'، عبدالستار 'انصار'، ڪرم علي 'وفا'، گل محمد 'خوشتر' ۽ ٻين مقامي شاعرن حصو ورتو. آخر ۾ مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪلام سان سامعين کي محظوظ فرمايو. ان بعد راڳ جي محفل شروع ٿي، جنهن ۾ مقامي فنڪارن کان سواءِ، حسين بخش خادم ۽ مصري فقير، مخدوم صاحب جو ڪلام ڳايو ۽ ساري محفل ۾ سرور پيدا ڪيو.

سنڌي مشاعرو

(شهدادپور آرٽس ڪاليج، شهدادپور: ١٧-اپريل ١٩٦٦ع)

١٧-اپريل ١٩٦٦ع تي، شهدادپور آرٽس ڪاليج جي 'بزم لطيف' جي اهتمام سان، ڪاليج جي حاطي اندر، محترم شمشيرالحيدريءَ جي صدارت هيٺ سنڌي مشاعرو ٿيو. سامعين ۾

شهر جا ڪافي معزز، استاد، شاگرد ۽ ادب ذوق حاضر هئا. شروع ۾ مسٽر گل محمد گلاٽي (سنڌي ليڪچرار ۽ صدر 'بزم لطيف')، ڪاليج جي بزم لطيف جو تعارف ڪرايو ۽ ادبي محفلن جي اهميت تي روشني وڌي. ان بعد مسٽر شمشيرالحيدريءَ جي صدارتي تقرير کان پوءِ مشاعرو شروع ٿيو، جنهن ۾ شمشيرالحيدري، 'پرواني' ڀٽي، 'نور' عباسي، پريو 'ناشاد'، 'نظر' سنڌي، گل محمد گلاٽي، 'سيف' ٻنوي، نبي بخش 'همدرد'، ميوي خان 'موج'، الهورائي 'اداسي'، سليم لغاري، ڪرم علي 'وفا'، ڏني بخش 'خاموش'، عبدالستار 'الصار' ۽ ٻين شعر پڙهيا.

سنڌي مشاعرو

(سروري اسلاميہ ڪاليج هالا نوان: ١٧-اپريل ١٩٦٦ع)

گذريل اپريل ١٩٦٦ع ۾، سروري اسلاميہ ڪاليج هالا نوان جي ساليانہ تقريبن جي سہ روزه پروگرام ۾، ١٧-اپريل ١٩٦٦ع تي هڪ سنڌي مشاعرو، زير صدارت جناب مخدوم محمد زمان 'طالب المولي' تمغہ پاڪستان (چيئرمن "سنڌي ادبي بورڊ"، ۽ ميمبر قومي اسيمبلي پاڪستان) جن جي منعقد ٿيو، جنهن ۾ مخدوم زاده محمد امين "فهيم" کان سواءِ، شهر جي معززن، استادن، شاگردن، صحافين ۽ ادب ذوق دوستن جهجهي انداز ۾ شرڪت ڪئي. ڪاليج جي ڪشادي ميدان تي شاندار اسٽيج جو انتظام ڪيل هو ۽ مقامي شاعرن کان سواءِ، ٻاهريان شاعر بہ مدعو ڪيل هئا. مشاعري ۾ هيٺيان شاعر پيش ٿيا: شمشيرالحيدري، امداد حسيني، 'بردو' سنڌي، 'نور' عباسي، 'پروانو' ڀٽي، 'سليم' هالائي، 'انور' هالائي، 'نظر' سنڌي، پريو 'ناشاد'، 'سيف' ٻنوي، 'محبوب' سروري، 'خواب' حيدرآبادي، عبداللطيف 'قمر'، محمد عمر 'چنڊ'، 'شهنشاه' هالائي، حسين بخش 'خادم'، مصري 'مائل'. آخر ۾ جناب مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪلام سان سامعين کي محظوظ ڪيو. مشاعري کان پوءِ، خادم ۽ مائل، مخدوم صاحب ۽ مخدوم زاده فهيم صاحب جو ڪلام ڳايو. شاگردن جي ڦيچرن ۽ آصف لطيف جي چنگ سان رات جو هڪ بجي محفل جو اختتام ٿيو.

لطيف جي ورسي

(سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو: ١٨-مئي ١٩٦٦ع)

١٨-مئي ١٩٦٦ع تي، سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو ۾، اتي جي هاسٽلن ۾ رهندڙ سنڌي شاگردن، "لطيف جي ورسي" ملهائي، جنهن جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش ڪئي. جلسي ۾ سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٻين ڪاليجن جا پروفيسر ۽ ليڪچرر، شاگرد، صحافي، ۽ اهل علم ڪافي تعداد ۾ موجود هئا. سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لطيف تي تقريرون ٿيون، جن ۾ مولانا غلام محمد گرامي (اها عالمانہ ۽ فاضلانہ تقرير، روزانہ "عبرت" جي چوٿين، پنجين ۽ ڇهين جون ١٩٦٦ع جي اشاعتن ۾، "ڀلئہ پايو سچ ...!" عنوان سان

Gul Hayat Institute

ڇپيل آهي)، پروفيسر خواجا غلام علي الانا، پروفيسر آمنہ خميساڻي، ڊاڪٽر قاضي نبي بخش ۽ شاگردن ڳالهايو.

مولانا گرامي تقرير ۾ چيو تہ ”زندگي بيمقصد نہ آهي. علم ۽ تعليم جو مقصد آهي ’مقصد حيات‘ کي ڳولڻ ۽ ان تي غور و فکر ڪرڻ. تصوف، انسان جي باطني بصيرت کي تيز ۽ روشن ڪري ٿو، انسان ۾ اخلاقي نصب‌العين سان وابستگي پيدا ڪري ٿو، انسان جي زندگيءَ کي هڪ روشن ۽ تابناڪ مقصد سان وابستہ ڪري ٿو. علم ۽ تعليم محض ذريعا آهن، جي انسان جي ’مقصد حيات‘ کي سمجهڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ تائين رهنمائي ڪن ٿا. لطيف، ’مقصد حيات‘ کي پروڙڻ ۽ عملي نصب‌العين پيدا ڪرڻ جي دعوت ڏو ڏئي.“

پروفيسر خواجا غلام علي الانا، شاهہ جي لساني پهلوءَ تي تقرير ڪندي، رسالي ۾ آيل ڪيترن لفظن جو نئون مفهوم پيش ڪيو ۽ ان تي زور ڏنائين تہ شاهہ جي زبان کي درست سمجهڻ جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ۽ معنائون سمجهڻ گهرجن.

پروفيسر آمنہ خميساڻي صاحبہ، شاهہ جي حب‌الوطنيءَ کي ’سُر مارئيءَ‘ جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو. ان سلسلي ۾ ڪيترن مثالن سان، مارئيءَ جي پاڪيزه خيال ۽ عمل کي پيش ڪندي، مارئيءَ جي آدرش تي هلڻ لاءِ زور ڏنائين.

هڪ مقرر، انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندي، مولانا گراميءَ جي خيالات جي تائيد ۽ تعريف ڪندي، ٻڌايو تہ ”بيشڪ رڳو ظاهري علم جي تحصيل سان ڪو مقصد حيات حاصل نٿو ٿئي.“

آخر ۾ صدر، پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، شاهہ جي پيغام تي ڳالهائيندي چيو تہ ”شاهہ جو پيغام انسانيت ۽ اخوت جو پيغام آهي. شاهہ جو ڪلام رقت‌انگيز آهي، هو انسان جي جذبات ۾ رقت‌انگيز اثر پيدا ڪري ٿو. اسان کي گهرجي تہ شاهہ جي ڪلام کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ سندس ڏَسيل راهہ تي عملي طرح هلڻ سان پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب بنايون.“

ان بعد مشاعري ۾ شمشيرالحيدري، پروانو ڀٽي ۽ ٻين شاگردن بهرو ورتو. راڳ جي محفل ۾ ريڊيو فنڪارن، لطيف جو ڪلام پيش ڪري، روحاني رنگ پيدا ڪيو.

يوم لطيف

Gul Hayat Institute

(حيدرآباد سنڌ لا-ڪاليج، حيدرآباد: ۲۹-مئي ۱۹۶۶ع)

۲۹-مئي ۱۹۶۶ع تي، حيدرآباد سنڌ لا-ڪاليج جي شاگردن جي يونين جي ”لطيف مجلس“ طرفان، گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي ڪشادي ميدان تي، وڏي پيماني تي ”يوم لطيف“ ملهايو ويو، جنهن جي صدارت، پاڪستان جي سابق مرڪزي وزير، ۽ مشهور قانوندان محترم اي. ڪي. بروهي صاحب ڪئي. جلسي ۾ ڪافي معزز شهري، قانوندان، شاگرد، پروفيسر ۽ اديب موجود هئا.

شروع ۾ ”لطيف مجلس“ جي سيڪريٽريءَ، ممتاز ميمڻ جي مرحبائي تقرير کان پوءِ، ڪاليج جي پرنسپال، محترم آخوند الهچايي، معزز مهمانن جي آجيان ڪئي. تقريرن جي سلسلي ۾، مولانا غلام محمد گرامي، رسول بخش پليجي، پروفيسر شفيق پراچه (اردوءَ ۾) ۽ سيد علي اڪبر شاه، لطيف جي سوانح ۽ فن تي تقريرون ڪيون.

مولانا گرامي صاحب ٻڌايو ته ”تصوف ۽ ان جي تعليم ۾ فراريت ڪانه آهي. صوفي ته هر دؤر ۾ ’انقلاب‘ جو پيغامبر تي رهيو آهي. صوفيءَ ڪڏهن به استبداد ۽ جبر اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو آهي. صوفي، ايمان ۽ امن جو داعي، ڪردار ۽ اخلاق جو مبلغ رهيو آهي، ۽ صوفيءَ محبت ۽ اخوت جو پيغام پهچايو آهي. صوفيءَ جي تاريخ ڏسو... ڪيس سوريءَ تي چاڙهيو ويو، جلادن کان مارايو ويو، مٿس ’ڪفر‘ جي فتوائن سان وار ڪيا ويا، ۽ مٿس الزام ڏريا ويا... پر صوفي پنهنجي منصب ۽ دعوا تان ڪڏهن به نه هٽيو. اڄڪلهه جي رسم پرست پيرن ۽ انهن جي خليفن ڪي تصوف جي تاريخ ۽ عمل ۾ شمار ڪرڻ نه گهرجي.“

رسول بخش پليجي نهايت لذيذ ۽ دلنشين پيرايي ۾، لطيف جي فن ۽ شاعريءَ تي تقرير ڪئي.

سيد علي اڪبر شاه، لطيف جي ڪلام ۾ مذهبي ۽ روحاني پهلوءَ تي ڳالهايو، ۽ مثالن سان ٻڌايو ته لطيف، ’اسلام‘ جو فلسفو پيش ڪيو آهي.

آخر ۾ محترم پروهي صاحب چيو ته ”شاه، الله ۽ رسول جي تعليم جو ترجمان آهي. سندس روحاني پيغام، هن مادي زندگيءَ لاءِ بهترين نصب العين پيدا ٿو ڪري.“

ان بعد مشاعري جي محفل ۾ شمشيرالحيدري، امداد حسيني، پرواني ڀٽي ۽ عبداللطيف ’قمر‘ ٻهرو ورتو، ۽ راڳ جي محفل ۾ ريڊيو پاڪستان جي فنڪارن سامعين کي مسرور ڪيو. ’يوم لطيف‘ جي انعقاد ۽ ڪاميابيءَ ۾ ڪاليج جي شاگرد يونين جي نائب صدر مسٽر مظهرالدين ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري مسٽر عبدالواحد پروهيءَ جون خصوصي دلچسپيون رهيون.

سنڌي مشاعرو

(سانگهڙ: ٣٠-مئي ١٩٦٦ع)

٣٠-مئي ١٩٦٦ع تي، ”جشن سانگهڙ“ جي هفتيوار پروگرامن ۽ نمائش (زيراهتمام بنيادي جمهوريت ۽ ضلع ڪائونسل) جي سلسلي ۾، نمائش پنڊال ۾، سنڌي مشاعري جي نشست رکي ويئي، جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ، مسٽر صلاح الدين قريشي سي. ايس. پي ڪئي. وقت جي تنگي ۽ شاعرن جي محدود تعداد سبب، شمشيرالحيدري، ’امداد‘ حسيني، ’پرواني‘ ڀٽي، پريو ’ناشاد‘، ميوي خان ’موج‘ ۽ الهورائي ’اداسي‘ ٻهرو ورتو. بنيادي جمهوريت

جي ترقياتي آفيسر مسٽر آغا شهاب الدين جي دلچسپي ۽ ڪوشش سان مشاعري جي نئين روايت جو بنياد پيو. توقع آهي ته اڳتي هلي، ان کي مضبوط بنايو ويندو.

ثقافتي ڪانفرنس ٺٽو

(ٺٽو: ٢٣-جون ١٩٦٦ع)

سنڌي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ادب جي خدمت ۽ اشاعت جي نيڪ مقصدن سان، سيد عالي شاهه شيرازي عليه الرحمت جي عرس ۽ ميلي جي موقعي تي، ٢٣-جون ١٩٦٦ع تي، ٺٽي ۾ اعليٰ پيماني تي ثقافتي ڪانفرنس ٿي گذري. ڪانفرنس ۾ سنڌ جا مشهور محقق، عالم، اديب، شاعر ۽ فنڪار شريڪ ٿيا، جن مان جي. ايم. سيد، پير حسام الدين راشدي، الحاج محمد هاشم گذدر، قاضي فيض محمد، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، پروفيسر خواجا غلام علي الانا، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ شمشير الحيدري جا نالا قابل ذڪر آهن.

هن عرس شريف ۾ پير عالي شاهه شيرازي جي معتقدن ۽ مريدن جو پڻ ڪافي تعداد موجود هو. ڪانفرنس ۾ تقريرون، مشاعرو ۽ راڳ، تي مکيه نشستون هيون. هن ڪانفرنس جو افتتاح محترم جي. ايم. سيد ڪيو ۽ صدارت سيد علي اصغر شاهه شيرازي ڪئي.

تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت شريف کان پوءِ، محترم جي. ايم. سيد افتتاح ڪيو.

تقريرن جي سلسلي ۾، مشهور محقق ۽ تاريخدان، محترم پير حسام الدين راشدي "ستارهٔ امتياز" ۽ "نشان سپاس"، پنهنجي تقرير ۾ ٺٽي شهر ۽ ان تي سنڌس تحقيق جي طويل وابستگيءَ جي سلسلي ۾ فخر جو اظهار ڪندي فرمايو تہ: "منهنجا والدين ۽ وڏا لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آرامي آهن، تاهم اگر مون کي 'مڪليءَ' جي مٽي نصيب ٿيندي ته اها منهنجي روح لاءِ باعث تسڪين بڻبي." پير صاحب، تاڙين جي گوٻج ۾ ٺٽي جي مختلف دؤرن ۽ ان جي ڀڏجڻ ۽ آباد ٿيڻ متعلق فرمايو ته "ائين نه آهي ته ڪو ديبل جي قتل ڪندرن تي ٺٽو آڏيو ويو. ٺٽو ان وقت هر لحاظ کان پوري اوج تي هو. ان جي شاهدي امير خسروءَ جي شعر مان ملي ٿي." ٺٽي سان عقيدت جو اظهار ڪندي پير صاحب فرمايو: "ٺٽو، اسان جي لاءِ متبرڪ ۽ اکين جو نُور آهي، ۽ ٺٽو اسان جي قديم ثقافت جو روح آهي. تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ، ٺٽي جي هنن ويران ڪندرن ۾ مدفون آهي، ۽ جنهن وقت سنڌ جو نالو زبان تي اچي ٿو-ان وقت ٺٽو بہ ياد اچي ٿو." هن مسرت پرئي انڪشاف تي پوري محفل ۾ زندگيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي- پير صاحب فرمايو: "شهنشاهه اڪبر جي عمرڪوٽ ۾ تولد ٿيڻ بعد، جيڪو ڪپڙو مٿس وڌو ويو، اهو سيد عالي شيرازيءَ جي چولي جو ٽڪرو هو."

ان ڪان سواءِ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي عالمانہ فاضلانہ تقريرن سان سامعين کي محظوظ ڪيو.

ان بعد مشاعري ۾ شمشيرالحيدري، ’پرواني‘ ڀٽي، ’تاج‘ بلوچ، پريو ’ناشاد‘، ’سيف‘ ٻنوي، ’خادم‘ سروري، رجب علي ’ضيا‘، ’محسن‘ عباسي، ’خاموش‘ عباسي، ’راغب‘ ٺٽوي، محبوب شاھ، عبدالله ’شرر‘، ’ناز‘ ڀٽي، محمد جمن ’هالي‘ شعر پڙهيا، آخر ۾ جي. ايم. سيد ۽ پير صاحب ۽ ٻين معززين جي بيحد اصرار تي مولانا گرامي صاحب پنهنجي نظم ”جاودان منهنجو وطن“ سان سامعين کي محظوظ ڪيو. آخر ۾ راڳ جي محفل شروع ٿي. فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، ۽ مناخان پاڻ ملهايو، ۽ ان ڪان سواءِ مقامي فنڪار بہ پيش ٿيا. ٺٽي جي ادب ذوق ۽ باهمت نوجوانن جي سرجوشيءَ سان ڪانفرنس ڪامياب رهي. —(پريو ”ناشاد“)

Gul Hayat Institute

آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون ماريون!

(غ. م. گ)

پروفيسر احسان بدوي

سنڌ جي نوجوان، اديب ۽ شاعر، پروفيسر احسان بدويءَ هڪ ناگهاني حادثي جو شڪار ٿيندي، ڪراچيءَ ۾ ٢٢- نومبر ١٩٦٥ع تي وفات ڪئي.

مرحوم احسان، سنڌ جي مشهور اديب ۽ اهل قلم پروفيسر لطف الله بدويءَ جو فرزند هو. سندس علمي ۽ ادبي خدمت جو سلسلو، پنهنجي والد ماجد جي سرپرستيءَ ۽ تربيت ۾ شروع ٿيو. افسوس جو هي نوشگفته گل، جوانيءَ ديوانيءَ ۾ ئي ڪومائجي ويو.

احسان، مارچ ١٩٢٦ع ۾، شڪارپور ۾ ڄائو. ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪيائين. ١٩٤٤ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ ١٩٤٥ع ۾ سي. ايس. گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو.

١٩٤٦ع ۾، جڏهن اڃا انٽر آرٽس ۾ هو، تڏهن سنڌ يونيورسٽي وجود ۾ آئي. جيئن ته مٿئين ڪاليج جو بمبئي يونيورسٽيءَ سان الحاق هو، ان ڪري سنڌ گورنمنٽ، پنهنجي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ وارن شاگردن تي زور آندو ته هو ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪن. ان ڪري احسان ڪراچيءَ ويو، ۽ اتي ايس. ايم. ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، جتي وڏي محنت سان بي. اي. آنرس پرشن ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

تعليم جي دؤر ۾، شمس العلماء علامه دائود پوٽو ۽ آغا محمد يعقوب سندس مدد ڪندا رهيا. بي. اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ، برسر روزگار ٿيو ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو، ۽ اڳتي هلي سينئر ڪلارڪ بڻيو. علم ۽ ادب سان چاهه هئڻ جي ڪري روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ جلدي دل برداشته ٿي پيو.

هن درمياني عرصي ۾ اردوءَ ۾ ايم. اي. پاس ڪئي. ان سلسلي ۾ هي پهريون سنڌي شاگرد هو، جنهن اردوءَ ۾ ايم. اي. پاس ڪئي. ان کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ايم. اي. پڻ ڪيائين.

آخرڪار، پنهنجي شفيق استاد، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب (اڳوڻي پرنسپال، ايس. ايم. ڪاليج ڪراچيءَ، هاڻي ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن، حيدرآباد ريجن) جي مشوري

Gul Hayat Institute

سان روينيو ڊپارٽمينٽ کي خيرباد چئي، ايس. ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان داخل ٿيو. اتي هڪ صالح ۽ باخلاق استاد جي حيثيت سان پندرهن سال خدمت ڪيائين.

علمي ۽ ادبي خدمت جي سلسلي ۾، مهراڻ رسالي، ۽ نئين زندگيءَ ۾ خاص طرح سان سندس مضمون شايع ٿي چڪا آهن. نثر سان گڏ شعر جو پاڪيزه ورثو به کيس پنهنجي والد وٽان وديعت ٿيل هو. سندس ڪلام جو وڏو حصو، رسالن ۾ شايع ٿيل آهي.

سنڌي ادب جي خدمت ڪندي، هو هميشه "سنڌي ادبي سنگت" سان وابسته رهيو ۽ باقاعدي ادبي مجلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو آيو.

تاليف ۽ تصنيف جي سلسلي ۾ سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ١- تنقيد ۽ تنقيد نگاري ٢- ڊان ويسٽ ٣- انقلاب جو فلسفو ٤- منتخب ڪلام سانگي ٥- ڪرامازوف ۽ سندس پائر.

سندس انداز بيان، سليس، سادو، عمدو ۽ اثرائتو آهي. سندس ٻولي سلاست آميز ۽ لذيذ آهي.

سندس مقالات جو مجموعو سندس والد جناب لطف الله بدوي جمع ڪري رهيو آهي. دعا آهي ته رب ڪريم شال سندس مغفرت فرمائي ۽ سندس عزيزن باالخصوص والدين ۽ سندس اولاد ۽ عيال کي صبر جي توفيق عطا فرمائي:- انا لله وانا اليه راجعون.

پروفيسر جهامنداس پاڌيا

سنڌي ادب جي برک ليکڪ ۽ صوفي اهل قلم پروفيسر جهامنداس پاتيا، شڪارپور ۾ ٣٠- ڊسمبر ١٩٦٥ع تي پرلوڪ پڌاريو.

پاڻ شڪارپور ۾ ١٨٩٨ع ۾، هڪ مشهور شاهاڻي خاندان ۾ جنم ورتائين. اجا اٺن ورهين جي ڄمار جو هو ته سندس والده وفات ڪئي. والده جي وفات کان پوءِ، سندس زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو آيو. سندس خيال ويدانتي ۽ صوفيانا هئا. ننڍي عمر کان وٺي، صوفين، درويشن، سامين ۽ جوڳين جي سنگت ۾ رهي، پاڻ ۾ روحاني رنگ پيدا ڪيائين. صوفين ۽ درويشن جي صحبت جي اثر ڪري اجائي نث ناٽڪر ۽ شان شوڪت کان هميشه بيزار رهيو. شاهوڪارشاهيءَ کان نفرت هوندي هيس، ۽ طبيعت سادگيءَ ۽ فقيريءَ ڏانهن مائل هيس.

١٩١٣ع ۾، شڪارپور ايڪيڊميءَ مان بمبئيءَ جي ميٽرڪ پاس ڪيائين، ۽ ١٩١٩ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾، بمبئي يونيورسٽيءَ جي بي. اي. پاس ڪيائين، ان کان پوءِ سيٺ، برهمچريه هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ هيڊ ماستر ٿي ڪم شروع ڪيائين. اتي ٻه سال ساندهه رهيو. ان کان پوءِ قومي اسڪول ۾ پيا ٻه سال ڪم ڪيائين. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ هاءِ اسڪول ڪنڊيارو جو وائيس پرنسپال مقرر ٿيو.

Gul Hayat Institute

سندس علمي ۽ ادبي زندگيءَ جو آغاز رسالي "سندوءَ" کان ٿيو. پاڻ 'سندوءَ' جي شروعاتي ڇهن مهينن تائين، ۱۹۳۰ع ۾، ايڊيٽر ٿي رهيو.

ان کان پوءِ روهڙيءَ مان هڪ ماهوار اخبار "روشني وڏيڪ روشني" ڪيڍيائين. ان جو ٻه ڇهه مهينا ڪن ايڊيٽر ٿي رهيو.

سندس لکڻين جو ٻيو دؤر 'مهراڻ' جي قديم دؤر ۱۹۴۶ع کان شروع ٿيو. ۱۹۴۷ع ۾ سندس هڪ ڪتاب "سائين قطب شاهه جهانيءَ پوٽو" شايع ٿيو. اهو ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. ان ۾ تصوف ۽ ويدانت جي اپٽار نهايت سليس ۽ وجد آور انداز ۾ ڪيل آهي. سندس قلم جي جولاني، ۽ خيال جي رواني درياءَ جي اٿل وانگر آهي.

ان بعد ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن ۱۹۵۵ع ۾ 'مهراڻ' رسالي جو ٻيو دؤر شروع ٿيو، تڏهن پاڻ مستقل طور سان 'ادب لطيف' جي عنوان هيٺ بهترين علمي مضمون لکندو رهيو. 'ادب لطيف' ۾ زندگيءَ جي گوناگون مسئلن کي ٽئگور ۽ خليل جبران جي اسلوب ۽ انداز ۾ بيان ڪندو رهيو. سندن انهن 'ادب لطيف' وارن شهپارن جو جرمني زبان ۾ ترجمو ٿيو، ۽ اتي جي ريڊيو اسٽيشن تان وقت بوقت نشر ڪيو ويو. ساڳيءَ طرح سندس اهي مضمون آمريڪا ۽ جرمنيءَ ۾ انگريزي ۽ جرمن زبانن ۾ پڻ شايع ڪيا ويا.

ان طرح سندس مضمون مشهور رسالن-شاعر حيدرآباد، مارئي حيدرآباد، فردوس هالا، نئين زندگي ڪراچي، اديون ڪراچي، روح رهاڻ حيدرآباد، کان سواءِ روزاني 'عبرت' ۾ شايع ٿيندا رهيا. سندس مقالن جي گڏ ڪرڻ جو ڪم، سندس فرزند پروفيسر لجپت ڪري رهيو آهي.

۱۹۶۴ع ۾ سندس ٻيو ڪتاب، "ايسر آڪاٽي" شايع ٿيو. جنهن تي 'پاڪستان رائٽرس گلڊ' پاران ٻه-سؤ رپيا انعام مليو. اهو ڪتاب پنهنجي مواد توڙي پيشڪش جي لحاظ سان شاهڪار آهي. سندس انداز بيان جي جدت ۽ ندرت، تتبع ۽ تقليد کان بالا آهي.

ان سلسلي ۾، آخري وقت تائين، 'ساميءَ' جي شخصيت ۽ شلوڪن تي ڪم ڪندو رهيو. اٽڪل چار هزار کن سلوڪ گڏ ڪيائين. انهن جي صحت ۽ سمجهاڻيءَ لاءِ سالن جا سال محنت ڪندو رهيو. افسوس جو اهو شاهڪار مڪمل نه ٿيو آهي. پنهنجي پويان لائق فرزند پروفيسر لجپت گانڌي ۽ پوٽو لريندر ڇڏيو اٿس.

پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز فار رليجن جو ميمبر به ٿي رهيو ۽ ۱۹۶۴ع ۾ فلاسافيڪل ڪانگريس حيدرآباد ۾ مستقل ڊيليگيٽ جي حيثيت ۾ شريڪ ٿي، فلاسافيءَ تي علمي مقالو پيش ڪيو هئائين، جنهن کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو.

۳۰-ڊسمبر ۱۹۶۵ع تي، تمام ٿوري علالت کان پوءِ هن فاني دنيا کي ڇڏي وڃي سرڳواس ٿيا.

ساڌو واسواڻي

سنڌ جو مشهور عالم، فيلسوف ۽ آدرشي مهاپرش، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ١٦-جنوري ١٩٦٦ع تي پوني (ڀارت) ۾ گذاري ويو.

ساڌو واسواڻي جي عالمانہ شخصيت، بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪي هئي. سندس نالو ۽ پيغام ڪان مشرق ۽ مغرب جا سڀئي علمي ۽ فڪري ادارا واقف هئا.

١٩٤٠ع ۾ هڪ آمريڪي عالم ۽ سياح، پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ ڀارت جون تي جايون قابل ديد آهن— تاج محل، جامع مسجد ۽ اجنتا. ان طرح ٽن ماڻهن کي ڏسڻ ڀاڳ جي نشاني آهي، رابيندرناٿ ٽيگور، گانڌي ۽ ساڌو واسواڻي. اها سنڌين لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي.

ساڌو واسواڻي، ٢٥-نومبر ١٨٧٩ع تي، حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. سندس اعليٰ شخصيت ننڍي ڄمار ۾ئي علم ۽ فڪر جي عالم ۾ مستغرق رهندي آئي. مذهب جي سلسلي ۾ سڀني مذهبن جو مطالعو ڪري انهن جي صالح ۽ تعميري خيالات کي قبول ڪيائين. سندس اسلام ۽ پيغمبر اسلامؐ، قرآن ۽ خلفائي راشدين لاءِ ڏنل تقريرون ۽ رايا، علمي دنيا ۾ سند جو درجو رکن ٿا.

سندس اوائلي زندگي، تعليم ۽ اخلاقي اصلاح سان شروع ٿي. تعليم جي سلسلي ۾ پاڻ وڪٽوريا ڪاليج ڪوچ بهار، مهيندرا ڪاليج پٽيالا، ديالسنگ ڪاليج لاهور جو پرنسپال ٿي رهيو آهي. ڪلڪتي ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ فلاسافيءَ جو پڻ پروفيسر ٿي رهيو آهي.

ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس شهرت ۽ عزت، يورپ تائين پهچي چڪي هئي. ان زماني ۾ پاڻ، بين الاقوامي مذهبي ڪانفرنس برلن جي دعوت تي يورپ ويو، اتي ماديات ۽ لامذهبيت جي خلاف اخلاق ۽ روحانيت، پاڪيزگيءَ ۽ صلح پسنديءَ تي، پراثر ۽ رقت انگيز تقريرون ڪيائين. ان وقت پاڻ ڪراچيءَ ۾ فلاسافيءَ جو پروفيسر هو.

١٩٠٩ع ۾ يورپ جي مختلف علمي ادارن ۽ عالمي سوسائٽين پاران، ملڪل دعوت تي مختلف ملڪن ۾ تقريرون ڪيائين. سندس تقرير ۾ ويدانت ۽ تصوف جو عجيب سنگم هوندو هو. هو پريم ڀڳت هو، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ بجليءَ جهڙو تاثير هو. سندس اصلاحي تقريرن، يورپ جي وڏن وڏن عالمن کي روحانيت ڏانهن قريب آندو.

١٩٢٠ع کان ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪن، ڪانگريس ۽ خلافت ۾ ڀرپور ونڊ لڌو. خلافت جي پاران، انگريزن سان 'قطع تعلقات' جي جڏهن تحريڪ شروع ٿي، تڏهن پاڻ ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ۾ پروفيسر هو. ان سلسلي ۾ جا وڏي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي، تنهن جو پريزيڊنٽ ساڌو واسواڻي هو. ان ڪانفرنس ۾ ملڪ جي سڀني ليڊرن— گانڌي، محمد علي، موتي لال نهرو، شوڪت علي، مولانا آزاد، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ تقريرون ڪيون.

اڳتي هلي، 'ينگ انڊيا'، ۽ 'هريجن' اخبارن ۾، جي گانڌيءَ جي ادارت ۾ شايع ٿينديون هيون، تن جي ڀرين پيجن تي ساڌو واسواڻيءَ جا مضمون ڇپبا رهيا.

Gul Hayat Institute

ان سلسلي ۾ 'الوحيد' ڪراچيءَ ۾ سندس ڪافي مضمون ڇپيا، جن ۾ قرآن ۽ حديث ۽ تاريخ جي دليلن سان ثابت ڪري ڏيکاريائين ته هن سرڪار جي خلاف قطع تعلقات تحريڪ کي زور وٺائڻ مسلمانن جو مذهبي فرض آهي.

١٩٣٢ع ۾ استعفا ڏيئي 'ميران' جي نالي ۾ اصلاحي ۽ تعليمي تحريڪ شروع ڪيائين. سندس خيال ۽ عقيدا، امن ۽ صلح، عبادت ۽ پريم پگهڙيءَ وارا هئا. هو تصوف ۽ ويدانت جو وڏو چاڻو هو، ان هوندي به هو مذهبي خارج رسمن ۽ خيالن کي چنبڙي پوڻ جي خلاف هو. هن پنهنجي عمل ۽ ڪردار لاءِ 'ميران' بائيءَ کي مثالي ۽ آدرشي آئينو بنائي ڪم شروع ڪيو. سندس اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به روحانيت ۽ پاڪيزگي، انسانذات جي محبت ۽ خدمت، مساوات ۽ اخوت تي هڪ روحاني رنگ ۾ رتل نصاب ۽ نظام هلايو ويو. ان سلسلي ۾ حيدرآباد جو 'ميران' اسڪول هڪ آدرشي اسڪول شمار ڪيو ويو آهي، جو ساڌو واسواڻي، ورهاڱي تائين هلائيندو رهيو.

١٩٤٩ع ۾ ساڌو واسواڻيءَ پوني ۾، سنڌ وانگر 'ميران' آدرشي اسڪول کوليا. ان سلسلي ۾ ميران بالمندر، ميران هاءِ اسڪول، ميران ڪاليج، ميران ناري شالا، ميران اسپتال، تعريف جي لائق آهن.

ساڌو واسواڻي، علم ۽ خيال، فڪر ۽ فلاسافي، پريم ۽ شيوا جو سچو مثال هو، تنهنڪري سندس ادارن کڏهن به مالي مشڪلات ڪانه ڏٺي.

سندس ادارن لاءِ، سندس جنم ڏن ٢٥-نومبر تي هر سال ڳوٿري پيش ٿيندي هئي. پهرئين پيري، پنجويهن هزارن جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي، پر ڪين سليا ٺيتاليهه هزار: ٻئي سال پنجهٺ هزار، ۽ ٽئين سال هڪ لک ڪان به مٿي، چوٿين سال ادائي لکن کان مٿي. اهي رقمون، يورپ، جپان ۽ آمريڪا مان گڏ ٿيون. سنڌين ۽ ڀارتي هندن ڀاران امداد ون الڳ مليون.

سندس ڪيترا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جيئن "Awake Young India" "India in Chains"، جي سندس يورپ مان واپسيءَ تي مدراس جي مشهور Ganesh & Co ڇپايا.

ساڌو واسواڻي ڇهاسي ورهين جي ڄمار ۾، ١٦-جنوري ١٩٦٦ع تي سرڳواسي ٿي ويو. شال سندس علم ۽ خيال جي دنيا مان انسانذات، سونهن ۽ سوڀيا، پيار ۽ پريم، امن ۽ صلح جو رنگ حاصل ڪري.

سندس خيالن، مضمونن، تقريرن ۽ ٻولن جي اشاعت جي سلسلي ۾ ننڍڙو رسالو 'سنت مالا' اڄ تائين هلندو ٿو اچي. ان ۾ سندس ڪلام، "نوري" ۽ "نمائي"، تخلص سان شايع ٿيندو رهيو آهي. بيشڪ ساڌو واسواڻي هڪ آدرشي مهاپرش هو، جنهن پنهنجي ساري حياتي، خلق جي خدمت ۾ گذاري اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

يار محمد ٽانوري

سنڌ جو پراڻو اديب، شاعر، قومي ورڪر ۽ صحافي، جناب يارمحمد ٽانوري، جمعي جي ڏينهن ٢٠-مئي ١٩٦٦ع تي، دل ٽنٽڻ جي ڪري، ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو. انا لله وانا اليه راجعون.

مرحوم مغفور هڪ علم دوست ۽ اهل قلم بزرگ هو. سنڌ جي پراڻن آثارن مان هڪ شاندار مثال هو. سندس شعر و شاعريءَ جي تربيت، سنڌ جي مشهور عالم ۽ اديب، جناب حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم ڪئي.

سندس ڪلام سنڌ جي جهونن رسالن توڙي اخبارن ـ اسلامي دنيا، اسلامي زندگي، الوحيد ۽ اصلاح ـ ڪراچيءَ ۾ ڪافي شايع ٿيل آهي.

پاڻ ڪجھ عرصو، روزاني الوحيد ۾ به ڪم ڪيائين.

وطن جي آزاديءَ جي سلسلي ۾، خلافت تحريڪ ۾ هڪ سرويچ سپاهيءَ جي حيثيت سان شامل رهيو، ۽ وڏين وڏين ڪانفرنسن جي انتظامي ڪمن ۾، سندس جانفشاني ۽ جدوجهد تعريف جي لائق آهي.

ان طرح مسلم ليگ تحريڪ ۾ به سڀ کان اڳرو رهيو. آخري وقت تائين وطن جي محبت ۾ سرشار رهيو.

ادبي مجلسن ۾، جمعيت‌الشعراء سنڌ، بزم طالب‌المولا سنڌ، کان سواءِ بزم نظامي، بزم سرشار ۽ بزم حڪيم کي هلائيندو آيو.

سندس جنازي نماز ۾ مسٽر جي. ايم. سيد، رئيس غلام‌مصطفيٰ پرڙي ۽ ڪيترن مقامي اديبن، عالمن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي. دعا آهي ته رب ڪريم شال ڪيس سرهي، ۽ سندس اولاد ۽ عيال کي صبر جميل جي توفيق عنايت فرمائي.

علامه نياز فتحپوري

اردو ادب ۽ زبان جي نامور اديب، ممتاز عالم ۽ محقق، صحافي ۽ نقاد، ماهنامه نگار جي مديراعليٰ نياز فتحپوريءَ، ٢٤-مئي ١٩٦٦ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. وفات وقت سندس ايڪاسي سال عمر هئي. مرحوم نياز گذريل اٺن-نون مهينن کان نڙيءَ جي سرطان ۾ مبتلا هو. گذريل سال نومبر تي سندس آپريشن ٿيو، ۽ سندس صحت ڪجھ سڌرڻ شروع ٿي، پر اها صحتيابي عارضي ثابت ٿي. آخر ٢٤-مئي تي وفات ڪيائين.

سندس جنازي سان، سندس عزيزن سان گڏ ادبي جماعتن، وزيرن، اسيمبلي جي ميمبرن، جماعتن جي سربراهن، آفيسرن، پروفيسرن، استادن، شاگردن ۽ اديبن شرڪت ڪئي. سندس پويان هڪ بيوه، به فرزند ۽ به نياڻيون آهن.

علامه نياز، ١٨٨٤ع ۾، سني‌گهاٽ، ضلع باره بنڪي ۾ پيدا ٿيو. ان دور جي نامور عالمن کان علم جي تحصيل ڪري، ١٩١٠ع کان علمي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين.

سپ کان اول ١٩١١ع ۾ 'زميندار' اخبار سان وابسته رهيو. ١٩١١ع ۾ هفتوار 'توحيد' جو معاون مدير ٿيو. ١٩١٢ع ۽ ١٩١٣ع ۾ هفتوار "خطيب" جو قلمي معاون ٿيو. ١٩١٩ع ۾ روزانه 'رعيت' جو چيف ايڊيٽر ٿيو. آخر ۾ فبروري ١٩٢٢ع ۾ پنهنجو رسالو "نگار" ماهنامو جاري ڪيائين، جو اڄ تائين هلي رهيو آهي.

اڌ صديءَ ۾ پنجٽيهه علمي ۽ ادبي ڪتاب لکيائين ، ۽ 'نگار' جا ڏهه معرڪه آرا ضخيم نمبر شايع ڪيائين، ۽ پورا چوئيتاليهه سال 'نگار' کي باقاعدي شايع ڪندو آيو. سندس علمي ۽ ادبي، تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا هزارن کان مٿي آهن.

'نياز' اردو، فارسي، عربي، ترڪي، هندي ۽ انگريزي زبانن جو عالم هو. مختلف علوم ۽ فنون ۾ تفسير، حديث، فقه، تصوف، نجوم، نفسيات، علم ڪلام، فلسفه، منطق، لغت، موسيقي، شاعري، تاريخ، تجويد، انشاء جو وڏو ماهر هو. هڪ اديب ۽ نقاد، محقق ۽ مبصر جي حيثيت سان، برصغير هند-پاڪ ۾ به 'نياز' کي پنهنجو انفرادي مقام حاصل هو. سندس معيار ۽ مقام جا تمام ٿورا عالم پيدا ٿيا.

سندس آزاد خيالي ۽ محققانه طرز تحرير تي مذهبي حلقن پاران نهايت سختگير ردعمل پيدا ٿيو. ان جي پاداش ۾ 'نياز' ٽيهن سالن تائين هڪ ڪمري ۾ محبوس رهيو، پر آڻ نه مڃيائين. سندس خيالات ۾ ڪو به فرق نه آيو. ديني مسائل جي پيش ڪندي ڪيترا اهڙا اختلافي مسئلا پيدا ڪيائين، جن جي ڪري مٿس ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون به آيون. سندس مقابلي ۾ علامه سيد سليمان ندوي، مولانا عبدالماجد دريا آبادي، مولانا عرشي امرتسري، ڊاڪٽر تاثير، اقبال سليماني، مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي، مولانا منظور نعماني، مولانا اسحاق سنديلوي جهڙا محقق ۽ عالم رهيا. آخرڪار وحي ۽ نبوت جي ڪيترن اختلافي مسئلن ۾ رجوع ڪيائين.

سندس ڪتابن ۾: من ويزدان ٢ جلد، استفسارات ٢ جلد، نگارستان، شهاب ڪي سرگذشت مذهب ڪي تاريخ، مذاڪرات نياز، فراست اليد، ماله وماعليه، نقاب ڪي بعد، نقشهاي رنگ رنگ، انتقاديات ٢ جلد، شاعر ڪا انجام، جذبات ڀاشا، جمالستان، مڪتوبات نياز، حسن ڪي عياريان، مشهور ڪتاب آهن. ان طرح چوئيتاليهن سالن جي "نگار" ۾، مومن نمبر، پاڪستان نمبر، افسانه نمبر، مشرق وسطيٰ نمبر، حسرت موهاني نمبر، فرمانروايان اسلام نمبر، علوم اسلامي نمبر، خدا نمبر، معلومات نمبر، مصحفي نمبر، اصناف سخن نمبر، انشائي لطيف نمبر، غالب نمبر، اقبال نمبر، نياز نمبر، اسلام نمبر ۽ نگار جبلي نمبر، وغيره نهايت معياري ۽ معلومات افزا آهن.

سندس علمي خدمت جي سلسلي ۾ ڀارت سرڪار پنهنجي ملڪ جو وڏو علمي اعزاز 'پدما ڀوشن' کيس ١٩٦٢ع ۾ عطا ڪيو.

آخر ۾ پاڪستان ۾ لڏي آيو ۽ اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو. اتي 'نگار' سان گڏ 'اردو ادبي بورڊ' جي لغت لاءِ ڪم ڪندو رهيو. ان طرح قومي عجائب-گهر ڪراچي جي لاءِ، هزارها

Gul Hayat Institute

مخطوطات سان گڏ ڪيترن قلمي ڪتابن ۽ علمي دستاويزن جي ببليوگرافي تيار ڪيائين، ان جو پهريون جلد تيار ٿي چڪو آهي. نياز پڇاڙيءَ تائين، ڏهه-ٻارهن ڪلاڪ ڪم ڪندو رهيو. بستر مرگ تي به ليٽي ۽ وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي، مقالا لکندو رهيو. سندس سارو علمي ڪم، هڪ مستقل اڪيڊميءَ جي ڪم ڪان گهٽ بلند آهي. نياز اهو شخص هو جنهن علم لاءِ زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. دعا آهي ته الله ڪيس مرهي ۽ سندس خطائن تي عفو فرمائي.

عطا حسين شاهه موسوي

سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب، جناب سيد عطا حسين شاهه موسويءَ، روهڙيءَ ۾ ٨-جون ١٩٦٦ع تي وفات فرمائي. انالله و انا اليه راجعون.

مرحوم و مغفور، سنڌ جي هڪ بلند پايه سادات خاندان جو چشم و چراغ هو، ان سان گڏ، هڪ وضعدار ۽ دوست نواز، انشاپرداز اهل قلم هو. سندس انداز بيان نهايت شستہ ۽ شائستہ، رنگين ۽ شيرين آهي.

پاڻ ساري عمر، تعليم جي خدمت ۾ گذاري، تعليم کاتي جي هڪ وڏي عهدي تان رٽائرڊ ڪري چڪا هئا.

سندن زندگي، پنهنجي ننڍي ڀاءُ، عبدالحسين شاهه موسويءَ سان گڏ، نهايت خاموشيءَ سان گذري. پاڻ شهرت تي گمناميءَ کي ترجيح ڏيندا رهيا، ۽ ڪل خوشيءَ ۾ سڀڪنهن سان ناتو نباهيندا رهيا. هنگامہ خيز ۽ جذبات انگيز مسئلن کان هميشہ پري رهي، عملي طرح سان علمي توڙي ادبي، تعليمي توڙي اصلاحي خدمت ڪندا آيا.

سندن مقالات جو سلسلو، سنڌي ادب جي ميني علمي ۽ ادبي رسالن ۽ اخبارن تائين وسيع رهندو آيو آهي.

تاليفات جي سلسلي ۾ سڳنڌ-سرهاڻ ۽ ڪچ ڪوڏيون-سنڌي ادب ۾ اسلوب ۽ پيشڪش، مواد ۽ تنوع، جي حيثيت سان شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

پاڻ وڏا علم دوست ۽ مهمان نواز هئا. سندن علمي ڪتبخاني جا دروازا علم جي پياسن لاءِ هميشہ کليل رهيا. اسان سندن وفات حسرت آيات تي، سندن ننڍي ڀاءُ عبدالحسين شاهه صاحب موسوي ۽ سندن فرزند سيد شفقت حسين شاهه موسوي (سابق صوبائي ميمبر) ۽ سندن پسماندن سان غم ۾ شريڪ آهيون. رب ڪريم شال کين جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندن پسماندن کي صبر جميل عطا فرمائي.

"گل" نصرپوري

اي موت! تنهن کو موت پئو ڪئي! شل مري وڃين!

سنڌي ادب ۾، گل نصرپوري، پنهنجي پياري شخصيت ۽ من موهڻي صورت جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ کي ورڇي ورهائي، ٢٩-سپٽمبر ١٩٦٥ع تي الوداع ڪري ويو! گل واقعي اسم

Gul Hayat Institute

بامسمىٰ گل هو. هڪ شريف ۽ ساده دل، با اخلاق ۽ صالح، صوم ۽ صلوات جو پابند، هزار خوبين جو مالڪ هو!

اچا شاخ حيات تي هُو ”لوشگفته گل“ وانگر مکڙيءَ جي صورت ۾ ئي هو، ته خزان جي اڻمندائتي ۽ بيمهلائتي جهوتي، کيس هميشه لاءِ ڪومائي، سڪائي، مروٽي ۽ نهوڙي رکيو!

ابتدائي تعليم، نصرپور ۽ ٽنڊي الهيار ۾ ورتائين. جدوجهد ۽ محنت ڪري، سنڌيءَ ۾ ايم. اي. پاس ڪيائين. آخري زماني ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ استاد ٿيو، ۽ استاد ٿي موڪلائي ڪيائين.

ادب ۽ شعر و شاعريءَ جي سلسلي ۾ سڀ کان اول، مون سان سندس تعلقات پيدا ٿيا. سندس تحريرن ۽ شعر و شاعري جي اصلاح، ٽن سالن تائين جاري رهي. آخري وقت ۾ جناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ“ سان سندس نيازمندانه تعلقات رهيا، ۽ بزم طالب المولىٰ جي محفلن ۾ دل کولي حصو ورتائين ۽ انهن کان اصلاح ورتائين.

جگر جي خرابيءَ جي سلسلي ۾ وڏي اسپتال ۾ ٻه ڀيرا داخل ٿيو ۽ اتي ٽئين ڀيرا موت سان مقابل ٿيو. ٽئي ڀيرا کيس، آڪسيجن ٽينٽ ۾ بند ڪيو ويو. طبع پرسي ۽ نگهداشت جي سلسلي ۾، حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ مخدوم محمد امين صاحب ’فهيم‘ ۽ مان، هر ڀيري اسپتال ۾ ويندا رهياسون. ڊاڪٽرن کي تاڪيد ڪندا رهياسون. دوا دارون جي سلسلي ۾ ڪابه فروگذاشت نه ڪئي وئي. سندس غريب مائٽن، اکر تگر گل جي پويان گهُل ڪيو. ٻه-چار مهينا صحتياب ٿيو. علم و ادب ۾ سرهاڻ پکيڙيندو رهيو، مجلسن ۾ ايندو رهيو، مشاعرن ۾ شعر پڙهندو رهيو، سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن کان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن اوچتو سندس طبيعت وري خراب ٿي، کيس آمريڪن اسپتال لطيف آباد ۾ داخل ڪيو ويو. هوشيار ڊاڪٽرن جي علاج ۽ تيمارداريءَ سان چوٿون ڀيرو موت جي چنبي مان بچي نڪتو. هلندو رهيو وقت گذاريندو رهيو.

رسالي ’مهراڻ‘ لاءِ مرحوم ڪيانيءَ جون تقريرون ترجمو ڪيائين، جي ’مهراڻ‘ ۾ شايع ڪيون ويون.

اچا ٽين تقرير هٿ ۾ هئس ته بيماريءَ جي اوچتي حملي جهوري ڪيرائي بستري داخل ڪري وڌس.

علاج جاري رهيو، موسمين جي رس سندس غذا رهي! پر گل کي ته معطر نشونما ۽ عطربيز چمن واري ماحول جي ضرورت هئي!—گهر جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺيءَ ۾ سندس ڀساهه تي بار پيو. مون ڏانهن خط لکندو رهيو، تاثرات بيان ڪندو رهيو، واردات ۽ ڪيفيات

جو رنگين وجدانگيز عالم، لفظن جي لباس ۾ مون ڏانهن موڪليندو رهيو. منهنجي تسلي بر صواب نه ٿي.

۲۹-سيپٽمبر ۱۹۶۵ع تي پنهنجي پوڙهي پيءُ، غمزده ماءُ، الم‌نصيب ڀينرن، دلبند ڀائرن کان آخري موڪلائي ڪيائين!— ۽ سيني کي ڳَر لڳي موڪلايائين.

اسان وياسين، ڳوڙها ڳاڙي آياسين! سندس غم‌نصيب والده جون عرش‌رسا آهون ۽ دانهون اڄ به عرش عظيم جي دروازن سان ٽڪرائجي رهيون آهن.

نوشگفته گل اُئين مڪڙيءَ جي صورت ۾ٌنبي الله ڏانهن روانو ٿيو. ڪجهه به نه ڏٺائين، اڃا شادي به ڪانه ڪئي هئائين، سندس مڱڻو ٿيل هو، شاديءَ ۾ اڃا ۾ مهينا دير هئي.

اسان وٽ سندس ڪتاب ”درياءُ جي ڪپ تي“، سندس شعر ۽ ڪلام جو بياض، مهراڻ رسالي ۽ ٽئين زندگيءَ ۾ ڇپيل ٻه-چار مقالا، سندس ايم. اي ۾ لکيل مقالو، ۽ سندس اهي خط جي مون ڏانهن لکندو رهيو، علمي يادگار طور باقي رهجي ويا آهن. رهي نام الله ڪا!

دعا آهي ته الله ڪيس مرهي، ۽ سندس والدين، ڀينرن ۽ ڀائرن کي صبر جميل عطا ڪري!

ڪَجي ڪا ڇوتي، نانگن ٻَڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنهين جي ڇوتي، پورب ٿيندي پڌري. (لطيف)

انا لله و انا اليه راجعون. ’گل‘ توتي الله جي رحمت هجي!



Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال، ٣- سول لائينز، حيدرآباد (سنڌ) وٽان هيٺيان ڪتاب ملي سگهن ٿا. ڪتب فروش ۽ ايجنٽن کي ٢٥ في صدي ڪميشن ڏني ٿي وڃي.

١-	آفتاب ادب	٢-٢٥
٢-	حيات النبي	٣-٥٠
٣-	سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ	٤-٠٠
٤-	قديم سنڌ	٥-٥٠
٥-	غازي صلاح الدين	٢-٢٥
٦-	گلشڪر	٣-٠٠
٧-	گل	١-٢٥
٨-	هدايت الانشاء	٥-٠٠
٩-	ديوان قليچ	٧-٠٠
١٠-	چندن هار	٩-٠٠
١١-	دلارام	١-٠٠
١٢-	زينت	٢-٥٠
١٣-	گلن جي ٽوڪري	٢-٢٥
١٤-	ٽي گهر	٣-٥٠
١٥-	سچي محبت	٢-٥٠
١٦-	نيڪي ۽ بدي	١-٥٠
١٧-	شاهه ايليا	٢-٠٠
١٨-	فيروز دل افروز	١-٥٠
١٩-	گليور جو سير ۽ سفر	١-٥٠
٢٠-	تحفة النسوان	٢-٠٠
٢١-	مقالات الحڪمت	٢-٥٠
٢٢-	خوديئاوري	٣-٥٠
٢٣-	دلپسند قصا	٤-٠٠
٢٤-	باغ ۽ باغباني	٥-٠٠
٢٥-	شيطان جي ناني	٠-٥٠
٢٦-	ٽي ديو يا راڪاس	٠-٣٧
٢٧-	وامق عذرا	٠-٣٧
٢٨-	مائو پن يا ڪارو پنو	٥-٠٠
٢٩-	انڪواري آفيسر	١-٠٠
٣٠-	حسنا دلدار	١-٥٠
٣١-	سنڌي گرامر (ڀاڱو ١)	١-٢٥
٣٢-	سنڌي گرامر (ڀاڱو ٢)	١-٧٥
٣٣-	سنڌي گرامر (ڀاڱو ٣)	٢-٢٥
٣٤-	سنڌي گرامر (ڀاڱو ٤)	٢-٠٠
٣٥-	غلاميءَ مان مٿي چاڙهو	٤-٠٠
٣٦-	شهزادو بهرام	٢-٥٠
٣٧-	عجيب ڳالهيون	٢-٢٥
٣٨-	ايرڪ	٤-٥٠
٣٩-	جولئن هوم	٤-٠٠
٤٠-	سائين سنواريا مصيبت ماريا	٢-٠٠
٤١-	حاجي بابا اصفهاني	٤-٢٥
٤٢-	عجيب طلسم	٠-٣٧
٤٣-	نيلو پکي	٠-٥٠
٤٤-	لبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ	٠-٥٠
٤٥-	ٻه جاڙا ڀائر	٠-٤٤
٤٦-	شهزادي محبوب جي آکاڻي	٠-٦٢
٤٧-	رستم	٠-٧٥
٤٨-	پٽيل ۽ پوريل اکيون	٠-٣٧
٤٩-	قدم برگ شهزادي	٠-٥٠
٥٠-	ڀائي وائي ۽ ڀائي وزو	٠-٦٢
٥١-	اخلاق حميده	١-٠٠
٥٢-	رسالو سچل سرمست (سنڌي)	٦-٠٠
٥٣-	رسالو سچل سرمست (سرائڪي)	٦-٥٠
٥٤-	سيف الملوڪ	٢-٥٠
٥٥-	ميين شاهه عنات جو ڪلام	١٢-٥٠
٥٦-	ڪليات حمل	٥-٠٠
٥٧-	سنڌي لغت (ڀاڱو ١)	١٠-٠٠
٥٨-	گيچ	١٠-٠٠
٥٩-	پروليون، ڏٺون ۽ معما	٤-٥٠
٦٠-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	٦-٥٠
٦١-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	٤-٠٠
٦٢-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٣)	٤-٥٠
٦٣-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٤)	٤-٠٠
٦٤-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٥)	٥-٥٠

Gul Hayat Institute

٦٥-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٦)	٤-٥٠
٦٦-	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٧)	٤-٠٠
٦٧-	مداحون ۽ مناجاتون	٦-٥٠
٦٨-	معجزا	٣-٥٠
٦٩-	مناقبا	٥-٠٠
٧٠-	ٺيٺ اکريون (ڀاڱو ١)	٦-٠٠
٧١-	ٺيٺ اکريون (ڀاڱو ٢)	٦-٠٠
٧٢-	مناظرا	٧-٥٠
٧٣-	مولود	٥-٥٠
٧٤-	هفتا، ڏينهن ۽ راتيون	٥-٠٠
٧٥-	واقعاتي بيت	٦-٥٠
٧٦-	سنڌ جا عشقيه داستان-٢	٥-٠٠
٧٧-	سنڌي ٻاهريان قصا (ڀاڱو ٧)	١٠-٠٠
٧٨-	لوڪ گيت	٥-٥٠
٧٩-	خليفي نبي بخش جو رسالو	١٢-٥٠
٨٠-	ديوان بيدل	٤-٠٠
٨١-	ديوان بيکس	٢-٥٠
٨٢-	ڪنبڙي وارن جو ڪلام	٣-٠٠
٨٣-	ڪليات خادم	٣-٥٠
٨٤-	چار درويش	٢-٥٠
٨٥-	ڪلام حسن بخش	١-٠٠
٨٦-	سنڌ جو سينگار	٢-٥٠
٨٧-	ايسپ جون آکاڻيون	٢-٥٠
٨٨-	سيا جو سينگار	٢-٠٠
٨٩-	بلو کوکر	٣-٠٠
٩٠-	رهاڻ	٤-٠٠
٩١-	ڪشمير جو مسئلو	٣-٥٠
٩٢-	پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي	٢-٥٠
٩٣-	سون ورليون دليون	٢-٧٥
٩٤-	وڻٽيتي ڪوش	١-٥٠
٩٥-	راسيلاس	٢-٧٥
٩٦-	تاريخ ريگستان	٥-٠٠
٩٧-	گل ڦل (٢ حصا گڏ)	٤-٠٠
٩٨-	خوش خصلت خاتون	١-٥٠
٩٩-	ڪيمياي سعادت	٢-٠٠

١٠٠-	ڪاميابي	٢-٠٠
١٠١-	چوٽڪارو	١-٢٥
١٠٢-	پکين جي پارليامينٽ	٢-٥٠
١٠٣-	سلامان ۽ ابسال	١-٥٠
١٠٤-	تذڪره اميرخاني	١٠-٠٠
١٠٥-	چچنامو	٦-٠٠
١٠٦-	تحفةالڪرام	٩-٠٠
١٠٧-	تاريخ معصومي	٥-٠٠
١٠٨-	جنةالسند	١٠-٠٠
١٠٩-	سنڌ جي دربار	٣-٠٠
١١٠-	آهي ڏينهن، آهي شينهن	٨-٠٠
١١١-	تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا) جلد ٦ (حصو پهريون) سنڌي	١٠-٠٠
١١٢-	تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا) جلد ٦ (حصو ٻيو) سنڌي	٨-٠٠
١١٣-	سنڌ جي اقتصادي تاريخ	٤-٠٠
١١٤-	چونڊ امريڪي مختصر افسانا	٤-٠٠
١١٥-	امريڪي لوڪ ڪهاڻيون	٣-٢٥
١١٦-	آمريڪا جو سياسي سرشتو	٢-٠٠
١١٧-	سنڌ جو سفر	١-٠٠
١١٨-	اقتصادي انصاف	٣-٠٠
١١٩-	سير ۽ سفر	٢-٧٥
١٢٠-	ليٿ ڇا ڪجي	٤-٥٠
١٢١-	جادو ۽ سائنس (ڀاڱو ١)	٨-٠٠
١٢٢-	جادو ۽ سائنس (ڀاڱو ٢)	٦-٠٠
١٢٣-	جادو ۽ سائنس (ڀاڱو ٣)	١٠-٠٠
١٢٤-	اقتصادي ترقي جا رستا	٢-٠٠
١٢٥-	فرهنگ جعفري (ڀاڱو ١)	٦-٠٠
١٢٦-	فرهنگ جعفري (ڀاڱو ٢)	٦-٠٠
١٢٧-	فرهنگ جعفري (ڀاڱو ٣)	٦-٠٠
١٢٨-	تن ۽ تندرستي	٣-٠٠
١٢٩-	تذڪره شعراء تڪڙ	٣-٥٠
١٣٠-	جهان آرا	١-٧٥
١٣١-	گرم جون آکاڻيون	٣-٠٠
١٣٢-	سير ڪوهستان	١-٥٠

Gul Hayat Institute

۱۳۳- ڪنوار جو آئينو ۲-۵۰
۱۳۴- دنيا دورنگي ۱-۷۵
۱۳۵- ڪلام محمود فقير ڪتياڻ ۲-۰۰
۱۳۶- ڪليات گدا ۵-۰۰
۱۳۷- شڪنتلا ۲-۰۰
۱۳۸- نل دمينتي ۳-۰۰
۱۳۹- گلشن بهار ۲-۵۰
۱۴۰- شاهه جو رسالو (پڪو جلد) ۱۵-۰۰
" (ڪچو جلد) ۱۲-۵۰
۱۴۱- دنيا جا عظيم افسانا ۳-۵۰
۱۴۲- جنرل سائنس ۲-۵۰
۱۴۳- مهراڻ سوانح نمبر ۷-۰۰
۱۴۴- مهراڻ (ڏهه سالہ نمبر) ۷-۰۰

رسالا

۱۴۵- مهراڻ (سماهي) (في ڪاپي) ۲-۵۰
" (ساليانو چندو) ۱۰-۰۰
۱۴۶- گل ڦل (ٻه-ماهي) (في ڪاپي) ۰-۵۰
ٻارن لاءِ (ساليانو چندو) ۳-۰۰

اردو

۱۴۷- تاريخ سند (ڪلهوڙا) (حصو پهريون) ۱۰-۰۰
۱۴۸- " (حصو ٻيو) ۱۰-۰۰
۱۴۹- تاريخ معصومي ۱۰-۵۰
۱۵۰- تحفة الڪرام ۱۵-۰۰
۱۵۱- چچنامو ۱۲-۰۰
۱۵۲- برهانپور کے سندهي اولياء ۶-۰۰

فارسي

۱۵۳- ديوان غلام ۲-۵۰
۱۵۴- لب تاريخ سند ۸-۰۰
۱۵۵- تاريخ طاهري ۸-۰۰
۱۵۶- ديوان عطا ۸-۵۰
۱۵۷- مقالات الشعراء ۲۰-۰۰
۱۵۸- تڪمله مقالات الشعراء ۱۵-۰۰
۱۵۹- مثنوي چنيسرنامہ ۳-۵۰
۱۶۰- مثنوي مظهرالآثار ۳-۵۰
۱۶۱- مثنوي قصائد قانع ۵-۰۰
۱۶۲- تاريخ مظهر شاهجهاني ۱۰-۰۰
۱۶۳- ترخان نامہ ۶-۰۰
۱۶۴- منشورالوصيت ۵-۰۰
۱۶۵- هشت بهشت ۶-۰۰
۱۶۶- ديوان عظيم ۶-۰۰
۱۶۷- تحفة الطاهرين ۳-۵۰
۱۶۸- مجموعه مثنويات هير و رانجها ۵-۰۰
۱۶۹- تاريخ تازه نواي معارڪ ۲۰-۰۰
۱۷۰- ڪليات مائل ۱۲-۰۰
۱۷۱- ديوان محسن ٺٽوي ۱۵-۰۰

عربي

۱۷۲- دراسات اللبيب ۱۲-۰۰
۱۷۳- ذب الذبابات الدراسات (حصہ اول) ۱۵-۰۰
۱۷۴- " (حصہ ثاني) ۱۵-۰۰
۱۷۵- ديوان ابي عطا ۳-۰۰
۱۷۶- المتانة في مرامة الخزانة ۱۲-۰۰

انگريزي

177- Persian Poets of Sind 15/00
178- A Physical & Economic Geography of Sind 20/00
179- A General Introduction to History of Sind 20/00
180- Shah Abdul Latif an Introduction to his Art 2/50
181- Risalo Shah Abdul Latif (Selection) 10/00

● هندستان ۾، ميسرس رائٽرس، ايمپوريم، پيپلس بلڊنگ، سر فيروزشاهه مهتا روڊ، بمبئي وٽان، رسالو مهراڻ ۽ بورڊ جا سڀ ڪتاب ملي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute